


ڪَايا مَنجھ ڪَڙَنِ، منُ مارُوءَ سِينِ واڳيو،
ساهُ سَنگهارن سانِيو، هِتي هَڏَ سڙنِ،
سندي تانگھ تَڙَنِ، جان جِيان تان نَہ لَهي.

(خليفو نبي بخش)

# ڪايا مَنجَھ ڪَڙَن

[جيل ڊائري]

علي محمد شاھ لڪياري

سِپَ پبليڪيشن نوابشاھ
سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڪايا مَنجَھ ڪَرَّن |
| موضوع | : | جيل ڊائري |
| ليکڪ | : | علي محمد شاھ لڪياري |
| ايڊيشن | : | پهريون |
| سال | : | ڊسمبر 2009ع |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ٽائيٽل | : | آفتاب سرهيو |
| لي آئوٽ | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدرآباد. |
| ڇپائيندڙ | : | سِپ پبليڪيشن نوابشاھ (سنڌ) |
| قيمت | : | 200 روپيہ |


**All Rights Reserved**


| | |
|---|---|
| Name of Book: | **KAYA MANJH KARAN** |
| Subject: | Jeal Dairy |
| Writer : | Ali Muhammad Shah Likyari |
| Edition: | 1st |
| Year: | December 2009 |
| Quantity: | 1000 |
| Publisher: | Sipp Publication Nawabshah (Sindh) |
| Price : | 200/= |

# ارپنا

پنهنجي والد بزرگوار
مرحوم **سيد عمر شاهه لڪياريءَ** جي
بيماريءَ ۾ تہ سندس ڏيڍ ڏانءُ تي نہ سگهيس،
پر سندس وفات ڪان پوءِ ڪُلهي ڪانڌي بہ نہ تي سگهيس.

**جا پونءِ پيرين مون، سا پونءِ مَٿي سڄڻين،**
**ڏِڱ لتبا ڏوڙ ۾ اُيي ڏٺاسون،**
**ڏينهن مڙيئي ڏون، اُٿي لوچ لطيف چئي.**
**(شاهه)**

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(222)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**ڪَايا مَنجهه ڪَڙَن**“ محترم علي محمد شاهه لڪياري جي جيل ڊائري آهي.

هي ڪتاب **سِپ پبليڪيشن نواب شاهه** پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بخشل باغيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

هن جيل ڊائريءَ ۾ 1980ع جي ڏهاڪي واري دور جي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ قوم پرست شاگرد سياست ۾ علي محمد شاهه جي شاگردي واري زماني ۾ هم آهنگي ۽ اُن سياست جي سفر ۾ آيل يوڳنائن ۾ جيل ياترا جو دور ۽ قيد وبند جون يادگيريون تحرير ٿيل آهن.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# اداري پاران

مون ڪٿ پڙهيو هو تہ هر ماڻهوءَ ڪي پنهنجي روز مره جي زندگيءَ جي يادن کي لفظن جو روپ ڏئي، تحرير ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو هر ماڻهوءَ جي زندگي، وقت جي لا سرحد اتهاس جو هڪ اهڙو حصو آهي، جنهن جي اکر اکر تحرير سان هر دور جي ماڻهو جي حياتي جي آرسي جُڙي ٿي، جنهن ۾ تاريخ جا عڪس پسي ۽ پروڙي سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح سان روز مره جي جياپن جي يادن تي مشتمل ڊائري يا تحرير انساني زندگيءَ لاءِ ڀرپور تجربن، مشاهدن جو درس بڻجي سندن لاءِ مشعلِ راهہ بڻجي سگهي ٿي ۽ خود اُن ماڻهوءَ لاءِ بہ ماضيءَ جي جهروڪي ۾ جهاتي هڻي زندگيءَ جي مثبت راهن کي هموار ڪرڻ جو ذريعو ٿي پوي ٿو.

سِپَ پبليڪيشن جا هيل تائين جيڪي بہ ڪجهہ ڪتاب ڇپيا آهن، اُهي شاعريءَ تي مبني آهن. اُن ڪري نثر جي ڪنهن ڪتاب کي شروعات ڪرڻ لاءِ اسان هيل اڄ جي اجرڪ جي ڀَٽڪي واري صحافي ۽ ڪالهوڪي آزاديءَ جي پانڌيئڙي علي محمد شاهہ لڪياري جي جيل ڊائري ”ڪايا مَنجهہ ڪڙَن“ پڙهندڙن کي پيش ڪري رهيا آهيون. هن جيل ڊائري ۾ 1980ع جي ڏهاڪي واري دور جي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ قوم پرست شاگرد سياست ۾ علي محمد شاهہ جي شاگردي واري زماني ۾ هم آهنگي ۽ اُن سياست جي سفر ۾ آيل پوڳنائن ۾ جيل ياترا جو دور ۽ قيد وبند جون يادگيريون تحرير ٿيل آهن. سِپَ پبليڪيشن هن لڳ ڀڳ ٽي ڏهاڪا اڳ جي دور جي تاريخ کي وقت جي دز ۾ لٽجي وڃڻ کان محفوظ ڪندي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي اوهان کي آڇيندي سرهائي محسوس ڪري ٿي.

# تشدد جي تاريخ

ڪجهه ڏينهن اڳ سنجها ڏاري حيدرآباد جيمخاني ۾ جاگنگ بعد باغيچي ۾ ڪرسي تي ويهي پاڻي پي رهيو هيس. لان ۾ رکيل ڪرسين تي ڪجهه ڪڙپيل قسم جا سنڌي ڪامورا به ويٺا هيا. ڪي گنجا، ڪي هلڻ کان هلاڪ، ڪن جيا پيٽ گوڏن تائين لڙڪيل، پوٺ ماس پٽيندڙ ڳجهن جهڙا. هو پاڻ ۾ وڏي واڪي بحث ڪري رهيا هيا. ”سنڌي اجا نه سڌرندا... سنڌين کي اجا موچڙا لڳن... سنڌين ڪهڙيون قربانيون ڏنيون آهن...“

سنڌ جو رت چوسيندڙ چورن جا اهي گفتا ٻُڌي، منهنجو ته پارو چڙهي ويو. خيال آيو ته اُٺي ڪين ست سريون ٻُڌايا. تازو ئي مون غلام نبي مغل جو ناول ”وطن واويلا“ پڙهيو هو. جنهن ۾ هن اهڙن ست ڪٺا ڪائي حج تي هلندڙ سنڌي ڪامورن جي لاک لاٿي هئي. هاڻي به اهي سفارش يا پئسي جي ٻَل تي سٽيپيون پوسٽون حاصل ڪري، پنهنجي بدن تي مٽن جي حساب، سان مُردار چَربي چاڙهي، شگر ۽ بليڊ پريشر جا مريض بڻيو. سنڌين تي لعنت ملامت ڪري رهيا هيا. هنن نالائقن کي ايتري به خبر نه آهي ته سنڌ ڌرتي صدين کان ونئي ظل ڏاڍ ۽ دهشت گردي جو شڪار ٿيندي رهي آهي. هزارين سال اڳ هت ماڪڙ جيان آرين جا ڪٽڪ اچي لٿا. جن هتان جي مقامي لوڪن کي ڪُهي، زرخيز علائقا چَٽ ڪيا. دارا اعظم به پنهنجي سلطنت کي وسعت ڏيڻ لاءِ فوج ڪشي ڪئي. سڪندر مقدوني به پنهنجي لشڪر سان سنڌين جا ويڙها پڙپانگ ڪيا. ان ڪانپوءِ تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ کي ڦريو. لٽيو ۽ ڪُٺو ويو آهي. ڪڏهن ساسانين، پارٿينن، ارغونن ترخانن، مغلن ته ڪڏهن پناڻن، مطلب ته سنڌ جي گهٽي ۽ گهر مان ڌارين جا لاش ڪڇيا آهن.

سنڌي ورهاڱي ڪانپوءِ به سڪون جي ننڊ نه ستا آهن. روز روز فوج ڪشي، مارشلا، ڪوڙا ۽ مارُون سنڌين جا مقدر رهيا آهن. سالن کان اهڙي انسانيت سوز جسماني ۽ ذهني تشدد ڪري ڪيترا نوجوان پنهنجا عضوا توڙائي ۽ ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن. بدقسمتي سان تاريخ ۾ سنڌ لاءِ ٻليدان ڏيندڙن جو ڪو به نالو نشان نٿو ملي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سنڌ جي تاريخ کي نئين سر لکون، اچو ته سنڌ جي اهڙن گمنام هيرن کي ڳولي، مڃتا ڏيون. اهڙن سورمن کي سلام پيش ڪيون. جن پنهنجيون زندگيون قربان ڪيون ۽ جن اذيت گاهن ۽ تارچرسيلن ۾ پنهنجون جوانيون ڏنيون. جن معصومن جي آهه، بقا سان زندانن جا در ديوار لرزي ويندا هيا. جن جي نازڪ جسمن تي لڳندڙ ڦٽڪا ۽ سَٽڪا سندن پنارن ۽ چٽڙن تان چمڙي اُڌيڙي

ڇڏيندا هيا. علي محمد شاهه لڪياري سنڌ جو اهو گمنام عاشق آهي، جنهن کي به پنهنجي جواني جا ڏينهن اهڙن اذيت گاهن ۾ گذاريا. جيئن هي پنهنجي ڊائري ۾ لکي ٿو ”سياري جي رات هڪدم مون کي اونڌو فرش تي ليٽايون ويو به فوجي ٽنگن تي به فوجي ٻانهن تي چڙهي بيٺا ۽ هڪ فوجي اچي چتڙن تي چمڙي جي ٿهيل ڦڙڪي سان وسڪارا لاتا. شروع ۾ پهرين ڏکن سان ڏاڍو عذاب آيو ۽ دل ۾ سوچيم ته رڙيون ڪيان. پر پوءِ وري خيال آيم ته هڪ انقلابي ڪارڪن لاءِ اهو ڪارنهن جو ٽِڪو آهي جو هڪ ڏارئين دشمن جي اڳيان ڏکن جي سور کان دانهون ڪري ۽ رڙيون ڪري ۽ دشمن خوش ٿئي اهو سوچي چپ ڪي ڏندن هينان ڏئي ڏک سهندو رهيس. ڪجهه گهڙيون ڏک لڳڻ ڪانپوءِ عذاب گهٽ محسوس ٿيڻ لڳو پر وري چتڙن جي مٿان ٿڌو پاڻي هاري ڏک هڻڻ شروع ڪيائون ته وري سور وڌيڪ ٿيڻ لڳو. بهرحال ڏک هڻندا پاڻي وجهندا ڳڻيندا رهيا جيئن اُٺيس ته چتڙن جي کل هنڌان هنڌان اُڊڙي پئي هئي ۽ ريش ڳڙندو وڃي پيرن جون کُڙيون ڪنيون. موٽي اچي کولي ۾ بند ڪيائون، ٿورو هلڻ ڪري چُتڙن مان رت وهڻ شروع ٿي ويو. جنهن اچي وري ڪڙيون ڪنيون. مون ان رت مان آڱر ٻوڙي کولي جي پٽ تي ’جيئي سنڌ‘ ۽ پنهنجو نالو لکي ڇڏيو“

اها ته آهي سنڌ جي هڪ نِنڊڙي ڪارڪن جي سياسي سگهه ۽ دليري ان جي پيٽ ۾ اسان جا هي سنڌي ڪامورا جيڪي اڌ کان وڌيڪ بجيٽ چٽ ٽا ڪري وڃن، اهي خوشامندي پنهنجي ٿوري مفاد لاءِ سنڌ جو سودو ته ڇا پر ڌارئين اڳيان گيسي ڪرڻ لاءِ به تيار آهن. انهن جي مغز ۾ علم ۽ عقل جي جاءِ تي بدبودار گند پريل آهي. انهن سنڌ جي تاريخ پوري پڙهي ئي نه آهي. هنن کي سنڌ ۽ سنڌين تي ٿيندڙ ظلمن جي ڄڻ خبر ئي نه آهي. هوَس ۽ زر جي هنن پوڄارين کي اهو علم ئي نه آهي ته سنڌين جا ٻنيون ٻارا، واپار وڙا، ۽ شهر ڌارين جي قبضي ۾ اچي ويا آهن. هنن پنهنجا انمول هيرا، ذوالفقار ڀٽو بينظير ڀٽو مرتضيٰ ڀٽو ساهنواز ڀٽو نذير عباسي ظالمن هٿان شهيد ڪرايا آهن. پنهنجو حق گهرڻ تي جي. ايم سيد ۽ ٻين قوم پرست ليڊرن، شاگردن ۽ سياسي ڪارڪنن ناقابل برداشت عقوبتون، اذيتون، ڪوڙا، ڦٽڪا ۽ تشدد سنا آهن. مان ته چوندس سنڌ جي تاريخ رڳو تشدد جي تاريخ آهي. شاباس آهي انهن جوڌن کي جيڪي باخبر هوندي به سنڌ جي عشق ۾ باهه سان کيڏن ٿا جيئن بلوچ قومپرست شاعر گل خان نصير چيو آهي.

یہ کٹھن ہے راستہ، جس پے ہم رواں ہیں،•
کوندتی ہیں بجلیاں، دشمن آسمان ہیں،
گر بخت ہیں زلزلے، مٹ رہے نشان ہیں،
ٹوٹے ہیں حوصلے، سخت امتحاں ہیں۔

اس پہ وہ جوان پڑے
موت سے بھی جو لڑے

اها پڻ حقيقت آهي تہ علي محمد شاهہ جڏهن ڪان اک کولي آهي. هن ڌرتي تي رڳو غلامي، جهالت، مفلسي جا ڀيانڪ منظر ئي ڏٺا آهن. هر دور ۾ سنڌ تي ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل ڏٺا آهن.

ان ڪري مون ڪي دل و دماغ ۾ انهن شين ڪان نفرت ۽ بغاوت آهي. ويتر يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران قوم پرست تحريڪ سان ويجهڙائي ڪري هن ۾ ذهني بلوغت ۽ شعور جي پختگي پيدا ٿي. تارچر سيلن جا ڦتڪا ۽ سَٽڪا بہ اهي نفيس ماڻهو جو ڪنڌ جُهڪائي نہ سگهيا. اهڙن باهمت ماڻهن لاءِ رسول بخش پليجو "ڪوٽ لکپت جو قيدي" ۾ چيو آهي تہ:

"واقعي ماڻهو ڪيهہ ڪان ڪونئرو ۽ لوهہ ڪان ڏاڍو آهي جي ياڙيو ٿئي تہ پنهنجي قائد جي قاتلن جا بوٽ چٽيندڙ ياڙي سنڌي وڏيرو بنجي وڃي ۽ جي مُڙس ٿئي تہ ڏاهر، دودو دريا خان، مخدوم بلاول، صوفي شهيد، هوشو پير صبغت الله شاهہ، هيمون ڪالاڻي، نظير عباسي، يٽوءِ الائي چا چا بڻجي وڃي.

ماڻهو جي بلندي ۽ پستي ڪيڏي نہ اَٿاهہ آهي جي پست ٿئي تہ يزيد، چنگيز، هلاڪو، هٽلر، مسوليني، آمريڪي سامراجي، بيگن ٿي پئي، جي بلند ٿئي تہ گوتم، عيسيٰ، محمد صلعم، سقراط، ارسطو اسپارٽڪس، مارڪس، لينن، مائوءِ هوچي منهہ ٿي پوي.

منهنجِي، علي محمد شاهہ لڪياريءَ سان واقفيت شاگردي واري زماني ۾ نواب شاهہ ۾ ٿي، ان دور ۾ منهنجي ڪائنات جو مرڪز رڳو راند هئي، جنهن وقت منهنجي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ٿي، ان وقت مان انگليند جي ٽوئر تي ويندڙ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪئمپ ۾ شامل هيس. انجنيئرنگ ۾ سيمسٽر سسٽم ڪري مان ڪئمپ ڇڏي اچي ڪاليج ۾ پڙهائي شروع ڪئي هئي.

بهرحال نواب شاهہ ۾ پڙهائي دوران رانديگر دوستن اشرف پٽي نصيرجان، سعيد ميمڻ، سان گڏ سياسي شعور رکندڙدوستن سان بہ واقفيت ٿي جن ۾ علي محمد شاهہ لڪياري، علي حسن شاهہ، شعبان پٽي، غلام رسول زرداري، صالح بلو ساجن ڏاهري ۽ ٻين روشن خيال دوستن سان قربت وڌي، انهن ڪامريڊن کي جڏهن بہ پوليس تنگ ڪندي هئي تہ اچي اسان جي هاسٽلن ۾ پناهہ وٺندا هئا ۽ وري جڏهن پوليس اسان تي ڪڙو ڇاڙهيندي هئي تہ اسان گهيرو ٽوڙي وڃي هنن جا مهمان ٿيندا هئاسين.

اهڙِي طرح شاگرد سياست ۾ سرگرم هئڻ ڪري مون بہ هٿ ڪڙيون پاتيون ۽ مختلف وقتن تي مختلف جيلن جا در کڙڪايا. يونيورسٽي ڇڏڻ بعد بہ ڪيترن سالن تائين نواب شاهہ جي ڪورٽن ۾ شاگردي دور جي ڪيسن ۾ حاضريون ڀريندا رهياسين. انهن ڪيسن ۾ چاچا محرم علي پٽي، اشرف پٽي ۽ علي محمد شاهہ لڪياري اسان جا ضامن هيا. ان ڪانسواءِ محمد بخش ڏامراهو رحيم بخش

جمالي وغيره بنا ڪنهن معاوضي جي اسان جا وڪيل هوندا هيا. ڪورٽن مان ڪيس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ بہ اشرف پيٽي، مشرف پيٽي جي محبت ۾ علي محمد شاهہ لڪياري جي قرب ڪري نواب شاهہ سان جيءُ جڙيو رهيو.

لڪياري جي جيل جي ڊائري هڪ تاريخي رڪارڊ آهي، اسان جي نسل جي جن گهوٽن مارشلا جي ڪهري دور ۾ ماروُن ۾ ڦٽڪا کاڌا، تاريخ ۾ اهڙن ڪونڌرن جو ذڪر ڪرڻ بہ غير ضروري سمجهيو ويو. جن سياسي ورڪرن پنهنجون جوانيون جيلن ۾ ڳاريون انهن کي بہ ڪو ياد نٿو ڪري. ان جي بنسبت اسان جو ڪو بہ شاعر ۽ اديب بہ ٿي ستون لڪي ٿو تہ ان جو ذڪر بار بار ڪيو وڃي ٿو.

هن ڊائري جي اها بہ خاص ڳالهہ آهي تہ شيخ اياز جي شاعري کي تہ هرڪو ساراهي ٿو پر اهو قومپرست شاعر سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بڻجڻ بعد ڪيئن هم نوالا ۽ هم پيالا فوجي آفيسرن سان گڏجي پنهنجي ئي قوم جي ڪونڌرن کي ڪٽائي ٿو. پنهنجي ڪرسي بچائڻ لاءِ يونيورسٽي تي شيلنگ ۽ فائرنگ ڪرائي، مهينن جا مهينا يونيورسٽي کي تالا هڻائي، فوجن اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ ڪيترن شاگردن جون جيل اندر ڪلون لهرائي ٿو. تاريخ ۾ شيخ اياز جي ان روپ کي الائي ڇو نہ وائکو ڪيو ويو آهي. هتئون ڪيترن اديب دوستن لڪياري تي زور بار آڻي ڊائري مان شيخ اياز خلاف ڪيترا ٽڪرا ڪترايا آهن.

بهرحال اسان جا جيل صرف مسڪين مارن لاءِ عذاب گهر آهن، امير ماڻهن لاءِ جيل اندر بہ راحت جو هر سامان موجود آهي، ڪين ڏيتي ليتي سان ڪاٺ اندر بہ دنيا جي هر سهولت ملي ٿي. باقي غريب قيدي بکيو پيٽ پرڻ لاءِ دال کي گرم ڪرڻ تي بہ پادر ڪائي ٿو. جيئن لڪياري ٻڌائي ٿو تہ ”ڪالهہ چڪر جا ٽي قيدي اسان جي ڏاڪٽين پاسي وارين ڪولين ۾ بند ڪيا اٿن، ڪين ڏنڊا بيڙيون لڳل آهن ۽ سنڌن ڪانچن جا اڳٿ بہ نڪتل آهن. صبح شام ڏهہ ڏهہ ڏنڊا پيرن جي ترين تي هڻندا آٿن، هنن جو ڏوهہ صرف اهو آهي تہ دال ڪائڻ جهڙي نہ هوندي آهي. ان ڪري چڪر ۾ هڪڙي زبون پراڻي باريڪ ۾ پيل دروازي مان ڪانيون ڪيڍي دال کي تڙڪو ڏئي کاڌائون“.

جيل اندر هينئن غريب طبقي سان ٿيندڙ اهڙي جُٺ لاءِ سائوٿ آفريڪا جو نيگرو ليڊر نيلسن منڊيلا ذڪر ڪري ٿو تہ: ”ڪو بہ شخص ڪنهن بہ قوم کان صحيح متعارف ٿي نٿو سگهي جيستائين ان جي قيدخاني ۾ وڃي اتي جو ماحول نہ ڏسي، ڪنهن بہ قوم جي باري ۾ تيستائين صحيح راءِ قائم ڪرڻ نہ کپي تہ هن جو وڏن ماڻهن سان ڪهڙو رويو آهي. بلڪ اهو ڏسڻ کپي تہ گهٽ درجي جي عوام سان هنن جو سلوڪ ڪهڙو آهي“.

لڪياري جي هي ڏاڏري پنهنجي والد بزرگوار مرحوم سيد عمر شاهه لڪياري نالي ڪندي لکي ٿو ته "بيماري ۾ ته سندس ڏيڍ ڏانءُ تي نه سگهيس. پر سندس وفات ڪانپوءِ ڪلهي ڪانڌي به نه ٿي سگهيس".

علي محمد شاهه لڪياري جيل ۾ هو ته سندس والد صاحب گذاري ويو هو. هو هن جي جنازي وغيره ۾ به شريڪ ٿي نه سگهيو هو. هن جي پنهنجي والد سان آخري ملاقات به جيل اندر ٿي هئي. آخري ملاقات مهل هڪ پيءُ پنهنجي پٽ کي جيڪا نصيحت ۽ وصيحت ڪئي آهي. يقين ڪيو ته اها پڙهي اسان پاڻ کي لڪياري جو دوست سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيون ٿا. لڪياري کي سندس پيءُ آخري وصيعت ڪندي چئي ٿو. "معافي نامو لکي نه ڏجانءِ، اهو مڙسن لاءِ عيب آهي... خبر نه آهي ته هاڻي پنهنجي جيئري ملاقات ٿئي الائي نه. منهنجا پير هاڻي قبر ۾ پيا آهن... ڪجهه ڳالهيون چوان ٿو انهن کي ذهن ۾ رکجانءِ. پهريون ته ڪنهن به انسان کي ويهي هٿ نه ڏجانءِ... ڪچهري دوران ڪٿ تي سمهي ڪچهري نه ڪجانءِ"... وغيره وغيره. انهن جملن ۾ چا ته درويشانه خيال آهن. چا ته اخلاقي سگهه آهي، چا ته انسان ذات سان محبت جو درس آهي. مان ته سمجهان ٿو ته هن نفانفسي واري دور ۾ پنهنجي پُٽ کي اهڙي قسم جي وصيعت ڪنهن ورلي ڪئي هوندي. جيئن مهاتما گانڌي چيو آهي ته "جيڪڏهن توهان وٽ بندوق ناهي ته چا ٿي پيو. اوهان وٽ اخلاقي سگهه ته آهي".

اهو سچ آهي ته اسان جو سادو دوست علي محمد شاهه لڪياري ڏاڍو منو ڏاڍو نرم مزاج، سپ جو خيرخواهه ۽ ٻين کي جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ صوفي آهي. يونيورسٽي مان ماسترس جي ڊگري حاصل ڪرڻ باوجود خودداري ڪري، هن ڪنهن به فرعون وڏيري کان نوڪري جي خيرات ڪانه گهري. هو هاڻي هڪ سنڌي اخبار ۽ چينل جي نمائنده طور هتان جي آزاريل عوام جي دردن جي دانهن ڪوڪ، بالا ايوانن تائين پهچائڻ ۾ سڪون محسوس ڪري ٿو.

**اشتياق انصاري**

# اجرڪ جي پٽڪي وارو

اج جڏهن سائنس جي حيرت انگيز ترقيءَ هن سموري دنيا جي گولي کي گلوبل وليج ۾ تبديل ڪري انسان جي وچ ۾ ٻٽايل سرحدن کي اليڪٽرونڪ ميڊيا ذريعي هڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ سماجي لڳ لاڳاپن کي وار جي سنهڙي وٿيءَ کان به ويجهڙو ڪري عالمِ انسان لاءِ ڪيڏيون نه رشتن ۽ واسطن جي وڏين مفاصلن تي رابطن ۽ ذهنن جون پُلون جوڙي ڇڏيون آهن. جو دنيا هڪ اهڙو سهڻو ۽ سڀاجهڙو ڳوٺڙو بڻجي پئي آهي، جنهن ۾ ڪيترا ئي سماج، معاشرا، پنهنجن مڙني تاريخي، تهذيبي، ثقافتي، تمدني، مذهبي، نظرياتي، فڪري، سياسي، ادبي، سماجي وغيره شناساين سان الڳ الڳ جاتا ۽ سڃاتا وڃن ٿا، ڇو ته هر معاشرو يا سماج فردن جي ئي بنياد تي ٺهندو ۽ ڊهندو رهندو آهي. فرد ئي پنهنجي معاشري جا اخلاقي قدر جوڙيندا ۽ ٽوڙيندا آهن. جهڙيءَ طرح هر معاشري جو فرد سان تعلق آهي، بلڪل اهڙيءَ ريت هر فرد جو به ان جيترو بلڪ ان کان به گهڻو تعلق يا سبنڌ رهي ٿو ۽ پوءِ ان سبنڌ جي ناتي هر فرد تي اها ذميداري عائد ٿئي ٿي ته هو پنهنجي سماج ۾ ڪيترو سماجي قدرن جي رکوالي ڪري ٿو ۽ هو باشعور هئڻ جي ناتي ڪيتري قدر سماجي واسطن کي نڀاهي ۽ قائم رکي ٿو جڏهن ته اها ساڳي ذميواري معاشري جي هڪ عام فرد کان وڌيڪ وري ان فرد تي عائد ٿئي ٿي، جيڪو ان معاشري جو شعور وند فرد آهي، پوءِ ڇو نه پلي ان جي حيثيت معاشري ۾ فنون لطيف جي ڪنهن به شعبي سان تعلق رکندي هجي. پوءِ پلي ڪابه شخصيت فن جي دنيا ۾ ڪيتري به حيثيت جي حامل هجي، پر ان شخصيت وارو فرد سماجي لڳ لاڳاپن کان وانجهيل، ڪن لاتار ڪندڙ هڪ غير ذميوار ۽ پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ منافق آهي ته ان جي اها فن واري خوبي رڳو ان فرد جي لاءِ شهرت بڻجي سگهي ٿي، پر ان سماج لاءِ سواءِ ڪنهن ناسور جي گهٽ نه آهي، جنهن سماج جا سور يا درد انهيءَ فرد جي فني اظهار جا موضوع يا بنيادي محرڪ آهن. گلوبل وليج جي انهيءَ ڳوٺڙي ۾ سنڌ ڌرتي جو به خانداني گهراڻو آهي، جيڪو پڻ پنهنجي مڙني تاريخي شناساين سان پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. مان ان گهراڻي جي هڪ جهروڪي مان جڏهن نوابشاهه جي آڪاش جو اجرو نيرو ۽ ننڍڙو ٽڪرو ڏسان ٿو ته ان تي ڪيترا ئي فنون لطيف جا ستارا پنهنجي قسمين قسمين جڳ مڳ روشنين سان جرڪي رهيا آهن. پر انهن مان هڪڙو ننڍڙو ستارو اجرڪ جي اڇي ڦلڙئي جهڙي کير جهڙي روشنيءَ سان نمايان نظر اچي ٿو، جيڪو صحافت جي دنيا ۾ ٿورڙي عرصي ۾ پنهنجي هڪ الڳ ۽ منفرد شخصيت ۽ حيثيت جو مالڪ ۽ نوابشاهه جي هيٺين طبقي جو پنهنجي وجود ۾ اهو مسيحا آهي، جنهن جي هڪ مرڪ ئي جڻ سيني

مسئلن جو هڪ ٽڪ حل پاسندي آهي. قد جو پُورو پنو ٻُت ۾ پريل، نه سنهو نه ٿلهو گول پريل چهري تي نه ننڍڙي نه وڏي سونهاري ۾ شهپر، جيڪا سندس شخصيت کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي ۽ وري مٿي تي پنهنجي ثقافت اجرڪ جو پٽڪو جيڪو پڻ سندس شخصيت جي بيحد سڃاڻپ ٻڻجي پيو آهي، جنهن جي ڪري ڪو پلي ڪيس نالي ڪان نه به سُڃاڻيندو هجي، پر هاڻ هن جي سُڃاڻپ اجرڪ جي پٽڪي وارو صحافي ٻڻجي چُڪي آهي. صحافت جي دنيا ۾ روزاني ”شام“ اخبار کي ثقافتي رنگ روپ سان مالا مال ڪندڙ ۽ ميلن ملاڪڙن جون تصويرن سان رپورٽون پيش ڪندڙ نوابشاهه جي صحافين ۾ جاڪوڙي، سچو ۽ کرو. هر وقت ڪنهن نئين خبر جي جستجو ۾ رهندڙ ڪٽ به، ڪنهن وقت به، ڪنهن واقعي ٿيڻ جي اطلاع ملڻ سان اُت پنهنجي موٽر بائيڪ تي پهچي وڃي رپورٽ وٺڻ وارو پُر خلوص، سچو سادو محبتي ماڻهو ۽ اسان جو مُحسن دوست سائين علي محمد شاهه لڪياري ئي ته آهي. سائين علي محمد شاهه لڪياري انساني رشتن، ناتن ۽ سماجي لڳ لاڳاپن جي اعتبار کان هڪ ذميوار، سنجيده، باشعور، حساس دل رکندڙ اهو انسان آهي، جنهن وٽ ڪوبه ننڍ وڏائي جو اجايو تصور نه آهي. هو هر ڪنهن سان پنهنجائپ، پيار ۽ محبت سان ملندڙ شخص آهي. هو هر عام توڙي خاص ماڻهوءَ يا خبر کي پنهنجي سچائي جي نگاهه سان ڏسندو آهي. هُو جڏهن لکڻ مهل اڇن شيشن واري عينڪ پائي لکندو ۽ وري ڪچهري به ڪندو آهي ته ان وقت هو ڪنهن شفيق بزرگ جو ڏيک ڏيندو آهي، جيڪا شفقت هن جي ڌيمي لهجي جي ڳالهين مان ماڪيءَ جيان ٽپڪندي محسوس ٿيندي آهي. هو صحافت ۾ ڪاپي ڪلچر جو به مخالف آهي، ڇو ته هو هميشه وڏي جاکوڙ مان ئي پنهنجو مواد تخليق ڪندو رهندو آهي. مون 1990ع کان اڳ ادب جي دنيا ۾ باقاعده پير پاتو هو ۽ تڏهن کان وٺي ڪنهن نه ڪنهن طرح منهنجي نوابشاهه جي صحافي دوستن سان ميل جول رهندي پئي آئي آهي، پر مون انهن ڏهاڪو کن سالن جي عرصي ۾ چند ئي اهڙا صحافي دوست ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي صحافتي فيلڊ يا ڪردار سان سچا ۽ کرا هئا، جيڪي سَستي شهرت جي ڪري اجائي وڏائي يا ڦونڊ ۾ ڪونه آيا ۽ نه ئي پنهنجن واسطن کي وٿيرڪو ڪيو جن سان جڏهن به ۽ جتي به ڪنهن ڪم ڪار لاءِ يا ائين ئي مليس ته اهي ماڻُ ۽ محبت ڏيڻ سان گڏ هر حال ۾ گڏ رهيا، جڏهن ته اڪثر اهڙن صحافين سان به ميل جول پئي ٿيو آهي، جيڪي چئن آڱرين جو اڌ ۽ اڌورو هٿ ڏئي اهو بانور ڪرائيندا آهن ته اسان وڏين اخبارن جا نالي وارا صحافي آهيون، اهڙي تهڙي کي ڪنگهون به ڪونه. عام ماڻهن جا مسئلا ڪٽي پنهنجي روز مره جي صحافتي ۽ اخباري ڪارڪردگي ته ٻڌائيندا اسين، پر انهن ماڻهن سان ملڻ به گوارا نه ڪنداسين. سائين علي محمد شاهه لڪياري 3 اپريل 1954ع جي بهار واري رنگين رُت ۾ ڳوٺ سيد جادل شاهه

تعلقو مورو ضلعو نوابشاهہ ۾ هڪ درويش صفت انسان ۽ بزرگ گهراڻي جي سيد عمر شاهہ لڪياري جي گهر ۾ جنم ورتو. سائين پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ انگريزي تعليم موري شهر جي هائي اسڪول ۾ پرائي، جيڪو ڳوٺ جادل شاهہ کان ڏکڻ اوير ڪنڊ تي ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هو. 1971ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ 1973ع ۾ مهراڻ ڪاليج مورو ۾ وڏيڪ تعليم لاءِ داخلا ورتائين. اهڙي ريت مهراڻ ڪاليج مورو مان بي اي ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ شعبہ آءِ آر يعني بين الاقوامي تعلقات ۾ داخلا ورتي. ان دور ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر شيخ مبارڪ علي (شيخ اياز) هو. سائين علي محمد شاهہ لڪياري 1973ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ سيد جادل شاهہ کي الوداع ڪري موري شهر ۾ اچي رهائش پذير ٿيا هئا، جڏهن 73 واري ٻوڏ سندن ڳوٺ سان گڏ ڪيترن ئي ڪچي جي ڳوٺن کي پنهنجي زد ۾ آڻي ڇڏيو هو. 3 سال موري ۾ رهڻ کان پوءِ سيد علي محمد شاهہ جو والد 1976ع ڏاري ڳوٺ نين شاهہ ديهہ اوياري ساوڙي چڪ نمبر 2 تعلقو نوابشاهہ ۾ اچي پنهنجا اجها اڏيا، جتي سندن اڳ ئي زمين موجود هئي. علي محمد شاهہ تي پيءُ پاران رکيل نانءُ سندس ڏاڏي مرحوم جو هو. اهڙي طرح سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ اچڻ کان پوءِ نظرياتي ۽ فڪري اعتبار کان سائين، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن سان گڏ گڏ هلڻ لڳو. هن قومي شعور رکندڙ ڌرتيءَ جي جوڌي جوان کي سياسي ايڪٽوٽي جي ڪري 3 سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ پڻ ڪيو ويو پر پوءِ بہ هن ڌرتيءَ جي دولهہ ۽ سيد جي سوڌي ڪڏهن بہ مايوس ٿي همت نہ هاري ۽ هي سيد جي فڪر ۽ نظريي سان پوءِ بہ اڳي کان اڳرو سلهاڙيل رهيو. تان جو 20 فيبروري 1980ع تي سائين علي محمد شاهہ لڪياري کي هاسٽل جي ئي روم تان گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ سندس ساٿين سان گڏ ڪوٽڙي لاڪ اپ ۾ رکيو ويو. جنهن کان پوءِ حيدرآباد سٽي لاڪ اپ کان پوءِ سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو ويو. جتي هن سيد جي راهہ جي پانڌيئڙي پنهنجي ڦوهہ جواني جا 3 سال جيل ۾ وڏي همت، بهادري ۽ اڏولتا سان گذاريا. ايڏين تڪليفن ۽ پريشانين هوندي بہ سائين سياست سان گڏ تعليم جو دامن نہ ڇڏيو ۽ هن نيٺ 1984ع ۾ ايم اي (آئي آر) مڪمل ڪري ورتي. جيل ۾ رهڻ دوران سائينءَ سان جيڪي بہ حالتون پيش آيون، انهن سيني کي جيل ڊائري جي روپ ۾ امر ڪري ڇڏيو. هن ان سموري احوال کي سهڻي پنهنجي انداز سان ”ڪايا مَنجِهہ ڪَڙَنِ“ جي عنوان سان مڪمل ڪيو جنهن جي عنوان مان ئي وطن پرستي جي عشق جي خوشبوءِ اچي ٿي.

علي محمد شاهہ لڪياري اڄ جڏهن روزاني شام اخبار ۽ ڪي ٽي اين نوابشاهہ جو عيوضي آهي، پر پوءِ بہ هن جي سيني ۾ سنڌ ۽ سيد سان عشق واري دل ان ئي رفتار سان ڌڙڪندي رهي ٿي. سائين جو

صحافتي ڪردار پڻ ڏاڍو جاڪوڙي، بيحد ڪٺن ۽ ساراهه جوڳو رهيو آهي، تڏهن ته هن جو صحافتي انداز سنڌي صحافت ۾ منفرد ۽ ڀرپور آهي. هن جي انفراديت جو هڪڙو ڀرپور ثبوت اسٽوريز آهن، جيڪي هن شام اخبار لاءِ لکيون آهن. ڏکين موضوعن جي ايتري انفراديت ۽ وري انهن تي ايتري گهرائي سان لکڻ واقعي به سائين جهڙي ذهين ماڻهوءَ جو ئي ڪارنامو ٿي سگهي ٿو. ٽترن، ڪڪڙن، ڏاندن، گهوڙن، ٻٽڪن، رِلين، واڳوئن، پيروئن، ڪٽڪ جي لاباري، ڦٽين جي چونڊي وغيره تي جامع قسم جون تفصيلي اسٽوريز سنڌي اخبار جي دنيا ۾ هڪ نئون انقلاب چئي سگهجن ٿيون، جنهن جو ڪريڊٽ سائين علي محمد شاهه لڪياريءَ ڏانهن ئي وڃي ٿو. ان کان علاوه 2000ع واري آيل وڏي زلزلي جي پيرائتي رپورٽ ۽ تاريخي، سياسي، سماجي، ادبي انٽرويوز تقريرون ۽ مضمون پڻ سائين جي محنتن جون ڀرپور ڪاوشون آهن.

**بخشل باغي**

اپريل 2003ع

ليکڪ پاران

# رَت اَڏيءَ تان اُڏيو

سال 1954ع – ها اهو ئي سال – جنهن سال ۾ نوزائد پاڪستان ۾ مستقل مفاد ٽولي پنهنجا اُلو سڌا ڪرڻ لاءِ ڀرپور سازشون سٽڻ جا سانباها ڪرڻ شروع ڪيا. عين انهيءَ وقت اچا سازشن جي سج گَتِي ڪانہ ڪِڍي هئي تہ هڪ درويش صفت انسان ۽ بزرگ گهراڻي جي سيد عمر شاهہ لڪياري جي گهر ۾ مبارڪون ۽ لاڏا شروع ٿيا ۽ ڀِرين پٽ ڄمڻ جي واڌائي ملي.

ڳوٺ سيد جادل شاهہ تعلقو مورو ضلعو نوابشاهہ ۾ 3 اپريل 1954ع جي بهار واري مُند ۾ چاول ڀار لاءِ هڪ هفتو خوشيون ۽ خير خيراتون ٿيون. ڇَٺي واري رات سندس نالو علي محمد شاهہ رکيو ويو.

سيد علي محمد شاهہ کان اڳ ۾ پيءُ کي ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو. ان ڪري مٿن مائٽن لاءِ مستقبل ۾ ٽيندڙ سهاري واري ڀار ڪي وت آهر ماءُ ۽ پيءُ پالي ڇهہ سال عمر تي پهچائي انهيءَ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ سڄي ٿَرَ جي پياري اُستاد سيد حافظ جڙيل شاهہ جي حوالي ڪيو. تہ جيئن قرآن شريف سان گڏ مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ پڙهي ٿئي.

استاد وڏي محبت ۽ پيار سان پاڙهي پنج درجا پاس ڪرايا ۽ انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ موري شهر جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو. موري جو شهر ڳوٺ جادل شاهہ کان ڏکڻ، اوير ڪُنڊ تي ڇهہ ميل پري هيو. سيد علي محمد شاهہ ڳوٺ کان پري، جهنگل جي دنيا ڇڏي شهري ايريا ۾ هڪ وڏي اسڪول ۾ پهچڻ ۽ پڙهڻ ۽ استادن جي علم ۽ بصيرت ۽ نون دوستن سان ملڻ جلڻ ڪري پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واري ڏاڪي تي پهچي ويو ۽ جهنگل ۾ رهڻ ۽ شهر ۾ رهڻ ۾ فرق محسوس ڪرڻ لڳو ۽ هاڻ علم پرائڻ سان گڏ ڪيترن مشاعرن، جلسن ۽ جلوسن ۾ پاڻ وڃي مشاهدو ماڻڻ ۾ مشغول رهيو.

ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دوران ون يونٽ جو ڦهري ڳٽ سنڌ جي ماڻهن جي ڳچيءَ ۾ پئجي چڪو هو جنهن مان اڃا جند ڇُٽي ئي ڇُٽي تہ مٿان بي قصور ۽ معصوم قوم بنگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پناڻن تي فوجي جنرلن پوري ملڪ ۾ مارشل لا مڙهي ڇڏي، جنهن عمومًا ان وقت جي چئن صوبن بنگال، سنڌ، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۽ خصوصًا سنڌ ۾ باهہ تي تيل جو ڪم ڏنو.

جڏهن تہ باقي پاڪستان جي هڪ صوبي خوشيون پئي ڪيون، يعني پنجاب! اهڙي ظلم خلاف ان وقت جي سڄي ملڪ جي اڌ حصي کان وڌيڪ آبادي واري صوبي بنگال ۽ مغربي پاڪستان جي ٽِن

صوبن سنڌ، بلوچستان، سرحد جي عوام وڏي جاکوڙ شروع ڪري ڏني، مگر فوج سان لاڳاپيل صوبو پنجاب اسلامي آسرن، دم دلاسن تي مدار رکي فوج کي اپاريندو رهيو ۽ فوجي جنتا راڪاس بنجي باقي ٽنئي صوبن جي عوام جو رت وهائيندي رهي.

مِٽن مائٽن، پاڙي اوڙي، تعلقي، ضلعي، ڊويزن، ويندر پوري سنڌ کي ۽ سچي سنڌي قوم کي انهيءَ مارشل لا جي جانڊهہ ۾ پيسجندي ۽ ريهاڙ ڪندي ۽ روڊن تي سنڌي ماڻهن جو رت وهندي، تان تہ چوٽين مارچ جو ڪيس پلئي پيو ۽ ائين ”رت دانگيءَ تان وري پوي“ واري ڪار سيد علي محمد شاھہ سان ٿي.

اهو سيد علي محمد شاھہ نيٺ هن ڪڙيءَ تي پهتو جنهن اهڙي ڀيانڪ صورتحال (جنهن جو گمان بہ نہ هو) کي گهٽو پوءِ قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي اوهان آڏو ساڳئس ٽيندڙ روئداد پيش ڪري رهيو آهي.

ها! مان اهو ساڳيو علي محمد شاھہ لڪياري درويش گهر جي پيداوار، پُر امن ماحول جي زنده تصوير، سادات گهراڻي جو فرزند آهيان ۽ اڄ جيڪي بہ سور سامهون آيا، سي سڀ سور سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم خاطر سر تي سَهي اوهان کي 23 مارچ 1940ع واري گُهر ڪيل پاڪستان ۾ ڇا ٿو ٿئي؟ سا ماجرا هوبهو ٻڌايان ٿو. انهيءَ لاءِ نہ تہ مون سور ڏٺا آهن ۽ مون کي عيوضي ۾ ڪجهہ ملي، مگر انهيءَ لاءِ تہ اهو پاڪستان ڪاٿي آهي، جنهن پاڪستان جي پهرين سِر سنڌ جي هڪ عظيم انسان، صوفي منش، رهبر سنڌ، سائين جي.ايم سيد رکي.

(1) پاڪستان ون يونٽ لاءِ وجود ۾ ڪونہ آيو هو.

(2) پاڪستان مارشل لا لاءِ وجود ۾ ڪونہ آيو هو.

(3) هڪ ”مارشل لا“ مٿان ٻي ”مارشل لا“، ٽين ”مارشل لا“مٿان ٽين ”مارشل لا“.

(4) پاڪستان جي عمر 43 سال ۾ ٽي مارشل لا.

ڇا اهي ڳالهيون انسانن جي ذهن ۾ ولوڙ پيدا ڪونہ ڪنديون؟!

مون کي بہ اهي ڳالهيون ائين پلئي پيون.

مان ڪالهہ بہ ٻي ڏوهي هوس ۽ اڄ بہ ٻي ڏوهي آهيان.

منهنجو ڏوهہ فقط ۽ فقط اهو هيو جو سچ سان ساٿ نباهيم ۽ نباهيندس.

سال 1971ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيم ۽ اڌ پاڪستان ٽٽندي ڏٺم ۽ 1972ع کان مهراڻ ڪاليج مورو ۾ داخلا ورتم ۽ بي اي پاس جو ڪورس پاس ڪيم ۽ ان دوران جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) سان واڳجي ويس ۽ انهيءَ وقت ڪيترين جوابدارين سر تي اچي ويون، جن سان هڪ سچي ڪارڪن جي حيثيت سان نينهن جي لڳن سان نباهيندو آيس.

مون مھراڻ ڪاليج مورو مان بي.اي ڪري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ شعبہ بين الاقوامي تعلقات ۾ داخلا ورتي. تڏھن سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر شيخ مبارڪ علي، مشھور سنڌ جو شاعر المتخلص شيخ اياز صاحب ھو. جنھن صاحب وائيس چانسلر ٿيڻ شرط جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن تي گند اڇلائڻ شروع ڪيو ۽ لاھي پاھي بيٺو. ھن صاحب سنڌ لاءِ سٺا گيت لکيا ۽ وڏا شعر چيا، مگر ھٿ اچڻ کان پوءِ سندس پورو دور سنڌ ڌرتيءَ لاءِ ۽ خاص ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن لاءِ ڪارو ۽ بدزيبو رھيو. اقتدار جي لالچ سندس چوڻ مطابق "ڪانئس ذات کسي ورتي."

"مارن منجھ مياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪينڪي"

جناب شيخ صاحب نس پِس ڦوڳ وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ سندس رَويئي ۽ راءِ سان "جساف" وارن ڪيترن بيقصور نوجوانن تي ڦھري ڪوپ ڪري پيو ۽ انھيءَ باھ کان آءٌ بہ نہ بچي سگھيس.

پھريائين مون کي ٽن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو. جنھن جو اطلاع مون کي پنھنجي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ميڊم مھتاب چنہ امتحان ڏيڻ دوران ڪلاس ۾ اچي ڏنو ۽ وڌيڪ لاءِ شعبہ جي چيئرمين ميڊم مھتاب چنا (ھاڻي مھتاب اڪبر راشدي) چيو تہ پيپر اطمينان سان ويھي ڏي.

حقيقت ۾ شيخ صاحب جي مون تي سخت ناراضگي ھئي. ان جا ٻيا بہ گھڻا سبب ھئا، پر مان صرف ٽي ٻڌايان ٿو ۽ جيڪڏھن ڪنھن کي ضرورت پوندي تہ ثابتيءَ سان ھر شيءِ ثابت ڪري ڏيکاريندس. ھڪ بي روزگار ڇوڪريءَ سان (نوڪري ڏيارڻ جي دلاسي تي) رنگ رليون ملھائيندو رھيو ۽ جڏھن ان کي پيٽ ٿي ويو تہ پوءِ ان ڇوڪريءَ اسان "جساف" وارن کي سڄي روئداد ٻڌائي. جڏھن اسان ان ڳالھ جي خلاف احتجاج ڪيو تہ يونيورسٽي جي ھڪ استاد کي گھرائي ان کي چيائين تہ ھن عورت سان شادي ڪر. ٻي صورت ۾ توکي نوڪريءَ مان بہ ڪيندس ۽ فوج جي حوالي ڪندس. (چاڪاڻ تہ ڊي ايم.ايل.اي قاضي سعيد گھاتويار ھوس ۽ اھا سڀ ڪنھن کي خبر ھئي) مجبورن ان غريب استاد ان عورت سان شادي ڪئي ۽ مون آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ احتجاجي ميڙ اڳيان ھي شعر پڙھيو ھو جيڪو سندس ئي شعر جي تتبع تي چيم:

سِرُ اياز اڄ ڏنو ڪنھن نہ ڄاتو تہ ڇو؟
رت اڏيءَ تان اُڏيو سنڌ ڏسندي رھي.

مون چيو ھو تہ:

ياڙي تي پيو اياز ڪنھن نہ ڄاتو تہ ڇو؟
ڏوڙ اڏيءَ تان اُڏي، سنڌ ڏسندي رھي.

ان کان سواءِ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن شيخ اياز جي خلاف گڏهه جو جلوس پيرين اگهاڙو ڪڍيو هو جنهن جي اڳواڻي رسول بخش ٿيبو مرڪزي صدر جساف ۽ مون ڪئي هئي. شيخ اياز کي ان لاءِ گڏهه ٺاهيو ويو هو جو گڏهه کي اڳتي ڇڪبو ته پوئتي ويندو. ان ڪري وي.سي کي شاگرد چون ته ڪرسي ڇڏ ته هي چنبڙيو بيٺو هو. ان ڏينهن فيڪلٽي تي فائرنگ ۽ شيلنگ به پوليس ڪئي هئي، جنهن ۾ استادن عبدالحڪيم لاڪو، آصد قاضي ۽ ميڊم مهتاب چنه وارن جلوس ڪڍي ايس.اِي ٿو ويا هئا ۽ احتجاج ڪيو هئائون.

ٽيون نمبر ته شاگردن جو هڪ وفد منهنجي اڳواڻيءَ ۾ يونيورسٽي کي ڪولرائڻ لاءِ وائيس چانسلر سان مليو. مون شيخ صاحب کي چيو ته يونيورسٽي تمام گهڻو عرصو بند رهي آهي ۽ توهان ان کي ٻيهر کوليو جيئن سنڌي شاگرد ٻين يونيورسٽين جي شاگردن سان تعليمي سال ۾ گڏ هلن. مون کي چيائين ته مارشل لا وارا يونيورسٽي کولڻ جي اجازت نٿا ڏين، مان ڇا ڪريان؟ مون کيس چيو ته توهان اسان شاگردن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ آيا آهيو جيڪڏهن اهو فرض پورو نٿا ڪري سگهو ته پوءِ نوڪري ڇڏي وڃو. بس منهنجو ايترو چوڻ، صفا ڳاڙهو ٽتل سِيخ وانگر ٿي ويو ۽ مون کي چيائين ته ”مان پٺهين کان پگهار ٿو وٺان جو نوڪري ڇڏي ڏيان.“ بس پوءِ ته شاگرد ساٿي اُٿيا ٿي ويا وڙهڻ لاءِ تيار. گهٽ وڌ زبان استعمال ڪيائون. مون کين چيو ته هن پنهنجو وکر ظاهر ڪيو ۽ هاڻي توهان وري پنهنجي بردباريءَ جو مظاهرو ڪريو.

منهنجي گرفتار ڪرائڻ لاءِ ”هٿ ڌوئي پويان پيو.“ جنرل قاضي سعيد کي رڳو ڪن ۾ ڦوڪ ڏنائين، بس پوءِ ته ايس پي لالا اعظم پوليس جون به ٽرڪون ساڻ ڪري پوليس وارين عورتن سميت سٺ ميل ڏاڏي تي پهتو ۽ منهنجي والد سيد عمر شاهه کي گرفتار ڪرڻ لاءِ آيا ته جيئن علي محمد شاهه پيءُ جي گرفتاريءَ کان پوءِ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪري.

اتفاق اهڙو ٿيو جو پوليس بجاءِ منهنجي ڳوٺ جي، پُلجي سيد عطاء الله شاهه جي ڳوٺ وڃي نڪتي، ڇاڪاڻ ته اُتي به هڪ سيد عمر شاهه نالي آهي. عورتون پوليس واريون گهر ۾ گهڙي پيون ۽ سائين عمر شاهه کي ٻاهر وٺي آيون. ايس پي لالا اعظم ڪانئس منهنجي پڇا ڪئي، جنهن تي سائين عمر شاهه کيس چيو ته مون کي نه علي محمد شاهه نالي ڪو پٽ آهي ۽ نه وري ڪو اولاد ئي آهي. توهان پلجي پيا آهيو. ايس.پي چيس ته توهان ته ضرور ائين چوندا. بهرحال، گهڻي ڇڪ ڇڪان ۽ ڏي وٺ کان پوءِ پوليس ڪوٽڙي روانو ٿي وئي.

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪمري نمبر 63 ۾ شيخ مجيب الرحمن ۽ آءٌ

ڳڌ رهندا هئاسون. دادو مان فون آئي تہ شيخ مجيب جي والده وفات ڪري وئي آهي. مجيب تہ ڳوٺ هليو ويو. اصولي طرح سان مون کي بہ وڃڻ کپندو هو پر اسان جي ڪيسن ۾ سدائين سچائي جو واسو. هاڻي دادو ڪيئن پهچان ۽ ان کي بہ بہ چار ڏينهن گذري ويا تہ مجيب شيخ پاڻ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو آيو ۽ جماڻي جي دعوت ڏئي ويو يعني ويهہ فيبروري 1980ع تي.

ستار موريو ميمبر جساف ۽ مون صلاح ڪئي تہ رات انٽرنيشنل هاسٽل ۾ 1980ع جا ڪئلينڊر ڪپائي، جيڪي پئسہ ٿين تہ ان جو ياڙو ڪري شيخ مجيب جي ڳوٺ هلنداسون.

رات جو ستار موريو ۽ آءُ گڏجي اٽڪل پنجاهہ کن ڪئلينڊر ڪپايا. في ڪئلينڊر پنج روپيہ ۽ اهڙي طرح اسان کي اڍائي سؤ روپيہ ٿي ويا. سمهڻ لاءِ اسان جو هاسٽل تي معمول هوندو هو تہ پنهنجعي ڪمري تي ننڊ ڪونہ ڪندا هئاسون. ان رات ستار جو چوڻ تہ ٻئي ڪنهن ساٿيءَ جي ڪمري تي هلي ٿا سمهون ۽ منهنجو چوڻ تہ رات جو هڪ ڏيڍ ٿو ٿئي، هينئر ڪنهن جي هلي ننڊ ڦٽايون ۽ اهڙيءَ ريت هاسٽل جي ٽيهين نمبر ڪمري ۾ سمهي پياسون. رات جو اٽڪل چئين بجي ڏاري ڪمري جو دروازو ڪڙڪڻ لڳو. مون کان اڳ ستار سجاڳ ٿيو ۽ بعد ۾ مون کي بہ ننڊ مان اٿاريائين. گئلريءَ جو دروازو کولي هيٺ ڏسون تہ چوڌاري فوج ۽ پوليس جو پهرو لڳو پيو آهي، سنگينون سڌيون ڪيو بيٺا هئا، جيئن هندستان جي فوج سان مقابلي لاءِ تيار هجن. اسان گئلريءَ جو دروازو بند ڪري ويهي رهياسون. دروازو ڪڙڪائيندا رهيا ۽ اسان دروازو نہ پيا کوليون. آخرڪار رائيفل جا ڪنداڪ هڻي زبردستي انٽرلاڪ ٽوڙي دروازو کوليائون. سڀ کان پهريائين ڪمري ۾ اندر ڊي.ايس.پي قربان علي شاهہ ۽ ايس.پي لالا اعظم داخل ٿيا. اسان کي چيائون تہ توهان ڪپڙا پايو، توهان کي گرفتار ڪرڻو آهي. لالا اعظم مون کان پڇيو تہ ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏيئي ڇا؟ ڪيس چيم تہ نہ، ڏوبيءَ کي ڌوئڻ لاءِ ڏني اٿم. اسان کي چنبو چنبي ۾ ڏئي ڪمري کان ٻاهر وٺي آيا. وراندي ۾ بہ فوجي ۽ پوليس رائفلون تاڻيو بيٺا هئا. اسان ٻاهر نڪتاسون تہ ڪمري ۾ فوجي گهڙي پيا ۽ سمورو سامان بسترن جي چادرن ۾ وجهي ڪٽي پريون ٻڌائون. ان تي ڊيوٽي مئجسٽريٽ ايس.ڊي.ايم ڪوٽڙي کي بي رند جيڪو سنڌي هئو ان کين چيو تہ توهان کي جيڪو اعتراض جوڳو مواد يا شيءِ ڏسڻ ۾ اچي تہ اها کڻو. پوءِ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي منشور جون پنج سؤ کن ڪاپيون، ڪئلينڊر ۽ ڪتاب ڪنيائون. باقي سامان ڪپڙا وغيره ڦٽا ڪيائون.

اسان کي وٺي آرٽس فيڪلٽيءَ جي پرسان پوليس جي گاڏين ۾ اچي ويهارياائون. هاڻي پرهہ ڦاڪون ڪڍيون هيون ۽ ڏينهن ٿيڻ وارو هو. گاڏيءَ ۾ اندر ماچيس جي تيلي ٻاري ڏٺوسون تہ متارو ڏاهري سنڌ يونيورسٽي شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري، عبدالصمد ڪانڌڙو اگهوٽو مرڪزي صدر جساف، ظفر

راڄپر ۾ ٻيا بہ اٽڪل ويهارو ڪن شاگرد سٽيا پيا هئا. پوليس جون گاڏيون هلڻ شروع ٿيون ۽ اچي ڪوٽڙي لاڪ اپ جي پوليس اسٽيشن اڳيان بيٺيون. اتي سي.آءِ.ڊي وارا جيڪي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ گهمندا ڦرندا وتندا هئا، اهي ۽ اسٽوڊنٽس ويلفيئر آفيسر شوڪت شورو اسان کان اڳي ئي ويٺا هئا. جن اسان جي سڃاڻپ ڪئي تہ فلاڻا فلاڻا شاگرد هي آهن، باقي جيڪي شاگرد هئا، انهن کي ڏينهن جو ٻارهين بجي تائين آزاد ڪري ڇڏيائون. صرف اسان عبدالصمد ڪانڊڙو، منظور پنهور، متارو ڏاهري، ظفر راڄپر، ستار موريو ۽ مون کي اندرئين لاڪ اپ ۾ بند ڪيائون.

**علي محمد شاهہ لڪياري**

نوابشاهہ سنڌ!

# ڪايا مَنجَهه ڪَڙَن

# جيل ڊائري

21_2_80

سڄو ڏينهن ڪوليءَ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسون. شام جو ايس.ڊي.ايم ڪوٽڙي ڪي بي رند آيو جنهن ايس.ايڇ.او جي آفيس ۾ اسان کي گهرائي ڪچهري ڪئي ۽ چانهه بسڪوٽ کارايا.

22_2_80

ڄامشورو ٿاڻي جو ايس.ايڇ.او محمد موسيٰ سپاهه سميت پهچي ويو ۽ اسان کي ڪوٽڙي جي ايس.ڊي.ايم آفيس رمانڊ لاءِ وٺي هليو پر ان جي غير حاضر هئڻ ڪري اي.ڊي.ايم ڪوٽڙيءَ وٽ پيش ڪيائين. جنهن اسان جون هٿڪڙيون کولائي ڪرسين تي ويهاريو ۽ اسان کي چانهه پياريائين. پوليس رمانڊ تي وٺي اسان کي حيدرآباد جي سٽي لاڪ اپ ۾ بند ڪيو. اتي ٻيا ٻه اخلاقي ڏوهاري قيدي ڪولين ۾ بند هئا, جن سان ڪچهري ٿي. انهن ٻڌايو ته توهان ماني ڊؤ ڪري نه کائيندا ڪجو ڇاڪاڻ ته پوليس تشدد ڪندي آهي. پيٽ ڀريل هوندو ته وڌيڪ تڪليف محسوس ٿيندي ۽ جيڪڏهن پيٽ خالي هوندو ته گهٽ تڪليف محسوس ٿيندي.

23_2_80

سٽي لاڪ اپ تي رهياسون. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو رسول بخش جو وڏو ڀاءُ ماني ڪٽائي آيو. گڏجي کاڌيسون. منهنجو ننڍو ڀاءُ ارباب علي شاهه ٻه اخبار ۾ گرفتاريءَ جو پڙهي ملاقات ڪرڻ آيو. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جا ٻه ڪافي شاگرد ساٿي ملاقات ڪرڻ آيا. سيڪو پيو دلاسا ڏئي ته مڙس ٿجو دل نه لاهجو اسان توهان سان گڏ آهيون. مشهور قول آهي ته: ”جڏهن توهان ٿڪ ڏيو ٿا ته جڳ توهان سان ٿڪ ڏئي ٿو جڏهن توهان لڙڪ وهايو ٿا ته اڪيلا آهيو.“

24_2_80

سٽي لاڪ اپ ۾ رهياسون. مختلف ايجنسين جا ڪارندا سڄو ڏينهن ايندا رهيا ۽ مختلف قسم جا سوال پڇندا رهيا. پڇڻ جو طريقو انتهائي تحڪمانه ۽ رعب تاب وارو هو. شايد صرف نفسياتي اثر وجهڻ تي چاهيائون ته ڏسون ته ڪيترو دم اٿن.

25_2_80

سڄو ڏينهن ساٿين ۽ سنگتين جي ملاقات جو سلسلو جاري رهيو. فروٽ وغيره ته ايترو ٿي پيو هو جو پرپاسي وارين ڪولين ۾ رهندڙ قيدين کي ورهائي ڏنوسون ۽ ڊيوٽي تي موجود پوليس گارڊ ٻه گهر کڻي ويو.

26_2_80

صبح جو ڄامشورو ٿاڻي جي ايس.ايڇ.او محمد موسيٰ اچي اسان کي هٿڪڙيون پارايون ۽ لاڪ اپ مان ٻاهر ڪڍيو. ڪافي ساٿي آيل هئا. ستار موريو، آءٌ ۽ عبدالصمد ڪانڌڙو صوبيدار سان گڏ جيپ ۾ ويناسون. باقي متارو ڏاهري، ظفر راڄپر ۽ منظور پنهور ڪار ۾ چڙهيا ۽ مد وي هوٽل تي اچي لٿاسون. ماني کاڌيسون، جيڪا ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو ڪارائي.

اتان سڌا سينٽرل جيل حيدرآباد جي ماڙيءَ ۾ داخل ٿياسون. جيل سپرنٽنڊنٽ چيو ته مارشل لا وارن جو حڪم آهي ته ٽي قيدي نارا جيل تي وڃن ۽ ٽي قيدي سينٽرل جيل تي رهن. ان ڳالهه ٻڌڻ ڪان پوءِ متارو ڏاهري، عبدالصمد لانڌڙو ۽ ظفر راڄپر تڪڙ ۾ اٿي بيٺا ته اسان هتي سينٽر ۾ ويندا سون. هنن جا ڪاغذات ڏئي ونئي، صوبيدار محمد موسيٰ نارا جيل تي ڪٺي آيو. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو به اسان سان گڏ هو ۽ نارا جيل تان موڪلائي واپس ٿيو. اسان کي جيل سپرنٽنڊنٽ پنهنجي آفيس ۾ گهرايو ۽ چيو ته هوش سنڀالي هلجو. هيءَ يونيورسٽي ڪانهي، جيل آهي. اجايا مطالبا نه ڪجو ۽ نه وري اسان کي پريشان ڪجو. ٻي صورت ۾ توهان ڏکيا ٿيندا. صوبيدار محمد موسيٰ کي جيل انتظاميه ڏي ڪوبه ليٽر ڪونه هو. جيل سپرنٽنڊنٽ مارشل لا وارن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ انهن جي حڪم تي بنا ڪاغذي ڪارروائي جي اسان کي جيل ۾ رکيائين. نالي پڇڻ تي خبر پئي ته سپرنٽنڊنٽ سيد محبوب آهي. اسان جي اتي بيٺي بيٺي چار دفعا مين پڙي کاڌائين ۽ اٺ دفعا اوجهراٽيون ڪاڏائين. مون کي تعجب پيو لڳي ته هي ڪهڙو سپرنٽنڊنٽ آهي. ليڪن پوءِ خبر پئي ته روزانو آفيم جو روڙو کائيندو آهي، ان ڪري اها حالت اٿس. جيل جا سپاهي اسان کي اسپيشل وارڊ ۾ وٺي آيا. هر هڪ کي ٽي ٽي ڪمبل، ٻه پلاسٽڪ جون پليٽون، پاٽي پيئڻ لاءِ هڪ مٽ ۽ هڪ جمني ڏنائون ۽ جدا جدا ڪولين ۾ بند ڪري هليا ويا. ڪولين ۾ ايترا ته مڇر ۽ منگهڻ هئا جو اک سان مس لڳي ته مڇرن جي يلغار شروع ٿي پئي وڃي ۽ سڄي رات سورن ۾ گذري.

27_2_80

صبح جو سيٽي وڳي. اٿي ويهي رهيس. ننڊ ته ڪانه هئي. هڪ سپاهي ۽ جمعدار نالي چراغ آيا. دروازو کوليائون ۽ اسان کي چيائون ته پنهنجا ڪتا ٻاهر ڪڍو ۽ ڪولين جي صفائي ڪيو. ان تي ستار موريو چيس ته اسان سياسي قيدي آهيون، ڪتا توهان ٻاهر ڪڍو ۽ ڪولين جي به صفائي ڪرائي ڏيو. ان تان جمعدار سوست ڪندو وارڊ کان ٻاهر نڪري ويو. اسان سوچيو ته قشري شروع ٿي وئي. پر پوءِ جمعدار چوڪرا پارٽي وٺي آيو جنهن وارڊ جي به صفائي ڪرائي ۽ ڪولين جي به صفائي ڪئي.

اسان صفائي تي وجڻ کان پوءِ ڪٿو وچائي ڪچهري ويٺي ڪئي ته جيل جو منشي آيو جنهن چيو ته علي محمد شاهه کي ماڙيءَ تي گهرايو اٿن. اسان پڇيس ته ڇا ڳالهه آهي؟ ٻڌايائين ته ڪجهه به نه. مان جيئن ماڙيءَ ۾ داخل ٿيس ته اُتي فوجي سپاهي بيٺل ڏٺم. جن کي منهنجي اچڻ جو ٻڌايو ويو. انهن سڀ کان پهريائين منهنجا هٿ پويان ڪري هٿڪڙي هنيائون ۽ پوءِ اکين تي ڪاري پٽي زور سان ٻڌي ڇڏيائون. ماڙيءَ مان ٻاهر ڪيڍي، خبر ناهي ته ڪهڙي گاڏيءَ ۾ ويهاريائون. اڌ ڪلاڪ کن گذرڻ کان پوءِ مون کي گاڏيءَ مان هيٺ لاٿائون. چند قدمن هلڻ کان پوءِ پَٽ تي ويهاريائون. منهنجي هٿڪڙي ۽ اکين تان پٽي لاٿي وئي. منهنجي سامهون هڪ ٿلهو متارو شهپر وٽيل بلڪل نيٽ پنجابي پئي لڳو فوجي وردي پاتل بيٺو هو ۽ آءٌ هڪ ننڍڙيءَ ڪوليءَ ۾ هيٺ پٽ تي ويٺل هوس. مون کي ان فوجي سپاهي حڪم ڏنو ته: ”الٽا هوجائو.“ مون کي ذهن ۾ مختلف سوال اڀرندا رهيا ته اُلٽو ڇو ٿيان. هن مون کي ٻه چار چڪر ڇيو پر مان صرف تجسس، خوف گاڏڙ نظرن سان هن کي ڏسان پيو. ڳالهايان ڪجهه به نه پيو. هي ٻاهر نڪري ويو ۽ چند منٽن کان پوءِ ٻه فوجي سپاهي ساڻ ڪري آيو ۽ اچي مون کي دسيائون. منهنجو مٿو فرش تي ۽ ڄنگهون پٽ سان اُڀيون صرف پيرن جي آڱرين جو پٽ تي سهارو ڏنائون. گهڙي کن کان پوءِ محسوس ڪيم ته سڄي جان ٿڙڪي ٿي پئي ۽ نڪ تي ڏاڍو بار اچي پيو جو نه ڪي وات کان ساهه پيو کڻي سگهان ۽ نه وري نڪ کان ساهه پيو کڄي. ڪونگهرا پيا لڳن. خبر ناهي ته ڪيڏي مهل بيهوش ٿيس. مون کي صرف ان وقت خبر پئي، جڏهن فوجي لانگ بوٽ منهنجي جسم تي ساوڻ جي برسات وانگر وڏڙي جيان وسي رهيا هئا ۽ هوش ۾ اچڻ کان پوءِ وري ”الٽا هوجائو“ جو حڪم ٿيو. مان وري به چپ، خاموش. ليڪن هن دفعي مون کي ٺونشا ۽ لتون هٽي وري ساڳي حالت ۾ اونڌو ڪيو ويو. هاڻي منهنجي حالت اها هجي جو ننهن کان چوٽي تائين پگهر سان شل هجان. منهن ۽ مٿي تي جيڪي فوجي لانگ بوٽ لڳا هئا، ان ڪري منهنجو سَندُ سَندُ ڇڪنا چور ۽ رڳ رڳ مان ريشو ۽ رت گاڏئون پاٽي پئي وهيو. اهڙي صورتحال ۾ خود مان، پنهنجو پاڻ کي به سڃاڻي نه ٿي سگهيس، ڇو ته ننهن کان چوٽيءَ تائين بدن تي سوڄ هئي. حڪم ڏنائون ته: ”کڙي هوجائو.“ اٿي بيٺس. منهنجا ڪپڙا لٽا رت ٻڏل فوجي سپاهي پيا صاف ڪن ۽ مون کي عرضدارانه انداز ۾ چون پيا ته: ”صاحب نے آپ کو بلایا ہے۔ ہماری شکایت مت کرنا.“ دل ۾ ڏاڍو ڪليس ته جهان خان وارو معاملو آهي. مون کي سڌو هڪ ڪمري ۾ وٺي آيا. جن ۾ ٻه ماڻهو فوجيورديءَ ۾ هئا ۽ باقي ٻه ڄڻا سِوِل ڪپڙن ۾ هئا. مون کي ڏاڍي عزت سان مليا ۽ ڪرسيءَ تي ويهاريائون. چانهه پيئڻ لاءِ پڇيائون. مون معذرت ڪئي. ان کان پوءِ مختلف سوال واري واري سان پڇندا رهيا:

1. جامشوري جي ٻنهي يونيورسٽين جا ڪهڙا استاد ۽ نوڪري وارا ماڻهو توهان جي پارٽي جا آهن ۽ مالي مدد ڪندا آهن؟
2. توهان وٽ اسلحو ڪهڙو آهي ۽ ڪٿان وٺندا آهيو؟
3. توهان ڏوڪڙ ڪٿان آڻيندا آهيو؟
4. هندستان مان ڪيترا گوريلا ٽريننگ وٺي آيا آهن؟ انهن جا نالا ٻڌاءِ. هندستان جا سنڌي هندو ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ موهن ڪلپنا وارن سان تون ڪيترا دفعا مليو آهين؟
5. پمفليٽ ۽ لٽريچر ڪهڙي پريس مان ڇپرائيندا آهيو؟
6. سنڌ جا ڪهڙا ماڻهو توهان جي مالي مدد ڪندا آهن ۽ توهان کي اسلحو ڏيندا آهن؟
7. جي.ايم سيد توهان کي ڪهڙا حڪم ڏيندو آهي؟
8. مڪمل بايو ڊيٽا (Biodeta)؟

سوال پڇندا رهيا، آءٌ جواب ڏيندو رهيس. ان دوران هڪ سادن ڪپڙن ۾ مٿي تي جناح ٽوپي، شڪل شباهت ۾ پناڻ ٽي لڳي، پر وارن جي ڪٽائي وغيره مان فوجي محسوس پئي ٿيو اندر داخل ٿيو ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ مون کي چيائون تہ اسان تنهنجي جوابن مان مطمئن ناهيون ۽ مون کي هڪ بال پين، اچا پنا ڏنائون تہ مٿين سوالن جا جواب لکي ڏي. ان نئين آيل پناڻ کي چيائون تہ ”خوب گرم ڪرو“ ۽ پاڻ هليا ويا. مون کي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون ۽ مان سوالن جا جواب لکيا. شام جو ساڍا ڇهہ ٿيا هوندا تہ اهو ساڳيو پناڻ نمودار ٿيو. منهنجي ڪوليءَ جو دروازو کلي ويو ۽ حڪم ڪيائون تہ: ”ڪپڙي اتار دو.“ مان صرف چپ ڪيو بيٺو هوس. گهڙي پلڪ ۾ بلڪل ننگو بيٺو هوس. ائين ڪپڙا لهي ويا، جيئن شڪاري، تتر جي کل لاهيندو آهي. دير ئي نہ ٿي. سياري جي رات، هڪدم مون کي اونڌو فرش تي ليٽايو ويو. ٻہ فوجي ٽنگن تي ۽ ٻہ فوجي ٻانهن تي چڙهي بيٺا ۽ هڪ فوجي اچي چتڙن تي چمڙي جي ٿهيل ڦڙڪي سان وسڪارا لاتا. شروع ۾ پهرين ڏڪن سان ڏاڍو عذاب آيو ۽ دل ۾ سوچيم تہ رڙيون ڪيان. پر پوءِ وري خيال آيم تہ هڪ انقلابي ڪارڪن لاءِ اهو ڪارنهن جو ٽِڪو آهي جو هڪ ڏاڙئين دشمن جي اڳيان ڏڪن جي سور کان دانهون ۽ رڙيون ڪري ۽ دشمن خوش ٿئي. اهو سوچي چپ کي ڏندن هيٺان ڏئي ڏڪ سهندو رهيس. ڪجهہ گهڙيون ڏڪ لڳڻ کان پوءِ عذاب گهٽ محسوس ٿيڻ لڳو پر وري چتڙن جي مٿان ٿڏو پاڻي هاري، ڏڪ هڻڻ شروع ڪيائون تہ وري سور وڌيڪ ٿيڻ لڳو. بهرحال، ڏڪ هڻدا پاڻي وجهندا، ڪٽيندا رهيا. اڍائي ڪلاڪ اها ڪارروائي هلندي رهي. جڏهن اُٿيس تہ چتڙن جي کل هنڌان هنڌان اُڌڙي پئي هئي ۽ ريش ڳڙندو وڃي پيرن جون کُڙيون ڪنيون.

مون کي هڪ ننڍڙو گرائونڊ هو ان تي آهستي آهستي گهمائڻ پيا. سخت اڃ لڳڻ ڪري ڪانئن پاڻي پيئڻ لاءِ گهريم. گلاس پري ڏنائون. ٻه ڍُڪ مس پيتا هوندم ته هڪ فوجي جهڙپ ڏئي گلاس ڇڏڻ تان ڪسي ورتو. مون کي هر هڪ ٻانهن ۾ جدا جدا هٿڪڙيون هڻي، اڳاڙو ولهه تي هٿ مٿي ڪري ٻيهاري ڇڏيائون ۽ هٿڪڙيون هيٺ لڙڪن پيون ۽ فوجي سپاهي، جيڪي چار ڄڻا هئا، رائفلون هٿن ۾ هئڻ، ٻه ڄڻا ڪرسين تي ويهي رهيا ۽ ٻه ڄڻا بيٺا رهيا. منهنجي ٿوري ٻانهن هيٺ ٿئي ته رائيفل جو ڪنداڪ ٺهڪو ٿي وڄي. ائين سڄي رات ڪنداڪن جي ٺهڪن، سٽڪن ۽ چٺڙن جي ٺَڪ ٺَڏ تي سور ڪيو. تنهن ته زخمن تي ٽُوٽڻي جو ڪم ڏنو. شهر ۾ اسر جي نماز جون ٻانگون آيون ته مون کي ڪپڙا پارائي ڪوليءَ ۾ بند ڪيو ويو. هڪ ڳالهه جو خاص خيال رکيائون ته ڪوليءَ ۾ آءُ ننڊ نه ڪريان. ننڊ ته هونئن ٻه ڪانهه پئي اچي، چاڪاڻ ته هڪ ڪولي ننڍڙي، ٻيو وري ان ۾ پنج سؤ وولٽ جو بلب پيو ٻري. بس! مان ته سمجهان پيو ته اکين مان نور ٻه هليو ويو جو ڏسي نه ٿي سگهيس.

28-2-80

اڄان پنيراڪو هئو ته منهنجي اکين کي ڪاري پٽي ٻڌي، ٻاهر ڪڍي ويا. پٽي کوليائون. ڏٺم ته ڪاڪوس جي در تي بيٺو آهيان. ٻه فوجي رائيفلون سڌيون ڪيو بيٺا هئا ۽ مون کي چيائون ته: ”اندر جاڪي تتي ڪرو.“ اندر ويس، گهڙي کن ويهي رهيس، چاڪاڻ ته پيٽ ۾ ڪجهه به نه هئو جو ٻاهر ڪڍان ۽ نه وري ڪاڪوس واري چُلهي تي ويهي پيو سگهان جو چٺڙن جا ڦٽ چِڪي پيا هئا ۽ ڏاڍو سور پيا ڪن. ٻاهر نڪرڻ سان وري اکين کي پٽي ٻڌي اچي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون. ناشتو ڪٺي آيا، جنهن ۾ سيرو ٻه ننڍا اوڦراتا ۽ چانهه هئي. مون کائڻ کان انڪار ڪيو. بس پوءِ ته مان جهڙو هنن فوجين جو ويجهڙو عزيز هجان. ناشتو کائڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ۽ ايلاز ڪرڻ لڳا. مون کي وري ٻه تشدد سجهيو پئي ته اجهو ٿا وري مانگرمڇ اچي پاڳا ڪن. چانهه مان صرف ٻه ڍڪ پري ناشتو واپس ڪيم.

صبح جو نائين بجي ڌاري مون کي ڪوليءَ مان ڪڍي ساڳئي ڪمري ۾ ساڳين ماڻهن جي سامهون پيش ڪيائون. ڪرسيءَ تي ويهاري ساڳيا سوال پڇندا رهيا ۽ جيڪي سوالن جا جواب مون لکي ڏنا هئا، انهن تي چيائون ته اسان مطمئن نه آهيون. مثال طور: مون کي چيائون ته تون مهراڻ ڪاليج مورو جو شاگرد يونين جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ جنرل سيڪريٽري رهيو آهين ۽ راشد مورائي ۽ تون درس روڊ مورو تي گڏ رهندا هئا ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ حلف برداري جي تقريب ۾ ڊاڪٽر دودو مهيري ۽ تون پمفليٽ ورهايا هئا ۽ آمريڪا جو پتلو وغيره ٻه ساڙيو هو. اهي ڳالهيون تون نه لکيون آهن. ان لاءِ ثبوت طور مون کي ان فنڪشن ۾ آمريڪا جو جهنڊو ساڙڻ وارين تقريبن جا فوٽو ڏيکاريائون.

بهرحال، آءُ انهن ڳالهين کان انڪار ڪندو رهيس ۽ هي سوال پڇندا رهيا. اٽڪل ڏيڍ بجي ڌاري ان ساڳئي پناڻ کي تورو سخت لهجي ۾ چيائون تہ: ”تيڙا هي، اس ڪو سيڌا ڪريو.“ ۽ پاڻ ٻاهر نڪري هليا ويا. مون کي اتان وٺي هڪ فوجي بيرڪ جي پرسان، جتي پاڻي پرڻ جو نَلُ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جا مٽ پريل هئا، اتي ڪپڙا لاهي، هڪ سڪل وڻ سان چو ڪنيو ٻڌي ڇڏيائون. ان جاءِ تي هر هر فوجي سپاهي پاڻي پيئڻ يا پرڻ لاءِ اچن وڃن پيا. گهڙي بہ نہ گذري تہ اهڙو اچي ڦِرڪو ڦريو جو جيڪي بہ سپاهي پاڻي پرڻ يا پيئڻ اچن پيا تہ مون سان هتڪ آميز سلوڪ ڪرڻ لڳا. جنهن ۾ گند، بدبوءِ دار پاڻي ۽ ويندي ڪرفتي ۽ ڇيٽا بہ هٽندا هئا. يا لت هنيون وڃن، مُڪ هنيون وڃن، پوندو ڏيو وڃن. هڪ لت ٻُڪيءَ ۾ اهڙي لڳي جو بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش ۾ آيس تہ ساڳئي ڪارروائي چالو هئي. اهو ڏنڊو شام جو ڇهين بجي تائين هلندو رهيو. اتان مون کي چوڙي ڪوليءَ جي سامهون ميدان تي آڻي بيهاريو ويو ۽ وري اونڌو فرش تي ليٽائي چِتڙن تي ساڳئي نموني سان ڪٽڻ لڳا. اهڙي ريت پيا ڪٽين جيئن ڪتي ڪپڙا سَٽيندو آهي. بہ ڪلاڪ ڪن ڪٽيندا رهيا. اتاري، ڪپڙا پارائي ميدان تي تورو گهمايائون ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويهاريائون ۽ ماني اڳيان رکيائون. صرف بہ گرهہ ڪائي بس ڪٽي ڪيم. وڌيڪ ماني ڪائڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيائون. ايتريون منٿون شايد ماءُ پنهنجي ٻچي کي بہ نہ ڪندي آهي. توري دير کان پوءِ سادن ڪپڙن ۾ هڪ نوجوان شڪل شبيهہ ۾ ناهوڪو ۽ هلڻ جي ڍنگ مان محسوس ڪيم تہ آفيسر آهي، آيو جنهن ماني کائڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيون، پر مون ماني نہ کاڌي. هن جي وڃڻ کان پوءِ ٻنهي هٿن ۾ جدا جدا هٿڪڙيون هٽي، ڪپڙا لاهي، اگهاڙو وِلهہ تي هٿ مٿي ڪري بيهاري ڇڏيو. هٿ تورو بہ هيٺ ٿين تہ ڪنداڪ سٽڪو ٿي وڃي. آخر مان ٿڪجي بيزار ٿي هيٺ پٽ تي ويهي رهيس. بس پوءِ تہ رائيفلن جي ڪنداڪن جو وسڪارو لائي ڏنو. مون کي زوري مٿي اٿاري بيهارن تہ مان پنهنجو پاڻ ڪٽي هيٺ ڦتو ڪيان. مطلب تہ سڄي رات ننڊ بہ نہ ڪرڻ ڏنائون ۽ سٽڪن ڦتڪن ۾ ڏينهن ٿي ويو.

1_3_80

صبح جو ڪپڙا پارائي، اکين کي پٽي ٻڌي، پهري ۾ ڪاڪوس ڏي وٺي ويا. پيشاب ڪيم، باقي ٿيو مڙوئي خير. موٽي اچي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون. ساڳي روشني، ساڳيو عذاب. تورو هلڻ ڪري چِتڙن تان رت وهڻ شروع ٿي ويو. جنهن اچي ڪُڙيون ڪنيون. مون ان رت مان آڱر ٻوڙي ڪوليءَ جي پِٽ تي ”جيئي سنڌ“ ۽ پنهنجو نالو لکي ڇڏيو. ڪوليءَ ۾ ويهي بہ نہ پيو سگهان. جيڪا بہ گهڙي ويهان، اها يا اونڌو يا پاسيرو هجان. ناشتو ڪٽي آيا. صرف چانهہ پيتم ۽ بس.

صبح جو نائين بجي پڇا ڳاڇا واري ڪمري ۾ پيش ڪيائون. اچ ڪرسي تي نہ ويهاريائون ۽ نہ وري

وڏيڪ ڪرسي رکيل هئي. مون کان وري بہ ساڳيا سوال پڇندا رهيا. هاڻي هنن کي ڇا ٻڌايان؟ اسان وٽ ڪهڙو اسلحو آهي، ڪهڙا ساٿي آهن يا آءُ ڪيرت پاپاڻي سان ڪچهري ڪري آيو آهيان. مان گهڻو ئي چوان تہ اسان جو رهبر سائين جي.ايم سيد عدم تشدد جو حامي آهي ۽ اسان کي بہ هر وقت، هر مجلس ۾ اها ئي تلقين ڪندو رهندو آهي ۽ اسان سنڌي ماڻهن سان ڏاڍ، ظلم، جبر ۽ تشدد جي ڳالهہ ڪريون ٿا ۽ انهن جي سياسي، سماجي، اقتصادي آزادي جي ڳالهہ ڪريون ٿا. پر هي چون تہ توهان سنڌو ديش جا حامي آهيو پاڪستان کي ٽوڙڻ ٿا چاهيو راجا ڏاهر جو اولاد آهيو. توهان جيئي سنڌ جي ماءُ پيڻ ڪي... سنڌي سڀ حرامي آهن، اسلام جا دشمن آهن، انهن کي اسان سڌو ڪنداسين، وغيره وغيره.

هڪ اوجاڳو ٻيو وري اُپٺين پيرين بيهڻ. ان تہ مون کي نستو ڪري ڇڏيو هو. هڪ بجي ڌارا روانا ٿيا ۽ ان پناڻ کي چيائون تہ "ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو." مون کي اتان وٺي سڌو هڪ وڏي ڪمري ۾ اچي ٻيهاريائون. ڪپڙا لهرائي ٻانهون پويان ٻڌي، پيرن ۾ رسو مضبوط ٻڌي، ڪمري جي ڇت ۾ هڪ ڪنڊو لڳل هو ان ۾ منهنجي پيرن وارو رسو ٻڌي مون کي اونڌو لٽڪائي ڇڏيائون ۽ منهنجي منهن جي بلڪل هيٺان ٻن انچن جي فاصلي تي هڪ ننڍو پاءُ ڏيڍ جو ٻو ڳاڙهن مرچن سان پريل ۽ ان جي وچ ۾ ٽانڊو ٻيل هجي، اچي رکيائون. هاڻي جيڪي مرچ سڙن پيا تہ انهن جو دونهون بلڪل منهنجي نڪ ۽ وات ۾ سڌو پيو داخل ٿئي. بس مون کي صرف هڪ ڳالهہ ذهن ۾ هئي تہ هن طرح جي هر هڪ ذلت، زخم، وبندي موت سڀ ڪجهہ قبول ڪري سگهان ٿو، ايتري قدر جو مئل پاءُ جو گوشت تہ ڪائي سگهان ٿو، ليڪن دشمن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي نٿو سگهان. جيڪو عذاب انهن مرچن جي دونهين مون کي ڏنو انهيءَ کي لفظن ۾ تہ ڇا، پر زباني بہ بيان ڪري نٿو سگهان.

ان دونهين منهنجي ڦڦڙن تي بہ ڏاڍو اثر ڪيو. وات مان ڳِگُون، اکين مان پاڻي، مطلب تہ هڪ دوزخ جو دونهون هو ۽ ان دونهين ۾ مان بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش سنڀاليم ڏٺم تہ کوليءَ ۾ اونڌو پيو آهيان. خبر ناهي تہ ڪهڙي وقت مون کي کوليءَ مان ٻاهر ڪڍي، هتن ۾ ڌار ڌار هٿڪڙيون هڻي، اگهاڙو ڪري، هٿ مٿي ڪري ٻيهاري ڇڏيو. مانيءَ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيائون. پر ڳاڙهن مرچن جي دونهي ڊؤ ڏئي ڇڏيو هو. اڄ ٻيئي ٻيئي ڪري پيس. چاڪاڻ تہ هڪ ٻُڪ، ٻيو وري مرچن جي دونهين سَنڌ ساڻا ڪري وڌا هئا. پوءِ بہ گهڙي ڪن ٿڌي فرش تي ويهاري وري اٿاري هٿ مٿي ڪري ٻيهاري ڇڏيائون.

صبح جو اکين تي پٽي ٻڌي ڪاڪوس لاءِ وٺي ويا، ليڪن اڄ منهنجي طبيعت بلڪل ڪمزور هئي. واپس اچي کوليءَ ۾ بند ڪيائون. هڪ اوجاڳو ٻيو ٻُڪ، بلڪل هلي بہ نہ پيو سگهان. نائين بجي ڌاري

ساڳئي پڇا ڳاڇا واري ڪمري ۾ پيش ڪيائون. ساڳيا سوال جواب ڪندا رهيا. منهنجي ڪمزوري ۽ نستائي ڏسي ميجر چيو ته هيٺ ويهي رهه. سوال ڪري هڪ ٻئي کي چون ته پارٽنر اٽ از رانگ (Partner it is wrong) ۽ هر هر بوٽ ٻچڙو ڪري مون ڏي ائين پيا نهارين، جي وس پڇين ته ڪچو ڪائي ڇڏين. گهڻي مٿا ڪُٽ ڪان پوءِ مون کي هڪ ٽيپ رڪارڊر چالو ڪري ٻڌايائون، جنهن ۾ انسانن جون آهون ۽ دانهون، سسڪيون ۽ سڏڪا ٽيپ ٿيل هئا. مون کي چيائون ته ٻڌ! توسان به هاڻي اهو ئي حشر ڪنداسون. مان بلڪل خاموش، اطمينان سان سيڪجهه ٻڌندو رهيس ۽ سوچيم ته هيءُ دشمن جو هڪ نفسياتي حربو آهي. باقي وڙهڻ ڪان ڪير جهلي سگهندن. منهنجي خاموشي جي ڪري هنن جي منهن تي ڪوفت، چڙ، نفرت بلڪل ظاهر ڏٺم.

منهنجي سامهون هڪ ماڻهو وٺي آيا، جنهن سان هنن جيڪي ڪجهه ڳالهايو ان مان محسوس ڪيم ته هي سرحد تي فوجي محافظ آهي ۽ سمگلرن سان ساز باز ڪري، هندستاني چاندي عمرڪوٽ واري پاسي کان ڪٽي پئي آيا ته هيءُ وردي سوڌو چانديءَ واري گاڏيءَ ۾ پڪڙجي پيو. ذات جو نومڙيو ۽ عمرڪوٽ جو رهاڪو هو. هن کي منهنجي سامهون بلڪل اگهاڙو ڪري، هڪ فوٽ کن جيترو رول هو جنهن کي تيل مکي، مٿان ڳاڙها مرچ هڻي ان نومڙيو فوجي جي مقعد ۾ اندر لنگهايائون. پوءِ ته ان مسڪين ٽريءَ جون آهون ۽ رڙيون عرش عظيم وارن کي به جاڳائي ڇڪيون هونديون. ان جي اها حالت ڏسي منهنجا به تارا ساوا ٿي ويا ۽ مون کي چيائون ته سچي ڪر، نه ته هاڻي توسان به ساڳيو حشر ٿا ڪيون. مان خاموش رهيس. سوچيم ته جيڪڏهن ائين ڪندا ته هنن کي ڪير ٿو روڪي سگهي؟ اتان ٻاهر ڪڍي، سڌو مرچن واري ڪمري ۾ وٺي آيا. منهنجا ته ڳچ ئي ڳري پيا. هڪدم منهنجا ڪپڙا لاهي اگهاڙو ڪري ڇت ۾ لڳل ڪنڊي جي هيٺان مون کي سڌو سمهاريائون ۽ منهنجون ٽنگون ٻانهون ڏار ڏار ڇڪي پري ٻڌي ڇڏيائون ۽ مٿو به اهڙيءَ ريت ٻڌائون جو ڪاڏي به تر جيترو چِسي نه سگهان. ان ڇت واري ڪنڊي ۾ پاڻيءَ جو ڀريل ٽين ٽنگيائون ۽ ان ٽين کي بلڪل هيٺان وچ تان ننڍڙو سوراخ هو جيڪو سيڪنڊ سيڪنڊ ۾ هڪ ڦڙو پاڻيءَ جو هيٺ پيو ڪيرائي ۽ اهو پاڻيءَ جو ڦڙو بلڪل منهنجي نرڙ تي پيو ڪري. شروع ۾ ته مون کي ڪجهه محسوس نه ٿيو ليڪن ڪجهه گهڙين ڪان پوءِ اهو پاڻي جو ڦڙو ائين پيو محسوس ٿئي ته پنج ڪلو جو وزني وڏاڻ منهنجي مٿي تي لڳي ٿو. ڏاڍو عذاب ۽ تڪليف پيو محسوس ڪريان، پر چا ڪجي؟ ڏاريو آخر ڏاريو آهي. ان مان ڪهڙي توقع رکي سگهجي ٿي.

پاڻيءَ جو ٽين ختم ٿيو ته ڪپڙا پارائي، اچي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون. مان پاسيرو لڳو ليٽيو پيو هوس ته

ھڪ فوجي سپاهي آيو ۽ ڏاڍي همدردانه انداز ۾ مون کي چيائين ته: ”سگريٽ پيئندين؟“ مون کي ٻه چار ڏينهن ٿي ويا هئا، سوچيم ته ڦوڪ پرجي. ان ڪري تڪڙ ۾ اٽي ڪڙو ٿيس. هن سگريٽ دڪائي مون ڏي وڌايو. مون جيئن سگريٽ وٺڻ لاءِ هٿ اڳتي ڪيو ته فوجي سگريٽ وارو هٿ پوئتي هٽائي ڇڏيو ۽ ٻئي هٿ سان هڪ زبردست چماٽ ڳل تي وهائي ڪڍي، جنهن ڪنن مان دونهان ڪڍي ڇڏيا ۽ ان وقت مون کي مهاتما گانڌي جو هڪ قول ياد آيو ته. ”انسان ۾ ڪا به اهڙي عادت نه هجي، جيڪا هن کي هٿ ٽنگڻ تي مجبور ڪري.“

رات جو ڪوليءَ مان ڪڍي اگهاڙو ڪري هٿن ۾ هٿڪڙيون هٽي ٻانهون مٿي ڪري بيهاري ڇڏيائون. سڄي رات ڪِرندي اٿندي، رائيفلن جا ڪنداڪ کائيندي گذري وئي. رات ٻه ماني بلڪل نه برابر کاڌيم.

پڇيائون ته ڪاڪوس ڏي هلندين؟ مون انڪار ڪيو. ناشتو ڪٽي آيا. سواءِ چانهه جي ٻي ڪنهن به شيءِ کي هٿ نه لاتم. نائين بجي ڌاري ڪوليءَ مان ڪڍي، پڇا ڳاڇا واري هال ۾ وٺي آيا ۽ ساڳيا ماڻهو ويٺا هئا. چيائون ته تون سڄي ڪونه ٿو ڪرين، هاڻي توکي ڪراچي ايف.آءِ.يو جي تشدد واري جاءِ تي موڪليندا سون، جتي توکي بجليءَ واري ڪرسيءَ تي ويهاري ڪرنٽ لڳايو ويندو ۽ پوءِ تون پاڻهي ٻڌائيندين. سڻو اٿئي ته اسان کي هتي سڄي ڳالهه ٻڌاءِ، نه ته ڪراچيءَ جا فوجي ڏاڍا ڏنگا اٿئي، برو حشر ڪندئي. دل ۾ سوچيم ته سڄي سنڌي قوم فوجي لانگ بوٽن سان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان چيپياتجي رهي آهي. مان هڪڙو يا اسان جي جيئي سنڌ جا ساٿي جيڪڏهن هن عذاب ۾ گذارين ٿا ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي. شل اسان جي هيءَ جدوجهد سنڌي قوم جي ذهنن ۾ ڪا لهر پيدا ڪري. ڪنهن ڍنڍ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائبو ته لهرون پيدا ٿينديون، ان وانگر ڪا لهر، ڪا اٿل، ڪائي ولوڙ پيدا ٿئي ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻين.

ڪجهه دير کان پوءِ مون کي هڪ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪاغذ اچي هٿ ۾ ڏنائون ۽ چيائون ته ان تي صحيح ڪر. پني تي لکيل هو ته آءٌ علي محمد شاھ جيڪو ٻه عرصو ايف.آءِ.يو (فيلڊ انوسٽيگيشن يونٽ) ۾ رهيو آهيان، ڪا به جسماني اذيت نه ڏني وئي آهي ۽ نه وڙهيا آهن ۽ نه وري منهنجي ڪا به شيءِ شڪل لڪائي رکي اٿن. ڏنو وائنو ظلم هو. ان وقت ٻه چتڙن تان رت ۽ پونءِ گڏيل وهن پيا ۽ پني تي صحيح پيا وٺن. پني تي صحيح ڏنم. جيئن ٻاهر نڪتس ته سنڌ پوليس جا سپاهي تيار بيٺا هئا. منهنجيون اکيون ٻڌي، ايس.ايم.ايل.اي برگيڊيئر سيد مسعود الحسن جي آفيس وٺي ويا، جتان جيل انتظاميه ڏي ليٽر ورتائون. وري اکيون ٻڌي، اچي پوليس لائين ۾ لاٿائون. اتي مون کي سنڌي سپاهين

چانهه بسڪوٽ ڪارايا ۽ توبهه توبهه پيا ڪن. چاڪاڻ تہ پويان سلوار ۽ قميص تي رت لڳڻ ڪري مکين جا ميڙ لڳا پيا هئا. اتان ڪٽي نارا جيل تي چڙهڻ پئي آيا تہ واٽ تي پنهنجن پيارن ساٿين شفيع چانڊيو ۽ خالق سرڪيءَ سان پري ڪان پوليس ٽرڪ مان عليڪ سليڪ ٿي ۽ وچي نارا جيل تي لٿاسون. جيل سپرنٽنڊنٽ مون کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي، شڪل ۽ طبيعت ڏسي سپاهين کي چيائين تہ هن قيديءَ کي مان جيل ۾ نہ رکندس. خدا نخواستہ مري پوي تہ مان ڏچي ۾ پئجي ويندس. آخر گهٽي چڪ چڪان ڪان پوءِ مون کيس چيو تہ مان بلڪل ڪونہ مرندس. جي مري ويس تہ توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. ان ڪان پوءِ مون کي جيل ۾ رکيائون. اسپيشل وارڊ ۾ پهتس. گهڙي ڪن ستار موريو ۽ منظور پنهور سان ڪچهري ڪيم تہ ٻنهي کي ماڙيءَ تي سڏ ٿيو ۽ خبر پئي تہ فوجي وٺي ويا اٿن. رات جو ڪافي دير تائين جاڳندو رهيس. خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل ننڊ آئي.

5_3_80

ستار موريو موٽي آيو. حالت تمام خراب هُيس. هلي بہ نٿو سگهي. ڏاڍو وڙهيا اٿس ۽ تشدد ڪيو اٿنس. مون کي ٻڌايائين تہ اتي فوجي سپاهي چون پيا تہ شاهہ جي ڏاڍي مار کاڌي آهي پر جوان آهي. منظور پنهور، صمد ڪانڌڙو ۽ ظفر راڄپر وارا اڃا اتي آهن.

6_3_80

اڄ اسان کي سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 18 ۾ پيش ڪيائون. ستار ۽ آءُ اسپيشل پوليس جي ٽرڪ ۾ چڙهي پهتاسين. پوليس ٽرڪ جو پويون دروازو بلڪل ڪورٽ جي دروازي سان لڳائي بيهاريائون ۽ پوليس وارا ٻنهي طرفن کان پوزيشن سنڀالي بيٺا. اتي اندر ڪورٽ ۾ غلام شبير لاکو سنڌ يونيورسٽي شاگرد يونين جو صدر، ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو قربان علي شاهہ وڪيل، برادرم ارباب علي شاهہ، قيس ابڙو آرٽسٽ سميع خان ۽ ٻيا آيل هئا. دوستن سامان وٺي ڏنو. صرف هٿ ڏيڻ جي پوليس اجازت ڏني.

ڪامريڊ حسين بخش پري کان پڇيو تہ طبيعت ٺيڪ آهي؟ وقت کي مڙس ٿي منهن ڏجو. ان تي مون کيس سچل سرمست جو شعر ٻڌايو:

صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ريءَ نہ صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي

8_3_80

منظور پنهور ايف. آئي. يو فوجي چانوٽي مان موٽي آيو. جنهن ٻڌايو تہ عبدالصمد ڪانڌڙو اڃا تائين

فوجين جو مهمان آهي. هن ٻڌايو تہ اسان تي چڱو موچارو تشدد ڪيو ويو آهي. هن جي حالت بہ رحم جوڳي هئي.

9_3_80

پوليس جي اسپيشل گاڏي آئي، جنهن ۾ اسان کي سخت پهري هيٺ ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون. اڌ ڪلاڪ جي اندر اسان کي 16.3.80 جي شنوائي ملي. ملاقات لاءِ آيل دوستن يا مائٽن سان ملاقات ڪرڻ نہ ڏنائون ۽ انهيءَ گاڏيءَ ۾ واپس نارا جيل تي ڇڏي ويا.

16_3_80

سمري ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. سينٽرل جيل حيدرآباد کان سميع مڱريو شاگرد سنڌ يونيورسٽي ۽ هيرا لال شاگرد سنڌ يونيورسٽي بہ شنوائيءَ تي آيل هئا، پر پوليس اسان کي انهن سان بہ ملڻ نہ ڏنو ۽ نہ وري ملاقات تي آيل لطف عباسي حيدرآباد ۽ ٻين دوستن سان هٿ ملائڻ ڏنو. وري شنوائي 29.3.80 تي ملي.

19_3_80

اڄ منظور پنهور آزاد ٿي جيل جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول مان نڪري ٻاهرين کُليل هوا جو هڳاءُ ورتو.

29_3_80

اڄ اسان کي عام قيدين سان گڏ پوليس جي گاڏيءَ ۾ سمري ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون. اُتي منهنجو ننڍڙو ڀاءُ ارباب علي شاهه ۽ منهنجو عزيز قربان علي شاهه لڪياري، وڪيل ۽ ٻيا ساٿي بابر جوڻيجو ادل سومرو شاعر، فضل حق سولنگي ميمبر جساف، قادر بخش عباسي ميمبر سپاف ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا هئا. اڄ منهنجو ماروٽ غلام سرور شاهه ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو ۽ ٻڌايائين تہ بابي مون کي موڪليو آهي تہ اسان توهان جي ننڍي ڀيڻ جو مڱڻو ڪرڻ چاهيون ٿا، توهان اجازت ڏيو. ان ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مون کي سخت پيڙا محسوس ٿي ۽ مون ڪيس چيو تہ بابو ۽ امان زنده آهن، مان ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهان. شنوائي وري 12.4.80 تي ملي.

5_4_80

سپاف ۽ مهراڻ يونيورسٽي جو سپاف شاگرد قيدي مظهر بلوچ چڪر جمعدار کان اجازت وٺي ستار موريو ۽ مون سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ اسپيشل وارڊ ۾ آيو. ساڻس ماضيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي شاگرد سياست تي بحث ٿيو جنهن ۾ هن تسليم ڪيو تہ سپاف جا شاگرد صرف جذباتي آهن، نظرياتي طرح

سان هنن وٽ ڪوبہ مواد ڪونہ آهي ۽ ان جي پيٽ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا شاگرد نظرياتي آهن ۽ انهن ۾ قربانيءَ جو مادو تمام گهڻو آهي. شام جو موڪلائي چڪر ڏي ويو.

6_4_80

جيل سپريٽنڊنٽ ستار ۽ مون کي ماڙيءَ تي گهرايو ۽ چيائين تہ توهان جيل جي قانون جي پيچڪڙي ڪري خط لکو ٿا ۽ خط اسان کي ڪڍي ڏيکاريائين. جيڪو مون سپاهي علي شير مستوريءَ جي هٿان پنهنجي عزيز قربان علي شاهہ لڪياري وڪيل کي خير صلح جي حال احوال لاءِ لکيو هو. چاڪاڻ تہ جيل ۾ اسان جي ملاقات بند هوندي هئي. انهن ڳالهين دوران ڊپٽي سپريٽنڊنٽ لعل محمد سومرو خاموش ويٺو هو. ليڪن اُن ڏاڍي هلڪڙائيءَ واري انداز سان چيو تہ اسان توهان کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ٿا ڪيون. ان تي اسان کيس چيو تہ هتي بہ جيل آهي ۽ هُتي بہ جيل آهي. سينٽرل جيل تي اسان جو ساهہ ڪونہ ڪڍي ڇڏيندا. پلي موڪليو. بعد ۾ جيل سپريٽنڊنٽ وچ ۾ ڳالهائي اسان کي ٿڌو ڪيو ۽ ٻين موضوعن تي ڪچهري ڪيائين ۽ ٿڌو بہ پياريائين.

10_4_80

اڄ جيل تي نئون ڊاڪٽر هادي بخش لغاري بدلي تي آيو آهي. اسان جي وارڊ ۾ چڪر ڏيڻ آيو ۽ اسان کان صحت بابت پڇا ڳاڇا ڪيائين. اسان کيس چيو تہ مانيءَ ۾ اٽو تي مٽي مليل آهي ۽ دال اهڙي آهي جو صرف ڏپ دال جي هوندي اٿس. باقي گرهہ پوڙي کائڻ مهل پاٽيات بغل وجي ڪٽندو آهي ۽ جيل جا ڪٽا اهڙا آهن جو هر هڪ ۾ مڻ مٽيءَ جو ۽ لاتعداد جُون اٿس. ان ڪري بدن ۾ هر وقت خارش رهي ٿي ۽ وارڊ ۾ صفائيءَ جو بندوبست بہ اٽپورو آهي. ان تي ڊاڪٽر چيو تہ مون وٽ صرف هاضمي جون ٽڪيون آهن. باقي مون وٽ بجيٽ ئي ڪانہ آهي جو توهان کي خارش جي دوا يا ڪير وغيره لکي ڏيان ۽ ائين ڪلندو وارڊ مان ٻاهر نڪري ويو. نظام الدين پنهور شنوائيءَ تي دادو ويل هو اتي کيس منهنجي هاسٽل جي روم پارٽنر ۽ پياري ساٿي شيخ مجيب الرحمن اسان ڏي خط لکي ڏنس. جيڪو اسان کي اچي ڏنائين.

12_4_80

اڄ ستار موريو ۽ مون کي عام قيدين سان گڏ پوليس ٽرڪ ۾ ملٽري ڪورٽ ۾ وٺي آيا. اتي سينٽرل جيل تان قيدي آفتاب دائودي، فاضل راهو عالم شاهہ بخاري بہ شنوائيءَ تي آيا، جن سان دُعا سلام ٿي ۽ سڀ ڪو پنهنجي واسطيدار ماڻهن ۽ دوستن سان ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيو. اڄ ملاقات تي برادرم ارباب علي شاهہ، عزيزم قربان علي شاهہ. شهر سٽ ميل کان حاجي ٻيڙو مير جت ۽ يونيورسٽيءَ مان امير علي

قريشي، فضل حق سولنگي ۽ گل محمد ڏَل آيا.

18_4_80

قيدي امان الله شاهاڻي اسان جي وارڊ ۾ آيو ۽ ٻڌايائين تہ سندس مير فيض محمد چُڪيءَ واري قتل جو ڪيس هاڻي مير علي احمد ٽالپر جي ڪوشش سان اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ هلندو. پاڻ ڏاڍو پريشان هو ۽ ٻڌايائين تہ اسان جو صوبيدار غلام رسول لاشاري ۽ ٻيا سپاهي نظام پنهور، مشتاق عباسي، علي محمد، محمد ايوب شورو عرف جان من (جيڪي پڻ قيدي آهن) سڀ سخت پريشان آهن. ڇاڪاڻ تہ اسپيشل ملٽري ڪورٽ مان ڪنهن بہ قيديءَ جو آزاد ٿيڻ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي بہ ان ڪورٽ مان سواءِ عمر قيد ۽ سزائي موت جي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ مليو آهي. ستار ۽ مان پڻ ساڳئي ئي مرض جا مريض، سواءِ زباني همدرديءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهياسين.

19_4_80

صبح جو ورزش ڪري آرام ڪيوسين ۽ سڄو ڏينهن سستيءَ ۾ گذاريوسين.

20_4_80

اڄ اسان کي نالي اڪبر عرف پوو برداشتي ڏنو اٿن. ڏسڻ ۾ تہ صفا ٻشني ٿو اچي ۽ جيل جي ڪاري ٽوپي آهي. (ڪاري ٽوپي يعني اهو قيدي جيڪو بار بار سزا وٺي جيل ۾ ايندو رهي ۽ آزاد ٿيندو رهي) بهرحال، وقت پاس ڪرڻو آهي. اڄ ٻپهري ۾ دال گذريل ڏينهن جي پيٽ ۾ بلڪل ڪائڻ جهڙي نہ هئي. اسان پيتو واپس ڪيو. بعد ۾ دال کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ٺاهي کڻي آيا. اسان ان دال کي بصر جو داڳ ڏئي کائڻ جهڙي ڪئي. اسان تہ سياسي قيدي آهيون. اسان کي بہ اهڙي دال ملي ٿي تہ عام قيدين کي ڪهڙي دال ملندي هوندي

21_4_80

اڄ اسان جي وارڊ جي ڏکڻ پاسي وارين ڪولين ۾ هڪ قيدي نالي حاجي يار محمد راڄپر ڪنڊيارو جي کي ڪوليءَ ۾ اچي بند ڪيو اٿن. سڄي رات رڙيون ڪري ۽ نعرا هڻي رهيو آهي. رات واري سپاهي کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ چريو آهي. سمجهہ ۾ ڳالهہ نٿي اچي تہ هڪ چريو ٻيو بند ڪوليءَ ۾، يعني تہ ڪائڻ، پيئڻ، هنگڻ، مٽڻ ان ئي ڪوليءَ ۾ تہ ان ماڻهوءَ جو تہ اڳيون دماغي توازن بہ بگڙي ويندو. بجاءِ سڌرڻ جي اهو انسان وڌيڪ پاڳل ٿي ٿو وڃي.

22_4_80

اڄ امان الله شاهاڻي وارن جي ”بي“ ڪلاس وارڊ مان هڪ برداشتي نالي پناڻ بادشاهه خان صوبي

سرحد جي ڊِير شهر جو آهي، آزاد ٿي ويو. ڪانئس جيلر عبدالرشيد چار سؤ روپيه رشوت ورتا. جيڪي سندس ماڙيءَ ۾ جمع ٿيل هئا. اها حقيقت اسان کي ميرپور خاص جي قيدي منشي محمد صالح سمون ٻڌائي.

23_4_80

منشي محمد صالح سمون جيڪو ميرپور خاص جو شاگرد (قيدي) آهي، منهنجو ”قيدي سڃاڻپ ڪارڊ“ ڪٽي آيو ۽ مون کي اڄ خبر پئي ته مون تي مارشل لا ريگيوليشن هڪ، پنج، نَوَ تي، ويهه وري وري لڳل هئا ۽ تي سؤ ست، سؤ ستيتاليهه، سؤ انيتاليهه، سؤ اٺونجاهه پي.پي.سي لڳل آهن. اڄ ڪانئون ڪونه مليون. ڇا ڪجي؟ هڪ ته ”سي“ ڪلاس جا قيدي، ٻيو وري جيڪا ٿوري گهڻي سهوليت ملي آهي، سا به هلي ويندي. ان ڪري ڪٽي ماٺ ڪئي سون. ٿوريون گهڻيون جيڪي ٻچيل ڪانئون هيون، انهن تي دال کي تڙڪو ڏئي اندر جي باهه اجهائي سون. ”بي“ ڪلاس جي امان الله شاهاڻيءَ کي چيم ته ”اسان توکي پئسه ڏيون ٿا، سائي ڀاڄي اسان کي گهرائي ڏي“ جنهن تي چيائين ته مان داد شير سپاهي کي چوان ٿو. توهان ان کي پئسه ڏيندؤ ته ڀاڄي وٺي ايندو.

24_4_80

صبح جو داد شير سپاهي کي ڏهه روپيه ڏنم، جيڪو توريون، بصر ۽ ٽماٽا وٺي آيو. اڄ ٻهاري پارٽيءَ جي اڳواڻ قيدي ڪيشيءَ ٻڌايو ته هتي جيل ۾ ڪم لاءِ مختلف پارٽيون ٺهيل آهن، جن ۾ ٻهاري پارٽي، ليپا پارٽي، ڪڏا پارٽي، چڻن ٻيڙي پارٽي، بورچي پارٽي، هر هڪ پارٽيءَ جو مختلف ڪم آهي. اڪبر پوي ٿئي ويلا ڀاڄي تيار ڪري ڏني. رات جو ڪافي دير تائين حاجي يار محمد راڄپر چريو جا بند وارڊ مان نعرا پئي ٻڌا ۽ اهو دروازي کي زور سان کڙڪائيندو رهيو.

25_4_80

چرئي راڄپر جي ٻکن جي دانهن تي پنهنجي ماڻيءَ مان ڪجهه حصو ۽ چانهه ڪيس ڏنم. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آئنده جي لاءِ به اهڙي فرمائش ڪيائين. حقيقت ۾ هن جو ڏوهه به ناهي. قد اٽڪل ساڍا ڇهه فوٽ ۽ ماني ويلي تي به ڊبڙيون ملنس ته ان جو ڪهڙو حشر هوندو. ان ڪان پوءِ ليپا پارٽي لاءِ اڪثر پاٽي هن چرئي ڪان پرائيندا آهن. رڳو هُشي ڏئي ڇڏيندا اٿس ته چار دبا پاٽيءَ جا هڪ ئي چڪر ۾ کنيو ايندو آهي ۽ مست اُٺ وانگر گجندو ۽ گڙندو ايندو آهي.

26_4_80

معمول مطابق ورزش ۽ ناشتو ڪري شنوائيءَ لاءِ تيار ٿي ملٽري ڪورٽ پهتاسين. اُتي سينٽرل جيل

حيدرآباد ڪان آفتاب دائودي ۽ ساغر سميجو به آيل هئا. برادرم ارباب علي شاهه ڪُڪڙ جي ياجي پچرائي ڪٽي آيو هو. سنگت سان گڏجي ماني ڪاڌي سون. ملاقات لاءِ مامون اسماعيل شاهه، مامون فيضل شاهه، ماسات حاجن شاهه، ماروث علي انور شاهه، رجب علي سينار، مُلو الهندو ڪانُهه آيا. ڪالهه جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي باڊي جي اليڪشن ٿي گذري، پر ڪوبه اهڙو تنظيمي دوست ملاقات لاءِ نه آيو جو خبر پئجي سگهي ته ڪهڙا عهديدار چونڊجي آيا؟ شام جو نارا جيل تي پهتاسين ته عبدالرشيد جيلر، ستار موريو ۽ مون کي چيو ته پنهنجون مڪمل ائڊريسون لکرايو چاڪاڻ ته مارشل لا وارن گهرايون آهن. اسان ڪيس ائڊريسون لکرايون.

27-4-80

داد شير سپاهيءَ کي ياجيءَ لاءِ پئسه ڏنم. جنهن ياجي وٺي آڻي ڏني.

28-4-80

اڄ جيل جي مانيءَ سان گڏ ڊيزل آڻي ڏنائون. (جيل جي زبان ۾ گوشت واري ياجيءَ کي ڊيزل يا گهوڙو سڏيندا آهن) حقيقت ۾ ان گوشت واري ياجيءَ ۾ ڪجهه هڏا هئا. جيڪي خبر ناهي ته ڇا جا آهن؟ انهن ۾ بيٺ، پينڊيون، واڱڻ، ٽماٽا، لُلُر، واهو بصر ۽ سائو گاهه لوسڻ وغيره به گڏيل هوندو اٿس. حقيقت ۾ گوشت جنهن مهل ٺيڪيدار جي ماڙيءَ ۾ ڪٽي پهچندو آهي ته ان وقت جيل سپرينڊنٽ جي ياجيءَ لاءِ، ڊپٽيءَ لاءِ، جيلرن لاءِ ۽ جيڪي جيل سپرينڊنٽ جا منظورِ نظر سپاهي هوندا آهن، انهن لاءِ سٺو سٺو گوشت ڪڍيو ويندو آهي. رهيل ڪسر وري بورچي خاني جا پڪا قيدي پنهنجي لاءِ ڏار ياجي تيار ڪري پوري ڪندا آهن. باقي عام قيدين لاءِ سواءِ هڏن جي ڇا بچندو؟ ستار پنهنجي ڏاڏي حڪيم سراج الدين کي لاڙڪاڻي خط لکيو.

29-4-80

امان الله شاهاڻي اڄ شنوائيءَ تي ٿي ويو. اسان ڪيس خط لکي ڏنا ته ٻاهران لفافا وٺي روانا ڪري. غلام رسول لاشاريءَ ٻڌايو ته سنڌن قتل ڪيس خصوصي ملٽري ڪورٽ ۾ نه هلندو. ڇاڪاڻ ته اهڙو منع نامون سنڌ هاءِ ڪورٽ جاري ڪيو آهي. ساڻس گڏ مشتاق عباسي، ايوب شورو به گڏجي آيا ۽ ڏاڍا خوش هئا. اڄ جيل مان هڪ چين بيڙي پارٽيءَ جو قيدي ٻاهران ڪم تان ڀڄي ويو. اسان جي هتي هئڻ ۾ هي ٻيو قيدي ڀڳو آهي. خبر ناهي ته پئسه وٺي ڇڏين ٿا يا سچي پچي ڀڳو آهي؟

30-4-80

صبح جو خبر پئي ته ڀڄي ويل قيدي رات ساڍي يارهين بجي گرفتار ٿيو ۽ ان کي جيل ۾ وٺي آيا

اٿس. ڪيس اگهاڙو ڪري، ڪارو منهن ڪري، گڏهه تي چاڙهي جيل ۾ سرڪس گهمايائونس ۽ آخر ۾ ڏاڍي آڌ سوٽ ڪري بند وارڊ جي ڪوليءَ ۾ وجهي ڇڏيائونس.

اسان جي برداشتي اڪبر پوو ٻڌايو تہ چڪر جمعدار علي نواز چانديو ڪيس ڏاڍي مار ڪئي آهي. اڪثر قيدي چڪر جمعدار جي ظلم جي ڏاڍ جي شڪايت ڪندا آهن، پر جيل سپرينٽنڊنٽ جو ”ڪاٺو پٽ“ آهي، ان ڪري وينو مستيون ڪري.

اڄ شام جو چريو راڄپر جنهن کي جيل جا قيدي اُٺ فقير سڏيندا هئا، اسان جي وارڊ ۾ آيو. ستار ۽ مون کيس منٿ ڪئي تہ رات جو دروازو نہ کڙڪائيندو ڪر، جنهن تي مطالبو ڪيائين تہ پنج سگريٽ ڏيو تہ سڄي رات ڪوليءَ جو دروازو ڪونہ کڙڪائيندس. اسان کيس سگريٽ ڏنا.

رات جو اٽڪل يارهين بجي ڪان پوءِ اُٺ فقير وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي چئي پيو تہ سائين علي محمد شاهہ! سپاهيءَ هٿان سگريٽ موڪل، نہ تہ مان دروازو کڙڪايانءِ ٿو. سگريٽ مون ڪونہ موڪليا ۽ اُٺ فقير سڄي رات دروازي کي زور سان کڙڪائيندو رهيو.

1_5_80

اڄ سڄي دنيا ۾ مزدورن جو ڏينهن ملهايو پيو وڃي، پر افسوس ان ڳالهہ جو اٿم تہ اسان جي سنڌي مزدور يا سنڌي هاريءَ جي ڪابہ عزت ڪانہ آهي. جڏهن ديرو بنئي لاءِ تيار ٿيندو تہ وڏيرو يا رئيس جو ڪمدار اَنُ ميڙي چوندي ڪٽي ويندا ۽ هاري ويچارو ساڳيو پوتي ڪُلهي تي رکي، رئيس يا وڏيري جي اوطاق تي پٽ تي ويهي اَن جي مڻ لاءِ وينو منٿون آزيون ڪندو. ساڳي جاءِ تي غير سنڌي مزدور يا هاري خوش پيو وقت گذاري. شايد هن ڪائنات ۾ اسان جي پيڙهيل سنڌي مزدور يا هاريءَ جو ڪير بہ پرجهلو نہ آهي جو اسان جي غريب ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن جا ڏکيا ڏينهن ختم ڪرائي. هتي جيل ۾ وڏيرن ۽ رئيسن جا ستايل ڪيترا ئي سنڌي هاري آهن، جيڪي پنهنجي درد جا داستان ٻڌائي سڏڪي سڏڪي روئي ڏيندا آهن ۽ ٻڌائيندا آهن تہ اسان پنهنجن ٻچن جي ڇپن تان ڪير جو وٽو لاهي، مينهن يا ڳئون ڪپائي يا پنهنجي عورتن جا ڳهہ گروي رکائي يا ڪپائي وڏيرن جا قرض پريندا آهيون يا هن جيل مان پنهنجي جان آزاد ڪرائيندا آهيون. سڄو ڏينهن درد، پيڙا ۽ ذهني عذاب ۾ گذريو. خبر ناهي تہ اسان جا سنڌي ماڻهو ڪڏهن متحد ٿيندا ۽ هن ڪوڙجي ڪاڪ محل کي ڍاهي پٽ تي هٽي پرزا پرزا ڪندا.

2_5_80

ڪوٽڙيءَ جا بہ شاگرد عبدالستار ميمڻ ۽ محمد ايوب پناڻ خون جي ڪيس ۾ گرفتار ٿي آيا آهن.

چڪر جمعدار علي نواز چانڊيو کي گهرائي چيم تہ انهن شاگردن جي اسان سان ڪچهري ڪراءِ. منجهند جو انهن سان گڏ ڪيشي، پپو پوو ملڻ آيا. صرف ٽي منٽ مس ويٺا تہ چڪر جمعدار ڏڪندو آيو چيائين تہ صاحب ٿو اچي، مهرباني ڪري هلو.

بورچي خاني جي هڪ سنڌي بورچي اسان کي ڪچي پالڪ ڏياري موڪلي. داد شير سپاهي اسان جي لاءِ سائي پاڄي شهر مان وٺي آيو. هر وقت اسان کي انديشو رهي ٿو تہ اسپيشل وارڊ ۾ پاڄي رڌڻ جي ڳالهہ ظاهر نہ ٿئي، چاڪاڻ تہ اسان کي جيڪي ڪاٺيون ملن ٿيون. ان لاءِ جيل سپريڊنٽ جو حڪم آهي تہ پاڄيءَ کي ٽڙڪو ڏيارڻو يا رڌڻو آهي تہ ”بي“ ڪلاس وارڊ مان نهرايو. اڄ ستار ۽ مون يونيورسٽيءَ ۾ گذريل وقت جي پوليس ڇاپن ۽ گرفتارين تي بحث ڪيو تہ اُهي ڪهڙا سبب آهن جو گهڻو ڪري پوليس جا ڇاپا ڪامياب ٿا وڃن. گهڻي بحث ڪان پوءِ ان ڳالهہ تي متفق ٿياسون تہ يونيورسٽي جا شاگرد مخبري ڪن ٿا.

3_5_80

صبح جو پنهنجي وارڊ ۾ رهياسين. شام جو ڊپٽي سپرينڊنٽ لعل محمد سومرو آيو. ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪيائين. ڪالهہ ڪان ”چڪر“ جا ٽي قيدي اسان جي ڏاڪٽڻ پاسي وارين ڪولين ۾ بند ڪيا اٿن. ڪين ڏنڊا پيڙيون لڳل آهن ۽ سندن ڪانڇن جا اڳٽ بہ نڪتل آهن. صبح، شام ڏهہ ڏهہ ڏنڊا پيرن جي ترِين تي هڻندا اٿن. هنن جو ڏوهہ صرف اهو آهي تہ دال ڪائڻ جهڙي نہ هوندي آهي، ان ڪري اندر چڪر ۾ هڪڙي زبون، پراڻي بيرڪ ۾ پيل آفيس جي پڳل دروازي مان ڪاٺيون ڪڍي دال کي ٽڙڪو ڏئي ڪاڏائون.

4_5_80

ڪالهہ ڊپٽي سپريڊنٽ اسان سان واعدو ڪيو هو تہ توهان کي شام جو دير سان بند ڪيو ويندو ان ڪري داد شير سپاهيءَ کي موڪليوسين تہ ڊپٽيءَ کان پڇي اچي تہ ڪهڙي ٽائيم تي بند ڪجين؟ ڊپٽيءَ ڪيس چيو تہ معمول مطابق، جيئن ڇهين بجي بند ڪندو آهين، تيئن بند ڪري ڇڏين. حقيقت ۾ مون کي ڪالهہ ڊپٽيءَ جي گهڻي ڳالهائڻ ۽ هر ننڍي وڏي ڳالهہ تي قسم پيو کڻي، ان ڪري مون کي شڪ ٿي پيو هو تہ هن مان غذا ڪانہ ٿيندي ۽ ٿيو بہ ائين.

غلام عباس عرف ڪيشيءَ ٻڌايو تہ علي نواز چانڊيو چڪر عملدار چيو آهي تہ ڪوٺڙيءَ جي ٻن شاگردن ستار ۽ ايوب کان ڇهہ سؤ روپيہ رشوت جا وٺي ڏي، چاڪاڻ تہ سپريڊنٽ صاحب گهري ٿو ۽ هنن کان ڪم بہ ڪونہ ڪرائبو ۽ ماني بہ پلي گهر جي کائن.

بهرحال، ستار ۽ ايوب پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي ۾ ڪين ڇوڪرا وارڊ مان ڪڍي چڪر ۾ موڪلي ڇڏيائون تہ جيئن اتي هنن تي سختي ڪئي وڃي. پئسہ نہ ڏنائون، ان ڪري گهر جي ماني بہ بند ڪري ڇڏيائون.

5_5_80

اڄ پناڻ سپاهي داد شير جي ڊيوٽي تبديل ڪري ان جي جاءِ تي عبدالستار شاهہ پناڻ سپاهي کي رکيو اٿن.

ستار موريو شنوائيءَ تي ويو. وارڊ ۾ اڪيلو هئڻ ڪري اڪبر پوو شام تائين مون وٽ هو. اڍائي بجي ڌاري ستار موٽي آيو ۽ ٻڌايائين تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سيمسٽر بريڪ هئڻ ڪري پندرنهن ڏينهن يونيورسٽيءَ کي بند ڪري ڇڏيو اٿن، جنهن ڪري ڪوبہ يونيورسٽي جو ساٿي ملاقات تي ڪونہ آيو. رات جو ڊيوٽيءَ تي نئون سنڌي سپاهي چلگري آيو آهي ۽ پنجابي سپاهي محمد حسين جي ڊيوٽي بُرجيءَ تي لڳي آهي.

6_5_80

شنوائيءَ تي ملٽري ڪورٽ ۾ ويس. اُتي راشد مورائي، دادن ڏاهري، فرمان علي شاهہ، عزيزم قربان علي شاهہ ۽ برادرم ارباب علي شاهہ ملاقات لاءِ آيا. راشد مورائي منهنجي هٿڪڙين کي چميون ڏنيون ۽ چيائين تہ: ”سنڌڙيءَ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ هڪ قومي ڪارڪن جي هٿن ۾ هٿڪڙين کي منهنجو سلام آهي.“

19_5_80

صبح جو امان الله شاهاڻي، سليم جانگير، نديم ۽ پرويز پناڻ وارا ڪچهري ڪرڻ آيا. چانهہ گڏجي پيتي سون. سنگت کان موڪلائي اسان پوليس ٽرڪ ۾ چڙهي ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائيءَ تي آياسين. ڪورٽ ۾ ڊيوٽيءَ تي اي.ايس.آءِ سان ڪوليءَ ۾ بند ٿيڻ تان تلخ ڪلامي ٿي پئي. ستار ۽ مون کي زبردستي پوليس ٽرڪ ۾ بند ڪيائون، پر بعد ۾ اسان جي ملاقات تي آيل مائٽن ۽ ساٿين طرفان ڪتن کي سٽيو گرهہ ڏنو ويو ۽ اسان کي پوليس ٽرڪ مان لاهي ملاقات ڪرايائون. اتي عزيزم قربان علي شاهہ، فرمان علي شاهہ، فتح علي شاهہ، سنڌ يونيورسٽي مان نواز ڪوسو ۽ ڪراچي يونيورسٽي مان اسحاق تنيو ملاقات تي آيا. ستار موريو جو ڏاڏو حڪيم سراج الدين ۽ سندس وڏو ڀاءُ محمد عمر ملاقات لاءِ آيا. سندس ڀاءُ سان مون ڪچهري ڪرڻ چاهي، ليڪن سندس مغرور ذهنيت ۽ سخت مزاج هئڻ جي ڪري ساڻس وڌيڪ ڪچهري ڪرڻ مناسب نہ سمجهيم.

دل ۾ ڏاڍو ڏک ٿيم. اڪثر ڪري لاڙڪاڻي جي جيترن به دوستن سان ڪچهري ڪئي اٿم يا مليو آهيان ته انهن ۾ احساس برتريءَ وارو جذبو نمايان ڏسڻ ۾ آيو آهي.

نارا جيل تي واپس پهتاسين. جيل سپريڊنٽ سان ڪورٽ پوليس جي غلط ورتاءَ جي شڪايت ڪئي سون. جنهن ان جي آئنده شڪايت نه ٿيڻ جي يقين دهاني ڪرائي.

20_5_80

اڄ ورزش ڪانه ڪيم.

غلام رسول لاشاري ۽ امان الله شاهاڻي وارن جو ڪيس هاءِ ڪورٽ جي منع نامي جي باوجود ڪين اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ اڄ گهرايو اٿن. عجب ٿو لڳي، هاءِ ڪورٽ جي اختيارن جو ۽ ملٽري ڪورٽ جي طاقت جو. خبر نٿي پئي ته ڪهڙي طرح حڪومت جو نظام آهي.

سليم جهانگير، پرويز پناڻ ۽ مظهر بلوچ وارڊ ۾ ڪچهري ڪرڻ آيا. امين سپاهيءَ کي ضروري سامان وٺي اچڻ لاءِ چيم. پر شام جو واعدو ڪري نه آيو.

21_5_80

سامان لاءِ نظام الدين پنهور کي ستار پئسا ڏنا. سامان سپاهيءَ هٿان گهرائي ڏنائين. پر اٽپورو. يعني ته پئسو وچان سپاهي ڪائي ويو. ڊپٽي سپريڊنٽ قرب ڪري برف ۽ اخبار موڪلي.

22_5_80

اڄ امان الله شاهاڻي آيو ۽ چيائين ته توهان جي برداشتي پوو ۽ اُٺ فقير جو ملاڪڙو ٿئي. هاڻي اُٺ فقير جو قد ساڍا ڇهه فوٽ ۽ اڪبر پوي جو قد ساڍا چار فوٽ. ملاڪڙو شروع ٿي ويو ۽ اڪبر پوو اُٺ فقير کي دسي ويو پر اسان اُٺ فقير کي خوش رکڻ لاءِ چيوسون ته تون دسي ويو آهين. پوءِ رڳو ٽپا، ناچ ۽ نعرا پيو هڻي. سليم جانگير ۽ پرويز پناڻ ڪچهري ڪرڻ لاءِ آيا پئي ته واٽ تان ڪين پنجابي جمعدار چراغ موٽائي ڇڏيو. سچ پچ اسان لاءِ ته جيل ۾ به ٻيو جيل آهي. ڪوبه ملڻ لاءِ وارڊ ۾ اچي ٿو ته ان کي تنگ ڪيو ٿو وڃي. اڄ اُٺ فقير کي بند وارڊ جي ڪوليءَ مان ڪڍي چڪر ۾ اماڻيائون. ڪيس اسان کان جدائيءَ جو ڏاڍو ڏک هو.

23_5_80

ستار موريو، امان الله شاهاڻي ۽ مان اسپيشل وارڊ جي ٻاهران ڪٿو وڇائي ويٺا هئاسون ته ايوب شورو عرف جانِ مَن آيو. ستار ۽ مون کي منجهند جي مانيءَ جي ”بي“ ڪلاس وارڊ ۾ دعوت ڏنائين. پڇڻ تي ٻڌايائين ته سندس معشوق نديم مهاجر ڇوڪرو آزاد ٿئي ٿو ان جي خوشيءَ ۾ دعوت ڪئي اٿم.

هن جي وجهه کان پوءِ امان الله ٻڌايو ته عاشقيءَ جو ناجائز فائدو وٺي اسان نديم سان صلاح ڪري ڪيس آزاديءَ جي ڪوڙي خبر ٻڌائي ماني ڪارائڻ لاءِ تيار ڪيو آهي.

منجهند جي ماني سيني ڳڏجي ڪاڌي. بعد ۾ نديم اردوءَ ۾ غزل ڏاڍي سُريلي آواز ۾ ٻڌايا ۽ جانِ مَنِ مٿانئس اور گهور پئي ٿيو. قيدي گلبهار چانڊيئي مون کي سنڌي ٽوپي، سنڌ جي نقشن سان ٿهيل ڏني. ٽوپيءَ تي ڏاڍي سٺي محنت ڪيل اٿس.

24-5-80

اج اُٺ فقير چڪر مان زوريءَ پڇي اسان جي وارڊ ۾ اچي پهتو. اسان کيس ماني کارائي ۽ سگريٽ پياريو.

ستار موريي اڪبر پوي کي چيو ته اُٺ فقير کي چيڙاءِ ۽ هن اُٺ فقير جا چيڀارا ڪڍيا ۽ هُو چڙي پيو ۽ پاڻ ۾ وڙهي پيا. وڙهڻ دوران اُٺ فقير کان هينان ڏماڪي سان آواز نڪري ويو ۽ پوءِ اهڙو ته اچي مچريو جو موراڳي پوي کي اُڦٽ پئي مارياڻين. چي تون مون کان ٽِٽ ڪڍيو آ، مان توکي جيئرو نه ڇڏيندس. سُورن سان اڪبر جي جان ڇڏائي سون ۽ اُٺ فقير پوي کي گاريون ڏيندو چڪر ڏانهن هليو ويو. شام جو امان الله شاهاڻي، مظهر بلوچ ۽ ڪوٽڙيءَ جو ميمڻ نوجوان ڪچهريءَ تي آيا. امان الله جنگ ۽ عبرت اخبار پڙهڻ لاءِ ۽ ننڍڙو ريڊيو پاڪيٽ سائيز ٻڌڻ لاءِ ڏئي ويو. گرفتار ٿيڻ کان وٺي اڄ تائين ريڊيو ڪونه ٻڌو اٿئون، سو ڏاڍو ٻڌڻ ۾ لطف پيو ڏئي. رات جو بي.بي.سي تان خبرون ٻڌيون سون، خاص طرح جيڏي مهل سيريبين جو پروگرام آيو ته مان ڪلڻ لڳس. ستار ڪلڻ جو سبب پڇيو ته مون کيس ٻڌايو ته منهنجو مامون اسماعيل شاهه سيريبين کي ”خير دين“ چوندو آهي.

25-5-80

امان الله ريڊيو ڪٽي ويو. سليم جهانگير، نديم ۽ پرويز پناڻ ڳڏجي اسان جي وارڊ ۾ ڪچهريءَ تي آيا. ايوب شورو عرف جانِ من به نديم جو پيرو ڪٽي اچي اسان وٽ پهتو. بس پوءِ ته نديم کي ڏسيو باغ و بهار پيو ٿئي. مان جيئن وارڊ جي دروازي جي ٻاهران بينو هئس ته هڪ نئون قيدي نالي عبدالسليم پناڻ مون سان اچي مليو ۽ مون کي ٻڌايائين ته حيدرآباد شهر کان ٻاهر قومي شاهراهه تي هوٽل اٿس. ناجائز طريقي سان ڪنڊ جي بوري ورتي هئائين، جنهن تي گرفتار ٿي جيل پهتو آهي. گهٽي پاٽي پرڻ ۽ ليپي وارو ڏنڊو زمين تي هلائڻ جي ڪري سندس هٿن مان رت پيو وهي. مون کي منٿ ڪيائين ته منهنجي هن ڪم مان جان ڇڏاءِ. مون کيس چيو ته مان پاڻ تو وانگر قيدي آهيان، منهنجي ڪير ٻڌندو؟ بعد ۾ جيل جي پنجابي صوبيدار ولي محمد سان وچي مليو ۽ کيس ڏيڍ سؤ روپين جي آڇ ڪيائين ۽ ڪم

ڪرڻ مان جان ڇُٽي ويس. شام جو امان الله وري ريڊيو ڏئي ويو. سپاهي هاشم چلگريءَ رات جو بي سري آواز ۾ ڪلام ٻڌايا. قيدي آهيون. ان ڪري مجبورًا ڪلام ٻڌڻا پيا ۽ واهہ واهہ ڪرڻي پئي.

26_5_80

شنوائيءَ تي وياسين. برادرم راشد علي شاهہ ”راشد“ موراڻي، برادرم ارباب علي شاهہ ۽ ٻيا ساٿي حفيظ قريشي جونيئر، ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو، رسول بخش ٿيٻو، عبدالحق ڪانڌڙو، حبيب الله ناريجو، فضل حق سولنگي، پيارو شيخ مجيب الرحمن، قادر بخش عباسي، شفيع محمد ڪرناٽي ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا. هونئن تہ سيني ساٿين جا لک قرب، پر خاص طرح سان راشد موراڻي جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جو غريبي حال آهر بہ ملاقات تي ايندو رهي ٿو ۽ پنهنجي علمي درياهہ مان ڪچهريءَ ۾ بہ تي ڏُڪ پرائي وڃي ٿو. شيخ مجيب الرحمن ڪپڙن جو وڳو ڏئي ويو.

27_5_80

اڄ اخبار ۾ مارشل لاءِ جا سخت احڪامات جاري ڪيا اٿن، جن جي پڙهڻ ڪان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جو جڻ وجود ئي ختم ڪيو ويو آهي. ان ۾ چيف مارشل لاءِ ايڊمنسٽيٽر جي ”مارشل لاءِ آرڊيننس“ ۾ مارشل لاءِ ڪورٽن جي فيصلن کي چيلنج نٿو ڪري سگهجي ۽ مارشل لاءِ ڪورٽن کي اهو اختيار ڏنو ويو آهي تہ ڪهڙي بہ قسم جو ڪيس جيڪو سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ هجي، ان کي اتان آرڊر ڏئي گهرائي پنهنجي ڪورٽ ۾ هلائي سگهن ٿيون. غلام رسول لاشاري ۽ امان الله شاهاڻي ڪچهري تي آيا ۽ اجوڪي فيصلي جي ڪري سخت پريشان آهن.

28_5_80

مارشل لاءِ انتظاميہ طرفان جيل سپريڊنٽ کي حڪم ڏنو ويو تہ اوڻٽيهين تاريخ تي امان الله شاهاڻي ۽ غلام رسول لاشاريءَ وارن کي اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي. اها خبر جڏهن دوستن کي پئي تہ ڏاڍا پريشان ٿي ويا. اڄڪلهہ اسان جي وارڊ ڏانهن جيڪي بہ قيدي ڪچهريءَ لاءِ اچن ٿا تہ انهن تي اڳي جيتري سختي ڪانہ ٿي ڪئي وڃي، انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ جمعدار ۽ صوبيدار جو ڪيسو گرم ڪيو ٿو وڃي. مظهر بلوچ ۽ سليم جهانگير ڪچهري ڪرڻ آيا. برداشتي اڪبر پوي گهٽو نشو پيئڻ جي ڪري پاڃيءَ ۾ ايترو تہ لوڻ ۽ مرچ وڌائين جو کائڻ جهڙي ئي نہ هئي. رکي ماني کائي، پاڻي پي سمهي پياسين.

29_5_80

امان الله وارا شنوائيءَ تي ويا. ڪيس هلڻ شروع ٿيو اٿن. هاڻي ڏسون تہ اڳتي ڇا ٿو ٿئي؟ منشي

صالح سمون ۽ سليم جهانگير آيا. پندرهن روپيہ اوڌارا ۽ پنج روپيہ هڪ غريب قيديءَ جي آزاد ٿيڻ تي ڪيس پاڙي لاءِ گهربل هئا. مون ڪين ويهہ روپيہ ڏنا.

هتي جيل ۾ قيدين جا بہ پنهنجا اصول ۽ ضابطا آهن. مثال طور: جيڪڏهن ڪو قيدي ٻئي قيديءَ وٽ بنا ڪنهن ڪم جي ويو ۽ سندس پاٿاريءَ تي سيرانديءَ کان وينو تہ ان قيديءَ کي "لُوسي" سمجهندا آهن. خون واري ڪيس ۾ قاتل قيديءَ جي عزت ڪندا آهن. جيل ۾ ٻهاري ڏيڻ بي عزتي سمجهندا آهن، پوءِ پلي ان کي خوب موچڙا لڳن. پر ان قيديءَ کي "مڙس" ماٺهو ۽ پٽيل سمجهندا آهن. جنهن قيديءَ ٻهاري ڏني، ان کي پاڙيو سمجهندا آهن. هتي جيل ۾ جيڪا خاص ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي اٿم تہ اڪثر قيدي پنج ئي وقت نماز پڙهندا آهن ۽ قرآن شريف جو دور ڪندا آهن. جڏهن مان پڇندو آهيان تہ ٻاهر بہ نماز ۽ قرآن شريف پڙهندا آهيو؟ چوندا آهن تہ سائين! جيل ۾ اچي ڦاٿا آهيون، نہ تہ ٻاهر اسان کي ايتري واندڪائي ڪاٿي آهي جو وڏيرن ۽ رئيسن جون بيگرون وهون، مال متاع لاءِ گاهہ ڪيون، هَر ڪاهيون ۽ وري نمازون بہ پڙهون! ڪجهہ قيدين جو چوڻ آهي تہ اسان نماز هتي جيل ۾ اچي سکيا آهيون.

جيل ۾ نشو بہ عام جام آهي، جيڪو جيل وارن جي رضامنديءَ سان هلي ٿو. مثال طور: آفيم، چرس، ڀنگ، هيروئن ۽ مئڊريڪس جون گوريون اڪثر قيدي ڪائين ٿا. هڪ اهڙو قيدي بہ مون سان ملايائون، جنهن ٻڌايو تہ نشو ڪري وڃي مُصَلي تي نماز پڙهيم. جڏهن سجدي ۾ ويس تہ ننڊ ڪجي وئي ۽ اتي ئي نماز واري جاءِ تي سُمهي پيس.

30_5_80

ياءُ راشد مورائي جا ڏنل سمورا ڪتاب پڙهي ڇڏيا اٿم. پر وري بہ مهراڻ رسالي ۾ تاريخي مواد هئڻ ڪري پڙهي رهيو آهيان. اج ستار موريو کي امان الله نماڻي سائي ٻوٽي (ڀنگ) پياري آهي ۽ سوير ئي گهري ننڊ ۾ ستو پيو آهي.

31_5_80

اج ميمن علي جمعدار هڪ ملاقات تي آيل پٽي چوڪري کي گرفتار ڪرايو جيڪو پنهنجي دوست نديم سان ملاقات ڪرڻ آيو هو. هُو پنهنجي دوست لاءِ جيل ۾ وڪڻڻ لاءِ چرس ۽ آفيم ڪٽي آيو هو پر نديم سان جمعدار جي ڏيتي ليتيءَ جي حساب تان نہ ٺهڻ ڪري ان جي دوست کي گرفتار ڪرايائين. باقي هونئن تہ جيل ۾ نشو عام جام هلي ٿو.

1_6_80

صبح جو اٽڪل ساڍي اٺين بجي انسپيڪٽر جنرل آف جيلز مسٽر منظور احمد پنهور جيل جو اوچتو معائنو ڪيو ۽ اسان جي وارڊ ۾ به آيو. پندرنهن منٽ کن ڪچهري ڪيائين. جنهن مان مون اندازو لڳايو ته سخت مذهبي قسم جو ماڻهو آهي ۽ موجوده ٿيهتر واري آئين ۾ ترميم هئڻ ڪري "مردِ مؤمن" صدر پاڪستان ۽ چيف مارشل لاء ايڊمنسٽيٽر ضياء الحق لاءِ چڱي راءِ ڪونه اٿس. ماڙيءَ جو منشي ڪيشي، ستار موريي ۽ مون کي وٺڻ آيو ته ملاقات لاءِ هلو. اسان کي تعجب لڳو ته جيل تي اسان جي ملاقات بند آهي ۽ ڪير ملاقات لاءِ آيو آهي؟ وڃڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته حبيب الله ناريجو ۽ داؤ جو علي احمد پنهور ملاقات لاءِ آيا آهن. ٻڌايائون ته اسان توهان کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهيون.

ڪالهوڪي ٻنهي چوڪري جو ڪيس ڪورٽ ۾ چالان ڪري نارا جيل ۾ چڏي ويس. اسان جي وارڊ جي پٺئين پاسي بند وارڊ جي ڪوليءَ ۾ ڪيس بند ڪيو اٿن. مان ساڻس مليس ۽ ڪالهه واري حقيقت پڇيم. ٻڌايائين ته ميمن علي جمعدار مون کان پنجاهه روپيه گهريا ۽ مون ڪيس ويهه روپيه ڏنا. ان ڏيڻ وٺڻ جي حساب ڪتاب تان ڪونه ٺهياسين ۽ هن مون کي گرفتار ڪرايو.

2_6_80

اختر سپاهيءَ چيو ته وارڊ جو دروازو ٻاهران بند ڪري چڏيندس. ان تان ساڻس تلخ ڪلامي ٿي پئي. بعد ۾ پنجابي صوبيدار ولي محمد سان ڳالهايوسون. جنهن سپاهيءَ کي منع ڪري چڏي.

نذير احمد ساٿي حيدرآباد جي ستي لاڪ اپ ۾ اسان سان گڏ رهيو هو. اڄ هتي جيل ۾ آيو آهي. جيل جي قيدي اصولن موجب ڪيس شربت پياريم ۽ ڪجهه وقت لاءِ ساڻس ڪچهري ڪيم. سليم جهانگير ۽ پرويز پناڻ ڪچهريءَ تي آيا ۽ مون کي چيائون ته ڪرشن چندر جي ڪهاڻي "جب کيت جاگي" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏي. مون کين چيو ته ڪوشش ڪندس. شام جو امان الله شاهاڻي ڪراچي تي آيو. اڄ ڪچهريءَ جو موضوع "ٻهراڙيءَ جي زندگي" هو. مزيدار بحث ٿيو. ٽئي ڄڻا انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿياسين ته حقيقي سونهن، سوڀيا، محبت ۽ سنڌ سان سچي محبت ڪرڻ وارن اڪثر ڪري ٻهراڙيءَ ۾ جنم ورتو آهي.

3_6_80

چراغ جمعدار آيو جنهن چيو ته وارڊ جو دروازو ٻاهران بند ڪندس. توهان اندر وڃي ويهي رهو. ان تان ساڻس تلخ ڪلامي ٿي پئي. ايوب شورو عرف جانِ من سان نديم ڪاوڙجي پيو هو جنهن کي اڄ پرچائي خوشيءَ مان ٽپا ڏيندو اچي اسان کي ٻڌايائين ته نديم پرچي ويو آهي. پر طارق پرويز ۽ نديم جا لکيل خط ۽ تاثرات چوري ڪري ڪٽي آيو آهيان. جيڪي مون کي اچي ڏنائين. نديم جو هڪ خط

پڙهيم. جنهن ۾ لکيو اٿس تہ جيلر عبدالرشيد کي مون سرخ انقلاب لاءِ متفق ڪري ڇڏيو آهي. ”پر سندس عمر جي تقاضا کيس اجازت نٿي ڏئي.“ مون کي تہ هن جي خطن پڙهڻ کان پوءِ تعجب ٿو لڳي تہ پاڻ ”سستي اگهہ واري دوڪان“ (يوٽيلٽي اسٽور) تي ملازم هو ۽ اتان دوڪان جا پئسہ هضم ڪري ان ڪيس ۾ جيل جي هوا پيو کائي ۽ وري ٻڌائيندو آهي تہ مان سياسي باندي آهيان. ڇهن سٽن مهينن اندر پنج عاشق تبديل ڪيا اٿس ۽ حالت اها آهي تہ جيڪو ٻانهن ۾ ٿو هٿ وجهيس، ان کي ٽنگ ڪٽي ٿو ڏئي. شام جو امان الله شاهاڻي حبيب الله ناريجي جا سلام ڏنا.

4_6_80

اڄ وري بہ وارڊ جي دروازي بند ڪرڻ تان چراغ جمعدار سان مُنهن ماري ٿي پئي. اسان سپريڊنٽ سان ملي ساڻس اهڙي شڪايت ڪئي، جنهن چراغ جمعدار کي منع ڪري ڇڏي، مون هنن جي ڳالهائڻ مان محسوس ڪيو تہ هي ”نورا ڪشتي“ آهي. اسان کيس رات جو نائين بجي ڪوليءَ ۾ بند ٿيڻ لاءِ چيو ۽ ”بي“ ڪلاس ڏي وڃڻ جي بہ اجازت گهري، جيڪا ڏنائين ۽ وارڊ جي صفائيءَ لاءِ هڪ فنائل جو ڊبو بہ موڪلي ڏنائين.

5_6_80

امان الله شاهاڻي ۽ ايوب شورو عرف جانِ مَن اسان سان ڪچهري ويٺي ڪئي تہ ماڙيءَ تان منشي اچي امان الله شاهاڻي ۽ جانِ من کي چيو تہ نديم جي ماءُ ساڻس ملاقات لاءِ آئي آهي ۽ چيو اٿس تہ توهان ٻئي اچي ملاقات ڪريو. امان الله تہ ڪونہ ويو باقي جانِ من وڃي جو ڊوڙ پاتي، سو ساهہ وڃي ماڙيءَ ۾ پٽيائين.

ملاقات تان موٽي اچي جانِ من ٻڌايو تہ نديم جي ماءُ مون کان پنج سؤ روپيہ گهريا آهن تہ جيئن نديم جو ضامن ڪرائي سگهي ۽ سندس جاگرافي بہ اچي ٻڌايائين. مون کي تعجب ٿو لڳي تہ هي مهاجر ڪهڙي ذهنيت جا آهن. جمع جمع اٺ ڏينهن مس گذريا آهن، جن ۾ هڪ ٻئي جي ذهنيت بہ پرکي نٿي سگهجي ۽ هڪ عورت جو پئسہ گهرڻ ڇا ٿو معنيٰ رکي؟ اسان جانِ مَن کي سختيءَ سان منع ڪئي تہ متان بيوقوف ٿي پنج سؤ روپيہ ڏئي ڇڏين.

6_6_80

پيرَ ۾ سور هئڻ ڪري ورزش ڪانہ ڪيم ۽ بي ڪلاس وارڊ ۾ غلام رسول لاشاري ۽ امان الله شاهاڻي سان ڪچهري ڪيم. ڊاڪٽر چڪر تي آيو. کيس خارش جي دوا لاءِ چيم، جيڪا هن واعدي ڪرڻ جي باوجود بہ ڏياري ڪانہ موڪلي. اڄ مظهر بلوچ اسان وٽ وارڊ ۾ ڪچهريءَ لاءِ آيو. تمام گهٽي نشي

پيئڻ جي ڪري اسان وٽ ڏاڍي اُلٽي ڪيائين. اسان سندس بدن کي زور ڏنا ۽ مٽي کي مالش وغيره ڪئي، تڏهن وڃي ڪجهه ڳالهائڻ جهڙو ٿيو. سياڻي شنوائي آهي. ڊائريءَ جا پنا به ٻاهر ڪٽي وڃڻا آهن. شل خير سان ڪنهن جي هٿن تائين پهچايان.

7_6_80

شنوائيءَ تي ويس. اتي عزيزم فرمان علي شاهه، سردار علي شاهه، سيتا روڊ جو علي گوهر ڀڳهيو سن مان شبير سولنگي ۽ مورو مان حسين ڪاريو ۽ سڪندر علي وسطڙو ملاقات ڪرڻ آيو. راشد ڪجهه ڪتاب ۽ سامان موڪليو آهي. برادرم ارباب علي شاهه جو ملاقات تي نه اچڻ ڪري سخت اُلڪو ٿي پيو آهي. بابا سائين جن جي طبيعت به نيڪ ڪانه هئي. خبر ناهي ته ڇا ٿيو؟ شنوائي پنجويهين تاريخ جي ملي. ماڙيءَ تي ڊپٽي سپريڊنٽ لعل محمد سومرو کان ڪتاب چيڪ ڪرائي اچي وارڊ پيڙا ٿياسين. اڄ نظام الدين راڄپر کي چريو هٿڻ ڪري ڪوليءَ ۾ اچي بند ڪيو اٿن. هن سان پنهنجي يونيورسٽيءَ جي دوستن دوکو ڪري ڀنگ ۾ چريو ڏاتورو گهوٽي پياريو اٿن.

18_6_80

ستار موريو شنوائيءَ تي ويو ۽ پنجويهين تاريخ منهنجي شنوائيءَ سان گڏ تاريخ وٺي آيو. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو جا سلام ڏنائين.

دنيا ۾ ڪيترا ئي ڏتڙيل آهن. مون جهڙي مسڪين ۽ ڪمزور جي وس نه آهي جو انهن جي ڏُکن ۽ سُورن ۾ ڪم اچي سگهان. هائو! گهٽ ۾ گهٽ ايترو ڪري سگهان ٿو جو انهن جي آڏو هي ڳوڙها ڳاڙيان، جيئن منهنجا هي لڙڪ انهن لاءِ آٿت ٿي سگهن (المنقلوطي)

19_6_80

”تاريخ جا ورق قبرون آهن، جن ۾ قومن جون عظمتون دفن آهن. توهان ڪيستائين انهن قبرن تي مجاور بڻيا ويٺا هوندؤ؟ ان ڪري جو قبرن جي مُجاورن ڪڏهن به نئين تاريخ مرتب ڪونه ڪئي آهي.“ (آزاد)

صبح جو اسان ڪچهري ويٺي ڪئي ته وارڊ جي ٻاهران سپاهيءَ جي دانهن تي تڪڙا ٻاهر نڪتاسين. ڏسئون ته نظام راڄپر بند وارڊ جي ڇتَ تي بيٺو آهي. سپاهي کان پڇيوسين، جنهن ٻڌايو ته معمول مطابق ڪوليءَ جي صفائيءَ لاءِ در کوليم ته هي پائيپ ذريعي تڪڙو تڪڙو ڇت تي مٿي چڙهي ويو آهي. اسان کي اچي ڊپ ٿيو ته وارڊ جي مٿان بجليءَ جون تارون لڳل آهن، انهن ۾ هٿ نه وجهي. ستار ۽ مون ڪيس هيٺ لهي اچڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيون، پر اسان کي ڏاڍي مزي سان گاريون ڏيندو رهيو ۽ مٿان

ٽُڪون هٽندو رهيو. آخر ۾ اُٺ فقير چرئي کي وٺي آياسين. جنهن حڪم ڪيس ته هيٺ لهي اچ ۽ نظام بنا دير هيٺ لهي آيو. اسان سندس حال سارو ڏاڍي خدمت ڪيون ٿا. شل طبيعت ٺيڪ ٿئيس.

شام جو جيل سپريڊنٽ سيد محبوب الحق اسان جي وارڊ ۾ آيو ۽ گڏجي ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ ڪچهري ڪئي سون. اسلامي تاريخ تي بحث ٿيو جنهن ۾ هن جو چوڻ هو ته حجاج بن يوسف بهترين حاڪم هو ۽ بهترين مسلمان هو. مون کيس ٻڌايو ته هڪ اُموي خليفي عمر بن عبدالعزيز چيو هو ته: ”دنيا جا گناهه تارازيءَ جي هڪ پاسي ۾ وڌا وڃن ۽ حجاج بن يوسف جا گناهه تارازيءَ جي ٻئي پُڙ ۾ وڌا وڃن ته حجاج بن يوسف جي گناهن جو پُڙ ڳورو هوندو.“ ۽ کيس ٻڌايم ته ديبل بندر تي هڪ عورت جي عربستان ۾ دانهن ٻڌي حجاج بن يوسف ابن قاسم کي حملي لاءِ سنڌ تي موڪليو. ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي جو اهڙي بدڪردار ۽ ظالم انسان کي توهان چڱو ٿا چئو. بهرحال، آفيم جو روڙو ڪاڏل هئس سو نه مڃيائين، سو نه مڃيائين، مس مس وڃي جان ڇُٽي.

20_6_80

طارق ۽ نديم پاڻ ۾ گڏجي نظام راڄپر سان ملڻ آيا. ڏاڍيون گاريون، ٽُڪون هٽندو رهين.

اج اُٺ فقير کي خبر ناهي ته ڪٿان بليڊ هٿ اچي ويو جنهن نظام کي ڪلين شيو ڪيو آهي ۽ بغل ڪوڙيائين ۽ اندر شيو به ڪيائين. اسان هن جي خدمت ڪندا رهون ٿا. پر هن جي صحت ڏينهون ڏينهن ڪِرندي پئي وڃي.

21_6_80

ٻهاري پارٽي جا ڇوڪرا نظام راڄپر کي چيڙڻ ۽ مسخري ڪرڻ لڳا. مون کين ۽ سپاهي کي سختي سان منع ڪئي ته هن سان ڪير به ڇيڙ ڇاڙ نه ڪري. ڇاڪاڻ ته گهٽي ڳالهائڻ کان پوءِ هي بيحال ٿي وڃي ٿو ۽ ڪپڙا به لاهي ٿو ڇڏي.

22_6_80

صبح جو ستار، اشرف، پرويز ۽ امان الله پاڻ ۾ لوڊو راند ڪيڏي. ستار ۽ پرويز راند هارائي ۽ پنجاهه پنجاهه دفعا اُٿ ويهه ڪئي. داد شير سپاهي پنهنجي ڳوٺ پشاور مان سينڊل وٺي آيو آهي. مون کي پسند ڪونه آيو باقي ستار بعد ۾ پئسا ڏئي ڪٽندس.

23_6_80

سڄو ڏينهن سخت گرمي، ڳُهت ۽ بوست کان پوءِ شام جو اتر پار کان ڪڪرن ڳر موڙيا آهن. ڪنوٽين ڪيل ڪٽي شروع ڪيا آهن. ڏسندي ڏسندي برسات وسڻ شروع ٿي وئي ۽ جيل جي ڪلرائي

زمين ٿڌي ٿي پئي. برسات پوڻ جي ڪري رات ڏاڍي مزي سان آرام اچي ويو.

24_6_80

اشرف عرف ”اڇي“ جيڪو چڪلي جو چڱو مڙس آهي، اسان کي ٻڌايائين ته چڪر جمعدار زرداد مون کان ڪيسي مان اڌائي پوا چرس جا ڪڍي وڃي جيل جي سپريڊنٽ کي ڏنائين ۽ مون کي پيش ڪيائين، جنهن تي مون کي بند وارڊ ڪيو اٿن. وڌيڪ ٻڌايائين ته چڪر جمعدار کي ٽئين چوٿين ڏينهن پندرهه ويهه روپيه ڏيندو آهيان ۽ شربت جا ٻه شيشا به وٺي ڏنا اٿمانس ۽ ڊپٽي کي پنج پاڪيٽ گولڊ ليف جا وٺي ڏنا اٿم. پر جيل ۾ چرس کپائيندڙ ٻين قيدين ڏنڌي جي رقابت ڪري، رشوت ڏئي مون کي بند وارڊ ڪيو اٿن. شام جو نظام پنهور هن جي ڏنبا ٻيڙي به ڪيرائي ۽ بند وارڊ جي ڪوليءَ مان آزاد ڪرايو ۽ چڪر ڏي وٺي ويس.

مشتاق، امان الله ۽ پرويز وارن گڏجي لوڊو راند ڪئي. اڄ هنن پاڻ ۾ صلاح ڪري پرويز کي ٻه سؤ پنجاهه دفعا اٺ ويهه ڪرائي. اٺ ويهه ڪري هلي به نٿو سگهي.

25_6_80

اڄ شنوائي تي ستار ۽ مون سان گڏ غلام رسول لاشاري، امان الله شاهاڻي، ايوب شورو ۽ سندن سپ ساٿي گڏ هئا. ڪورٽ جو سفر ڏاڍو کِل ٻوڳ ۾ گذري ويو. ملاقات تي برادرم ارباب علي شاهه، عزيزم فرمان علي شاهه، ساٿي آفتاب دائودي (ڏيپارجا – مورو)، مان امام علي شاهه، پيارو مهربان دوست محمد منل حيدري، عزيزم قربان علي شاهه ۽ سردار علي شاهه ۽ ستار موريو جو ڀڃات مظفر آيا. ڏاڍي مزيدار ڪچهري ٿي. شنوائيءَ تان موٽي جيل تي پهتاسين. ڪوليءَ ۾ وينا هئاسين ته معلوم ٿيو ته رسول بخش ٽيبو ۽ قمر ڀٽي قيد ٿي پهتا آهن. هنن کي ”بي ڪلاس“ هئڻ ڪري اسان کان جدا ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ رکيائون. هڪ ٻئي سان ملياسون. ڏاڍي ڪچهري ٿي. سچ پچ ته اهڙا پيارا ساٿي جيل ۾ گڏ هجن ته جيل، جيل ئي نٿو لڳي. سپريڊنٽ اسان جي وارڊ ۾ هڪ نئون قيدي رکيو آهي، جيڪو آءِ.جي جيلز جي آفيس ۾ آفيس سپريڊنٽ محمد شفيع جو ڀاڻج آهي، ان ڪري اسان وٽ رکيو اٿن. جڏهن ته اسان کي چيو ويو هو ته مارشل لاء وارن جو حڪم آهي ته توهان کي اڪيلو رکيو وڃي، پر جيل وارا ”شينهن شير خدا جا آهن.“

26_6_80

اڄ جيئن ڪوليءَ جو دروازو کليو ٻاهر نڪرڻ تي مٿان ڪڪرن مان هلڪي بوندا باندي پئجي رهي هئي. موسم ڏاڍي محبوب هئي. اختر سپاهي چيو ته ڊپٽيءَ جو حڪم آهي ته وارڊ جو دروازو بند ڪري

چڙ. ستار ۽ قمر ڀٽي جيل سپريڊنٽ سان ملي اھو حڪم ناموں منسوخ ڪرايو.

ورزش دوران ڏاڙھيءَ مان پگھر پيو ٿمندو ھيو ان ڪري ڏاڙھي ۾ شھپر ڪوڙي ڇڏيم.

27_6_80

ورزش ڪري ”بي ڪلاس“ ۾ مجيب وارن سان وڃي ڪچھري ڪيم. سڄو ڏينھن آسمان تي ڪڪر ڊوڙندا رھيا. شام جو ڇھين بجي سخت برسات پئي، ان ڪري اسان جي وارڊ جو آڱر سڄو پاڻيءَ سان ٿمتار ٿي ويو. ان ڪري نائين بجي کان اڳ ئي ڪوليءَ جو تالو بند ڪرائي سمھي پياسين.

28_6_80

سپاھيءَ ڪوليءَ جو تالو ڪوليو ۽ وارڊ جو دروازو ٻاھران بند ڪرائي ڇڏيائين. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ رات ”بي ڪلاس“ جا شاگرد ٻاھر ستا ھئا، ان ڪري سپريڊنٽ چيو آھي تہ ٻنھي وارڊن جا دروازا بند رکو. جيئڻ نيرن جي ماني آئي ۾ وارڊ جو دروازو کليو. ستار ۽ مان ٻاھر نڪري ٻيھي رھياسين ۽ سپاھيءَ کي چيوسين تہ سپريڊنٽ کي وڃي ٻڌاءِ تہ وارڊ جو تالو بند ڪرڻ نٿا ڏين. بعد ۾ ”بي ڪلاس“ وارڊ جو دروازو بہ پاڻھين کولي ڇڏيائين. رسول بخش ٿيبو ۽ مون کان سواءِ ٻي سڄيءَ سنگت ڀنگ پيتي. شام جو ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ سپريڊنٽ آيو ۽ رات ٻاھر سمھڻ جي ڪري رسول بخش ٿيٻي ۽ شيخ مجيب سان ڳالھايائين. جڏھن رسول بخش سخت لھجي ۾ ڳالھايس تہ ٺڏو ٿي ويو. اسان ھاڻي نيرن ۽ منجھند جي ماني رسول بخش وارن سان گڏجي کائيندا آھيون. پرويز پناڻ کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪري ڇڏيائون ۽ ڪيس چيائون تہ تنھنجو امتحان آھي.

29_6_80

اختر سپاھيءَ کي سائي پاڃي آڻڻ لاءِ پئسہ ڏنم. بعد ۾ پئسہ واپس ڏنائين ۽ چيائين تہ ڊپٽي لعل محمد سومرو اجازت نٿو ڏئي. ستار، مجيب ۽ مون سپريڊنٽ سان ڳالھايو، جنھن چيو تہ ڊپٽيءَ جو مٿو خراب ٿي پيو آھي جو ”بي ڪلاس“ وارن جي ڪچي پاڃي ٿو روڪي.

30_6_80

حسب معمول ورزش ڪيم، پر بدن ۾ سخت سور آھي ۽ جان سڙي پئي. مشتاق عباسي (جيڪو اسپتال ۾ ڪمپائونڊر آھي) آيو جنھن طبيعت ڏسي انجيڪشن لڳائي. مون کيس نياپو ڏنو تہ جانِ مَن کي چوي تہ اڏارا ورتل پنجاھہ روپيہ ڏئي وڃي.

1_7_80

طبيعت خراب ھئڻ ڪري ورزش ڪانہ ڪيم. پي ٽي شوز ۽ ڪڇو شيخ مجيب کي ڏنم. صبحاڻي

ڪان ورزش ڪندو.

گل بهار قيديءَ ٻي ٽوپي ٺاهي موڪلي. ننڍي هئڻ ڪري مجيب کي ڏنم.

2_7_80

صبح جو شيخ مجيب کي ننڊ مان اٿاريم تہ ورزش ڪر. گڏجي ورزش ڪئي سون. رسول بخش، ستار، مجيب ۽ مون گڏجي تاس راند کيڏي.

بورچيءَ قمر پٽيءَ جي شڪايت ڪئي تہ ڪيس هرو پرو گهٽ وڌ ڳالهايو اٿس. چيائين تہ هر هڪ قيدي پنهنجي ڪيس ۾ ٿو اچي. ”بي ڪلاس“ مليل اٿس تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي. اسان کيس ٿڌو منو ڪري پرچائي ڇڏيو. پروز پناڻ موٽي آيو ۽ ٻڌايائين تہ سينٽرل جيل تان ڪيس ايف. آءِ. يو جي ٽارچر سيل ڏانهن وٺي ويا هئا. سخت بخار هئڻ جي ڪري نارا جيل تي ڇڏي ويا اٿس ۽ پنجين تاريخ وري وٺي ويندس. سخت مايوس آهي.

3_7_80

”بي ڪلاس“ وارن جا ڪپڙا ڌوٻيءَ واپس ڪيا آهن ۽ چيو اٿس تہ مون کي قمر پٽيءَ هرو پرو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. ان ڪري ڪپڙا استري ڪونہ ڪندس. آغا آفتاب جيلر آيو جنهن کي چيوسون ۽ ان ڪپڙا استري ڪرائي موڪليا. شام جو سخت جهڪَ لڳي ۽ برسات پئي.

4_7_80

صبح جو جيئن ”بي ڪلاس“ وارڊ ڏي ويس تہ اُتي معلوم ٿيو تہ رسول بخش، مجيب ۽ قمر پٽي ٻاهر ستا آهن. ان ڪري رات جو ٻين ٻجي ڌاري سپريڊنٽ ۽ ڊپٽي هنن کي کوليءَ ۾ بند ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. پر هي کوليءَ ۾ بند نہ ٿيا. سڄو ڏينهن آسمان تي ڪڪر ڇانيل رهيا. هوا جي نہ هئڻ ڪري سخت گرمي ۽ ٻوسٽ رهيو ۽ شام جو برسات پوڻ ڪري گرميءَ مان ڇوٽڪارو مليو. پرويز پناڻ کي سپاٽي ايف. آءِ. يُو ۾ وڃڻ جي سخت ڳڻتي آهي ۽ بخار بہ تيز ٿي ويو اٿس.

5_7_80

اڄ جيئن بي ڪلاس وارڊ ۾ ويس تہ خبر پئي تہ سپريڊنٽ رات آيو هو جنهن ٻاهر سمهڻ جي اجازت ڏني آهي. پرويز کي سخت بخار جي باوجود جيل انتظاميہ ميڊيڪل فٽنيس سرٽيفڪيٽ ڏئي ايف. آءِ. يُو موڪلي ڇڏيو. بخار هئڻ جي ڪري ايف. آءِ. يُو جي فوجين هن کي سپاٽي جي تاريخ ڏئي واپس ڪيو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جيل انتظاميہ فوجين کان ڪيترو ڊڄي ٿي.

6_7_80

ستار ۽ مان شنوائيءَ تي وياسين. اسان سان گڏ پرويز پناھڻ به ايف.آءِ.يو وچڻ لاءِ پوليس ٽرڪ ۾ گڏ هو. ڪيس ان وقت به 103 ڊگري بخار هو ۽ سپريڊنٽ هن کي ”چاڪ چڱو ڀلو جو سرٽيفڪيٽ“ ڏئي روانو ڪري ڇڏيو. اُتي عزيزم فرمان علي شاهه ۽ ساٿي عبدالحق ڪانڌڙو حبيب الله ناريجو برڪت علي حيدري دستي، محمد صالح ڪوسو (نوان جتوئي)، علي حسن شاهه وارا ملاقات تي آيا. اتي نياز راڄپر ۽ ڊاڪٽر ستار راڄپر، نظام راڄپر جي ايف.آءِ.آر جي ڪاپي وٺڻ لاءِ آيا ۽ نظام جي خير، خيريت جو احوال ورتائون. بعد ۾ علي گوهر ٻگهيو ۽ غلام نبي لاشاري به ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا. محمد صالح ڪوسو جي هٿان برادرم راشد مورائي گهه، کنڊ ۽ گوڏ جو پوتڙو موڪليو. جيل تي واپس پهتاسين ته خبر پئي ته سپاٽي رسول بخش ٿيٻو ۽ شيخ مجيب کي ايف.آءِ.يو جي ٽارچر سيل ۾ فوجين گهرايو آهي. رات جو نائين بجي تائين سيني ڪچهري ڪئي ۽ پوءِ اسان اچي پنهنجي وارڊ جي ڪوليءَ ۾ بند ٿياسين.

7_7_80

رسول بخش ۽ مجيب ايف.آءِ.يو ويا. دادوءَ مان محترم علڻ خان ٿيٻو ۽ شيخ حبيب الرحمن، رسول بخش ٿيٻو ۽ شيخ مجيب الرحمن سان ملاقات لاءِ آيا. پر انهن جي نه هئڻ ڪري ستار ۽ مون کي ملاقات لاءِ گهرايائون. اسان ساڻن ملاقات ڪئي ويني ته رسول بخش ۽ مجيب به موٽي آيا. انهن سان به ملاقات ڪيائون. حبيب الله ڪابورو کي سندس والد جي وفات تي تعزيتي خط لکيم.

8_7_80

صبح جو رسول بخش ۽ قمر پيٽي کي شنوائيءَ تي وٺي ويا ۽ شيخ مجيب کي ايف.آءِ.يو وٺي ويا. ڪانئس رڳو سوال جواب ۽ پڇا ڳاڇا ڪري روانو ڪيائون ۽ سپاٽي جي لاءِ رسول بخش کي گهرايو اٿن. قمر پيٽي ۽ رسول بخش شنوائيءَ تان موٽي آيا ۽ ٻيڊ منٽن جون رئڪيٽون ۽ گُڏيون وٺي آيا. شام جو نيٽ ڪان سواءِ راند ڪيڏي سون، پر مزو نه آيو. نيٽ، جيل انتظاميه ڪان وٺڻ لاءِ قمر پيٽيءَ کي چيوسين.

9_7_80

رسول بخش کي ايف.آءِ.يو وٺي ويا. منجهند جو موٽي آيو. ٻڌايائين ته تشدد وغيره ڪونه ڪيو اٿن، باقي صرف مختلف قسم جا سوال ڪيائون. جيڪي سوال مون کان پڇيائون، اُهي ئي هن کان به پڇيائون. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو ملاقات لاءِ آيو پر جيل انتظاميه صرف ڪين قمر پيٽي ۽ شيخ مجيب الرحمن سان ملاقات ڪرڻ ڏني. باقي اسان لاءِ ٻاهران ئي حق موجود چورائي موڪليائون.

10_7_80

رسول بخش کي وري به پڇا ڳاڇا لاءِ ايف.آءِ.يو وٺي ويا. منجهند جو موٽي آيو ۽ ٻڌايائين ته اڄ به

وڙهيا ڪونه آهن. باقي بيان لکت ۾ ورتو اٿن ۽ ٻيهر ٻارهين تاريخ گهرايو اٿن. بي ڪلاس ۾ گڏيل فيصلو ڪيو ويو ته ڪچهريءَ دوران جيڪو به ٽيبل تي پير رکندو اُن کي ڏهه دفعا اُٺ ويهه ڪرڻي پوندي. اڄ ٽي ستار موريو قمر پٽي، امان الله شاهاڻيءَ ۽ شيخ مجيب اُٺ ويهه ڪئي.

11_7_80

اڄ مون کي غلطيءَ ۾ ٽيبل تي پير رکڻ ۽ تاس راند ۾ هارائڻ ڪري اٽڪل هڪ سؤ دفعا اُٺ ويهه ڪرڻي پئي. ٽنگن ۾ سخت سُور اٿم. صوبيدار ولي محمد آيو جنهن چيو ته سپريڊنٽ صاحب توهان لاءِ ڪتون موڪليون آهن ۽ چيو اٿس ته توهان مون کي پنهنجي اولاد وانگر آهيو ان ڪري توهان پلي ڪتن تي ٻاهر سُمهو. اسان کي ڇهه مهينا ٿيا آهن ته ڪڏهن به جيل سپريڊنٽ مهرباني نه ڪئي. هڪ دفعي رات جو اسان سان ٻين بجي تائين ڪچهري ڪيائين. ان مهل اسان کيس چيو هو ته جيل ڪلڻ ۾ باقي ٽي ڪلاڪ آهن ته اسان کي اجازت ڏيو ته ٻاهر سُمهون. پر ٺوپ جواب ڏنائين. اهڙو ماڻهو هڪدم اسان لاءِ ايڏو وڏو جوابداريءَ جو ڪم ڪيئن ٿو ڪٽي؟ شايد بي ڪلاس؟؟ ٿي ويو آهي. شام جو اڄ ٻيهريون دفعو چڪر واري ڪوٺ کي ڦيرا ڏنا.

12_7_80

خبر پئي ته گذريل ڏهين تاريخ اسان جي ”بي ڪلاس“ جو ليٽر پهچي چڪو آهي. اڄ ڪولين لاءِ ڪاٺ وارا دروازا ۽ جاريءَ وارا دروازا لڳائي ڏنا ۽ هڪ برداشتي به ڏنائون ۽ ڪاڏي لاءِ ٽانوَ به ڏنائون. ڪرسيون وغيره سپاٽي ڏيڻ جو واعدو ڪيو اٿائون. رات جو ٻاهر ستاسون ۽ مزي سان ننڊ ڪئي سون.

13_7_80

ستار، مجيب ۽ آءٌ گڏجي ڊپٽي سپريڊنٽ کي نندين ٽيبلن ۽ ”بي ڪلاس“ جي ڪٽل سامان لاءِ چيو جيڪو هن شام جو ڏياري موڪليو. اڄ شيخ مجيب ۽ قمر پٽيءَ پاڻ ۾ تڪو منو ڳالهايو ليڪن بعد ۾ قمر پٽيءَ پنهنجي غلطي تسليم ڪري شيخ مجيب کان پيرين پئي معافي ورتي ۽ معاملو درگذر ٿي ويو.

14_7_80

رسول بخش ٽيبو شيخ مجيب الرحمن ۽ قمر پٽي شنوائيءَ تي ويا ۽ اسان سان گڏ چوويهين تاريخ وٺي آيا. جيل انتظاميه تڙ ڪرڻ لاءِ به خالي ٽين، به ڪرسيون موڪليون ۽ رهيل سامان ڏيڻ جو واعدو ڪيائون. ٽنڊي جام يونيورسٽيءَ جو قيدي شاگرد ارشاد پنهور ۽ به ٻيا آزاد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا شاگرد ڪچهري ڪرڻ آيا ۽ اسان کي چيائون ته جيل انتظاميه سان ڳالهائي اسان کي به اسپيشل وارڊ ۾ رکرايو.

15_7_80

ورزش ڪري، ڪتابن جو مطالعو ڪيم. منجهند جو ارشاد پنهور ۽ ايوب پناڻ ڪچهري تي آيا. ماني بہ گڏجي ڪاڌي سون. اڪبر ڀوي ٻڌايو تہ پرويز پناڻ ۽ طارق پاڻ ۾ گڏجي سمهندا آهن. حالانڪ بسترا ڌار ڌار اٿن. پرويز کان پڇيم، جنهن ڀهريائين تہ انڪار ڪيو پر جڏهن ڀوي سامهون اچي چيس، تڏهن مڃيائين ۽ مون کي دال ۾ ڪارو تہ چا پر تڙ محسوس ٿئي ٿي.

16_7_80

بي ڪلاس ملڻ کي اڄ ڇهون ڏينهن آهي، پر پوءِ بہ سامان پورو نہ مليو آهي. ستار ۽ مون سان ڊپٽيءَ جي ناسازيءَ جي ڪري قمر پٽي کي چيم تہ تون ساٽس ڳالهاءِ. قمر سان سپاٽي سامان موڪلڻ جو واعدو ڪيائين.

17_7_80

ڊپٽي سپريڊنٽ واعدي موجب سامان ڪونہ موڪليو. ستار، مجيب ۽ رسول بخش ٽيٻي جي ملاقات لاءِ ڊاڪٽر مولا بخش ٽيبو آيو. تاريخ ريگستان جا ٻئي ڀاڱا ۽ خليفي نبي بخش جو رسالو پڙهڻ لاءِ ڏئي ويو. اڄ کان خليفي نبي بخش جو رسالو پڙهڻ شروع ڪيو اٿم.

18_7_80

اڄ پاڻ ۾ ”بي ڪلاس“ جي قيدين صلاح ڪئي تہ پاڻ مان ڪي بہ ٻہ دوست چونڊيون، جن کي اهو اختيار هوندو تہ ڪوبہ ”بي ڪلاس“ جو قيدي برداشتيءَ سان يا پاڻ ۾ اڻڱو رويو اختيار ڪندو تہ ان کي اهي ٻہ دوست اُٺ ويهہ جي سزا ڏئي سگهن ٿا، جيڪا هڪ سؤ ٽائين تي سگهي ٿي. ڪُل نَوَ ميمبر هئا، جن ۾ ووٽ ٿيا. قمر پٽيءَ کي صرف پنهنجوئي ووٽ مليو. ڏاڍو کلياسين ۽ قمر پٽيءَ سان ڀوڳ چرچا ڪياسين. اڄ خبر پئي تہ ٺيڪيدار علي محمد ڪاسائي ۽ سپريڊنٽ سيد محبوب الحق پاڻ ۾ صلاح ڪري سپريڊنٽ جي آفيس جو باٿ روم، جنهن جو ٺيڪو پنجويهہ هزار روپين ۾ آهي، ان ۾ مزدورن جي جاءِ تي پڪا قيدي ڪم ڪن ٿا. اُن ٺيڪيدار کي اهو فائدو آهي تہ ٻاهريون مزدور ٽيهہ روپيہ تاريخ وٺي ٿو ۽ هاٽي ڪيس ويهہ روپيہ في مزدور جي حساب سان سپريڊنٽ کي پئسہ ڏيڻا پون ٿا ۽ ڪم پڪا قيدي ڪن ٿا، جن جا نالا هي آهن:

1_ لونگ پُٽ محمد عمر ذات سولنگي ويٺل هوسڙي

2_ فضل ڪريم پٽ محمد حسين راجپوت ويٺل جهلم پنجاب

3_ جمع خان پٽ مير خاتم پناڻ ويٺل وزيرستان

4_ عبدالعزيز پٽ عبدالحڪيم پناڻ وينل ڪابل
5_ عبدالغفور پٽ محمد يوسف بهشتي حيدرآباد شهر
6_ دلدار احمد پٽ عبدالحميد مغل پناڻ ڪراچي شهر

19_7_80

جيل سپريڊنٽ محبوب الحق اسان وٽ آيو ۽ چيائين ته توهان ٻئي ڄڻا ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ ويچي رهويا اُهي ٽئي ڄڻا هتي توهان وٽ اچي رهن. چاڪاڻ ته شاهه محمد شاهه سکر سينٽرل جيل تان بدلي ٿي آيو آهي، اُهو توهان سان گڏ رهڻ نٿو چاهي، تنهن ڪري توهان سڀ هڪ طرف ٿيو. ستار ۽ مون ڪيس چيو ته شاهه محمد شاهه اسان جو دوست آهي. سياسي اختلاف ضرور آهن، پر اسان جو ڪوبه ساڻس ذاتي اختلاف ڪونه آهي. ان ڪان سواءِ اسان ڪيس چيو ته بقول تنهنجي مارشل لاء وارن جو حڪم آهي ته اسان ٻنهي سان ٻيو ڪوبه گڏ رهي نٿو سگهي ۽ جڏهن اسان توهان کي زرعي يونيورسٽيءَ جي ٽن شاگردن ارشاد پنهور وارن لاءِ گڏ رهڻ جو چيو ته توهان تڏهن به جواب ڏنو ۽ هاڻي اسان کي گڏ ڪيئن ٿا رهايو؟ بهرحال، ڪافي وقت تائين جهڳ جهڳ هلي پر ڪوبه ڪڙ تيل ڪونه نڪتو ۽ سپريڊنٽ نااميد ٿي واپس هليو ويو. شام جو خبر پئي ته شاهه محمد شاهه کي جيل جي اسپتال ۾ رهايو اٿن. سياڻي ڏسون ته چا ٿا ڪن؟ غلام رسول لاشاريءَ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي ته مان جيل سپريڊنٽ جي آفيس ۾ ويٺو هئس ته شاهه محمد شاهه توهان سان گڏ رهڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ چيائينس ته اهي منهنجا دشمن آهن. بهرحال، جنهن کي جهڙو وکر هوندو آهي، ان جو هوڪو ڏيندو آهي.

20_7_80

ستار موريو قمر پٽي ۽ شيخ مجيب هڪ غلط ڪم ڪيو آهي، جنهن تي مان ۽ رسول بخش ٽيبو سخت ناراض آهيون. ڏاڍو ڏک اٿم ته جيڪڏهن اسان قومي، انقلابي ڪارڪن ويهي اهڙا غلط ڪم ڪيون ته پوءِ اسان ۾ ۽ هڪ غير انقلابي ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو؟ اڄ قمر پٽيءَ مون سان ۽ رسول بخش ٽيبي سان تاج جويو ۽ مير محمد پيرزادي متعلق بحث ڪيو ۽ ڪين گهٽ وڌ ڳالهايو. هن جو چوڻ آهي ته اهي ٻئي انور پيرزادي جي ڪميونسٽ گروپ جا چاڙتا آهن. اسان ٻنهي ڄڻن ڪيس دليلن سان مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي ڳالهين مان محسوس ڪيو ته تاج جويو سان ذاتي اختلاف اٿس.

ستار ۽ قمر جيل انتظاميه سان ڳالهايو ته جيڪي به شاگرد قيدي آهن، انهن کي الڳ هڪ جاءِ تي رکيو وڃي ۽ سندن نالن جي لسٽ تاهي سپريڊنٽ کي ڏئي آيا.

21_7_80

صبر شڪر ميٺ، مون مورائين نہ وٽي،
ٻُڪئي جِهجي جندڙو ڏاڍيل ڪنهين پيٽ،
جَان هونديس يُون هيٺ، جَان قاسم پيڙي ڪيچئين.

جيل سپرينٽنڊنٽ جيل جي قيدي شاگردن کي گهرائي انهن کي چيو تہ توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي جو الڳ ٿا رهو؟ جيئن تہ قيدي شاگرد نوان هئا، انهيءَ جي ڪري ڪيس چيائون تہ اسان کي ڪا بہ تڪليف ڪانهي. ان ڳالهہ جي جڏهن اسان کي خبر پئي تہ قمر پتي ۽ ستار موريو وڃي جيل سپرينٽنڊنٽ سان ڳالهايائون، جنهن وري بہ واعدو ڪيو تہ شاگردن کي عليحده وارڊ ۾ رکندس، پر اميد گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي اچي.

پرويز پناڻ آيو جنهن چيو تہ شاهہ محمد شاهہ ٻڌايو تہ مون کي جيڪڏهن ونڻ اچن ها تہ مان ساڻن گڏ رهان ها، پر مون کي ونڻ بہ ڪونہ آيا، تنهن ڪري مان انهن سان گڏ ڪونہ رهندس، حالانڪ اسان کي جڏهن شاهہ محمد شاهہ جي جيل تي اچڻ جي خبر پئي هئي تہ ستار ۽ قمر پتي ڪيس ونڻ پئي ويا تہ جيل سپرينٽنڊنٽ کين منع ڪئي تہ هو چوي ٿو تہ مون سان وڙهندا ۽ جان جو خطرو آهي ۽ توهان وري هُن سان ملڻ ٿا وڃو! ائين چئي موٽائي ڇڏيائين. امان الله شاهاڻي اسپتال مان دوا ونڻ لاءِ ويو تہ ان سان بہ شاهہ محمد شاهہ اهڙو ذڪر ڪيو جنهن ڪري اسان کي تصديق ٿي وئي ۽ جيڪا ذاتي طرح هن لاءِ عزت هئي، اها ذڪ ۾ تبديل ٿي وئي.

22_7_80

ارشاد پنهور جو پاءُ ساڻس ملاقات ڪرڻ آيو. ان ڪيس ٻڌايو تہ مان آءِ.جي جيلز جي آفيس ويو هوس. اتي هڪ ليٽر ٽائيپ ٿيو جنهن ۾ لکيل هو تہ رسول بخش ٿيبو علي محمد شاهہ، قمر پتي، شيخ مجيب الرحمن ۽ ستار موريو کي نارا جيل تان سينٽرل جيل حيدرآباد منتقل ڪيو وڃي ۽ اتان وري ٻيا پنج "بي ڪلاس" جا قيدي نارا جيل منتقل ٿي ايندا. جيل انتظاميہ طرفان ڪرسيون مليون.

23_7_80

خليفي نبي بخش جي رسالي ۾ جيڪي مون کي چونڊ شعر پسند آيا، اُهي نوٽ بوڪ تي اتاريم. اڄ سڄو ڏينهن جيل بدليءَ جو انتظار رهيو. خبر ناهي تہ بدلي ٿيندي يا رڳو افواهہ آهي؟

24_7_80

رسول بخش ٿيبو قمر پتي، شيخ مجيب، ستار موريو ۽ آءٌ گڏجي شنوائيءَ تي وياسين. اُتي محترم

علڻ خان ٽيبو، وڏيرو عبدالرحمن عرف بُوبڪ خان ٽيبو (رسول بخش جو والد)، مولا بخش ٽيبو، پير بخش خاصخيلي (چيئرمين ضلع ڪائونسل دادو)، محمد صالح راهپوٽو وليد خان شيخ، حبيب شاهه، حاجن شاهه، حبيب الله ناريجو علي گوهر ٻگھيو برادرم ارباب علي شاهه، حبيب الله ڪابورو، حڪيم سراج الدين موريو (ستار جو ڏاڏو)، فرمان علي شاهه، لال بخش چانديو اياز بلوچ بجار زئي، منظور شاهه ۽ ٻيا ڪافي دوست اسان جي ملاقات لاءِ آيل هئا. برادرم راشد علي شاهه جو خط حبيب شاهه آندو. (ڪيس جواب لکي موڪليم) قمر پٺيءَ، حبيب الله ناريجي کي چيو ته تنهنجي مارشل لاءِ وارن سان دعا سلام آهي، اسان کي جيل بدلي ٿا ڪن ۽ ملاقات به جيل تي صحيح نموني نٿي ٿئي، ان لاءِ ڪوشش ڪر. جنهن واعدو ڪيو ته پئي ڪم جلدي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندس.

26_7_80

ڊيوٽيءَ تي بيٺل سپاهي غلام قادر چانديو سان قمر پٺيءَ جي مُنهن ماري تي پئي، صرف انهيءَ ڪري جو هڪ قيدي دوست اسان سان ملڻ آيو تي ۽ سپاهي هُن کي نه پيو ڇڏي. بعد ۾ جمعدار علي نواز چانديو آيو جنهن سپاهيءَ جي غلطيءَ جي معافي ورتي.

27_7_80

اسان جي برداشتي اڪبر عرف پَوي کي به مهينا سزا ملي آهي، جنهن کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪري ڇڏيو اٿن. موڪلائڻ مهل سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا.

28_7_80

ستار موريو مجيب شيخ ۽ امان الله شاهاڻي گڏجي اسپتال ۾ ارشاد پنهور سان ڪچهري ڪرڻ ويا. اُتي شاهه محمد شاهه به ويٺو هو جنهن سان دعا سلام ڪيائون. ليڪن هو تڪڙو اُٿي ويو. بعد ۾ خبر پئي ته سپريڊنٽ کي چيائين ته جنهن ڳالهه جي ڪري مان "بي ڪلاس" وارڊ ۾ نه رهيس، اُها ساڳي ڳالهه اسپتال ۾ مون سان آهي. يعني اهي ساڳيا ماڻهو اسپتال ۾ اچن وڃن ٿا، ان ڪري منهنجو بچاءُ ڪريو. سپريڊنٽ کيس دلداري ڏني. تاريخ ريگستان جو پهريون ڀاڱو پڙهي پورو ڪيم. شام جو ستار، رسول بخش، شيخ مجيب ۽ مون هڪ ٻئي سان ڏاڍا ڀوڳ چرچا ڪيا.

29_7_80

اسپتال ويس. شاهه محمد شاهه سان مختصر ملاقات ٿي. موتي اچي سمهي پيس. اٽڪل ٻارهين بجي ڌاري جمعدار علي نواز چانديو نند مان اٿاري ٻڌايو ته توهان پنجن ئي ڄڻن جي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ٿي آهي ۽ توهان پنهنجو سامان تيار رکو.

ڪوليءَ مان ٻاهر نڪري سيني دوستن وٽ ويس، جيڪي سيئي سامان ٻڌڻ ۾ مشغول هئا. مون به اچي سامان ٻڌو. غلام رسول لاشاري ۽ ايوب شورو ٻڌايو ته چڪر جا سڀ قيدي بارڪن ۾ بند ڪري ڇڏيا اٿن ۽ چڪر جو ٻاهريون وڏو دروازو به بند ڪري ڇڏيو اٿن. ڊپ اٿن ته متان سينٽرل جيل تي نه وڃن ۽ جهڳڙو ٿي پئي.

چئين بجي ڏاري پوليس ترڪ ۾ چڙهي اچي سينٽرل جيل حيدرآباد لٿاسون. آفيس بند ٿي وئي هئي. صرف هڪ ڊيوٽي جيلر مرزا وينو هو. جنهن اسان جي سامان جي چڪاس ڪرائي ۽ ڪافي ڪتاب پاڻ وٽ رکيائين. حالانڪ ڪوبه اهڙو ڪتاب اعتراض جهڙو نه هو ۽ سڀ شهر جي بُڪ اسٽالن تان ملندڙ هئا. ساڳئي وقت اردو جا جيڪي به ڪتاب يا ڊائجسٽ هئا، اهي بنا دير جي اسان کي ڏنائين. ان دوران جيل جو ڊپٽي نواز حسين اچي مليو. اسان کيس چيو ته جنهن وارڊ ۾ محمد خان ابڙو وارا دوست رهن ٿا، اسان کي به ان وارڊ ۾ رکو پر نه مڃيائين. اسان کي قاسي گهاٽ پرسان ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ وٺي آيا. شيخ مجيب پناڻ سپاهي کي چيو ته اسان جو رات وارو پتو (ماني) وٺي اچجانءِ. جنهن تي ان ٽوڪ واري انداز ۾ چيو ته نارا جيل تان توهان جو پتو ايندو. ان تي شيخ مجيب ڪاوڙ ۾ اچي کيس پادر اچلائي هنيو پر سپاهي تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري دروازو بند ڪري هليو ويو. رات جو سوا نائين بجي اسان کي ڪولين ۾ بند ڪيائون. خبر پئي ته اسان جي ڏکڻ واري وارڊ ۾ سلامو عرف ڇانگا بدمعاش ويهن ڏينهن کان بک هڙتال تي آهي.

30_7_80

”بي ڪلاس“ جي سامان مڪمل نه ملڻ جي ڪري سپاهيءَ کي موڪليوسين ته اهڙو اطلاع ماڙيءَ تي ڏئي. بعد ۾ عبدالحئي قريشي جيلر ۽ ٻيو به هڪ جيلر گڏجي آيا. سامان جي لسٽ ڪٽي ويا ۽ سپاهيءَ جي بدليءَ لاءِ به کيس چيوسون. شام تائين تقريبًا مڪمل سامان پهچي ويو. هڪ ”بي ڪلاس“ جو قيدي نالي سميع سياٽي آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ڪري اسان سيني کي منائيءَ جي دعوت ڏني. اسان وري کيس رات جي ماني پاڻ سان گڏ ڪارائي. رسول بخش کي پيٽ ۾ سخت سور ٿي پيو. دوا لاءِ ڊيوٽيءَ تي سپاهيءَ کي چيوسين، پر ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنائين. جڏهن اسان کيس ڌمڪي ڏني ته رات جو ڪولين ۾ بند نه ٿينداسون ته پوءِ رات جو ساڍي نائين بجي محمد طيب جمالي جيل جي اسپتال جو ڪمپائونڊر آيو. انجيڪشن هنيائين ۽ کائڻ لاءِ گوريون ڏنائين. ان کان پوءِ اسان ڪولين ۾ بند ٿياسين. محمد خان ابڙي سپاهيءَ جي هٿان چٺي لکي موڪلي، جنهن ۾ تفصيلي احوال لکيو اٿس.

31_7_80

اڄ خبر پئي تہ سلامو عرف چانگا جي حالت تمام خراب آهي. سندس بک هڙتال کي اڄ ٻاويهہ ڏينهن گذري ويا آهن. پر سندس ڪوبہ تدارڪ ڪونہ ٿو ٿئي. قمر پٺيءَ کي ماڙيءَ تي ڊپٽي سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليوسين تہ جيئن وڏيڪ برداشتي ملن ۽ محمد خان ابڙو سان بہ ملڻ جي اجازت ملي. اڪبر پَوو برداشتي موڪلي ڏنائون. سپاٽي محمد خان ابڙو جعفر سهتو بشير شاهاڻي, غلام مصطفيٰ جانوري اسان سان ملڻ لاءِ ايندا. اسان چاهيو ٿي تہ پاڻ انهن جي وارڊ ۾ وڃي دوستن سان ملون. پر ڊپٽيءَ ٻڌايو تہ قمر راڄپر اعتراض ڪيو آهي تہ اهي جيڪڏهن اسان جي وارڊ ۾ ايندا تہ جهڳڙو ڪندا. ان ڪري اهي هيڏانهن نہ اچن. خبر ناهي تہ جيل انتظاميہ اهڙيون ڳالهيون ڪري اسان کي بدظن ٿي ڪري يا واقعي ائين آهي؟ اڄ خبر پئي تہ فقير رحمت الله هيسباڻي ۽ فقير عنايت الله هيسباڻيءَ وارن کي آزاد ڪري ڇڏيو اٿن. جيڪي هن ئي جيل ۾ قيد هئا.

1_8_80

بي ڪلاس ۾ گوشت خراب ملڻ ڪري سپاهي سردار کي چيوسين تہ ڊاڪٽر کي وٺي اچ. ڊاڪٽر نور عباسي, ڊاڪٽر مولا بخش جوٽيجو شيرازي جيلر ۽ مرزا جيلر گڏجي آيا. گوشت ڊاڪٽرن ڏٺو ۽ تسليم ڪيائون تہ سٺو گوشت ناهي. گوشت واري ٺيڪيدار کي گهرائي چيائون تہ صبحاڻي کان گوشت جو ثابت ٽڪرو ڏياري موڪلي.

محمد خان ابڙو جعفر سهتو ۽ بشير شاهاڻي کي جيل انتظاميہ ڇڏيو. جن اسان سان اچي ڪچهري ڪئي. ڏاڍي مزيدار ڪچهري ٿي. دوستن ٻڌائيو تہ رحمت الله هيسباڻي ۽ عنايت هيسباڻي کي ٻيا ڪيس هڻڻ ڪري آزاد نہ ڪيائون. شام جو ساڍي پنجين بجي تائين ڪچهري ڪئيسون.

2_8_80

رسول بخش ٽيبو ۽ شيخ مجيب الرحمان کي فوجي چانوٽي جي پُڇاڳاڇا واري جاءِ تي وٺي ويا. يعني (F.I.U). منجهند جو جهڙا ويا هئا تهڙا موٽي آئيا. سبحاڻي وري گهرائيو اٿن. اسانجي وارڊ ۾ هڪ برداشتي علي نواز ڪوسو باڍهہ جو آهي. ان ڪچهري دوران ٻڌايو تہ اسانجي وارڊ جي ڏڪڻ اوير واري پٽ جي پرسان ٻئي وارڊ ۾ جام ساقي قيد آهي. ڪوسي ٻڌائيو تہ پهريائين جام ساقي جو برداشتي هئو. پر هڪ ڏينهن جام سنڌجي ڪن معزز ماڻهن کي گاريون ۽ گهٽ وڌ پئي ڳالهائيو. مون ڪيس منع ڪئي تہ توهان پڙهيل لکيل آهيو ڪنهن کي بہ گار ڏيڻ سان پنهنجو وات خراب ٿا ڪريو. بس پوءِ تہ جام ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ مون سان ڏاڍو وڙهيو ۽ مونکي وارڊ مان بدلي ڪرائي ڇڏيائين.

ڊيوٽي واري سپاهي ٻڌائيو تہ چانگي جو وزن بک هڙتال ڪري ڏهہ پائونڊ گهٽجي ويو آهي ۽ تمام

ڪمزور ٿي ويو آهي. گوشت ۾ پوئين ران جو ثابت ٽڪرو مليو. جيل ۾ جيستائين قيدي ڪجھہ چرپر نہ ڪندو تہ سندس جائز ڳالھہ بہ انتظاميہ نہ مڃيندي. ان ڪري ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪڙڪا ڪڙڪي هجي.

3_8_80

رسول بخش ٽيبو ۽ شيخ مجيب کي ايف. آءِ.يو ۾ ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي تي وڃڻو هئو. ساڻن گڏ قمر پٽي کي بہ شنوائي هئي. گڏجي ڪورٽ ڏي ويا. مجيب ۽ رسول بخش کي فوجي چانوٽي جي پُڇا ڳاڇا مرڪز تان واپس ملٽري ڪورٽ روانو ڪيائون. عبدالصمد ڪانڌڙو کي ڪجھہ پاڇي ۽ ضرورت جو سامان موڪليوسون. جواب ۾ هن چٺي لکي تہ مهرباني ڪري مونکي پاڻ وٽ ڪچهريءَ لاءِ گهرائيو. محمد خان ابڙو کي بہ سائي پاڇي ۽ ضرورت وارو سامان سپاهي هٿان موڪليو. بورچي کي گهرائي چيوسون تہ اسانجي پاڇي ڏار ناهيندو ڪر چاڪاڻ تہ وارڊ ۾ رهندڙ بيا ڪرمنل بي ڪلاس جا ٽي قيدي صرف جيل واري ڪچي راشن تي پاڙين ٿا. حقيقت ۾ اهو اٽپورو آهي.

4_8_80

منهنجو سنڌ جي دشمن سان ناهہ تڏهن ٿيندو:_

جڏهن هٿ جي ترِيءَ تي وار ڦٽندا،

جڏهن سُڪي ميدان تي ٻيڙيون هلنديون،

جڏهن زمين آسمان هڪ ٿي ويندو،

جڏهن مڇي سڪي زمين تي جيئرو رهڻ شروع ڪندي،

جڏهن ٻگهڙ ٻڪرين جو ڌنار ٿيندو،

جڏهن سج ۽ چنڊ اڀرڻ کان بس ڪندا.

رسول بخش ۽ مجيب کي ايف. آءِ.يو وٺي ويا. ٻي بجي ڌاري واپس پهتا. ڪين نائين تاريخ تي وري گهرايو اٿن. مجيب ٻڌايو تہ اسان جي ڏنل بيان مان مطمئن ناهن ۽ چيائون تہ اسان يونيورسٽي جي قيدي شاگردن جي ٻي پارٽي گهرائي انهن کان بہ پڇا ڳاڇا ڪري، پوءِ توهان جي بيان کي آخري شڪل ڏينداسون. مون بشير شاهاڻي وارن کي چٺي لکي تہ متان انهن کي گهرائين تہ ذهني طرح سان تيار هجن. شام جو هلڪي برسات پئي. موسم ڏاڍي پياري لڳي پئي آهي. اسان جي پاڻ ۾ مختلف موضوعن تي ڪچهري ٿي.

18_8_80

شيخ قاضي پاڪدامن، اي مشائخ مولوي!

ڪر نصيحت ڪي ڦٽو هر جاءِ حق حاضر ڏنم!

نيرن جي ماني کان پوءِ رسول بخش ۽ قمر پٽي شطرنج راند ڪي لڳي ويا. مجيب ۽ مان پرک پروگرام رکيو جنهن ۾ بين الاقوامي سطح تي مختلف شخصيتن کي ڳوليوسون. ”ڪليات مصري شاهہ“ جو مطالعو ڪيم.

19-8-80

شنوائي تي سمري ملٽري ڪورٽ ويس. اتي منهنجو يونيورسٽي جو پيارو استاد پرويز مرزا ملاقات لاءِ آيو. عزيزم فرمان علي شاهہ، ساٿي شاهنواز شيخ (لاڙڪاڻو)، حبيب الله ناريجو ۽ قربان علي شاهہ سان ڪچهري ٿي.

سمري ملٽري ڪورٽ ۾ ميجر فاروق گهرائيو ۽ مون کان سوال پڇيائين تہ توهان جيئي سنڌ وارا پنجابين جي مخالفت ڇو ٿا ڪريو؟ مون ڪيس چيو تہ هر قوم جو بنيادي مسئلو ”اقتصاديات“ هوندو آهي ۽ ان قوم جي جياپي ۽ موت جو دارومدار ان تي هوندو آهي. پنجابين اسان جي مڪمل اقتصاديات تي قبضو ڪري سنڌين کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور: فوج جي رٽائرڊ آفيسرن کي سنڌ ۾ انعام طور زمينون ڏنيون ٿيون وڃن. جيڪڏهن پنجابي پهلوان ڪشتي ٿو کٽي تہ ان کي سنڌ ۾ انعام طور زمين ڏني ٿي وڃي. جيڪڏهن ڪو پنجابي ڪرڪيٽ راند کٽي ٿو اچي تہ ان کي سنڌ ۾ زمين ڏني ٿي وڃي. بهرحال، خاموشيءَ سان منهنجون ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ وري ٻي شنوائي ڏنائين.

پوليس ٽرڪ هڪڙي هيٺ ڪري نارا جيل ۽ سينٽرل جيل جا قيدي ان ۾ ويهاريائون. پهريائين نارا جيل جا قيدي ڇڏڻ هليا. اُتي ڊپٽي لعل محمد سومرو مليو. جنهن کي مون چيو تہ امان الله شاهاڻيءَ ۽ نظام پنهور سان ملاقات ڪراءِ، پر خبر پئي تہ ٻئي ڄڻا بيمار آهن ۽ اسپتال ۾ آهن. موٽي سينٽرل جيل تي اچي ڇڏيائون. وارڊ ۾ جيئن داخل ٿيس تہ شيخ مجيب اڳيئي هاءِ ڪورٽ لاءِ تيار بيٺو هو. رسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺڻ لاءِ ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻو هو.

20-8-80

اسان جي وارڊ ۾ بين سان گڏ هڪ ارشد نالي نيشنل بينڪ جو مينيجر قيدي آهي. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ سندس گهرواري رفعت، جيڪا هن سان هميشہ جهڳڙو ڪندي رهندي هئي ۽ ڪڏهن بہ سکيو ٽڪر کائڻ نہ ڏنائين ۽ هن وري سندس نالي تي بينڪ ۾ ڇاونجاهہ هزار روپيہ ۽ ٽيٽيهہ هزار روپين جا پرائز بانڊ بہ ۽ هڪ وڏو پلاٽ بہ ان جي نالي تي ڪري ڇڏيو آهي، پر پوءِ بہ هُوءَ هن مان خوش نہ رهي ۽ آخرڪار خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسرائي ڇڏيائينس. هن جو هڪ پٽ سهيل بہ آهي، پر اهو بہ هن

سان سنو نٿو ھلي ۽ نوڪريءَ تان بہ سسپنڊ آھي. ھر وقت مايوس ۽ پريشان رھي ٿو. حالت اھا اٿس جو ملاقات نہ اچڻ ڪري سگريٽ بہ برداشتين ڪان وني پيئندو آھي. مون ڪيس ڪجھہ لفافا ڏنا. چاڪاڻ تہ ڪجھہ ذاتي دوستن کي خط لکي مدد وٺڻ چاھيائين ٿي. مجيب شيخ, شام جو ڪراچيءَ مان واپس پھتو ۽ ٻڌايائين تہ محترم نور الدين سرڪي وڪيل ھاءِ ڪورٽ ۾ رِٽِ داخل ڪئي آھي. ٻڌڻ ۾ آيو آھي تہ جيل انتظاميہ سياٽي جيل جي جھڙتي وٺندي. قيدين جو چوڻ آھي تہ جيل انتظاميہ جو خرچ ڪٽندو آھي تہ پوءِ سڄي جيل جو جھڙتي ڪندا آھن ۽ پوءِ سُڪن سان گڏ ساوا بہ سڙي ويندا آھن. ان ڪري اسان جو برداشتي عمر سمون گوڏ جو پوتڙو ۽ وھاٽو منھنجي ڪوليءَ ۾ رکي ويو آھي. چاڪاڻ تہ اھي شيون ”سي ڪلاس“ جي قيديءَ کي جيل قانون تحت رکڻيون ناھن.

22-8-80

اڄ جھڙتي ڪانہ ٿي, صرف افواھہ ھو. پر قيدين جو چوڻ آھي تہ ايندڙ ڪنھن بہ موڪل واري ڏينھن تي جھڙتي ضرور ٿيندي. چاڪاڻ تہ عيد جي ڪري ھر ڪنھن قيديءَ وٽ ٿورو گھڻو سامان آھي, ان ڪري بٺئي يا پيراٽو ٿويو ضرور ڪيندا. قيدي ويچارا مجبور, ڪجھہ بہ نہ ڪچي سگھندا آھن. حقيقت ۾ جھڙتيءَ دوران ڪابہ اعتراض واري شيءِ قيدي وٽان نڪري ٿي تہ اھا جيل قانون موجب رجسٽر تي لکي گودام ۾ جمع ڪرائي ڇڏبي آھي ۽ جڏھن قيدي آزاد ٿيندو آھي يا جيل بدلي ٿيندو اٿس تہ اُھي شيون کيس موٽائي ڏبيون آھن. پر ھتي تہ چرخوابتو قرندو آھي.

23-8-80

رچنا پبليڪيشن جو پرچو پڙھڻ لاءِ مليو. چڱو پرچو آھي. جيل جھڙي ماحول ۾ اھڙي ڪا شيءِ پڙھڻ لاءِ ملي وڃي تہ پوءِ چا ڪپي؟ نسيم ٿيبو جو انٽرويو چڱو آھي. پڙھڻ مان معلوم ٿيو تہ شايد ھن جي دل جي نازڪ مُڪڙي مُلن جي فتوائن يا ڪنھن ڪميونسٽ جي ڪوجھي ڪردار مُرجھائي ڇڏي آھي. اياز گل, زبيده ميتلو ۽ بليل ڪورواھيءَ جا شعر ڏاڍا پسند آيا. باقي سليمان سولنگيءَ جو آزاد نظم ائين پيو لڳي تہ شاعر جي مٿان مايوسيءَ جا ڪڪر آھن ۽ پاڻ انھن جي چانوَ ۾ پيو گھمي. رات جو ڪرشن چندر جو ناول ”غدار“ پڙھڻ شروع ڪيم.

24-8-80

رسول بخش, مجيب ۽ قمر شنوائيءَ تي ويا. مون شاھہ مقدم کي جيل لائبريريءَ مان تحفة الڪرام ڪتاب لکي ڏنو تہ وني اچي, پر لائبريري انچارج نہ ھئڻ ڪري موٽي آيو.

25_8_80

جيل جي لائبريريءَ مان ڪتاب ”سنڌ جو سفر“ گهرايم ۽ پڙهي پورو ڪيم. ڊاڪٽر نور عباسي ۽ سندس ٻيو جونيئر ڊاڪٽر گڏجي اسان جي وارڊ ۾ آيا. رسول بخش کي بخار آهي، قمر پيٽيءَ کي اکين جي چڪاس ڪرائڻي آهي ۽ شيخ مجيب کي ريزش ٿي پئي آهي. اسان جي ٻن برداشتين کي بہ بخار آهي. دوائون لکي ڏنائين تہ ٻاهران گهرايو حالانڪ اسان کي خبر آهي تہ جيل اسپتال جي پنجويهہ هزار روپين جي بجيٽ تازو ملي آهي. گهڻي بحث کان پوءِ اسان جي ٻن برداشتين لاءِ ڪير جو هڪ ڪلو لکي ڏنائين. جيڪو ست ڏينهن ملندو.

26_8_80

قمر کي ڊاڪٽر اسپتال ۾ گهرائي نظر تپاس ڪري ڪيس ٻڌايو تہ تنهنجي اکين جو نُور ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي. ان لاءِ دوائون لکي ڏنائينس.

27_8_80

اسان جو هڪ برداشتي ميهڙ جو ڪوڙو سوڍر آزاد ٿي ويو. ڪيس چانهہ، مانيءَ لاءِ پنجاهہ روپيہ ڏناسين. جيل لائبريريءَ مان مولانا ابوالڪلام آزاد جو ڪتاب ”غُبارِ خاطر“ پڙهڻ لاءِ گهرايم.

28_8_80

لائبريريءَ جو ماستر آيو. رسول بخش ۽ مجيب وٽ ڪجھ ڪتاب هئا، جيڪي کڻي ويو. قمر پيٽيءَ کيس پئسہ ڏنا تہ ڪتاب ”پَسِ ديوارِ زندان“ ٻاهران گهرائي ڏئي. ارشد مون وٽ ڪچهريءَ لاءِ آيو. هر وقت مون کي منٿون ڪندو رهي تہ مان هن جي ڪيس ۾ مدد ڪريان، جيئن هي ضمانت تي ٻاهر نڪري.

اڄ وري ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ سپاٽي جمع جي ڏينهن جهڙتي ٿيندي. جمع جي ڏينهن خاص ڪري ان ڪري جهڙتي ٿا ڏين جو ڇين پارٽي وارا پڪا قيدي يا ٻُهاري يا ليپا پارٽيءَ وارن کي موڪل هوندي آهي ۽ اُهي پارٽيون ڪم تي نہ ويندڙيون آهن. لازمي آهي تہ جهڙتيءَ دوران دير ٿي ويندي آهي.

29_8_80

معمول مطابق صبح جو پنجين بجي اسان جي وارڊ ۾ کولين جا دروازا کونہ کليا. سردار سپاهي ڇهين بجي اچي دروازا کوليا. پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ جهڙتي آهي، پر اسان جي وارڊ، ”بي ڪلاس وارڊ نمبر 2“ (ڪارن ٽين) ۽ ”اي ڪلاس“ وارڊ ۾ جهڙتي ڪانہ ٿيندي. شايد سپاٽي يا ڪنهن ٻئي وقت تي اچن، ڇاڪاڻ تہ ”بي ڪلاس“ وارا قيدي ڪم وغيره ڪونہ ڪندا آهن. تنهن ڪري ڪنهن بہ وقت

جهڙتي تي سگهي ٿي. اسان جي وارڊ جو مقدم ٽنڊي آدم جو شاهہ آهي. ڪانئس جهڙتيءَ جي بابت پڇيم، جنهن ٻڌايو تہ صبح سوير سپريڊنٽ ڪان سواءِ ٻيو سڄو عملو جهڙتي ڏيڻ آيو هو جنهن ۾ قيدين جو ڪافي سامان، سنڌي اٽپوريون ٽوپيون، اڳٽ، سڳيون، گنجيون جيڪي قيدي ٺاهيندا آهن، اُهي ڪنيائون ۽ جن سزا يافتہ (پڪن قيدين) وٽ پنهنجا ذاتي ڪپڙا، رلي، وهاڻو چادر، بليڊ، خالي ٽين جا ڊبا وغيره هئا، سڀ ڪٽي ويا. عيد جي ڪري ڪافي قيدين وٽ ٿورا گهڻا پئسا بہ هئا، اُهي بہ ڪٽي ويا. جيڪي غريب قيدي هئا ۽ انهن وٽان ٿورو سامان بہ نڪتو تہ انهن کي ڏنڊا ٻيڙيون هٽي بند وارڊ ۾ بند ڪري صبح شام پيرن جي ترين تي ڏهہ ڏهہ ڏنڊا هنيا ويندا آهن. پر ان جي جاءِ تي اڄ جو مثال آهي تہ هڪ قيدي راجا جاويد وٽان (جيڪو هڪ وڏي پوليس آفيسر جو پٽ آهي) چرس جي ڏيڍ پتي نڪتي، پر ان کي ڪجهہ بہ نہ چيو ويو. بورچي خاني ۾ هڪ قيدي ڊپٽي نواز جون ٽوپيون ٺاهيندو آهي، پر ان کي ڪجهہ بہ نہ چيو ويو. حقيقت ۾ ٽوپيون، اڳٽ، سڳيون ٺاهڻ سٺو هنر آهي ۽ ان سان گڏ قيدين لاءِ واندي ويهڻ ڪان ڪجهہ بهتر آهي تہ ڪجهہ مشغولي هجي، ڇاڪاڻ تہ واندو قيدي مختلف پريشانين ۽ سوچن ۾ گهيريل رهي ٿو. بهرحال، جيل انتظاميہ ماحول کي بگاڙڻ جي پاڻ ذميوار آهي.

30_8_80

هڪ مهيني گذرڻ ڪان پوءِ ٿرڊ ڪلاس پلاسٽڪ جون پليٽون جيل انتظاميہ موڪليون، جنهن تي سپريڊنٽ کي پليٽن سان گڏ چمچا لکي موڪليسون تہ اهي پليٽون ”بي ڪلاس“ وارن جي معيار ڪان مٿي آهن. ان ڪري ڪنهن اعليٰ عملدار جي آمد وقت ڪاڏي ڪارائڻ جي وقت استعمال ڪندا ۽ پوءِ ڌوئي شوڪيس ۾ رکي ڇڏيندا. متان ٻاهر خراب ٿي وڃن.

شام جو شيرازي جيلر آيو جنهن کي برداشتيءَ جي ڪوٺ ۽ وارڊ ۾ صفائيءَ لاءِ چيوسين. چانهہ پي هليو ويو. قمر پٽيءَ سان گڏ آءٌ معمولي ڳالهہ تي ناراض ٿي پيس، جنهن جو ڏک اٿم. ”بي ڪلاس“ جي قيدي اشرف پنهور، برداشتي عمر سمون، اختر ۽ مون گڏجي تاس راند کيڏي. اڄ جيل تي پهريون خط ڀائو راشد مورائيءَ جو پهتو. هن ڪان اڳ جيل انتظاميہ خط نہ ڏيندي هئي، ان ڪري سڀ خط عزيزم قربان علي شاهہ جي معرفت ملندا هئا. جيڪي شنوائيءَ واري ڏينهن پڙهي واپس ڳوٺ موڪليندو هئس. هڪ نئون برداشتي ٽنڊي آدم جو خاصخيلي آيو آهي ۽ لٻيا پارٽي بہ آئي، جنهن وارڊ جي صفائي ۽ چنڊڪار ڪيو. ڪتاب ”غبارِ خاطر“ پڙهي لائبريريءَ کي واپس ڪيم ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو ڪتاب ”جادو ۽ سائنس“ لکيم، پر اُهو نہ هئڻ ڪري مجبورًا حليم بروهيءَ جو مجموعو پڙهڻ لاءِ گهرايم. مجبور، ان ڪري جو حليم بروهيءَ جي ڪتاب پڙهڻ لاءِ...!!

1_9_80

شنوائيءَ تي ويس. اُتي نارا جيل ڪان غلام رسول لاشاري، امان الله شاهاڻي، جانِ مَن، نظام پنهور، مشتاق عباسي، علي محمد پنهور بہ شنوائيءَ تي آيل هئا. سندن ڪيس اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي، جنهن ڪري سخت پريشان هئا. ڪچهري بہ مزي سان ڪونہ ڪري سگهياسين. مون سان ملڻ لاءِ برادرم ارباب علي شاهہ، ماسات حاجن شاهہ، وڏيرو محمد عثمان سينار، مامون اسماعيل شاهہ، مُلو الهندو ڪانُھہ، الهڏنو لوهاچ، اسماعيل ڳانُھہ ۽ پيارا ساٿي عبدالحق ڪانڌڙو، حبيب الله ناريجو، علي احمد پنهور، لطف الله عباسي ۽ لال بخش چانڊيو آيا. جن سان ڪچهري ٿي. جيل تي پهچڻ ڪان پوءِ خبر پئي تہ اڄي چڪر جي چوٿين نمبر بيرڪ جي قيدين جيل مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي ناڪام بنايو ويو آهي ۽ بيرڪ جي اوٽوبهن قيدين کي بند وارڊ ڪري ڇڏيو اٿن. اسان جي وارڊ جو مقدم حڪيم شاهہ پڻ چوٿين نمبر بيرڪ ۾ رهندو آهي. ان کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ ڪوبہ قيدي نہ ڀڳو آهي ۽ نہ وري اهڙي ڪوشش ڪئي اٿس. باقي چڪر جمعدار کي روزانو چانھہ جو ڪوپ ۽ پاپا ملندا آهن. اڄ انهن ۾ دير ٿي وئي تہ اُن اهو ڊرامو رچائي هڪ تير سان بہ شڪار ڪرڻ چاهيا آهن. هڪ تہ آئنده قيدي سني چانھہ ۽ بسڪوٽ ڪارائيندا ۽ ٻئي طرف جيل انتظاميہ وٽ سُرخرو ٿيڻ لاءِ تہ برجستو عملدار آهي. حقيقت ۾ قيدين کي جيڪو کائڻ لاءِ پيتو ملندو آهي، اهو اهڙو تہ گندو ۽ بيڪار هوندو آهي، جنهن جي انتها ناهي. ان ڪري قيدي هندي پچائيندا آهن. جيئن تہ انهن کي جيل جي قانون مطابق پلاسٽڪ جي ڊٻي ۾ گيهہ ۽ تيل رکڻ جي اجازت آهي، ان ڪري دال کي تڙڪو ڏيڻ لاءِ بہ قسم استعمال ٿيندا آهن. هڪ تہ ٽين جي اڌائي سيري ڊٻي ۾ هڪ طرف چورس سوراخ ڪڍي ڪاٺين جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪر ان سوراخ ۾ وجهي باهہ ڏئي ڀاڄي پچائيندا آهن ۽ ٻيو طريقو آهي تہ پراڻي ڪپڙي جو سينهون ناهي، تيل مان ٻوڙي، اڌائي سيرن واري خالي ڊٻي ۾ اندر وجهي باهہ ڏيندا آهن ۽ مٿان ڀاڄي رکي پچائيندا آهن. هتي جيل ۾ اڪثر ڪري پهريون طريقو استعمال ٿيندو آهي، چاڪاڻ تہ هتي جيل جي پٽين ۾ اڪثر ڪري ڪاٺين جا ننڍا ننڍا چورس ٽڪرا لڳل آهن. جيڪي قيدي ڪڍي ڀاڄي پچائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اهڙي ريت قيدي اڄ بہ پٽين مان ڪاٺين جا چورس ٽڪرا ڪڍي رهيا هئا تہ انهن تي جيل مان ڀڄڻ جو الزام هڻي ڪين بند وارڊ ڪيو آهي ۽ اها ڪيڏي نہ تعجب جي ڳالھہ آهي تہ اڄي چڪر جي ٻاهران وري هيڏو پربت جهڙو ڪوٽ سڄي جيل کي قريل آهي ۽ ڏينهن جو ٻارهين بجي قيدين جو ڀڄڻ، ڪيڏو نہ عجيب آ من گهڙت قصو...!

2_9_80

خبر پئي تہ صبحاڻي آءِ.جي جيلز اچي ٿو تہ جيڪي قيدي پڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، انهن جو معائنو ڪري. سپاهي ٻڌائيو تہ سپرنٽنڊنٽ توهان جي وارڊ ۾ چڪر تي اچي ٿو تہ توهان تيار ٿي ويهو. اسان پڇيس تہ تيار ڪيئن ٿي ويهون؟ چيائين تہ دروازي تائين اڳتي هلي ويهو جيئن صاحب اچي تہ سلام ڪريو. اسان ڪيس چيو تہ صاحب بہ اسان جهڙو انسان آهي، وارڊ جي چڱي نموني سان خبر اٿس، پاڻهي اچي ملندو. پوءِ خبر پئي تہ قاسي گهاٽ جي قيدين سان ملي واپس هليو ويو.

3_9_80

آءِ.جي جيلز آئيو. اسان جي بي ڪلاس وارڊ وارن قيدين ۽ قاسي گهاٽ وارن قيدين کان سواءِ سڄي جيل جا قيدي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيائون. صاحب قيدين اڳيان تقرير ڪندي چيو تہ مان صدر پاڪستان جنرل ضياء الحق جي حڪم سان توهان وٽ آيو آهيان تہ توهان چوري ڪرڻ، ڌاڙا هڻڻ، خون ڪرڻ ۽ ٻين ڏوهن کان پاسو ڪيو. نمازون پڙهو قرآن شريف پڙهو ۽ خدا جو خوف دلين ۾ پيدا ڪيو تہ سڀ چڱائي ٿي ويندي. صاحب تقرير ڪري واپس وڃڻ لڳو تہ قيدي ڪانئس سزا ۾ معافي لاءِ عرض ڪيو. چاڪاڻ تہ آءِ.جي جيلز کي قانون مطابق اهو اختيار آهي تہ سزا يافتہ پڪي قيديءَ کي بہ مهينا (سٺ ڏينهن) معافي ڏئي سگهي ٿو. ليڪن صاحب معافي نہ ڏني ۽ هليو ويو. بس پوءِ تہ قيدين جي حالت رحم جوڳي هئي. اسان جي وارڊ ۾ جيڪي قيدي آيا، انهن پڇڻ تي ٻڌايو تہ نمازون پڙهي پڙهي نرڙ گسي ويا آهن، سڄو ڏينهن قرآن شريف جو دور ڪيون ٿا، هر وقت الله پاڪ جي در تي دعائون پيا گهرون، چڱي ۽ بري جي اسان کي خبر آهي، باقي آءِ.جي صاحب اسان جي قبر ۾ ڪونہ هلي سمهندو. ”سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي.“ گهٽ ۾ گهٽ سزا ۾ معافي تہ ڏئي ها. هن جي گهران ڇا ٿي ويو؟

4_9_80

جيل ۾ اچڻ کان پوءِ مٽي جي وارن تڪڙو تڪڙو الوداع ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. هڪ قيدي ڏس ڏنو تہ لاڳيتو چار پنج دفعا مٽي کي پاڪي ڏيار ۽ ڪوپري جي تيل سان مالش ڪر تہ وار ڇڻڻ بند ٿي ويندا.

5_9_80

قمر کي مون کان ڏک پهتل هو. ڪيس وڃي پرچايم. چار ساقي خط لکي گڏي (شٽل ڪاڪ) ۾ ٻڌي اسان جي وارڊ ۾ اڇلايائين. بلڪل ان وقت وارڊ جو انچارج جمعدار اتان اچي لنگهيو ۽ گڏيءَ سوڌو خط کڻي ويو. خبر ناهي تہ خط ۾ ڇا لکيل هو؟

6_9_80

سڄي ڏينهن ۾ اردو ڪتاب ”چٽاگانگ ڪي انقلابي“ پڙهيم ۽ پورو ڪيم.

7_9_80

مجيب، رسول بخش ۽ قمر حاضري تي ويا. موٽي اچي حال احوال ڏنائون. اسان جي وارڊ ۾ نواب شاهه جو غلام قادر جمالي ۽ شهدادپور جو مهاجر سيد ڪبير شاهه بدلي ٿي آيا، چاڪاڻ ته جنهن وارڊ ۾ رهندا هئا، ان ۾ پيپلز پارٽي جو اڳواڻ پيو. ڪي شاهاڻي تي سال سزا وٺي آيو آهي، اهو رهندو. غلام قادر جمالي تمام پيارو ماڻهو آهي. اخلاق وارو ۽ يار ويس ڏسڻ ۾ اچي ٿو باقي سياسي طرح سان ڪابه ڄاڻ ڪانه اٿس.

8_9_80

مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ٿيل ڪتاب ”مقالات الحڪمت“ جو مطالعو ڪيم. ستار موريو کي خط لکيم.

9_9_80

غلام قادر جمالي آيو. تاس راند ڪيڏي سين. رسول بخش ٽيبو ۽ شيخ مجيب ٿيلهي (Drip) هٽائي. سهول منشي آيو جنهن ٻڌايو ته حبيب الله ناريجو ۽ ستار موريو ۽ ٻيو به هڪ همراهه گڏ اٿن. علي حيدر شاهه ۽ قمر پٽي جي ملاقات ڪرڻ آيا آهن. قمر ملاقات ڪري آيو پر اسان جي پڇڻ تي حال احوال نه ٻڌايائين. شام جو قمر وارڊ جي ڏکڻ پاسي واري پٽ تپي جام ساقي سان ڪچهري ڪري موٽيو.

10_9_80

عبدالواحد آريسر صاحب ڄامشورو اسپتال مان ٻن مهينن رهڻ کان پوءِ به ساڳي بيماري واري ڪيفيت ۾ بدلي ٿي اچي جيل پهتو. حال احوال ڏنائين. ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ وَويڪانند جا لکيل هي لفظ منهنجي ذِهن ۾ چُڀڻ لڳا:

”اوهان کي عيش پسند ڏسي، منهنجي دل ۾ وڍ ٿا پون. وطن جي نماڻي مورت پنهنجي شاندار روايتن جي تصوير ڪيڏي، اوهان جي اڳيان آئي آهي. نوجوان! ترسڻ جو وقت ڪونه آهي. هن اڏامندڙ زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟ جنهن جو هڪ پل، جو هت گذري ٿو سو ٻئي طرف ڪفن جي ڪپڙي ۾ ڏاڳو ٿو اُٽي. سستي ۾ اهڙي املهه زندگي آخر ڪيستائين گنوائيندا سين؟ دل ۾ قوم ۽ وطن جي لاءِ ڪجهه ڄاءِ پيدا ڪر. خود غرضي ۽ نفسا نفسي کان پاڻ آجو ڪر. پوءِ ڏس ته ڪيئن نه فتح تنهنجي اڳيان مسڪرائيندي ٿي اچي!“

”هٿ ۽ وڏائي ڪيڏي چڱ ۽ پائرن سان ڪلهي پائي ٿي ڪم ڪرڻ سک. صبر ۽ صداقت هر وطن خدمتگار لاءِ لازمي شيون آهن. پر افسوس جو اهي ٻين ملڪن ۾ تہ موجود آهن. پر هڪ تون ئي آهين، جنهن وٽ ٻيو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪڏهن نہ آهي تہ فقط صبر ۽ صداقت!! وڏندو رهہ! ۽ هر نيڪ ڪم ۾ بي داغ زندگي سان شامل ٿي ٻين لاءِ سهڻو مثال پيدا ڪر.“

”مان توکي خاطري ٿو ڏيان تہ دنيا ۾ ڪابہ طاقت ۽ خطرو ڪاميابيءَ تائين پهچڻ واري راهہ ۾ توکي روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو.“

اخبار ۾ پڙهيم تہ سنڌ جو مشهور ڪلاسيڪل ڳائڻو استاد منظور علي خان موت جي اڳيان مات ڪائي ويو.

”ماڻهو سڀ مُئا وڃن، تون نہ مُئين موت“

اُف يا خدا! هي ڇا ٿي ويو؟ دل ٻاسي ئي نٿي. استاد منظور جي تصوير منهنجي سامهون بيٺي آهي. دل تي بوجهہ ۽ دماغ تي غبار آهي. سوچيان ٿو تہ هاڻ قاڙي رڙيون ڪيان تہ بار هلڪو ٿئي، پر ائين نٿو ڪري سگهان. سندس يادگيرين واري هر محفل منهنجي ذهن تي تري آئي آهي. ڪيڏي مهل مهراڻ ڪاليج مورو ۾ فنڪشن، ڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جا فنڪشن، ڪڏهن ڪراچي يونيورسٽي ۾ لطيف جا ڏينهن، ڪڏهن سنڌ جي مديني ”سن“ ۾ سنڌ جي پيغمبر جي.ايم سيد جي سالگرهہ تي لطيف جون وايون، سچل جون ڪافيون ۽ مصري شاهہ جون ڪافيون هينئر بہ سندس آواز منهنجي ڪنن ۾ پُري رهيو آهي. صرف ايترو چوندس تہ سنڌي ڪلاسيڪي موسيقي جي هڪ باب جي پڄاڻي ٿي. اهو خال شايد ئي ڪير پري سگهي.

اسان سنڌين سان ظلم تہ اهو آهي جو هڪ هيڏو وڏو سنڌيءَ جو فنڪار وفات ڪري وڃي ٿو تہ ”جنگ اخبار“ تلاشِ گمشده جي بيان جيتري بہ اهميت ڏيئي نٿي سگهي.

پاڙيسري ملڪ ڀارت سان جيڪڏهن ڀيٽ ڪئي وڃي تہ ملڪ جي وزيراعظم محترمہ اندرا گانڌي جو نوجوان پٽ جهاز جي حادثي ۾ فوت ٿي وڃي ٿو تہ هندستان جي ريڊيو بہ منٽ خاموشي اختيار نہ ڪئي. پر جڏهن هندستان جو مشهور ڳائڻو محمد رفيع گذاري وڃي ٿو تہ اُتان جو ريڊيو بہ منٽ خاموشي اختيار ڪري ٿو. مطلب تہ هڪ حڪمران وزيراعظم جي پٽ سنجي گانڌيءَ جي موت ڪي ايڏي اهميت نہ آهي، جيڏي هڪ فنڪار جي موت ڪي آهي. استاد منظور علي خان جي ياد ۾ هي شعر چوندس:

ٿمن نيڻ رت وهي، ڇئاڪا ڪيو
مون ڪي ڏنڻ ڏيو ائين تا وڃو اونيا.

(شاهه)

11_9_80

آريسر صاحب سان ڪافي وقت تائين ذاتي ۽ سياسي ڪچهري ٿي. هن عظيم انسان لاءِ مان صرف ايترو چوندس ته:

ويا اُڏامي ڪڪ، پڙ تان پَهَڻُ نه ڇُري.

باقي قمر پيٽيءَ ۽ حبيب الله ناريجي جي اڪين سان آريسر صاحب کي ڏسنداسين ته ٺيو مڙيوئي خير.

باقي منهنجي نظرن سان اڇي ڪير ڏسي ته:

ٿهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پَسڻُ پرينءَ جو.

هن اسان جي زندگيءَ جو وهڪرو ازل کان ابد ڏانهن وهندو پيو وڃي. اسان کي گهرجي ته هن ڪائنات ۾ اهڙن پيارن ماڻهن، جيڪي حيرت ۾ وجهندڙ تخليقون ۽ جوڙ جڪ کن ٿا ۽ دانائيءَ کي ڳولهي لهن ٿا، جن جي ڳالهائڻ مان فطرت جي هر هڪ نظاري جو ڏيک ظاهر ٿئي ٿو ڪائي ڪومايل دل ٽڙي پوي ٿي ۽ ڪوئي سنڌ ڌرتيءَ جو غلام فرد ان جي آواز تي لبيڪ چئي مقتل گاهه ڏانهن ڊوڙندو اچي ٿو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الا! | جُنگ | جيئن، | جنين | اَڇهي | گهاريان، |
| شال | مَ | سُڪي | وِيٺَرِي، | جِٿان | پي | پِيَن. |

(شاهه)

12_9_80

عبدالواحد آريسر کان سچل سائينءَ جو رسالو ورتم ۽ سندس مطالعو شروع ڪيم. ڪافي وقت ڪچهري ٿي. آريسر ۽ مون هڪٻئي کي پنهنجي زندگيءَ جا نه وسرندڙ واقعا ٻڌايا. ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي پائڻ کان پوءِ ڪجهه پيارن ماڻهن جون يادون ستائڻ ٿيون.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڇَلي | ڇَلي | وال | سُهڻي | دي، | جاڻ | بشيهر | ڪالي، |
| طرح | ڪيهي | اِهي | دلبر | مُنهن | تي | سخت | بلائين | پالي. |

13_9_80

قمر ۽ آريسر صاحب جو پاڻ ۾ بحث ٿيو. قمر جي اندازِ گفتگو تان مون کي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي، پر هُو ٽري ۽ هُنَ جو تاب تکو. مان خاموش رهيس. قمر جي هر ڳالهه جو جواب مسڪرائيندي ڏيندو رهيو. اڄ آريسر صاحب پنهنجي ماضيءَ جا ڪيترا ئي واقعا ٻڌايا. جنهن ۾ جي.ايم سيد سان ملهايل شام جو

ذڪر ۽ ان ڏينهن تي شاهہ محمد شاهہ، مدد علي سنڌي، عمر شورو، اسماعيل وساڻ ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري جو ڏاڍو مزيدار قصو ٻڌايو.

ڊاڪٽر نور عباسي، ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر ڳوپ چڪر تي آيا. اسان کين چيو تہ تن برداشتين جي نالي چانور ڪٽڻ اتو لڪي ڏيو چاڪاڻ تہ برداشتي بہ اسان سان گڏ ماني کائيندا آهن. اڄ صمد ڪانڌڙي جو ”بي ڪلاس“ تي ويو. سامان ڪٽي اسان جي وارڊ ۾ پهچي ويو. پنهنجي پياري ساٿي شبير لاکو کي آمريڪا خط لکيم.

14_9_80

اڄ عام قيدين واري پوليس گاڏيءَ ۾ شنوائيءَ تي وٺي نہ ويا. صبح جو ڏهين بجي ڏاري پوليس جو پورو گهاٽ صوبيدار جي اڳواٽيءَ ۾ اسپيشل گاڏيءَ ۾ وٺي ويا. ڪورٽ تي پيارا ساٿي قادر بخش عباسي، اختيار علي لغاري ۽ علي گوهر ٻگهيو آيا. جن سان ڪچهري ٿي. آريسر صاحب ۽ مون پاڻ ۾ ڪافي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

15_9_80

صبح جو سيني گڏجي تاس راند ڪيڏي. بعد ۾ مون ۽ صمد ڪانڌڙي ڪيرم بورڊ راند ڪيڏي. شام جو سيني گڏجي وَنجَهہ وَٽي راند ڪيڏي. ڄام ساقي وارڊ واري وچين پٽ تي چڙهي بيٺو ۽ اتان بيٺي بيٺي مختصر ڪچهري ٿي.

16_9_80

رسول بخش ٽيپو شيخ مجيب ۽ مون گڏجي ڏينهن جو تقريبًا گهڻو حصو آريسر صاحب سان ڪچهريءَ ۾ گذاريو. ڪافي ڪجهہ زندگيءَ جا مشاهدات ۽ تجربات ٻڌايائين. جيڪي تمام سٺا ۽ نصيحت آميز هئا.

17_9_80

آريسر صاحب سنڌس ڳوٺ جي ٻن شخصيتن عليم فقير ۽ سليمان فقير تي سنڌس لکيل تاثرات ۽ فقيرن جي زندگيءَ جو احوال پڙهڻ لاءِ ڏنو. ڏاڍو لطف آيو. هڪ تہ فقيرن جون پنهنجون رمز پريون ڳالهيون ۽ وري آريسر صاحب جهڙي ليکڪ جو قلم. تنهن تہ صفا مست ڪري ڇڏيو. عليم فقير جو هڪ شعر هي آهي تہ:

هلي قُبي ۾ اک جُبي ۾
هٿ ببي ۾ پُٽ چنبي ۾

’ڪـٽـيـو ڪـلـنـدي آءُ،
اهي آهن مرشدن جا ناهه.

عليم فقير جي خيال ۾ مُلوءِ پير انسانيت لاءِ تباهه ڪُن آهن. چوي ٿو:

مُلن ۽ پيرن پاڻ ۾ ڪئي صلاح
اوهان وجهو خرابا ختمن ۾ اسان سڏايون الله

*

اڏ خلق الله جي، مُلن منجهائي،
جيڪا راهه رسول جي، سُجن لڪائي،
قرآن پڙهندا وڏي سڏ، ڪافيءَ جي ڳائي،
مولو ڏيندن ڦاهي، مهندا ڏينهن محشر جي.

18_9_80

صبح جو سيڪو پنهنجي ڪولين ۾ مطالعي ۾ مشغول رهيو ۽ شام جو گڏجي ٻاهر ميدان تي اچي ويناسين ۽ هڪٻئي کي لطيفا ٻڌائڻ ويناسين. قمر ڀٽيءَ لطيفو ٻڌايو تہ سندس ڳوٺ باڍهہ شهر ۾ ٻن بروهين شرط هنئي تہ جيڪو بہ جيئرو گدڙ پڪڙي ايندو ان کي پنج سؤ روپيہ انعام ڏنو ويندو. هڪ چا ڪيو تہ ڍنڍ جي ڪناري تي سُمهي مٿان سارين جو پلال وجهي، پلال جي مٿان مئل مڇي رکي سمهي پيو. پهريائين تہ چرڪيو پر پوءِ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ بروهيءَ جي پير ۾ چڪ هنيائين. بروهيءَ کي ايذاءُ تہ ڏاڍو آيو پر خاموش رهيو. گدڙ اڃا بہ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هن جي ناسُنِ ۾ ناسون وجهي سنگهيائين. جڏهن هن کي يقين ٿي ويو تہ هيءُ مُردو آهي تہ پوءِ بروهيءَ جي سيني مٿان چڙهي ٻيٺو ۽ ڇاتيءَ تي ڌُهي ڪوڙي اُوناڙ ڪرڻ لڳو. بروهيءَ جهڙپ ڏئي ڪٽي ڳچيءَ مان ورتس تہ گدڙ جو هانءُ ڦاٽي پيو ۽ مري ويو. جڏهن گدڙ جو لاش ڪٽي ڳوٺ پهتو تہ شرط واري ٻئي بروهيءَ چيس تہ هيءُ گدڙ تہ مئل آهي. ان تي ڪيس چيائين تہ جيئن مون چاهَر ڪئي هئي، اهڙي ريت گدڙ بہ مِڪُر ڪيو آهي. ٻيو لطيفو صمد ڪانڌڙي ٻڌايو تہ هڪ ميمڻ جو مڪڻ روزانو ڪانءُ ڪائي ويندو هو. اُن کي سزا ڏيڻ لاءِ ميمڻ مڪڻ جو آنو وات ۾ وجهي سُمهي پيو ۽ ڪانءُ بہ ڍُڪندو اچي وات مان چهنب وجهي مڪڻ کائڻ لڳو تہ ميمڻ ڪٽي وات بند ڪيو. ڪانءَ سياٽپ ڪئي تہ هن جو واتُ ڪولرائجي. ڪيس چيائين تہ کهڙي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو اٿئي؟ ميمڻ بہ سياٽو هو تنهن ڏندن ۾ منديءِ زور سان جهلي صرف چپن سان ڪانءَ کي چيائين تہ مان بہ ميمڻ آهيان. ڏندن تي زور ڏيڻ جي ڪري ڪانوَ جي منڊي ڪيچي وئي ۽ ميمڻ جي

جان ڇُٽي پئي. ڏاڍو ڪلياسين. مجيب ۽ آريسر بہ لطيفا ٻڌايا.

19_9_80

ڪلاڪ ڪن مطالعو ڪيم، باقي سڄو ڏينهن تاس ۽ ڪيرم بورڊ راند ڪيڏندي گذاريم.

20_9_80

رسول بخش، شيخ مجيب ۽ قمر شنوائيءَ تي ويا. مون ڪتاب ”سنڌ جي دربار“ جو مطالعو ڪيو.

22_9_80

ڪتاب ”سنڌ جا مير“ پڙهيم ماضيءِ جو چڱو مواد اٿس. آريسر صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي مون واري شعبي ”بين الاقوامي تعلقات“ بابت ۽ استادن بابت پڇيو. مون ڪيس ٻڌايو تہ مُنهنجا استاد محترم عبدالله قلپوٽو عبدالحڪيم لاڪو مهتاب چنہ، عبدالخالق چاچڙ، پرويز مرزا، مهتاب شاهہ آهن. شعبي جي چيئرمين ميڊم مهتاب چنہ آهي. ڪجھہ وقت لاءِ ذهن وري ماضي جي يادن ۾ گم ٿي ويو. استادن جا ليڪچر، پنهنجي ڪلاس فيلو مؤنس اياز مختيار چنو علي گوهر ٻگهيو سبحان ميمڻ، مختيار ميمڻ، علي ڏنو شاهہ، نادر شاهہ سان ڪيل ڪچهريون ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ساٿين سان آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ اُپ ڏاريندڙ ٽهڪ، فيڪلٽيءَ جي ڪينٽن ۾ ميرجت جا سموسا، مٺي وراڻدي ۾ پيتين تي ويٺل راجڪماريون، هٽن ۾ سيون اپ ۽ ببل اپ جون بوتلون ۽ هيٺ پارڪ ۾ ويٺل جوڙا هڪٻئي کي ڪِتڪِتايون رڙيون، ڳُوڪون ۽ چرڪ ۽ جام شورو جون شام واريون هوائون هينئر بہ جبل جي اوچين ديوارن پنيان ساهہ سان سانديو ويٺو آهيان.

صمند ڪانڌڙو کي هلڪو بخار ٿي پيو آهي. سپاهي کي چيم تہ ڊاڪٽر يا ڪمپائونڊر کي وٺي اچ. پر نہ ڊاڪٽر نہ ڪمپائونڊر، صرف اي.پي.سي جون گوريون سپاهي کڻي آيو. ڪيڏي نہ عجب جهڙي ڳالھ آهي تہ مرضي جي خبر ئي ڪانهي تہ ڪهڙي بيماري آهي ۽ گوريون ڏڪي تي موڪلي ڏنيون اٿس.

23_9_80

آريسر صاحب، خليفي نبي بخش لغاري جي رسالي مان شعر پڙهي ٻڌائيا ۽ انهن جي معنيٰ سمجهايائين. اخبار ۾ پڙهيم تہ عراق ۽ ايران جي سخت جنگ لڳي پئي آهي. حقيقت ۾ ايراني قوم ڏوڙ مان تہ جان ڇڏائي پر وري عراق ساهہ ئي ڪونہ کڻڻ ڏنس ۽ جنگ مسلط ڪيائينس. ڏسون تہ آيت الله خميني ڪيئن ٿو جنگ کٽي. منهنجو اندازو آهي تہ عرب قومپرستي ڪري عراق جي صدام حسين جي مدد ڪندا ۽ ايران کي آخر تاهہ لاءِ هٿ وڌائڻو پوندو.

24_9_80

آريسر صاحب کي سندس هڪ دوست طرفان ڪتاب ”سيرت رسول“ مولانا سليمان ندويءَ جو لکيل اردو مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. آريسر صاحب جي دوست جو خيال آهي ته ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپرائبو ته اسلام – اسلام لڳو پيو آهي، ڪجهه چار ڪوڙيون ملي وينديون. آريسر صاحب صرف هن جي حال تي رحم کائي ڪتاب جو ترجمو شروع ڪيو.

26_9_80

صبح جو لاڪيٽي لطيف جي رسالي جو دور ڪيم. آريسر ۽ مون استاد منظور علي خان تي مقالو لکڻ ۾ سڄو ڏينهن گذاريو.

11_10_80

اڄ شنوائي تي شيخ مجيب، رسول بخش ٽيبو ۽ مان گڏجي وياسين. ڪاراٽين وارڊ مان رحمت الله هيسباڻي، عنايت هيسباڻي ۽ سليم جهانگير گڏجي هليا. اتي فتح علي شاهه، فرمان علي شاهه، سٽ ميل ڪان ذوالفقار مري، محمد صالح راهپوٽو، بشير شاهاڻي، قادر بخش عباسي، برڪت علي حيدري، دستي عبدالحق ڪانڌڙو، محمد قاسم لغاري، محترم علڻ خان ٽيبو، وڏيرو بوبڪ خان ٽيبو، نور احمد پنهور، شيخ حبيب الرحمن ملاقات لاءِ آيا. ڏاڍي ڪچهري ٿي. فرمان علي شاهه ٻڌايو ته قربان علي شاهه کي ڇوڪرڙو ڄائو آهي، توهان ڏي مبارڪ موڪلي اٿس. مون کي 10_27 جي تاريخ ۽ رسول بخش، مجيب کي 10_25 تاريخ ملي.

12_10_80

قمر ٻٽي ٻڌايو ته جام ساقي بک هڙتال ڪئي آهي، ان ڪري چيو اٿس ته مون کي رات جي ماني ڏيندا ڪريو. اسان پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته جام ساقي جي حمايت ۾ اسان به بک هڙتال ڪريون، پر دوستن جو اڪثريتي فيصلو ٿيو ته جيڪو ماڻهو پاڻ بک هڙتال جي اصولن جي خلاف ورزي ٿو ڪري، ان کي اسان جي بک هڙتال جو ڪهڙو قدر ٿيندو؟ رات جي ماني ڏني سون، جيڪا پاڻ پيٽ وٺان چڙهي ورتائين.

13_10_80

رسول بخش، قمر ٻٽي کي چيو ته تون روزانه پيٽ ٽيپي وڃي جام ساقي سان ڪچهري ٿو ڪرين، ان جو اثر اسان سيني وارڊن وارن ۽ جام ساقي تي به پوندو. ان ڪري تي سگهي ٿو ته جام کي ان وارڊ مان ڪڍي ٻئي پاسي وڃي رکن، يا اسان کي ٻئي وارڊ ۾ رکن ته اها ٿوري گهٽي جيڪا ڏک سک ۾ هڪ ٻئي

جي مدد ڪريون ٿا، اھا بہ نہ ڪري سگھنداسون. صمد ڪانڌڙي روزانہ ڄام ساقي ڏي پت ٽپڻ ڪري قمر پٽيءَ جو نالو ”ڪميونسٽ پڪر“ رکيو.

آل انڊيا جي ريڊيو تان سنڌي پروگرام ۾ ”سنڌري اتم چنڊاٽي“ ڪھاڻي ”سنڌي ٿي ويا داٽو داٽو“ پڙھي ٻڌائي. سنڌس ڪھاڻي ٻڌي مان اتي بيٺس ۽ جيل ۾ ھڪ سنڌي غلام قيديءَ جي حيثيت سان اوير ڏانھن منھن ڪري سنڌس عزم، حوصلي ۽ محبت کي سلام ڪيم. ڪيڏا نہ پيارا انسان آھن، جيڪي بقول لطيف سائين جي:

سُجو جي ساٽيھہ، تہ بہ ونيھان ئي وترو
گھوريو سو پرڏيھہ، توٽي ڦُلن چانئيو.

14_10_80

اخبار ۾ پڙھيوسون تہ مفتي محمود گذاري ويو. ڊاڪٽر نور عباسي آيو جنھن آريسر صاحب جي پيشاب جي رپورٽ ڏني ۽ چيو تہ ڪجھہ بہ نہ آھي.

15_10_80

قاسي گھاٽ مان چانڊيو مقدم ٽن سزائي موت وارن جون لڪيل ڪھاڻيون مون کي ڏئي ويو.

16_10_80

صمد ڪانڌڙو رسول بخش، مجيب ۽ مان، عبدالواحد آريسر سان مختلف مسئلن تي بحث ڪيو ۽ چريا وارڊ ۾ ھڪ قيدي صحيح علاج نہ ملڻ ڪري وفات ڪري ويو.

19_10_80

صمد ڪانڌڙي چيو تہ جيڪڏھن اڄ عيد جي ڪري ڇڏيائين تہ مان رڪشا ڪري پنھنجي ڳوٺ ڊڙو ويندس. ان تان سڀ دوست ڏاڍا کليا. صمد ڪانڌڙي چيو تہ اسان جي وارڊ ۾ ھڪڙو دوست جنھن مھل ھينان ھوا خارج ڪندو آھي تہ اھا سنڌس نشاني آھي تہ انھيءَ مھل ڏاڙھيءَ تي ھٿ ڦيريندو آھي ۽ اسان سيني صرف قمر پٽيءَ ڏانھن نھاريو.

20_10_80

اڄ ذوالحج جي عيد آھي، ان ڪري نيرن ڪري ڪاراٽين ۾ عيد نماز پڙھڻ وياسين. نماز اسان کان اڳ پڙھي ڇڏيائون. دوست مليا ۽ نماز جي حوالي سان ڏاڍي ڪچھري ٿي. ڪچھريءَ ۾ علي حيدر شاھ، قادر بخش جتوئي، فاضل راھُو ڄام ساقي، نعيم الغني، ساغر سميجو رحمت الله ھيسباڻي، عنايت ھيسباڻي، پيارو اقبال نظاماڻي، نذر مينيجر، محمد حسين ڏنجي، سميع مگريون، شميم واسطي، ابوبڪر

زرداري، قمر راڄپر، متارو ڏاهري، ظفر راڄپر ۽ ٻيا ڪافي دوست هئا. منجهند جي ماني سيني گڏجي ڪاڏي. ماني کائڻ کان پوءِ ڪجهہ دوستن راڳ ڳايو جنهن ۾ ساغر سميجو رحمت الله هيسباڻي، متارو ڏاهري ۽ آخر ۾ ڄام ساقيءَ محمد رفيع جو ڳايل هڪ ڪلام ان جي ئي طرز ۾ ٻڌايو. مون کيس چيو تہ جيڪڏهن محمد رفيع هن محفل ۾ هجي ها، تہ سڄو باجو تنهنجي مٿي تي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏي ها. سيني دوستن ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. اسان سڄي سنگت کي شام جو چانهہ پارٽيءَ جي دعوت ڏني پنهنجي وارڊ ۾ موٽي آياسين. اڄي چڪر مان خدا بخش جيسر ۽ دوست محمد ڪلهوڙي کي گهرائي منجهند جي ماني کارايم ۽ ڪچهري ڪئي سون. دوسو ڪلهوڙي چيو تہ ارڙهين تاريخ تي سائين محمد شاهہ ۽ فرمان علي شاهہ ملاقات تي آيا هئا ۽ مون کي ٻڌايو هئائون تہ علي محمد شاهہ جي والد جي طبيعت تمام نازڪ آهي، پر مون کي منع ڪئي هئائون تہ کيس نہ ٻڌائجانءِ. خبر ناهي تہ ڪيتري قدر ڳالهہ سچي آهي. ڀلا مان هتي جيل ۾ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ زندگي هوندس تہ وڃي پيرين پوندو سانس.

21-10-80

ناشتي تي وينا هئاسون تہ فاضل راهو، قمر راڄپر آيا ۽ ان کان پوءِ سڀ دوست آيا ۽ منجهند جي ماني اسان کين کارائي. سڄو ڏينهن مختلف وارڊن ۾ چڪر هنياسون. ”اي ڪلاس وارڊ“، ”ڪاراٽين وارڊ ۽ ”اسپيشل وارڊ“. ڪالهہ عيد جي ڏينهن ۽ اڄ بہ سلامون عرف چانگا بدمعاش جو وارڊ بند رهيو. کيس عيد جي نماز بہ پڙهڻ نہ ڏنائون. ڪچهري دوران عبدالواحد آريسر خليفي نبي بخش جو هڪ شعر پڙهي ٻڌايو تہ ڄام ساقي کيس چيو تہ اهو ڪنهن جو بيت آهي؟ آريسر کيس چيو تہ خليفي جو آهي. ڄام چيو تہ خليفو ڪٿان جو رهاڪو آهي؟ ۽ شعر تہ چڱو ٿو لڳي. ان تي ئي کيس صمد ڪانڌڙي چيو تہ توهان رڳو لينن ۽ مائوزيتنگ جا ڪتاب پڙهندا، باقي خليفي جي توهان کي ڪهڙي خبر؟ ان ڪري بهتر آهي تہ توهان ان بابت معلومات حاصل نہ ڪئي.

24-10-80

سڄو ڏينهن تاس راند ۽ ڪيرم بورڊ کيڏندي گذري ويو. آريسر صاحب جا سگريٽ ختم ٿي ويا آهن، ان ڪري سخت پريشان آهي، ڪوشش ڪئي سون، پر ڪٿان بہ ملي نہ سگهيا.

25-10-80

رسول بخش، مجيب ۽ قمر پيتي حاضريءَ تي ويا. صمد ڪانڌڙي جي اڄ پهريون دفعو جيل تي ملاقات ٿي. گذريل نون مهينن ۾ هي پهريون دفعو آهي جو پنهنجي ڪنهن مائٽ سان ملاقات ٿي اٿس. جيل

انتظاميه چيو ته اڄ ڪان نائين بجي رات جو بند ٿيو ۽ اسان بند ٿياسون.

26-10-80

سپريڊنٽ نور الاهي، ڊپٽي نواز حسين بخش، نور عباسي، آغا جيلر، قريشي جيلر، شيرازي جيلر، حيدر زمان جيلر ۽ صوبيدار وارڊ جو چڪر هڻڻ آيا. اسان ڪيس شڪايت ڪئي ته ڪرسيون پڳيون پيون آهن، ٿهرائي نٿا ڏين ۽ ٿانوَ به نٿا ملن. ڪرسيون، چيائين ته ٺهرائي ٿو ڏيان، باقي پليٽون ان وقت ئي موڪليائين.

امير حسين ملباري بورچيءَ کان پڇيائين ته سزا گهٽي اٿئي؟ ورندي ڏنائينس ته ”صاحب (صاحب!) مين باورچي هون.“

27-10-80

شنوائي تي ويس. مون سان ڊيوٽي تي هڪ سيد سپاهي دادوءَ جو هو. مون کان پڇيائين ته تون ڪير آهين؟ مون ڪيس چيو ته سيد آهيان. هڪدم چيائين ته: ”بابل سائين! پنگ جو چڪڙو پيئو ته گهرائي وٺون.“ مون ساڻس معذرت ڪئي. ان تي کِلي چيائين: ”سيد آهين ۽ پنگ نٿو پيئين، عجب جهڙي ڳالهه آهي.“

ملاقات تي برادرم ارباب علي شاهه، ماسات حاجن شاهه، عزيزم قربان علي شاهه، فرمان علي شاهه، پورڻ مان نصر الله کوکر، قادر بخش عباسي ۽ سٽ ميل تان ذوالفقار مري آيا. ڏاڍي ڪچهري ٿي.

28-10-80

سڄو ڏينهن ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغول رهيس. رات کان سخت برسات پئجي رهي آهي. برسات سان گڏ ڳڙا به وسن پيا.

29-10-80

عبدالواحد آريسر صاحب کي مارشل لا ڪورٽ جي طرفان چارج شيٽ ملي آهي، جنهن ۾ مٿس الزام آهي ته: ”توهان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شهيد شيخ مجيب الرحمن جي ورسي ملهائي آهي ۽ ان ۾ توهان صدارتي تقرير ۾ چيو آهي ته جهڙيءَ ريت شيخ مجيب الرحمن بنگله ديش آزاد ڪرايو آهي، اهڙيءَ ريت اسان به سنڌ کي آزاد ڪرائينداسون ۽ توهان فوجين تي لعنتون وڌيون آهن.“ صمد ڪانڌڙي جي چارج شيٽ ۾ لکيل آهي ته: ”توهان انٽرنيشنل هاسٽل سنڌ يونيورسٽي جا ڪمرا زبردستي پڳا آهن.“ بهرحال، آريسر صاحب ۽ صمد ڪانڌڙو ٻئي ذهني طرح سان سزا لاءِ مطمئن آهن، ڇاڪاڻ ته کين يقين آهي ته سزا ضرور لڳندي.

هڪ قيدي نالي آفتاب پنجابي، بي ڪلاس ٽيڻ ڪري اسان جي وارڊ ۾ بدلي ٿي آيو آهي. ڪيس چرس اسمگلنگ ڪرڻ جي ڪيس ۾ ٻارهن مهينا سزا ۽ ڏيڍ ڪروڙ روپيا ڏنڊ لڳو آهي.

1_11_80

اڄ عبدالواحد آريسر صاحب کي سمري ملٽري ڪورٽ ۾ وٺي ويا. پر فريادي ۽ شاهدن جي نہ اچڻ ڪري ٽين تاريخ جي شنوائي ملي. ڪبير شاهہ ٻڌايو تہ مارشل لا وارن جي طرفان فون تي پڇا ڪئي وئي آهي تہ آريسر کي جيل ۾ گهڻو وقت ٿيو آهي؟ خبر ناهي تہ ڇو پڇيو اٿن.

2_11_80

عبدالصمد ڪانڌڙو شنوائي تي ويو پر ان کي بہ 11_6 جي تاريخ ڏئي واپس ڪيائون. زڪام ۽ بخار جي ڪري طبيعت ۾ بيقراري آهي. بدين ٽاٽي جو سڄو عملو گرفتار ٿي آيو آهي.

3_11_80

عبدالواحد آريسر شنوائي تي ويو. مٿس فريادي راهو صوبيدار ۽ پوليس جي سپاهين شاهدي ڏني. وري تاريخ پنج، يارنهن مليس.

4_11_80

بدين ٽاٽي جي سڄي عملي جي گرفتار ٿي اچڻ ڪري ڊي آءِ جي پوليس، ايس.پي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جيل تي آيا. خبر نہ ٿي پئي تہ معاملو ڇا آهي؟ اخبار وغيره ۾ بہ ڪونہ آيو آهي تہ ڪهڙي ڏوهہ ۾ گرفتار ٿي آيا آهن؟

5_11_80

آريسر صاحب شنوائي تي ويو. ڪيس هڪ سال سخت پورهئي سان قيد ۽ ڏهہ ڪوڙا هڻڻ جي سزا ٻڌائي وئي. واپس موٽي آيو. ڪابہ پريشاني يا اهڙا تاثرات بلڪل نہ هئس. منهنجي پڇڻ تہ ٻڌايائين تہ ڏهہ هزار روپيہ ڏنڊ بہ وڌو هئائون. پر جڏهن ميجر مون کان ملڪيت جي پڇا ڪئي تہ مون ڪيس ٻڌايو تہ مون وٽ ڪابہ ملڪيت يا جائداد وغيره ڪانهي. بعد ۾ ڏنڊ جا ڏهہ هزار روپيہ ڪٽي ڇڏيائون.

اڄ ائين اُڏندي خبر پئي تہ بدين ٽاٽي جي عملي، پئسا وٺي ڪنهن ڳوٺ ۾ قتل جي ملزمن کي ڇڏي ڏنائون ۽ ڪيس کي رڪارڊ تان گم ڪري ڇڏيائون. ان ڪيس ۾ آيا آهن. وري بہ سچي خبر نہ پئجي سگهي آهي.

6_11_80

عبدالواحد آريسر کي ڊسٽرڪٽ نارا جيل تي بدلي ڪري ڇڏيائون. ڏک ڏاڍو آهي، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ جيل وارا ڀيو تہ نهيو پر اسان ڇئن کي گڏ ڏسڻ بہ پسند ڪونہ ٿا ڪن. سڄو ڏينهن من اُداس رهيو آهي. ڀائو راشد جو خط ۽ منل حيدريءَ جا بہ خط آيا.

7_11_80

سچل سرمست جو رسالو پڙهيم.

8_11_80

اڄ غلام قادر جمالي ۽ اشرف پنهور جي پاڻ ۾ ملباري بورچيءَ تان تلخ ڪلامي ٿي پئي. اسان سيني ڪوشش ڪئي تہ ٺاهہ ڪرائجي، پر اشرف اسان جو چوڻ نہ ورتو. جماليءَ ڊپٽيءَ وٽ شڪايت ڪئي، جنهن اشرف کي بند وارڊ ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو تہ هڪدم اشرف، جماليءَ کان پيرين پئي معافي ورتي.

9_11_80

رسول بخش، شيخ مجيب ۽ قمر حاضريءَ تي ويا. وري ڪين 11_20 تي شنوائي ملي آهي. سيني دوستن چيو تہ قمر پٽي ميس چڱي نموني سان نٿو هلائي، ان ڪري تون هلائيندو ڪر. محرم مهيني جو چنڊ ڏٺو. پندرهين صديءَ جي شروعات ٿي وئي آهي.

10_11_80

شنوائي تي ويس. اُتي مورو مان ذوالفقار علي شاهہ ۽ شبير علي شاهہ، پيارا ساٿي قادر بخش عباسي، اختيار علي لغاري، محمد بچل لغاري، صاحب خان لانگاهہ، عمر الدين زرداري ۽ دوڙ کان بہ پيارا دوست رحم علي خان مدد ۽ ڏاڏو جُواڻ خان مري ملاقات تي آيا. وري بہ تاريخ 11_23 ملي.

11_11_80

اڄ جيل واري سڄي عرصي ۾ پهريون دفعو جيل تي ملاقات ٿي. رجب علي سينار ۽ محمد منل سينار ۽ سندن هڪ مگٺهار دوست ملاقات ڪرڻ آيا.

14_11_80

قمر پٽي ”اي ڪلاس“ وارڊ ۽ ڪارا تين ”بي ڪلاس“ ۾ ويو. اسان کان پڇيائين بہ ڪونہ تہ مان وڃان ٿو. فاضل راهو اسان کي نيرن جي ماني موڪلي ۽ چورائي موڪليائين تہ مان توهان کي گهرايان، پر شايد موڪل نہ ملي سگهيس. سپريڊنٽ قمر پٽيءَ کي گهرائي چيو تہ توهان ڪارا تين ”بي ڪلاس“ ۾ بدلي ٿي ڪري وڃي رهو. قمر موٽي اچي اسان کان پڇيو.. اسان ڪيس چيو هتي ٺيڪ آهيون. ٻئي وارڊ

۾ بدلي تي ڪونه وينداسين.

16_11_80

بلڪل صبح جو جيئن ٽوٽل ڪليو ”اي ڪلاس“ وارڊ جا ڇهه قيدي محمد حسين ڏنجي، نذر ماستر حنيف، مهر ڪاچيلوي، چرس اسمگلنگ ڪيس ۾ ڪٽنابڊا جو هيمي ۽ سجاد هن وارڊ ۾ بدلي تي آيا. ماستر حنيف جي به ويڙهائو پاليسيءَ جي ڪري اسان ٻين سيني وارڊ جي قيدين کي ٻڌايو ته هن سان اسان جو ڪوبه لاڳاپو ڪونه آهي ۽ نه ئي رکڻ چاهيون ٿا، ان ڪري جيڪڏهن توهان اسان سان ماني وغيره گڏ کائڻ چاهيو ٿا ته پلي کائو ۽ ان تي سيني گڏجي چيو ته ماستر کي اسان گهٽو سڃاڻون ٿا ۽ اسان جو به ساڻس ڪو واسطو ڪونه آهي. اسان سيني ماني گڏجي کاڌي. رات جي ماني وقت ڪٽنابڊا جي هيميءَ چانورن ۾ دال گڏائي ڪٽڪ جي مانيءَ مان گرهه پچي، چانور ۽ دال ان مٿان رکي کائيندو پيو وڃي. محمد حسين ڏنجيءَ سان ڪافي ڪچهري ٿي، جنهن ۾ ماضيءَ جا ڪجهه سياسي تجربا ٻڌايائين.

19_11_80

اڄ محرم شريف جي ڏهين تاريخ آهي. اڄوڪي ڏينهن تي حق جي راهه ۾ ۽ ظلم خلاف شهيد ٿيندڙ انسانيت جي علمبردار حضرت امام حسين جي شهادت جو ڏينهن آهي. حيدرآباد شهر جي لائوڊ اسپيڪرن جا آواز اسان جي ڪولين ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا پيا ۽ مون کي اڄ به ساڳيو يزيد ڏسڻ ۾ پيو اچي ۽ ساڳيو ئي سنڌي قوم غلام ڏسڻ ۾ پئي اچي. اُهي ئي حُر جهڙا انسان به ڏسڻ ۾ اچن ٿا ته وري عمر بن سعد به موجود آهن. شل ڏٽي تعاليٰ سنڌي ماٺهن کي سگهه ڏئي، جيڪي انهن شهيدن جي نقشِ قدم تي هلي سنڌ جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو ڳٽُ لاهين.

20_11_80

رسول بخش، مجيب ۽ قمر حاضريءَ تي ويا. وري 12_4 جي تاريخ وٺي آيا. غلام قادر جماليءَ کي اڄ آزاد ٿيڻو هو ۽ جيل انتظاميه به ڪيس اڄ لاءِ چيو هو ليڪن آءِ.جي جيلز جو هيڊ ڪوارٽر آفيس ۾ نه هئڻ ڪري آزاد ٿي نه سگهيو. جماليءَ پنهنجو سامان به برداشتين ۾ ورهائي ڇڏيو هو. اسان سيني کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته جيل انتظاميه هن کي اڄ آزاد ٿيڻ جي تاريخ ٻڌائي هرويرو ذهني پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪيو آهي.

21_11_80

اسان جي وارڊ جي برداشتي عمر سمي ۽ ٻين برداشتين مون کي ٻڌايو ته برداشتي خدا بخش شاهاڻي

(جوهي ٽنڊو رحيم خان) پنيءَ تي هٽ نٿو رکڻ ڏئي ۽ چڙي ٿو پوي. مون ڪانئس ان جو سبب پڇيو ته ٻڌايائين ته مرد پنيءَ تي هٽ نه سهندو باقي ياڙيو ماڻهو پُنيءَ تي سڀ ڪجهه ڪبس ته پيو سهندو.

22-11-80

جمع پنهور (نارو شاهه) ۽ خدا بخش شاهاڻي ٻئي مون وٽ گڏجي ڪمري ۾ آيا ۽ شاهاڻيءَ دانهن ڏني ته مون ڪي پنيءَ تي هٽ ٿا هڻن. مان پاڻ ڪي ماري وجهندس يا انهن ڪي ماري وجهندس. ڪيس سمجهايم ته تو سان پورِگ ٿا ڪن. پنيءَ تي هٽ رکڻ سان ماڻهو ياڙيو ڪونه ٿو ٿئي. ياڪر پائڻ مهل ٻه ٻئي هٽ وچي پنن سان لڳندا آهن. مس مس وڃي ٿڌو ٿيو.

23-11-80

مان ۽ صمد ڪانڊڙو شنوائي تي وياسين. اتي سرور شاهه، بابا سائين، برادرم ارباب علي شاهه، دوڙ مان ڏاڏو جواڻ خان مري، ذوالفقار علي مري، عزيزم قربان علي شاهه، فرمان علي شاهه، علي گوهر ٻگهيو، قادر بخش عباسي، برڪت علي حيدري ملاقات ڪرڻ آيا. بابا سائينءَ جي صحت بلڪل ڪمزور ٿي وئي آهي. هڪ بيماري ۽ ٻيو وري غربت! دوا ٻه مڪمل تي نه ٿي سگهيس. ڪچهريءَ ۾ مون ڪي چيائين ته معافي نامون لکي نه ڏجانءِ، اهو مڙسن لاءِ عيب آهي. جڏهن ٻه آزاد ٿيڻو هوندو ته ٿي ويندين... وڏيڪ چيائين ته خبر ناهي ته هاڻي پنهنجي جيئري ملاقات ٿئي الائجي نه. منهنجا پير هينئر قبر ۾ پيا آهن. ڪجهه ڳالهيون چوانءِ ٿو انهن ڪي ذهن ۾ رکجانءِ. پهريون ته ڪنهن ٻه انسان ڪي ويهي هٽ نه ڏجانءِ، ڪچهريءَ دوران ڪٽ تي سمهي ڪچهري نه ڪجانءِ ۽ ڪنهن ٻه پاڻ کان وڌيڪ پئسي واري ماڻهوءَ سان ياري نه رکجانءِ. وڌيڪ چيائين ته حاجي ميران بخش ٻڙديءَ وارا (شاهه پور جهانيان) محمد خان ڪاريو (مورو)، سنهو ابڙو ۽ منهنجي ماٽن گنهور شاهه ۽ حافظ جڙيل شاهه وارن سان ڪڏهن ٻه نه ڦٽائجانءِ. بهرحال، بابا سائين جي طبيعت خراب هئڻ ڪري برادرم ارباب علي شاهه ڪيس قربان علي شاهه وارن جي گهر وٺي ويو.

24-11-80

قيدي ميرل حجم جو اچ بند خلاص ٿيو. اسان کان موڪلائڻ لاءِ آيو. ڏاڍو خوش هو. منهنجي ڪمري ۾ هيمي ۽ انجو ڪولي پارٽنر سجاد ڪچهري لاءِ آيا. ان وقت مون خليفي نبي بخش لغاريءَ جو رسالو پئي پڙهيو. هنن ٻه مون کي چيو ته خليفي نبي بخش جي شعرن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌاءِ. مون کين هن شعر:

ڪرڙي ڪائي رت، يت نه وڃهي وات ۾،

پڙ ۾ پهلوانن جي، ويني پرکي پٽ،
جنين نيڻ نست، نينهن نہ لائي تن سين.

مون ان شعر جو پس منظر ۽ ان جي معنيٰ ترجمو ڪري ٻڌائي. ان مهل هيميءَ مون کان رسالو وٺي ان کي سيني سان لڳائي چيو تہ اهڙي شاعر کي منهنجو سلام آهي.

25_11_80

رسول بخش نواب شاهه سيشن ڪورٽ جي حاضريءَ تي ويو.

26_11_80

سپريڊنٽ اسان جي وارڊ ۾ آيو. اسان کي چيائين تہ توهان ”اي ڪلاس“ وارڊ ۾ وڃي رهو. دل ۾ تہ خوش ٿياسين، پر جيل انتظاميہ جي سامهون ڪجهه گهرڙين لاءِ انڪار ڪرڻ کان پوءِ وڃڻ لاءِ راضي ٿياسين. اسان امير حسين ملباري بورچي، برداشتي عمر سمون، صديق خاصخيلي ۽ جمع پنهور گڏ وياسين. صمد ڪانڊڙو ۽ مان هڪ ڪمري ۾، رسول بخش ۽ مجيب ٻئي ڪمري ۾ ۽ قمر ٽئي اڪيلو رهيو. شام جو رسول بخش بہ نوابشاهه مان حاضريءَ تان موٽي آيو.

27_11_80

صمد شنوائيءَ تي ويو. غلام قادر جمالي اسان وٽ ڪچهري ڪرڻ آيو ۽ منجهند جي ماني بہ گڏ کاڌائين. ڪاري چڪر مان الهورائي خاصخيليءَ مون ڏانهن سنڌي گيهه جو سير ڏياري موڪليو.

28_11_80

محمد حسين ڏنجي، غلام قادر جمالي ۽ ڪبير شاهه ڪچهري ڪرڻ آيا. سپاٽي جمالي آزاد ٿي ويندو. ڊپٽي نواز حسين سان مليس. ڪيس گل بهار چانڊيو ۽ الهه ورايو خاصخيلي سان ملڻ لاءِ چيم. گل بهار ان وقت ئي گهرائي ڏنائين. الهه ورائي لاءِ سپاٽي جو واعدو ڪيائين. گل بهار هڪ سنڌي ٽوپي منهنجي لاءِ ڪنيو آيو.

29_11_80

غلام قادر جمالي اسان وٽ آيو. اسان کان موڪلائي ويو. اڄ آزاد ٿيندو. مون کان سنڌي ٽوپي گهريائين، جيڪا مون کيس ڏني. الهه ورايو خاصخيلي ڪچهريءَ تي آيو ۽ شام جو چئين وڳي واپس ڪاري چڪر ويو.

30_11_80

سڄو ڏينهن مطالعي ۾ گذاريم.

1_12_80

محمد حسين ڏنجي آيو. سڄو ڏينهن ڪچهري ڪري شام جو واپس ويو. شيخ مجيب ريڊيو سجاد کي ڏئي آيو هو جيڪو سپاهي نذر کي چٽي گهرايوسين. رات صمد ڪانڊڙي پنهنجي ماضيءَ جو هڪ واقعو ٻڌايو. ان تي سڀني دوستن چرچا ڪيس. نيٺ صمد ڪاوڙجي پيو.

3_12_80

سگريٽ نه هئڻ جي ڪري اسان جا ساٿي ڏاڍا پريشان رهيا. مجبورًا برداشتين ڪان ستون نمبر ۾ پولو سگريٽ وني پيئندا رهيا. ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته هڪ انقلابي تنظيم جا ڪارڪن، سگريٽن نه هئڻ ڪري ڪيڏا مجبور آهن.

4_12_80

رسول بخش، مجيب، صمد حاضريءَ تي ويا. صمد کي يارهين تاريخ ۽ باقي دوستن کي ارڙهين تاريخ ملي.

5_12_80

محمد حسين ڏنجي اسان جي وارڊ ۾ آيو ۽ اسان کي ”بي ڪلاس“ وارڊ نمبر ون ۾ وٺي ويو. ڪچهري ڪري موٽياسين ته صمد ۽ قمر ٻئي ڪاراڻين ”بي ڪلاس“ وارن سان ڪچهريءَ تي ويا. باقي اسان ”اي ڪلاس“ وارڊ ۾ موٽي آياسين.

6_12_80

حاضريءَ تي ويس. اُتي عزيزم فرمان علي شاهه، برادرم ارباب علي شاهه، جعفر سهتو، ذوالفقار علي مري ملاقات تي آيا. وري ارڙهين تاريخ جي شنوائي ملي. عبدالواحد آريسر کي خط لکيم.

7_12_80

آءِ جي جيلز جي ساليانِي انسپيڪشن تي اچڻ ڪري جيل ۾ ڏاڍي صفائي پئي ٿئي ۽ وارڊن کي رنگ پيا ڏيارين.

8_12_80

آءِ جي جيلز مسٽر منظور احمد پنهور ساليانِي چڪاس دوران اسان جي وارڊ ۾ آيو. تمام سهڻي نموني سان پيش آيو. قمر پٽيءَ ۽ مون ڪانئس جيل ۾ ريڊيو رکڻ جي اجازت گهري ۽ کيس درخواست ڏني. چيائين ته هوم سيڪريٽريءَ کي لکندس، اهو اجازت ڏيندو. اهو ڪم به نه ٿيو.

9_12_80

محمد حسين ڏنجي ڪچهريءَ تي آيو. ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون ٻڌايائين. اسان هن جي مزيدار ڳالهين تي کلندا رهياسين.

11_12_80

صمد ڪانڏڙو حاضريءَ تي ويو. وري بہ 12_13 جي تاريخ وٺي موٽي آيو.

12_12_80

محمد حسين ڏنجي ڪچهري ڪرڻ آيو. اج سيني جا هٿ ڏسي پامسٽري جي ذريعي ماضي ۽ مستقبل جي لاءِ ڏُڪا هنيائين. شام جو رسول بخش پليجو ڪچهريءَ تي آيو. انهيءَ جي فرمائش تي برداشتي محمد صديق خاصخيلي ڪلام ٻڌايا.

13_12_80

صمد حاضريءَ تي ويو. ڪيس ملٽري ڪورٽ طرفان ٻارنهن مهينا سخت پورهئي سان سزا ۽ ڏهہ هزار روپيہ ڏنڊ ٻڌايا ويا. ڊاڪٽر مولا بخش جوٽيجو ڪچهريءَ تي آيو.

14_12_80

سڄو ڏينهن ڪچهريءَ ۾ وقت گذريو. اج هڪ نئون برداشتي ماتليءَ جو موڪليو اٿن. اسان جيل انتظاميہ کي چيو تہ سهتو برداشتي ڏيو. سپاٽي لاءِ واعدو ڪيائون.

17_12_80

قمر پٽيءَ جي مسلسل غلطين ڪري سڀ دوست ڪانئس بدظن ٿي پيا آهن. ڇو تہ هن جو پنهنجو اصول آهي تہ جن کي اسان جي منهن تي ڪچيون گاريون ڏيندو آهي، ٻئي ڏينهن وري انهن سان ويهي ڪچهريون ڪندو آهي. خبر نٿي پوي تہ هن جي ڪهڙي ذهنيت آهي؟

18_12_80

رسول بخش ٽيبو، شيخ مجيب، قمر پٽي ۽ مان گڏجي شنوائيءَ تي وياسين. اُتي ڳوٺان مامون نبن شاهہ، مامون اسماعيل شاهہ، ماسات حاجن شاهہ، قربان علي شاهہ، فرمان علي شاهہ، آچر ڪاتُهہ، گل حسن ڪاتُهہ، زوار ديدار حسين لوهاچ، قادر بخش عباسي، صيفل جکراڻي، بشير شاهاڻي ملاقات تي آيا. اج خبر پئي تہ غلام نبي سومرو کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ڏاڍو ڏک ٿيو.

19_12_80

پاليٽيڪنڪ ڪاليج حيدرآباد جا بہ شاگرد گرفتار ٿي جيل جي ڪاري چڪر ۾ آيا آهن. اج اسان

ڪين پاڻ وٽ گهرائي ڪچهري ڪئي ۽ ماني کارائي. سميع مگريو به ملڻ آيو.

20_12_80

رسول بخش کي سخت بخار تي پيو آهي. ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو آيو. طبيعت ڏسي دوا ڏنائين.

21_12_80

اڄ سڄو ڏينهن سخت سردي ۽ وقفي وقفي سان برسات پئي ٿي وسي. اٺ جمع پنهور شڪايت ڪئي ته قمر پٽي مون سان سٺو نٿو هلي، ان ڪري کيس سمجهايو ته گهٽ ۾ گهٽ اسان سان سٺي زبان ۾ ڳالهائي. رسول بخش منهنجي ڪوليءَ ۾ رات جو بند ٿيو ۽ مان وري سندس ڪوليءَ ۾.

22_12_80

رسول بخش جي نوابشاهه شنوائي هئي، پر شاهه لطيف جي عرس مبارڪ ڪري پوليس نه اچي سگهي. شايد شاهه لطيف جي عرس جي ڪري پوليس واندي ناهي. منهنجي مهربان ۽ شفيق استاد ۽ مهراڻ ڪاليج مورو جي پرنسپال سيد علي بخش شاهه جي وڏي ڀاءُ سائين باقر علي شاهه جي حادثي ۾ فوت ٿيڻ جي خبر اخبار ۾ پڙهيم. سڄو ڏينهن بيقراريءَ ۾ گذاريو.

23_12_80

قمر پٽيءَ جي اڏنگي ڳالهائڻ جي ڪري مجيب ۽ مان ساڻس ناراض ٿي پياسين. بعد ۾ قمر اسان کي پرچايو ۽ آئنده رويو درست رکڻ جو واعدو ڪيائين. سائين علي بخش شاهه، مهدي شاهه، ذوالفقار علي شاهه ۽ اطهر علي شاهه کي تعزيتي خط موري لکيم.

24_12_80

غلام نبي سومرو سٽي لاڪ اپ مان بدلي ٿي جيل پهتو آهي. کيس ڪاراٽين واري ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ رکيو اٿن.

25_12_80

غلام نبي سومرو، محمد حسين ڏنجي، پٽ شاهه جو ناز لطيفي اسان سان ڪچهري ڪرڻ آيا. اڄ ڪمشنر حيدرآباد مسٽر عبدالله ميمڻ قيدين ۾ فروٽ ورهائڻ آيو. هُئي سڄي جيل جي وارڊن ۾ ويو صرف اسان جي وارڊ ۾ نه آيو.

26_12_80

شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، علي حيدر شاهه، رسول بخش پليجو عزيز ميمڻ، غلام نبي سومرو محمد حسين ڏنجي، ڪبير شاهه اسان جي وارڊ ۾ ڪچهري ڪرڻ آيا. مهمانن جي اچڻ ڪري اسان وٽان ڪنڊ

ختم ٿي ويئي، ان ڪري ڪبير شاهه ڪنڌ موڪلي ڏني. ناز لطيفيءَ جو ”بي ڪلاس“ ٿي ويو آهي. ان ڪري سندس ماني اسان وٽان پچرائي موڪلٽي پوندي، چاڪاڻ ته ساٿس گڏ جيڪي ٻيا ساٿي آهن، انهن کان ڏار ٿيڻ پسند ڪونه ٿو ڪري.

27_12_80

ياسين جتوئي ۽ عبدالواحد آريسر کي خط لکيم. ناز لطيفي پٽ ڏٽيءَ جي ميلي جي مناڻي ڏياري موڪلي.

28_12_80

برداشتي عمر سمون ٻڌايو ته ڪاراتين واري ”بي ڪلاس“ جي مقدم ميوي چيو آهي ته ناز لطيفيءَ جو راشن مان ڪٽي ويندس. شاهه محمد شاهه چيو آهي. پر مون ڪيس ڪونه ڏنو. اسان سمجهيو ته شايد ناز لطيفي انهن کي چيو آهي، پر پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته مون انهن کي چيو ته ڪونه آهي، باقي ڪالهه پٽائيءَ جي ميلي جي مناڻي موڪلي هئم. شايد ان جي ڪرامت آهي، نه ته هيترا ڏينهن ڪاڏي ويا هئا؟ اڄ مان پنهنجي وارڊ ۾ بيٺل ٻير جي وڻ تي چڙهي ويس ۽ ناز لطيفيءَ سان پري کان دُعا سلام ٿي.

29_12_80

محمد حسين ڏنجي ڪچهريءَ تي آيو. عباداللہ شيرازي جيلر کي ڊپٽي موڪليو ته اسان کان پڇي ته ڪهڙو ڪم آهي؟ اسان ڪيس ٻڌايو ته برداشتي حاجي ماڇيءَ کي بدلي ڪريو. ڪيس بدلي ڪري ڏٽي بخش سهتو (پٽ شاهه جو ويٺل) موڪلي ڏنائون. اڄ امامن سڳورن جو چهلم آهي. پاسي واري اڇي چڪر جي بيرڪ ۾ ناز لطيفي ۽ سندس ٻيا ساٿي سڄو ڏينهن ماتم ڪندا رهيا.

30_12_80

رسول بخش ٿيٻو شيخ مجيب، قمر ۽ مان گڏجي حاضري تي وياسون. اُتي شفيع محمد سرڪي، علي محمد سرڪي، الهه بخش سولنگي، قاسم لغاري، شفيع چانڊيو، خالق سرڪي، ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو ڊاڪٽر مولا بخش ٿيٻو قادر بخش ٿيٻو، ستار موريو، لال بخش چانڊيو، محترم علڻ خان ٿيٻو، قادر منصور جوڻيجو ۽ ٻيا دوست ملاقات تي آيا. ڊپٽيءَ کي چيوسون ته محمد حسين ڏنجيءَ کي اسان جي وارڊ ۾ بدلي ڪري ڏيو. سپاٽي جو واعدو ڪيائين.

31_12_80

محمد حسين ڏنجيءَ کي اسان جي وارڊ ۾ بدلي ڪري موڪليائون. جمع پنهور برداشتيءَ جو ڪم ٻاهر چين ٻيڙيءَ ۾ لکي موڪليائون. اسان ڪيس نه ڇڏيو. اڄ ڪبير شاهه موڪلائڻ لاءِ آيو ۽ آزاد ٿي

ويو. مٿس اٺ لک روپيہ ڏنڊ هو. سواءِ ڏنڊ ڀرڻ جي آزاد ٿي ويو.

1_1_81

اڄ سال جو پهريون ڏينهن آهي. آئون چوڏهين صدي هجريءَ جي آخر ۽ پندرهين صدي هجريءَ جي شروعات وقت بہ جيل ۾ آهيان. ڏسون تہ نئون هجري سال ۽ نئين هجري سنڌي قوم ۽ سنڌ ملڪ لاءِ ڪهڙو پيغام آندو آهي.

2_1_81

جمع جي ڏينهن هئڻ ڪري اسان سيئي دوست ڪاراٽين بي ڪلاس وارڊ ۾ ڪچهري ڪرڻ وياسون. ٿورو وقت ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ علي حيدر شاهہ، شاهہ محمد شاهہ، قمر راڄپر، ابوبڪر زرداري اٿي ويا ۽ پنهنجي ڏار وچي ڪچهري ڪيائون. اهڙيءَ ريت سڀ ٽوليون ٺاهيندا ڪمرن ڏي رڙهندا ويا. خبر ناهي تہ ڪهڙو سُٺ منڊو اٿن. مون سان رسول بخش پليجو ڪچهري ڪندو رهيو ۽ آخر تائين ڪچهري ۾ ويٺو رهيو. ڪجهہ دير کان پوءِ وري ڪمرن مان ٻاهر آيا ۽ محفل مچي وئي. علي حيدر شاهہ اردوءَ ۾ غزل ٻڌايا ۽ سنگت کان داد حاصل ڪيائين. جمع پنهور، گاجو لنڊ جا سلام ڏنا ۽ چيائين تہ ڪيس ڪچهريءَ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. ڪوشش ڪيم، پر اجازت نہ ملي.

3_1_81

سڄو ڏينهن وارڊ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسين.

4_1_81

ناز لطيفي چٽي لکي موڪلي تہ ڪيس چانهہ ڪاڙهڻ لاءِ ٿانوَ ڏياري موڪليون. عمر برداشتي جي هٿان ديگڙو ڏياري موڪليوسون.

5_1_81

محمد حسين ڏنجي جيئڻ تہ پيپلز پارٽي جو آهي ۽ اڄ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي سالگره جو ڏينهن آهي. سالگره ملهائڻ جو ڏنجيءَ بندوبست ڪيو. ان ۾ ڏنجي تقرير ڪندي چيو تہ جن ماڻهن ڀٽي مرحوم کي ان ڪري سزاءِ موت ڏني جو هو سنڌي هو ۽ لاڙڪاڻي جو هو. ان ڪري اهڙن مفاد پرستن جا هٿ پٽڻ گهرجن.

ان کان پوءِ ڪيڪ ڪاٽيا ويا، جنهن ۾ اسان سيئي، برداشتي ملباري، عمر سمون، صديق خاصخيلي، جمع پنهور، ڏٽي بخش سهتو ۽ راشن ڪٽي ايندڙ برداشتي گڏ هئاسون. ڪيڪ ناز لطيفي ۽ پليجي کي موڪليائون.

6_1_81

اڄ ڏٽي بخش سهتو برداشتيءَ ۾ آيو تہ هيءَ جيڪو پٽ شاهه جو علي بخش شاهه ناز لطيفي آهي، ان مون سان ظلم ڪيو آهي. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ منهنجي نڪاح پيل زال، جيڪا صرف لائون لهي پرڻجان ها، اها منهنجي سهري ان شاهه کي پرڻائي ڏني آهي. هڪ تہ مون سان هيڏو وڏو ظلم ۽ ٻيو وري ڪوڙي خون جي ڪيس ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. هاڻ ڪورٽ ضمانت منظور ڪئي تہ وري هن رد ڪرائي ڇڏي. هاڻي مون کان وڪيل هڪ هزار روپيہ خرچ جو گهري ٿو. مان مسڪين، پيءُ پوڙهو نہ ڀني نہ ٻارو، ڪاڏي وڃان؟ بس قيد پيا ڪاٽيون.

مهراڻ يونيورسٽي جا پنج شاگرد سال سال سزا ۽ هزار هزار روپيہ ڏنڊ جي سزا وٺي آيا آهن. ڪين ڪاري چڪر ۾ رکيو اٿن.

7_1_81

علي بخش شاهه ناز لطيفي جيل انتظاميہ کان اجازت وٺي اسان کي اڇي چڪر ۾ گهرايائين. ٽين بجي گڏجي وياسين. گاجو لنڊ ۽ دوسو ڪلهوڙو بہ مليا. واپسيءَ ۾ ڪاراٽين بي ڪلاس ۾ گهڙي پلڪ لاءِ وياسون ۽ دوستن سان ڪچهري ٿي.

8_1_81

سيني برداشتين کي گهرائي سمجهاٽي ڏنم. خاص طرح سان امير حسين ملباري. وارڊ ۾ جيڪو بہ صفائي وارو قيدي اچي ٿو تہ ان کان وڃي پڇي ٿو تہ چرس آهي؟ ۽ پوءِ جيستائين چرس جي ڦوڪ نہ پريندو، تيستائين باورچي خاني ۾ پاڃي ماني سڙي وڃي تہ پلي سڙي وڃي.

شام جو رسول بخش پليجو آيو. ٻڌايائين تہ روزانہ ٽي ڪلاڪ توهان سان ٻيڊ منٽن راند ڪيڏڻ لاءِ جيل انتظاميہ کان اجازت ورتي اٿم. راند تہ ڪانہ ٿي، البتہ سياسي بحث مباحثو بهترين ٿيو.

قمر پٽيءَ کي موڪليوسون تہ ڊپٽيءَ سان ملي ۽ ڪيس چوي تہ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن کي ڪاراٽين بي ڪلاس ۾ رکي. ڊپٽيءَ ڪين بدلي ڪري رکيو.

9_1_81

سپاهي اچي ٻڌايو تہ توهان لاءِ حڪم آهي تہ ”ڪاراٽين بي ڪلاس ۾ نہ ويندا ڪريو. اسان سوچيو تہ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگرد ساٿين سان ملڻو بہ ضرور آهي ۽ ڊپٽي اجازت ڏئي جو ڦري ويو؟ قمر پٽي وڃي ڊپٽيءَ سان مليو. جنهن موٽي اچي اسان کي ٻڌايو تہ شاهه محمد شاهه ۽ قمر راڄپر، جيلر

عبدالحئي قريشي کي چيو آهي تہ: اسان ”اي ڪلاس وارڊ“ وارن سان ملڻ نٿا چاهيون ۽ توهان ڪين منع ڪري ڇڏيو تہ اسان جي وارڊ ڏي نہ اچن ۽ نہ وري اسان ويندا سون. اسان کي پڪ ٿي تہ مهراڻ يونيورسٽي جي نون آيل دوستن کان اسان کي ڪٽڻ جي سازش آهي. قمر پٽي ۽ آءٌ گڏجي ڪاراٽين وارڊ ۾ وياسون. خبر پئي تہ وارڊ جي دوستن جي ميٽنگ پئي هلي. اسان ايسٽائين وجي رسول بخش پليجي جي ڪوليءَ ۾ ويناسون ۽ ساٿس ڪچهري ٿي. حالن احوالن ڏيڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ قمر راڄپر وارن واقعي جيلر کي جهليو آهي. ميٽنگ ختم ٿي. اسان مهراڻ يونيورسٽي جي شاگرد ساٿين کي پاڻ سان گڏ وٺي آياسون. ڪانئن ميٽنگ بابت پڇا ڪئي. ٻڌايائون تہ قمر راڄپر ۽ شاهه محمد شاهه اسان کي چيو تہ توهان اسان جا ميمبر آهيو اسان مهراڻ جا مسئلا حل ڪرائي ڏينداسون ۽ اسان سان تعاون ڪريو. حقيقت ۾ هي دوست لالا رفيق، قمر چانڊيو راجا جئہ شاهاڻي، اقبال ميمڻ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ميمبر آهن.

جيئن انهن دوستن کي ۽ غلام النبي سومرو عزيز ميمڻ ۽ قل کي وٺي ٻاهر نڪتاسون تہ قمر پٽي وڏي هوشياريءَ سان سپاهيءَ کي جلديءَ ۾ چئي ڇڏيو تہ اسان کي صرف ستن ماڻهن جي وارڊ ۾ اجازت مليل آهي، ٻين کي نہ ڇڏجانءِ، حالانڪ ائين ڪونہ هو. پناڻ سپاهي اڳيئي چريو بس چوڻ جي دير هئي. ٻين سيني کي جهلي وارڊ جو دروازو ڪٽي بند ڪيائين. ابوبڪر زرداري چيو تہ توهان اسان جي بيعزتي ڪئي آهي. ان تي قمر پٽيءَ کيس چيو تہ توهان بہ اجازت وٺي پلي اچو اسان جي اکين تي. ائين ڳالهه کي گڏائي هليا آياسين.

10-1-81

غلام النبي سومرو کي مارشل لا ڪورٽ طرفان هڪ سال سخت پورهئي سان ٽيپ، پنج ڪوڙا ۽ پنج هزار روپيہ ڏنڊ وڌائون. علي بخش شاهه، ناز لطيفي ۽ سندس ٻين ساٿين کي سال سال ٽيپ، پنج هزار روپين کان ٽيهه هزار روپين تائين ڏنڊ مارشل لا ڪورٽ طرفان انصاف ۾ پلؤ پيوا ٿن.

11-1-81

ڪتاب ”پس ديوارِ زندان“ جو مطالعو ڪيم.

12-1-81

رسول بخش، مجيب، قمر ۽ آءٌ شنوائيءَ تي گڏجي وياسون. اُتي برادرم ارباب علي شاهه، موسيٰ پٽي، قادر بخش عباسي، ديدار مگسي، بشير احمد پنهور، غلام سرور سرڪي، سليم راڄپر ۽ ٻيا ڪافي دوست ملاقات تي آيا. برادرم ارباب علي شاهه ٻڌايو تہ اسان جي ننڍي ڀيڻ جي شادي عرس مهيني جي

چوويهين تاريخ تي رکي وئي آهي. دل تہ گهڻو ئي چوي ٿي تہ ننڍي پيڙ جو ڪاج پنهنجي هٿن سان وجي تيار ڪيان، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. غلام قوم جي ماڻهن سان ائين ئي ٿيندو آهي. شام جو نور الاهي عرف عام ۾ قهر الاهي جيل سپريڊنٽ ڪچهريءَ تي آيو.

13-1-81

ماڙيءَ تي مون کي گهرائي هوم سيڪريٽريءَ جو ليٽر پڙهاياءِون، جنهن ۾ لکيل هو: ”ريڊئي جي اجازت نہ ملندي ۽ جيئن توهان رهو ٿا، ائين ئي وقت گذاريو.“ رسول بخش کي ڇِڻُ (Hernia) جي تڪليف ٿي پئي آهي ۽ مجيب شفيع جي نڪ جي هڏي وڌي وڃڻ جي ڪري اسپتال موڪليو ويو. رسول بخش کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ جو ليٽر مليو. پوليس جو گهاٽ نہ هئڻ ڪري اسپتال ۾ داخل نہ ڪيو ويو. شيخ مجيب کي وري اتن ڏينهن بعد گهرايو اٿن. ياسين جتوئي ۽ ولڻ ملاح کي خط لکيم. عبدالواحد آريسر شام جو نارا جيل کان بدلي تي آيو. ڏاڍي خوشي ٿي.

14-1-81

ڊاڪٽر نور عباسي، مولا بخش جوڻيجو ڊاڪٽر ڳوپُ ڪچهريءَ تي آيا. ڊاڪٽر قريشيءَ کي ڳوپُ انهيءَ ڪري چون ٿا جو چاليهہ سال عمر تي اٽس ۽ ڪابہ نينگري شاديءَ لاءِ پسند نٿي اچيس. باقي وتي تو رڳو ڪک پن تي اونگرندو. عبدالواحد آريسر سان سڄو ڏينهن ڪچهري ٿي. صمد ڪانڌڙو ۽ مون سان ڪوليءَ ۾ گڏ بند ٿئي ٿو. آريسر صاحب جو ”سي ڪلاس“ هئڻ ڪري ڪٽ ڪانہ آهي. ڪيس مون پنهنجي ڪٽ ڏني، جيڪا هن تمام گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ قبول ڪئي ۽ مان هيٺ سمهندو آهيان.

15-1-81

ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو وارڊ ۾ آيو. ڪيس سترهين تاريخ تي آزاديءَ جي امام سائين جي.ايم سيد جي سالگره لاءِ ڪيڪ آڻڻ لاءِ پئسہ ڏنم.

16-1-81

فاضل راهو، غلام نبي سومرو، راجا جڻہ شاهاڻي، اسلم پرويز ڪچهريءَ تي آيا. ڏاڍو سٺو سياسي بحث ٿيو.

17-1-81

اڄ سائين جي.ايم سيد جي سالگرهہ جو ڏينهن هئڻ ڪري قمر ڀٽيءَ کي ڪاراٽين ”بي ڪلاس“ وارن لاءِ گڏيل دعوت نامون لکي موڪليوسون ۽ چيوسون تہ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ميمبر غلام نبي سومرو ۽ ٻيا اجازت وٺي اچن. خبر پئي تہ شاهہ محمد شاهہ، قمر راڄپر ۽ ابوبڪر زرداري

مخالفت ڪئي تہ جي.ايم سيد ڪهڙي شخصيت آهي جو سالگرهہ ۾ شرڪت ڪجي ۽ انچارج ڊپٽي سپريڊنٽ عبدالحئي قريشي کي چيائون تہ: ”اي ڪلاس وارڊ ۾ سياسي ڳڙجاٽي آهي، ان جي خبر اخبارن ۾ ڇپي تہ تنهنجي نوڪري هلي ويندي.“ ان ڳالهہ کان اڳ راجا جڻ شاهاڻي، عزيز ميمڻ ۽ سليم جهانگير اسان وٽ پهچي ويا. باقي غلام نبي سومرو، ساغر سميجو اسلم پرويز ۽ ٻين دوستن اچڻ چاهيو ٿي، پر ان ڳالهہ جي ڪري عارضي ڊپٽي عبدالحئي قريشي ڊجي ويو ۽ وارڊ جو دروازو بند ڪرائي ڇڏيائين. شام جو ڇئين بجي سائين جي.ايم سيد جي سالگرهہ جو ڪيڪ سائين عبدالواحد آريسر ڪٽيو. محمد حسين ڏنجي، سليم جهانگير، صمد ڪانڌڙو ۽ عبدالواحد آريسر تقريرون ڪيون. آريسر صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ: ”ڪنهن بہ پيغمبر جي پيڙهي ٽن پيڙهين کان وڌيڪ نہ هلي سگهي آهي. پر جي.ايم سيد جي پيڙهي مسلسل تيرنهن پيڙهين کان قوم جي خوشحالي، آزاديءَ لاءِ وطن دشمنن سان وڙهندي پئي اچي.“ وڌيڪ چيائين تہ: ”سائين جي.ايم سيد جا اسان صرف پوئلڳ نہ آهيون، پر ان سان اسان کي عشق آهي ۽ عشق اهو آهي، جتي عقل جون سرحدون ختم ٿي وينديون آهن. سائين جي.ايم سيد جي خامين سان اسان کي پيار آهي ۽ خوبين سان عقيدت آهي.“ بهرحال، آريسر صاحب زبردست تقرير ڪئي. تقرير دوران ڊپٽي عبدالحئي قريشي آيو جنهن چيو تہ ڪاراٽين وارڊ مان آيل ٽن دوستن کي مان واپس وٺي ويندس. اسان ڪيس چيو تہ جيستائين سالگرهہ جي ڪارروائي هلندي، تيستائين دوستن کي نہ ڇڏينداسين. گهڻو زور پريائين، پر اسان ڪيس واپس اُماڻي ڇڏيو.

18_1_81

رسول بخش ۽ مجيب جي ملاقات تي ضمير لاڙڪ ۽ خير محمد سولنگي آيا. جن ڪيس ٻڌايو تہ سائين جي.ايم سيد جي سالگرهہ تي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي عهديدارن جي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ صدر گل محمد جکراڻي، نائب صدر علي محمد سرڪي، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اديب انقلابي ڪامياب ٿيا. باقي ٻين عهديدارن جي خبر ڪانهي.

19_1_81

حيدرآباد جو ڊپٽي ميئر بشير چانڊيو جيل ۾ يومِ ولادت رسول ﷺ جي خوشيءَ ۾ فروٽ تقسيم ڪرڻ آيو. معمول مطابق اسان جي وارڊ ۾ ڪونہ آيو. موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري ساغر سميجو راجا جڻ شاهاڻي ۽ غلام نبي سومرو ڪچهري ڪرڻ آيا. ساغر سميجي ٻڌايو تہ ڪاراٽين وارڊ ۾ ڏاڙهيءَ پٽ لڳي پئي آهي، تڪي جو مزو بہ ڪونہ آهي.

20_1_81

ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو چڪر ھڻڻ آيو. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو ۽ قادر بخش عباسي، رسول بخش منهنجي ملاقات تي آيا ۽ ٻڌايائون تہ جساف جي مرڪزي عهديدارن ۾ محمد حسن باغي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ديدار بلوچ خزانچي ٿيا آهن. لطف عباسي عبدالواحد آريسر جي ملاقات ڪئي.

رات جو ريڊيئي تان خليفي نبي بخش جو ڪلام "موٽُ وسندڙي مينهن. الا، لالڻ لاءِ مَ ڏينهڙا" پئي وڳو. صمد ڪانڌڙي پڇيو تہ ڪهڙي سُر مان آهي؟ ان تي آريسر ۽ مان هن جي سوچ تي ڪلياسين تہ وري چيائين تہ اها تہ مون ڪي خبر آهي تہ ڪلام شاھ لطيف جو آهي، باقي سُر ٻڌايو. پوءِ تہ ڏاڍو ڪلياسين.

21_1_81

ڪتاب "تاريخي ماديت" جو گڏجي پڙهڻ جو پروگرام ٺاهيوسين. اڄ صرف مون ۽ آريسر صاحب پڙهيو. باقي سپاٽي ڪان گڏجي پڙهنداسين. جيڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ ايندي آهي، اها آريسر صاحب سمجهائيندو. نوان جتوئي ڪان منل حيدري ۽ حافظ محمد بخش خاصخيليءَ جو خط آيو.

22_1_81

ڪتاب گڏجي پڙهيوسين. آريسر صاحب سمجهائيندو ويو. نور الاهي شيخ سپريڊنٽ ۽ نواز ڊپٽي گڏجي چڪر هڻڻ آيا. ڪين اسان غلام نبي سومرو جي پاڻ وٽ بدليءَ لاءِ چيو. جيڪو هنن ڏياري موڪليو. شام جو سندس بي ڪلاس جو آرڊر بہ پُهچي ويو.

23_1_81

صبح جو عبدالواحد آريسر کي جيل سپريڊنٽ نور الاهي شيخ گهرايو ۽ ڪيس چيائين تہ تون "سي ڪلاس" جو قيدي آهين، ان ڪري ڪاراٽين وارڊ جي بيرڪ ۾ بين "سي ڪلاس" جي قيدين سان وڃي گڏ رهہ. آريسر صاحب موٽي آيو جنهن اسان سان ڳالھ ڪئي. اسان ڪيس چيو تہ توهان کي ڪونہ ڇڏينداسين. شام جو نور الاهي شيخ مون کي ۽ قمر يٽيءَ کي گهرائي چيو تہ آريسر کي توهان ڇو نٿا ڇڏيو؟ بهرحال، گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ طئہ ٿيو تہ آريسر صاحب عليحده ڪوليءَ ۾ بند ڪيو ويندو. هاٽي غلام نبي سومرو، قمر يٽي ۽ ڏنجي گڏ ڪوليءَ ۾ بند ٿيندا. صمد ڪانڌڙو ۽ آءٌ گڏ ڪوليءَ ۾ بند ٿينداسين. رسول بخش ۽ مجيب گڏ رهيا. حقيقت چاهي تہ نور الاهي شيخ جيڪو پاڻ کي "قهر الاهي" ۽ "ظُل الاهي" سمجهي ٿو ان کي وارڊ جي چڪر دوران آريسر صاحب هٿ ڪونہ ڏنو هو. شايد ان انتقام جو بدلو ورتو ٿو چاهي. حالانڪ هن ئي وارڊ ۾ "سي ڪلاس" جو قيدي دائود پناڻ رهيو هويا هن ئي وارڊ ۾ بيا ڪافي اهڙا پئسي وارا ماڻهو رهيا آهن، جيڪي جيل سپريڊنٽ کي پئسا ڏيندا هئا. وڏيڪ خدا بهتر

ٿو سمجهي. باقي هي سپريڊنٽ صاحب جيل جو مطلق العنان حاڪم آهي. جيڪي چاهي سو ڪري. جمع جي ڏينهن هيڻ ڪري رسول بخش پليجو ۽ راجا جئہ شاهاڻي ڪچهريءَ تي آيا. شاهاڻيءَ جي ڏاڏي ڪالهہ گذاري وئي، ان ڪري ساڻس تعزيت ڪئي سون. برداشتي جمع پنهور ۽ برداشتي ملباري پاڻ ۾ وڙهي پيا. مون خيال ڪيو تہ ٻنهي کي ياڪر پارائي ٺاهہ ڪرائي ڇڏجي، پر قمر پٽيءَ کي اڳ ۾ ئي جمع پنهور تي ڪاوڙ هئي، تنهن ڪري سپاهيءَ کي چيائين تہ هن کي وٺي وڃ ۽ هليو ويو.

24-1-81

صبح جو فضل ڪريم جمعدار چيو تہ سپريڊنٽ صاحب جو مٿو خراب آهي. ہ چار ڏينهن ائين آريسر صاحب کي اڪيلو رهايو پوءِ گڏجي رهجو. مون کي ان ڳالهہ ۾ منافقت ڏسڻ ۾ تي اچي ۽ اها جيل انتظاميہ جي چال لڳي.

25-1-81

جمع پنهور جي بدلي ٽيڻ ڪري ٻيو برداشتي مليو. ڊاڪٽر مولا بخش کي چيم تہ جمعو پنهور اسان جو برداشتي هو ان کي پندرنهن ڏينهن جو آرام لکي ڏيو ان کان پوءِ آزاد ٿي ويندو. واعدو ڪيائين تہ ريسٽ ۽ ڪير ہ لکي ڏيندو سانس.

26-1-81

رسول بخش ٽيڻو شيخ مجيب، قمر ۽ آءٌ گڏجي شنوائيءَ تي وياسين. اتي گل محمد جکراڻي، علي محمد سَرڪي، ديدار بلوچ، ڪامريڊ حسين بخش ٽيبو ۽ ان جو خاص پيارو پهلوان مولا بخش ٽيبو، محمد حسن باغي، حبيب الله ناريجو قادر بخش عباسي، فيض الله پيرزادو لال بخش چانڊيو نور احمد پنهور، حبيب الرحمن شيخ، علي گوهر ٻگهيو موسيٰ پٽي، سٺ ميل تان خليفو رب رکيو سينار، محمد پريل اعواڻ، مير محمد سينار، رجب علي سينار ۽ ٻيا ڪافي شاگرد ساٿي ملاقات ڪرڻ آيا. رسول بخش، قمر ۽ شيخ مجيب کي سپاٽي مارشل لاءِ ڪورٽ ۾ گهرايو اٿن ۽ چارج شيٽ ہ ڪين ڏنائون. مون کي وري 2-7 جي شنوائي ملي.

27-1-81

رسول بخش، مجيب ۽ قمر حاضري تي ويا. غلام نبي سومرو، صمد ڪانڌڙو ۽ مون گڏجي يعقوب منڊي برداشتي سان پوڳ ڪيا. دوست حاضري تان موٽي آيا ۽ ٻڌايائون تہ صرف قمر پٽي کي فوجي اسپتال ۾ ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ موڪليائون. باقي مجيب ۽ رسول بخش لاءِ ملٽري ڪورٽ جي پي.ايس. آءِ ابرار ٻڌايو تہ انهن جي سزا ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر آفيس کان نہ پهتي آهي.

28_1_81

سپريڊنٽ نور الاهي شيخ، ڊپٽي نواز ۽ جيلر عبدالحئي قريشي چڪر هڻڻ آيا. اسان سپريڊنٽ کي چيو تہ آريسر صاحب سان ڪوليءَ ۾ رات جو ٻيو بہ دوست بند ٿئي. نہ مڃيائين ۽ چيائين تہ منهنجو ڏوهه آهي جو ٻي ۽ سي ڪلاس جا قيدي گڏ هڪ وارڊ ۾ رکيا آهن. حالانڪ ائين ڪونہ آهي. ڪاراٿين واري بي ڪلاس وارڊ ۾ بي ۽ سي ڪلاس جا قيدي گڏ ٿا رهن ۽ نور الاهي شيخ جو اهو چوڻ غلط آهي.

29_1_81

آريسر صاحب ڪچهري دوران چيو تہ توکي، رسول بخش، شيخ مجيب ۽ صمد کي ڪنهن بيگار ڪئمپ ۾ موڪلجي تہ توهان کي جيل جو احساس ٿئي ۽ قمر ڀٽي لاءِ چيائين تہ منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو تہ اهو ڪڏهن بہ ڪهڙي بہ موڙ تي سڌري نٿو سگهي.

30_1_81

”ڊڪٽيٽر ڪون؟“ اردو ڪتاب پڙهيم. راجا جڳ شاهاڻي ڪچهريءَ تي آيو.

1_2_81

مون کي ٻڌايو ويو تہ تنهنجي آزادي آهي، حالانڪ ائين نہ آهي. مون تي اجا ٻيا بہ ڪيس آهن. باقي ساغر سميجو (سونهارو) کي آزاد ڪيائون، پر خبر پئي تہ جيل ڪان ٻاهر پوليس گرفتار ڪري هٽيڪو ڪيس. واضح هجي تہ مون کي ۽ ساغر سميجو کي ملٽري ڪورٽ طرفان نو مهينا سزا ملي هئي ۽ الزام هو تہ توهان سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪلاسن جا بائيڪاٽ ۽ فوج خلاف تقريرون ڪيون آهن.

ناز لطيفيءَ جو سؤٽ وفات ڪري ويو آهي. ساڻس عذر خواهي لاءِ جيل انتظاميہ کان اجازت گهري سون، پر نہ ڏنائون.

2_2_81

قمر ڀٽي سپرنٽنڊنٽ سان مليو، پاڻ ۽ محمد حسين ڏنجي اچي چڪر ويا ۽ ناز لطيفي سان عذر خواهي ڪئي. اسان کي ٻڌاياائين بہ ڪونہ.

رسول بخش ٿيٻو کي ”هرنيا“ جي آپريشن لاءِ ايل.ايم.سي اسپتال ڄامشورو پوليس وٺي وئي.

3_2_81

نئون بدلي تي آيل ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ محمد حيات قل وارڊ ۾ آيو ۽ ڪچهري ڪيائين.

4_2_81

راجا جڳ شاهاڻي ۽ سليم جهانگير کي قمر ڀٽي گهرايو تہ جيئن سنڌس ملٽري ڪورٽ لاءِ تيار

ڪيل بيان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏين. راجا شاهاڻي ٻڌايو ته سندس اڄ ملاقات آئي هئي، جنهن ۾ هن کي ٻڌايو ويو ته تنهنجو وڏو چاچو گذاري ويو آهي ۽ سندس سؤٽ کي شفيع ڪرناٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. ايترو ٻڌائڻ کان پوءِ اچي روئڻ ۾ شروع ٿي ويو. مس مس وڃي ماٺ ڪيائين.

سمجهه ۾ ڳالهه نٿي اچي ته جيل ۾ اچڻ لاءِ ته دوست تيار ٿي ويندا آهن. پر جڏهن ڪنهن جي موت جي خبر ٻڌن ٿا ته پوءِ سانوڻ جي برسات شروع ٿي وڃي ٿي. منهنجي خيال ۾ جيڪو به ماڻهو قومي مقصد سان جيل ۾ اچي ٿو ته ان کي ٻاهريون سڀ خواهشون ۽ گهرجون جيل جي ”ماڙي“ جي دروازي کان ٻاهر دفن ڪرڻ گهرجن. رسول بخش پليجو شام جو ڪچهري تي آيو.

5_2_81

سخت سردي لڳي پئي آهي. سڄو ڏينهن آسمان تي ڪڪر ڇانيل رهيا.

6_2_81

راجا شاهاڻي ۽ سليم جهانگير ڪچهري تي آيا. صمد ڪانڌڙو ۽ محمد حسين ڏنجي ڪاراٽين بي ڪلاس وارڊ ۾ ڪچهريءَ تي ويا.

7_2_81

آءُ، شيخ مجيب ۽ قمر حاضريءَ تي وياسون. اسان سان پوليس ٽرڪ ۾ گڏ شاهه محمد شاهه، قمر راڄپر، ابوبڪر زرداري ۽ هيسباڻي برادران گڏ هئا. اتي ارشاد نظاماڻي، انور پنهور، مجيد شيخ، خليل الرحمن ميمڻ، عزيز الرحمن شيخ (مجيب جو ننڍو ڀاءُ) ۽ ٻيا دوست ملاقات تي آيا. مون کي 2_24، مجيب کي 2_22 ۽ قمر کي 2_19 جون تاريخون مليون.

موٽي وارڊ ۾ آياسون ته رسول بخش پليجو پيارو اقبال نظاماڻي ۽ سميع مگريو ڪچهري تي آيل هئا. بعد ۾ اسلم پرويز به آيو. حسن باغي ۽ فضل ڪريم جي گرفتار ٿيڻ جي خبر پئي.

8_2_81

معلوم ٿيو ته اقبال ميمڻ ۽ راجه شاهاڻي ۽ ٻيا مهراڻ يونيورسٽي جا شاگرد آزاد ٿين ٿا. شام جو راجا شاهاڻي ڪچهريءَ تي آيو جنهن ٻڌايو ته سميع مگريو اقبال نظاماڻي سان سيئي ڪڙتالي ڪاوڙجي پيا آهن ته اي ڪلاس وارڊ ۾ ڇو ويو؟ ٻڌايائين ته سڀاڻي آزاد ٿي ويندس.

9_2_81

راجا شاهاڻي آيو جنهن ٻڌايو ته سندس والد ملاقات تي آيو جنهن ٻڌايو ته مارشل لا وارن کي لکي

ڏنو اٿم تہ آئنده چال چلت سڌاري هلندو پر پوءِ بہ اڄ ڪيس آزادي ملي نہ سگهي. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ حيات ڦل سان مليس. ڪيس ديدار چانڊيي لاءِ چيم تہ ڪيس بند وارڊ مان ڪڍو ۽ آريسر صاحب سان ڪوليءَ ۾ گڏ ٻيو ماڻهو بہ سمهارڻ جي اجازت ڏيو پر سپريڊنٽ جو بهانو بنائي ڪم نہ ڪيائين. سنڌي آفيسر نوڪري کي ائين سمجهي ٿو جيئن چور چوري جي ملڪيت کي پاڻ وٽ سمجهندو آهي. اها ڪهڙي ذهنيت آهي!

ناز لطيفي ڏي اچي چڪر ۾ ويس. وري ڪاري چڪر ۾ ويس. جتي الهه ورائي خاصخيلي، لال ڏنو چانڊيو عرف ڪراڙو چانڊيو غلام حسين جتوئي، ڏاڙهون ۽ حسن ماڇي سان ڪچهري ڪيم. نوان جتوئي مان ياسين جتوئي جو خط آيو.

ڊاڪٽر نور عباسي آيو. مون ڪيس چيو تہ مون کي ڏندن مان رت ٿو اچي. پاڻ چيائين تہ مون کي بہ ڏندن مان رت ٿو اچي. مون ڪيس چيو تہ توهان کي اچي تہ پلي، باقي مون کي وٽامن سي جون انجيڪشن لڳرايو. چيائين تہ اسپتال ۾ ڪونہ آهن. ٻاهران گهرايو. ان تان منهنجي ساڻس تلخ ڪلامي ٿي پئي. ان ڪان سواءِ محمد حسين ڏنجي جو بہ ٽڪراءُ ٿي پيس. ٽيو ائين جو راجہ شاهاڻي سان ويهي هٿ ملايو ۽ قمر سان اٿي هٿ ملايو. ان ڳالهہ تان ڏنجي چيس تہ توهان سنڌي ماڻهو اخلاق جا ڏاڍا سٺا هوندا آهيو پر تو ۾ اها ڳالهہ نہ آهي ۽ تون مون سان اسپتال ۾ چڱي نموني نہ هليو هئين. ان تان ڊاڪٽر جو بلڊ پريشر چوٽ چڙهي ويو چاڪاڻ تہ سچ ڪوڙو هوندو آهي. برداشتي عمر سمون ٻڌايو تہ مون کي ماڙي تان معلوم ٿيو تہ عبدالواحد آريسر جا ڪوڙا بحال ٿي ويا آهن.

10_2_81

شيخ مجيب اسپتال ويو ۽ ڪيس ٻارهين تاريخ ڏنائون، جنهن تي نڪ جو آپريشن ڪندس.

11_2_81

آريسر صاحب ۽ مون نيرن جي ماني گڏ ويهي ڪاڌي تہ فضل ڪريم جمعدار عبدالواحد آريسر کي چيو تہ سپريڊنٽ توکي گهرايو آهي. آريسر صاحب ويو. گهڙي دير ڪان پوءِ خبر پئي تہ آريسر صاحب کي ڏهہ ڪوڙا هڻي ڇڏيائون. معمول مطابق جيل جي ڪورٽ ۾ ڪوڙا نہ هنيائون ۽ ان جي بجاءِ گودام ۾ ڪوڙا هنيائون. سڄي جيل ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جي جيل جا قيدي ساراهہ جا ڍُڪ پيري رهيا آهن، چاڪاڻ تہ ڪجهہ قيدي جيڪي منشي وغيره آهن، انهن ٻڌايو تہ اسان سمجهيو تہ آريسر دانهون ڪندو پر سنڌي ماڻهن وانگر دليريءَ جو مظاهرو ڪيائين. جيل جا سنڌي آفيسر، سواءِ ڊاڪٽر نور عباسيءَ جي، سڀئي ڏاڍا ڏکويل هئا ۽ ڪير بہ ڪوڙن واري جڳهہ تي نہ ويتو. ايتري قدر جو ڊاڪٽر

اشفاق قريشي کي جنهن وقت بلڊ پريشر ڏسڻ لاءِ چيائون تہ ان وقت سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. ڪافي دير تائين آريسر وارڊ ۾ نہ پهتو. اسان چٺي لکي تہ سپريڊنٽ سان ملنداسون. جواب ۾ شيرازي جيلر آيو. جنهن کي اسان چيو تہ آريسر کي هڪدم اسان وٽ موڪليو ٻي صورت ۾ اسان بند نہ ٿينداسون. پندرنهن منٽن کان پوءِ آريسر کي وٺي آيا ۽ ڪانئس احوال ورتوسون. ٻڌايائين تہ: ”ڪوڙا هنيائون. ست ڪوڙن لڳڻ کان پوءِ رت وهڻ شروع ٿي ويو هو پر پوءِ بہ ڏهہ ئي ڪوڙا هٽي جان ڇڏيائون.“ شام جو نور الاهي سپريڊنٽ ۽ ڊپٽي حيات قل آيا ۽ ڪلاڪ کن ڪچهري ڪري واپس هليا ويا. رات جو نائين بجي ڏاري محمد حسين ڏنجي کي ٻڌايائون تہ توهان جي ڪراچي جيل ۾ بدلي ٿي وئي آهي ۽ سامان ٻڌو. جلدي ۾ سامان ٻڌائين ۽ ڪيس دروازي تائين ڇڏي آياسين ۽ سيني کي سندس وڃڻ جي ڪري ڪميءَ جو احساس ٿيو. خبر پئي تہ سنڌ يونيورسٽي جا اٺ شاگرد جيل پهتا آهن.

12_2_81

رسول بخش پليجو عبدالواحد آريسر کان پڇڻ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ: ”جيڪي ماڻهو جيئي سنڌ وارن لاءِ چون ٿا تہ فوج جا حامي آهن. اُهي ماڻهو وڏا بدمعاش ۽ بيچڙي ڪردار جا مالڪ آهن. صرف جيئي سنڌ وارن کي سياسي طرح سان بدنام ڪرڻ لاءِ بهانا جاچيندا وتن ٿا. ٻي ڳالهہ نٿي ليين تہ پوءِ نڳيءَ جا ناهہ ناهيو وينا آهن.“ راجا جئہ شاهاڻي موڪلائڻ آيو ۽ ٻڌايائين تہ مهراڻ يونيورسٽيءَ جا پنج ئي شاگرد ۽ هڪ پاليٽيڪنڪ جو لغاري شاگرد آزاد ٿي وڃون ٿا. ٻير جي وڻ تي چڙهي اچي چڪر جي ناز لطيفي وارن کان پڇا ڪيم تہ شاگرد ڪيئن آهن؟ جيڪڏهن توهان وٽ هجن تہ سڏ ڪيونِ تہ ڏسون تہ ڪهڙا آهن. ٻڌايائين تہ پتو ڪونہ ٿا وٺن ۽ چون ٿا تہ اسان کي ڪاراٽين جي ”بي ڪلاس“ ۾ موڪليو ۽ بند آهن. بعد ۾ خبر پئي تہ سپريڊنٽ نور الاهي شيخ ويو ۽ ڪين ڪاراٽين ۾ بدلي ڪيائين. انهن دوستن ۾ محمد حسين باغي، فضل ڪريم منگي ۽ ٻيا بہ ڇهہ ڄڻا سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهن.

13_2_81

محمد حسين باغي، هوت بلوچ، فضل ڪريم منگي ۽ سليم جهانگير لاءِ عباداللہ شيرازي جيلر کي گهرائي چيو تہ هنن کي اڄ جمع جي ڏينهن اسان جي وارڊ ۾ موڪليو ۽ پوءِ ٻئي دوست ڪچهريءَ لاءِ آيا. سڄو ڏينهن ڪچهريءَ ۾ گذاريوسين.

14_2_81

رسول بخش ٿيٻو اسپتال مان خارج ٿي هتي پهتو. اڃا بہ اسپتال ۾ رهڻ جهڙو هو پر مارشل لا انتظاميہ جي چوڻ تي ڪيس جيل موڪلي ڏنائون.

15_2_81

ڊاڪٽر نور عباسي ۽ ڊاڪٽر اشفاق قريشي آيا ۽ گذريل روپيي جي ڪري ڪنهن به هٽ وغيره نه ڏنس. بس پنهنجي ڊيوٽي ڏئي هليا ويا.

16_2_81

سڄو ڏينهن ڪچهري ڪرڻ ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ گذريو.

17_2_81

شيخ مجيب اسپتال ويو پر آپريشن ڏينهن نه هئڻ ڪري واپس موٽي آيو ۽ ڪيس 2_19 تاريخ ڏنائون. رسول بخش پليجو ڪچهريءَ تي آيو. رات جو ڊپٽي حيات ڦل ۽ سپريڊنٽ به ڪچهريءَ تي آيا. ڪافي وقت تائين ماضيءَ جا دفتر کولي ٻڌايائين. بند ٿيڻ کان پوءِ شيخ مجيب صمد سان چرچو ڪيو ته صمد جڏهن پيدا ٿيو هو ان وقت سندس مائٽن ٿاڪي تي پناٽن تي فرياد داخل ڪيو ته اسان جي گهر ۾ ڪاڪوس ڪري ويا آهن. پوءِ صمد جي ته الله ٻڌي. شيخ کي چيائين ته وينو ائين آهين جڻ ٻاڪري مال ۾ ڪتو. وري چيائين ته ستو ائين پيو آهين جڻ چڪلي ۾ ٻاجو پيو آهي. وري مون سان چرچو ڪندي چيائين ته علي محمد شاهه جڏهن پيدا ٿيو هو ته وات ۽ نڪ بند هئڻ ڪري هينان ساهه ڪڍندو هو. اهڙيءَ ريت ڪافي وقت تائين کل يوڳ ٿيندي رهي. اڄ معلوم ٿيو ته شاهه محمد شاهه آزاد ٿي ويو.

18_2_81

سائين عبدالواحد آريسر جي ملاقات تي حفيظ قريشي جونيئر ۽ سندس والد آيا. منهنجي ملاقات تي محمد حسين ڪاريو ۽ غلام نبي سومري جي ملاقات تي ڳوٺان سندس مائٽ آيا.

19_2_81

اڄ قمر پٽي حاضريءَ تي ويو. ڪيس وري 3_3 جي تاريخ ملي آهي. رجب ۽ ذوالفقار مريءَ جو خط آيو.

20_2_81

محمد حسن باغي ۽ فضل ڪريم منگي ڪچهريءَ تي آيا. پر سُتت ئي جمعدار آيو. جنهن ٻڌايو ته سپريڊنٽ چوي ٿو ته واپس وڃي اچين ۽ دوست موٽي ويا. شام جو محمد حسين ڏنجي فروٽ جي پيتي ۽ قمر پٽيءَ لاءِ بوٽ وٺي موڪليا.

21_2_81

صبح جو معمول جي خلاف وارڊ جو دروازو ٻاهران بند ٿي ويو. پوءِ خبر پئي ته سليم جهانگير کي به عدد ڪوڙا هنيا ويا. مولا بخش لغاري، سرور سهتو، محمد جمن دربدر، ابوبڪر ٻُلو ۽ ٻيو هڪ دوست

ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا. جيئن ته ملاقات صرف عبدالواحد آريسر ۽ مون سان ٿي، باقي جيل انتظاميه ٻين دوستن سان ملاقات نه ڪرائي.

22_2_81

رسول بخش ٽيبو ۽ شيخ مجيب شنوائيءَ تي ويا. ڪين 3_4 جي تاريخ ملي.

23_2_81

ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو آيو ۽ ڪافي دير تائين ڪچهري ٿي.

24_2_81

شنوائيءَ تي وياسين. اتي صاحب لانگاهه، حسين بخش ٿيبو غلام قاسم لغاري، ابوبڪر ٻُلو حفيظ قريشي جونيئر، مٽيارين جو قريشي، فرمان علي شاهه، ذوالفقار مري ملاقات تي آيا. وري شنوائي 3_12 تي ملي. شيخ مجيب نڪ جو آپريشن ڪرائي آيو. رات جو دير تائين رت بند نه ٿيس، ان ڪري ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو آيو جنهن دوا ڏني. رات جو دير تي وڃڻ ڪري ماني اسان تيار ڪرائي ڪيس ڪارائي. ٻارهين بجي ڏاري ڊپٽي حيات ڦل چڪر هڻڻ آيو.

25_2_81

سپرنٽنڊنٽ نور الاهي شيخ ٻنهي جيلرن ۽ ڊپٽي سوڏو وارڊ جو چڪر هڻڻ آيو. پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪو ڪم ڪار؟ ڪو حڪم؟ ڪو احڪام؟ ڪا تڪليف؟ پڇي هليو ويو.

26_2_81

لال بخش چانڊيو ۽ پرتاب، رسول بخش ٿيبي جي ملاقات تي آيا. شيخ مجيب ڏي ماروي هاسٽل مان خط ۽ رسالو آيو پر خط ۾ هڪ لفظ هئڻ ڪري سڄو خيالي محل ڊهي اچي پٽ پيس.

2_3_81

طبيعت ۾ ناچاڪائيءَ ڪري سڄو ڏينهن بوريت رهي. پاڪستان جو مسافر بردار هوائي جهاز اغوا ٿي افغانستان جي ڪابل هوائي اڏي تي وڃي لٿو.

4_3_81

رسول بخش ٿيبو ۽ شيخ مجيب ڪي شنوائيءَ تي ڪورٽ ۾ ڪونه وٺي ويا. ٻڌڻ ۾ آيو ته شهر ۾ هنگاما آهن ۽ جلوس نڪتا آهن، ان ڪري سڄي پوليس اتي ڊيوٽيءَ تي آهي. سڄي جيل مان ڪورٽ ڏي ڪوبه قيدي ڪونه ويو.

5_3_81

سڄو ڏينهن ڪتابن پڙهڻ ۾ گذاريم. شام جو ڊپٽي حيات ڦل آيو جنهن راشد مورائي ۽ صاحب لانگاهه جا سلام ڏنا. اسان کيس رات جو ڏهين بجي بند ٿيڻ لاءِ چيو. چيائين ته رات سپريڊنٽ کي توهان جي وارڊ ۾ وٺي ايندس، توهان ان کي چئجو. رات جو ڊپٽي ۽ سپرنٽنڊنٽ نور الاهي شيخ آيا. رات جو ڏهين بجي بند ٿيڻ جي اجازت ڏنائين ۽ کولي جي پڳل دروازي کي ٺهرائي ڏيڻ جو به واعدو ڪيائين.

7_3_81

وارڊ جي صفائي ڪرڻ وارن قيدين مون کي چيو ته اسان کي اڄ کنڊ ۽ کير واري چانهه پياريو. مون برداشتيءَ کي چيو ته هنن کي چانهه ڪاڙهي پياريو ۽ فضل ڪريم جمعدار کي چيو ته هنن کي به اڍائي ڪلاڪ چڏ ته وارڊ جي وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهي آرام ڪن، جنهن هنن کي اجازت ڏني. چانهه پيئڻ کان پوءِ واري واري سان ڪلام ڳائيندا رهيا. قيدين کان معلوم ٿيو ته اڄ ماڙيءَ تي ڪجهه سياسي قيدين جا فوٽو ڪڍيا اٿن. خبر ناهي ته معمول جي خلاف اوچتي تبديلي ڇو آئي آهي؟

8_3_81

وارڊ جي صفائي تي ايندڙبن قيدين. هڪ بوبڪن جو ڪوسو ۽ ٻيو ڳوٺ سوائي خان چانڊيو جو هڪ چانڊيو پاڻ ۾ پوڳن تان وڙهي پيا. مون کين سمجهايو ته توهان قيدي آهيو ننڍڙين ڳالهين تي جهڳڙو ڪندؤ ته جيل وارا توهان کي بند وارڊ ڪري ڇڏيندا، پوءِ پادر کائجو. گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ چانڊيو ۽ ڪوسو راضي ٿيا. کين پاڪر پارائي ڇڏيم. معلوم ٿيو ته پاڪستان جو اغوا ٿيل هوائي جهاز ڪابل هوائي اڏي تان شام ملڪ ڏي روانو ٿي ويو.

9_3_81

فضل ڪريم جمعدار ۽ تبارڪ الذي صوبيدار آيا. چيائون ته صاحب چيو آهي ته توهان سامان کڻي بي ڪلاس وارڊ 1 ۾ وڃي رهو. اسان کيس چيو ته پاڻ ۾ مشورو ڪري توهان کي ٻڌايون ٿا. ڪجهه دير کان پوءِ شريف سپاهي آيو جنهن چيو ته توهان پيلي اتي هجو. خبر پئي ته ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ مير محمد جوٽيجو ۽ دائود پناڻ گرفتار ٿي پهتا آهن. کين ڪاراتين بي ڪلاس وارڊ ۾ رکيو اٿن ۽ اتان سي ڪلاس جي قيدي شاگردن کي ڪڍي مختلف وارڊن ۾ ورهائي رهايو اٿن.

ڊپٽي حيات ڦل ۽ شيرازي جيلر گڏجي آيا. چيائون ته توهان سامان کڻي بي ڪلاس وارڊ ۾ هلي رهو اتي مخدوم رهندا. اسان سامان وارڊ کان ٻاهر ڪڍي رکيو ۽ کيس چيو ته هلون ٿا، پر پوءِ خبر پئي ته قمر راڄپر ۽ ابوبڪر زرداري سخت مخالفت ڪئي ته اسان انهن سان گڏ نه رهنداسون. انهن کي سمجهائڻ لاءِ فاضل راهو ۽ رحمت الله هيسباڻي کي وٺي ويا، پر انهن جي به نه مڃيائون ۽ بعد ۾ اسان کي اي ڪلاس

وارڊ ۾ رکيائون ۽ مخدوم خليق ۽ مخدوم رفيق کي ڪاراٽين بي ڪلاس وارڊ ۾ رکيائون.

10-3-81

ڪامريڊ حسن بخش ٿيٻو ۽ لطف الله عباسي، رسول بخش ۽ منهنجي ملاقات تي آيا. رسول بخش ۽ مجيب ٽيلهيون (Drips) هٽايون. ان ڪري مجيب کي بخار تي پيو آهي.

11-3-81

مجيب شيخ کي بخار هو. سڄو ڏينهن تاس راند کيڏندي گذريو.

12-3-81

شنوائي تي ڪورٽ ويس. اتي موري ڪان فتح علي شاهہ، الهہ بخش ميمڻ ۽ يونيورسٽي ڪان علي اصغر پرڙو ابوبڪر ٻُلو حفيظ قريشي جونيئر، عبدالرسول ميمڻ، امداد موورائي، ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو آچر صابڪي، علي گوهر ٻگهيو ۽ ٻيا دوست ملاقات لاءِ آيا.

13-3-81

صبح جو سپاهي شريف ٻڌايو تہ جهاز اغوا ڪندڙن مطالبو ڪيو آهي تہ اڊائي سؤ قيدي پاڪستان جي جيلن مان ڪڍي ڏيو تہ جهاز ۽ يرغمالي آزاد ڪيون. ان سلسلي ۾ هتان رات جو يارهين بجي علي حيدر شاهہ ۽ قادر بخش جتوئي کي اغوا ڪندڙن جي مطالبي تي وٺي ويا ۽ اتان ٻين قيدين سان گڏ هنن کي بہ شام روانو ڪندا. باقي سينٽرل جيل حيدرآباد مان ٻيو ڪوبہ قيدي ڪونہ ويو.

حيات ڦل ڊپٽي آيو ڪجهہ وقت ڪچهري ڪيائين ۽ واپس هليو ويو.

14-3-81

سڄو ڏينهن اغوا واري جهاز ۽ يرغمالين بابت گفتگو ٿيندي رهي. سڄي رات ۽ ڏينهن برسات پوڻ ڪري سخت سيءُ لڳو پيو آهي.

15-3-81

قمر پيٽي حاضري تي ڪورٽ ڏي ويو. رات معمول جي خلاف سپاهيءَ چيو تہ نائين بجي ڪولين ۾ بند ٿيو. اسان ڪيس چيو تہ صاحب جي اجازت مليل آهي. چيائين تہ صاحب جو حڪم آهي ۽ پاڻ وارڊ جي دروازي تي بيٺو آهي. سپاهي جيئن موٽي دروازي ڏي ويو تہ نور الاهي شيخ پنهنجي مخصوص انداز ۾ رڙ ڪري سپاهيءَ کي چيائين تہ: بند ڪرين، بند ڪرين، بند ڪرين! بهرحال، ريڙهہ پيڙهہ ۾ ڏهہ بہ اچي ٿيا ۽ ڪولين ۾ بند ٿياسون.

16-3-81

صبح جو سپرنٽنڊنٽ نور الاهي شيخ ۽ ڊپٽي محمد حيات ڦل گڏجي آيا ۽ ڪولي جو دروازو فٽ ٿي رهيو هو ان جو معائنو ڪري, اسان سان اچي مليا ۽ چيائون ته جهاز اغوا ٿيڻ ڪري حالتون خراب آهن. ان ڪري رات جو ائين بجي بند ٿيندا ڪريو. اسان ڪيس چيو ته تنهنجو اسان تي احسان ڪونه آهي. اسان بي ڪلاس جا قيدي آهيون. ان تان ڳالهائيندي ڳالهائيندي هڪ ٻئي سان گرم به ٿي وياسين, پر پوءِ فيصلو ٿيو ته رات جو نائين بجي بند ٿبو.

17_3_81

ڪوليءَ جو دروازو ٺهي وجڻ ڪري مان پنهنجا ڪتاب, سامان وغيره ڪٽي اچي ان ۾ رکيا. فضل ڪريم جمعدار چيو ته اجا دروازو صاحب ڏسندو, جڏهن اجازت ڏيندو ته پوءِ سامان رکجو. مون ڪيس چيو ته جيڪڏهن دروازي جو سيمنٽ ڪچو آهي ته توهان ڪي پڪ هئڻ گهرجي ته مان پڇي ڪونه ويندس. باقي صاحب جي پاس يا ناپاس سان منهنجو واسطو ڪونه آهي. آءٌ رهندس. پوٽ چپو ڪري, چيائين: توهان جي مرضي. شام جو سپاهي نئون تالو ۽ بلب ڏئي ويو.

18_3_81

عباد الله شيرازي جيلر آيو. مون کي چيائين ته سامان ڪوليءَ ۾ ڇو رکيو اٿئي؟ ڪنهن اجازت ڏني اٿئي؟

مون ڪيس چيو ته غلطي ٿي وئي آهي. مان هينئر جو هينئر سامان ٻاهر ڪيدان ٿو پوءِ د.روازي تي رِبن هٽان ٿو. توهان ربن ڪاٽي ڪوليءَ جو افتتاح ڪريو, پوءِ مان سامان رکي رهندس. ماٺ ڪري واپس هليو ويو. شفيع چانديو جي گرفتاريءَ جي خبر پئي. ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪيس حجم جي معرفت چٺي لکيم. پاڻ به حجم جي معرفت جواب موڪليائين.

19_3_81

رسول بخش ۽ مجيب شنوائيءَ تي ويا. سپرنٽنڊنٽ نور الاهي شيخ ۽ ڊپٽي ڦل محمد حيات وارڊ ۾ آيا. سپرنٽنڊنٽ کي چيم ته مچرن کان دروازي کي جاري هٽائي ڏيو. وعدو ڪري ويو. منهنجو ننڍو ڀاءُ ارباب علي شاھ ملاقات ڪرڻ آيو. ڳوٺ جو نئون پراڻو حال احوال ٻڌايائين.

20_3_81

سڄو ڏينهن ڪچهري ۽ تاس راند ڪيڏندي گذري ويو. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ, رسول بخش ٽيپو بورچي خاني ۾ ويو ۽ اتي وڃي ويهي رهيو ۽ سيني برداشتين ۽ بورچي کي گهرائي پاڻ سان ويهاريائين. مون سمجهيو ته شايد ڪا غلطي ڪئي اٿن يا ڪا شيءِ چوري ڪئي اٿن يا پاڻ ۾ وڙهيا آهن. پر خبر

تڏهن پئي جو ڪين چيائين تہ توجهہ ڏيو تہ توهان ڪي ڪلام ٿو ٻڌايان. پوءِ تہ ڪلام ڳائڻ ۾ شروع ٿي ويو.

21_3_81

سڄو ڏينهن ڪتابن پڙهڻ ۾ پورو ڪيم.

22_3_81

رسول بخش ٽيبو ۽ قمر پٽي حاضريءَ تي ڪورٽ ويا. وارڊ جي سپاهي ٻڌايو تہ هاءِ ڪورٽ جو جج جيل گهمڻ ايندو. توهان مهرباني ڪري قطار ۾ ٿي ويهو. اسان ڪيس چيو تہ ڪونہ ويهنداسون. ٿوري دير کان پوءِ ڊپٽيءَ، شيخ مجيب کي گهرائي چيو تہ توهان قطار ۾ ويهجو. شيخ چيس تہ قطار ۾ ڪونہ ويهنداسون. باقي اسان جي وارڊ ۾ ايندو تہ اسان جو فرض آهي تہ کيس عزت ڏيون. صبح جو ڏهين بجي ڌاري هاءِ ڪورٽ جو جج ظفر حسن مرزا، سيشن ڪورٽ جو جج سيد علي مدد شاھ، جيل جو تقريبًا سمورو عملو ۽ ٻيا ٽيهارو کن همراھ اٽالي سميت وارڊ ۾ داخل ٿيا. اسان کان پڇيائين تہ ڪهڙا ڪچا قيدي ۽ ڪهڙا پڪا قيدي آهيو؟ ڪيس ڪهڙا آهن؟ ڪا شڪايت؟ اسان پڪن قيدين ۾ غلام النبي سومرو، صمد ڪانڌڙو ۽ محترم عبدالواحد آريسر ۽ ڪچن قيدين ۾ آءٌ ۽ شيخ مجيب الرحمن هئاسون. ڪيس بابت ٻڌايوسون تہ مارشل لا ريگيوليشن آهي ۽ جيل ۾ ڪابہ شڪايت ڪانهي. بس اها ئي شڪايت آهي جو جيل ۾ آهيون.

23_3_81

سڄو ڏينهن مطالعو ڪيم. خبر پئي تہ سياسي ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ گرفتار ٿي جيل ۾ ايندا ٿا وڃن. ڪجهہ کي اسپتال جي مٿئين حصي ۾ رهايو اٿن. ڪجهہ کي مختلف وارڊن ۾ رهايو اٿن.

24_3_81

اڄ بہ معلوم ٿيو تہ سياسي قيدين جي آمد جو سلسلو جاري آهي، پر خبر نہ پئجي سگهي تہ ڪير آيا آهن؟ آءِ جي جيلن جو مسٽر منظور احمد پنهور آيو ۽ اوچتو معائنو ڪيائين. چاڪاڻ تہ جيلن ۾ جڏهن پئسي وارا ماڻهو ايندا آهن تہ جيل انتظاميہ مختلف طريقن سان انهن کي پريشان ڪري پئسہ يا هفتو بہ هفتا موٽر ڪارون پاڻ وٽ رکي ٻيا ٻچن ٻارن سوڊو چڪر ڏيندا آهن. شايد ان خيال کان آيو هجي تہ جيئن جيل جو عملو اهڙي ڪابہ حرڪت نہ ڪري سگهي. اسان کان بہ معمول مطابق ”تڪليف“ ۽ ”شڪايت“ جو پڇيائين ۽ اسان بہ معمول مطابق ”سڀ خير آهي“ چئي ڇڏيو.

25_3_81

معمول خلاف دير ٿي وئي. ڪولين جا دروازا نہ کُليا. ڪافي دير کان پوءِ اهو شڪ تہ متان "جهڙتي" ٿئي، يقين ۾ تبديل ٿي ويو جنهن وقت جيلر، صوبيدار ۽ ٻيا سپاهي ۽ جمعدار اٽڪل جملي ٽيهارو کن جي نفري اچي پهتي. جهڙتي ورتائون. اسان وٽ سواءِ هڪ ٻن ڪتابن "قوم حق خود اختياري" ۽ "لينن ازم" کڻي ويا. اهي شيون رکڻ جيل جي زبان ۾ "بدمعاشي" آهي.

26-3-81

سڄو ڏينهن ڪتاب پڙهڻ ۽ تاس راند کيڏڻ ۾ گذريو. رات جو بند ٿيڻ کان پوءِ ڊپٽي حيات ڦل چڪر هڻڻ آيو ۽ ڪافي وقت تائين ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ هليو ويو.

27-3-81

جمع جو ڏينهن هئڻ ڪري جيل ۾ ڪا بہ رونق ڪانہ آهي، چاڪاڻ تہ جيل بند آهي ۽ قيدي پنهنجي ڪپڙن ڌوئڻ کي لڳا پيا هوندا آهن. ڪير بہ اسان جي وارڊ ۾ نہ صفائي وارا قيدي آيا ۽ نہ وري ڪا ٻي پهر آئي. آريسر صاحب کي بخار ٿي پيو آهي. ان کان سواءِ ڪچهري بہ ٻاڙي لڳي پئي آهي. خاص طرح سان صمد ڪانڌڙو اڄ ڏاڍو پريشان آهي جو ساٿس تاس راند کيڏڻ وارو ڪوبہ نہ آهي.

28-3-81

اڄ آريسر صاحب جي ملاقات تي خالق جوڻيجو آيو. عبدالرزاق جسڪاڻي جو خط آيو.

29-3-81

رسول بخش، مجيب ۽ قمر يتي گڏجي حاضري تي ڪورٽ ۾ ويا. ڪين وري 4-1 جي تاريخ ملي. شايد ان تاريخ تي ڪيس هلندن ۽ سزا ملندن. جمعدار چيو تہ غازي صلاح الدين جي ماني توهان جو بورچي پچائي ڏي، چاڪاڻ تہ ڪاراتين جي قيدين جي ماني گهران ايندي آهي. اسان کيس چيو تہ پلي، سندس راشن ڏياري موڪليو. شام جو جيئن برداشتي عمر سمون غازي صلاح الدين ۽ ناز لطيفي جي ماني کڻي وڃي رهيو هو تہ ڪاراتين واري دروازي تي نانگ وينو هو. جيڪو هن گهڻي محنت کان پوءِ ماريو. حقيقت ۾ نانگ ان ساڳي ايريا مان بہ ٽي مهينا اڳ مقبول نالي هڪ قيدي ماريو هو. پر هينئر جڏهن تہ ساڳئي وارڊ ۾ مجيد خانزادو ۽ الاهي بخش قائم خاني جهڙا ماڻهو قيد آهن. پر جڏهن اهي ماڻهو ٻاهر نڪرندا تہ اسٽيج تي ٻيهي رڙيون ڪندا تہ اسان کي جيلن جي وارڊ ۾ نانگ ڇڏيا ويندا هئا. پر اسان کي قدرت واري بچايو اسان ڏک ڏٺا آهن وغيره.

30-3-81

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اڄ مون سان گڏ شفيع چانڊيو جي بہ حاضري گڏ هئي. اتي لال بخش

چانڊيو عرف لالڻ ۽ برادرم ارباب علي شاھہ، عزيزم فرمان علي شاھہ، قاضي مشرف، مورو ڪان قربان علي ٻگھيو يونيورسٽي ڪان خان محمد پنهور، ابوبڪر ٻُلو حفيظ قريشي جونيئر ملاقات ڪئي. وري شنوائي 16_4 تي ملي.

31_3_81

سڄو ڏينهن ڪتابن پڙهڻ ۾ گذريو. خبر پئي تہ ستار موريو ٻيهر گرفتار ٿي پهتو آهي ۽ الطاف تنيو ۽ پاڻ ڪاري چڪر جي ”ڊبل“ تي رهن ٿا. سوچيم تہ ڪنهن جي هٿان هن کي چٺي لکي موڪليان. ميرپور تعلقہ وارهہ جو چانڊيو صفائي پارٽي وٽي ايندو آهي. مون کيس چيو تہ ڊبل تي ستار موريو ۽ الطاف تنيو کي چٺي پهچائڻي آهي. چيائين تہ بلڪل ڏيندس. مون کيس چٺي لکي ڏني ۽ چڪر جي هڪ قيدي توهہ چانڊيو لاءِ ٻتالو ۽ بصر بہ ڏنامانس، جيڪي ڪٽي ويو.

شام جو خبر پئي تہ چڪر جمعدار اها چٺي پڪڙي آهي ۽ ان قيديءَ کي ڏنڊا ٻيڙي هٿي، ڏاڙهي، مڇون، مٿو ڪوڙي بند وارڊ ۾ رکيو اٿنس. چٺي لاءِ ان قيديءَ جو چوڻ آهي تہ مون ٻهاري دوران ڪچهري مان لڌي آهي ۽ ڪچري جي ٻوريءَ ۾ اڇلائي ڇڏي هئي، جتان جمعدار ڪڍي منهنجي ڪيسي ۾ زوري وجهي ڇڏي آهي. جيل انتظاميہ زور ڀريس تہ علي محمد شاھہ تي بيان ڏي تہ ان ڏني آهي. هن بلڪل انڪار ڪيو.

1_4_81

رسول بخش، مجيب ۽ قمر شنوائي تي ويا. ٿوري دير ڪان پوءِ قمر موٽي آيو ۽ پنهنجو ريڊيو ڪٽي ويو. جڏهن موٽي آيا، تڏهن ٻڌايائون تہ سپرنٽنڊنٽ چيو آهي تہ ريڊيو مون کي ڏيو. چاڪاڻ تہ مارشل لا وارن کي خبر پئجي وئي آهي ۽ ڏاڍي سختي آهي.

2_4_81

صبح جو ساڍي ڇئين بجي ڏاري ڪوليءَ جي دروازي تي بوٽن جو آواز ٻڌم. اٿي ڏٺم تہ ڊپٽي حيات قل، جيلر قريشي، افضل جيلر، حيدر زمان جيلر، عبادت الله شيرازي جيلر ۽ ٻيا پنجاھہ کن جيل جا سپاهي وارڊ ۾ گھمي رهيا آهن ۽ قمر پٽي جي ڪوليءَ جو دروازو پيا کڙڪائين. دروازو کليو، خبر پئي تہ ”جهڙتي“ ٿا وٺن. جهڙتي وٺڻ ڪان پوءِ وري غلام النبي سومرو ۽ قمر کي ڪوليءَ ۾ بند ڪري اچي منهنجي ڪوليءَ جي جهڙتي ورتائون. مون وٽان سچل سرمست جو رسالو ۽ ”رحمتِ عالم“ ڪتاب ۽ ٻيا نوٽ بڪ، ليٽر پيڊ ۽ لفافا ٻهاري ڪٽي ويا. وري مون کي بند ڪري وجي رسول بخش جو ڪمرو کوليائون. اهڙيءَ ريت سڄي وارڊ جي جهڙتي ٿي. آخر ۾ سيني برداشتين کي سامان پريون ٻڌائي ڪٽائي ويا. صرف ملباري

بورچي موتي آيو باقي ٻين همراهن يعني عمر، ڏٽي بخش، صديق ۽ ڪبڙ مُلوڪاٽيءَ کي بند وجي ڪيائون. اسان کي ساڍي اٺين بجي کوليائون. سيني سوچيو ته سپريڊنٽ سان ملي ڪيس سامان واپس ڏيارڻ لاءِ چئجي. سپريڊنٽ کي نياپو موڪليوسين، جنهن لاءِ قمر کي موڪليوسين، جنهن وڃي ڳالهايس. سامان سڀاڻي ڏيڻ لاءِ چيائين. برداشتي سپ موتي آيا. سڄو ڏينهن پريشاني ۽ بيقراريءَ ۾ گذريو. ٻيو وري سڄو ڏينهن جَهڪ ۽ مٽيءَ سان طوفان لڳندو رهيو.

3_4_81

شيخ مجيب ۽ قمر سامان لاءِ ويا. ڪافي سامان ڪٽي آيا، پر ڪجهه سامان ۽ ڪتاب رهجي ويا، جيڪي نه ڏنائون. قمر جي راڊو واچ ۽ پارڪر انڊ پين موٽائي نه ڏني اٿن. اج هڪڙو نئون برداشتي رستماٽي دادوءَ جو ڏنو اٿن.

4_4_81

رسول بخش ۽ قمر جي حاضري هئي، پر پوليس نه هجڻ ڪري نه وجي سگهيا.

5_4_81

معمول مطابق جيئن ورزش ڪري رهيو هوس ته ڊپٽي حيات ڦل آيو. ڪافي وقت تائين ڪچهري ڪئي سون. ڪيس راڊو واچ ۽ پارڪر پين واپس ڏيڻ لاءِ چيوسين. چيائين ته جيلر يا سپاهي ڪوبه ڪونه ٿو چئي ته اسان وٽ آهي. بهرحال، ڪوشش ڪنداسين. اسان ڪيس چيو ته توهان کي درخواست لکي ٿا ڏيون، ان تي اسان کي جواب ڏيو. بعد ۾ اسان وڪيل لاءِ قانوني ڪارروائي ڪنداسين.

6_4_81

سڄو ڏينهن تاس راند ڪيڏندي گذريو. شام جو ڊپٽي آيو. ڪيس وري به واچ ۽ پين لاءِ چيوسين. پاڻ چيائين ته سڀاڻي درخواست ڏيو اسان انڪوائري ڪنداسين. مون ڪيس چيو ته منهنجي ٽوپي قيصر سپاهي وٽ آهي، جنهن تي شيرازي جيلر کي چيائين ته شاهه صاحب کي ٽوپي جلديءَ ۾ وٺي ڏيو.

3_5_81

شنوائيءَ تي ويس. غلام علي سومرو ملاقات تي آيو. روشن ٻرڙو سينٽرل جيل کان شنوائي تي آيو. ميجر کي چيائين ته مون کي نارا جيل تي بدلي ڪيو جنهن بدلي ڪيس ۽ ٻئي ڄڻا گڏجي نارا جيل تي آياسين. سپريڊنٽ محبوب روشن لاءِ چيو ته توهان سان گڏ نه رهندو پر پوءِ منهنجي زور پرڻ تي اجازت ڏنائين.

4_5_81

”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ امان الله شاھاڻيءَ سان ڪچهري ڪرڻ ويس. اسان جي وارڊ ۾ سپريڊنٽ اچي ويهي رهيو. اعتبار شاھہ سپاهي مون کي چيو تہ خدا جي واسطي توهان اتي ويٺا هجو. پنهنجي وارڊ ۾ ويندؤ تہ منهنجي نوڪري هلي ويندي، چاڪاڻ تہ اسان کي توهان لاءِ منع ٿيل آهي تہ ڪنهن بہ ٻئي وارڊ ۾ هنن کي نہ ڇڏجو. مجبورًا شام تائين ويهڻو پئجي ويو.

6_5_81

مجيب شنوائي تي ويو. اتي رسول بخش ٿيبو بہ سينٽرل جيل خيرپور کان پهتو. ٻنهي کي هڪ هڪ سال قيد، پندرنهن پندرنهن ڦٽڪا ۽ پنجويهہ پنجويهہ هزار روپيہ ڏنڊ وڌائون. محبوب سپريڊنٽ سان مليس. ڪيس خدا بخش مير بحر برداشتيءَ لاءِ ٽن ڏينهن جي معافي، برداشتين کي رات جو نائين بجي بند ٿيڻ لاءِ نوٽ بوڪ وغيره لاءِ چيم. خدا بخش کي معافي ڏنائين. سپاٽي آزاد ٿيندو. برداشتي رات جو نائين بجي بند ٿيندا. نوٽ بُڪ بہ ڏنائين.

7_5_81

نظام پنهور جيڪو ماڙيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي، ان ٻڌايو تہ اڄ ميجر ابوبڪر، مجيب ۽ قمر راڄپر کي ڦٽڪا هڻڻ لاءِ آيو پر ٽِڪ ٽڪي ۽ ڦٽڪن هڻڻ وارو سامان وغيره نہ هئڻ ڪري جيل انتظاميہ ڪيس واپس ڪري ڇڏيو. برداشتي خدا بخش ميربحر آزاد ٿي ويو.

9_5_81

حميده کهڙو جو لکيل ڪتاب پڙهي پورو ڪيم. سنو تاريخي مواد اٿس. پر پروف جي غلطين ۽ پيش لفظن هٽي ڪتاب جي ستيا ناس ڪري ڇڏي آهي.

10_5_81

روشن ٻرڙو ابوبڪر ۽ قمر حاضريءَ تي ويا. روشن کي وري 5_19 جي تاريخ ملي.

11_5_81

عبدالواحد آريسر جي ملاقات تي دوست آيا. اڄ گوشت سنو نہ اچڻ ڪري جيل انتظاميہ سان تلخ ڪلامي تي پئي. ڊاڪٽر هادي بخش لغاريءَ جي چوڻ ڪري سجو معاملو في الحال ٺڏو ٿي ويو. مولوي ايوب ٻنڌاڻي پنج هزار روپيہ بينڪ ضمانت ڇهن مهينن لاءِ ڏئي آزاد ٿي ويو. اڄ چار ڪدڙا جهڳڙي جي ڪيس ۾ گرفتار ٿي آيا آهن. قيدين کي انهن جي ڏسڻ جو ايترو تہ شوق آهي جو سپريڊنٽ جي سخت منع جي باوجود هيئنين عملي سان ساز باز ڪري ديدار ڪرڻ لاءِ هڪڙا پيا اچن تہ ٻيا پيا وڃن.

12_5_81

ڪدڙا فقير آزاد ٿي ويا. مس مس وڃي جيل ۾ ناپر ٿي، نه ته ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته قيدين کي چڪر جو ڪوٽ به ڏک نه جهليندو.

13_5_81

ڪامريڊ علڻ خان ٽيبو ۽ حبيب الرحمن شيخ، مجيب، آريسر، روشن ۽ منهنجي ملاقات ڪئي.

14_5_81

سڄو ڏينهن ڪچهريءَ ۾ پورو ٿيو. امان الله شاهاڻي ۽ ايوب شورو ڪچهريءَ تي آيا.

17_5_81

اڄ قمر راڄپر کي دست ٿي پيا آهن. سيني دوستن پوڳ ڪيس ته 19 تاريخ تي ڪوڙن لڳڻ جي ڪري خرابي ٿي پئي آهي يا وارڊ جي دروازي سامهون تڪ تڪيءَ کي ڏسي پيٽ ۾ خرابي ٿي پئي آهي.

18_5_81

تڪ تڪي کي گودام جي سامهون اڃي رکيو اٿن. صبحاڻي ڪوڙا هڻڻ جو مڪمل پروگرام اٿن. شيخ مجيب ذهني طرح سان تيار لڳو پيو آهي.

19_5_81

جيل کي مڪمل طرح سان بند ڪيو ويو آهي. سيني قيدين کي بيرڪن ۾ بند ڪري دروازا بند ڪيا ويا آهن. گودام واري ميدان تي ڪرسيون، ٽيبلون پيون آهن. ميجر آيو. سڀ کان پهريائين ابوبڪر زرداريءَ کي وٺي ويا. ان کي ڏهه ڪوڙا لڳا.

قمر راڄپر کي وٺي ويا. بلڊ پريشر چيڪ ڪيائون. ڊاڪٽر چيو ته بلڊ پريشر بلڪل گهٽ آهي، مان ڪوڙا هڻڻ جي اجازت ڪونه ڏيندس ۽ ائين قمر راڄپر موٽي آيو.

15_6_81

روشن برڙو ۽ مان ڪورٽ ۾ شنوائي تي وياسون. اتي لال بخش چانڊيو عرف لالڻ، عزيزم فرمان علي شاهه، منهنجو پرائمري جو استاد، بزرگ، وڏو ۽ مهربان سيد حافظ جڙيل شاهه ملاقات ڪرڻ آيا. خيرپور سينٽرل جيل تان قمر پيتي ۽ رسول بخش ٿيبو آيا. مون کي وري تاريخ 6_30 ملي.

16_6_81

ڏندن ۾ سخت سور هئڻ ڪري ڊاڪٽر کان پٽيهون نمبر رجسٽر پرايم ۽ جيل سپريڊنٽ کي چيم ته ڊي ايم. ايل. اي ۽ آءِ. جي جيلز کان اجازت وٺي مون کي اسپتال موڪليو.

17_6_81

روشن ٻرڙو شنوائي تي ملٽري ڪورٽ ويو. ڪيس وري 6_20 تاريخ ملي. شايد سزا ملندس.

19_6_81

ٻانڊي ضلع نوابشاهه جي هڪ قيدي گلاب پتافي، ولي محمد شاهه ۽ رحيم بخش جمالي ۽ بي ڪلاس وارن ٻين قيدين جي هڪ پرتڪلف دعوت ڪئي، جيڪا بي ڪلاس وارڊ ۾ ڪيائين، جنهن ۾ جيل جا ڊاڪٽر ۽ ڪلارڪ به شامل ٿيا. سپريڊنٽ ماني گهر گهرائي کاڌي.

20_6_81

روشن ٻرڙو شنوائي تي ملٽري ڪورٽ ويو. ڪيس نو مهينا سخت پورهئي سان قيد ۽ ڏهه هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ڏني وئي.

24_6_81

آغا نور احمد پناڻ سان ڪچهري ٿي. پاڻ ضلع حيدرآباد جو سب رجسترار آهي. ٻهريون دفعو جيل ۾ پوڻ ڪري سخت پريشان آهي. اڄ پنهنجي ننڍڙي ڇئن سالن جي پٽ کي ياد ڪري روئي ڏنائين. وارڊ جي سيني دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته گلاب پتافيءَ جي اسان به دعوت ڪيون. سيني دوستن پنجاهه پنجاهه روپيه چندو ڏنو. آريسر صاحب، پرويز ۽ مون کي پئسن ڏيڻ کان آجو ڪيو ويو. چاڪاڻ ته اسان ٽئي ڇٽا غريب آهيون.

25_6_81

اڄ اخبار هلال پاڪستان ۾ خبر هئي ته رسول بخش ٽيبي کي پندرنهن ڪوڙا هنيا ويا. ڏاڍو ڏک ٿيو. سندس ڇِنَ (Hernia) جو آپريشن به تازو ٿيل هو. خبر ناهي ته طبيعت ڪيئن هونديس. طبيعت ڏاڍي بي چين آهي. اڄ جيل تي ليٽر پهتو جنهن ۾ شيخ مجيب جا ڪوڙا بحال ٿي آيا. هاڻي صرف تاريخ مقرر ڪري، پوءِ ڪوڙا هڻندا. عارب مير بحر برداشتي آزاد ٿي ويو.

26_6_81

گلاب پتافيءَ جي دعوت "بي ڪلاس" وارڊ ۾ ڪئي سون، جنهن ۾ جيل جا پنجاهه ڇٽا قيدي، جيل جو ڊاڪٽر، قادر بخش ڪلارڪ، پتو ڪلارڪ ۽ اختر شاهه جيلر آيا ۽ ماني گڏجي کاڌائون.

27_6_81

اڄ هائوس جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ دوستن چيو ته رحيم بخش جمالي جي نوابشاهه مان موٽي اچڻ تائين ملتوي ڪيو. اڪبر جماليءَ ذمو کنيو ته رحيم بخش کي ميٽنگ ۾ مان وٺي ايندس.

28_6_81

رحيم بخش نوابشاهه مان شنوائيءَ تان موٽي آيو.

29_6_81

هائوس جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ علي اڪبر جمالي ۽ رحيم بخش جمالي نه آيا ۽ اڄ ڪان ماني به ڏار ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون. مان رحيم بخش سان مليس، جنهن چيو ته ولي محمد شاهه جي رويي جي ڪري اسان ميٽنگ ۾ نه ويناسين.

30_6_81

شنوائيءَ تي ملٽري ڪورٽ ويس. سينٽرل جيل خيرپور ڪان رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر پٽي به آيا. ملاقات تي لال بخش چانڊيو محمد صالح راهپوٽو قربان علي ٻگهيو (مورو)، محمد قسم مُئو (نٿو) آيا، ساڻن ڪچهري ٿي. شنوائي 7_18 جي ملي. موٽي جيل تي پهتس. اسان جي وارڊ جون حالتون ڏينهون ڏينهن ڪشيده ٿينديون پيون وڃن ۽ ابوبڪر زرداري پنهنجي ”ڀه ويڙهائو“ پاليسيءَ تي ڪاميابيءَ سان عمل پيو ڪري. رات جو رحيم بخش جمالي ۽ علي اڪبر جماليءَ کي چيم ته ولي محمد شاهه ۽ توهان هڪ ئي پارٽي (پ پ پ) جا ميمبر آهيو ۽ پاڻ ۾ نهي وڃو اجايو جيل جا ماٺهو ڪلندا. رحيم بخش جمالي چيو ته ابوبڪر زرداري به جند ڇڏي ته ولي محمد شاهه کي پرچايون. مون قمر راڄپر کي به چيو ته توهان ابوبڪر زرداريءَ کي سمجهايو ته وارڊ جي ماحول کي خراب نه ڪري. چيائين: يارا! مان ته سمجهائي، سمجهائي ٿڪجي پيو آهيان، پر هن جو ”ڳن ڪهاڙي“ ساڳيو آهي.

1_7_81

اسان پنهنجي ڪولين ۾ وينا هئاسون ته وارڊ ۾ گوڙ ٿي ويو. آريسر صاحب ۽ اسان ٽڪڙا ٽڪڙا ٻاهر نڪتاسين، پوءِ ڏٺوسين ته رحيم بخش جمالي جي هٿ ۾ ڏنڊو هو ۽ ولي محمد شاهه به وَرَ ڪُنجيو جهيڙي لاءِ تيار بينو هو ۽ هڪٻئي کي گهٽ وڌ پئي ڳالهايائون. اسان سيني وچ ۾ پئي جهڳڙي کي ٽاري ڇڏيو. ولي محمد شاهه جيل سپريڊنٽ سان وڃي مليو. ڪيس چيائين ته جمالي وارڊ مان نڪرن يا مون کي ڪڍو، اسان گڏ نٿا رهي سگهون. سپريڊنٽ ولي محمد شاهه کي ٻانهون ٻڌي چيو ته توهان پاڻ ۾ نهي وڃو پر نه مڃيائين. نتيجي طور رحيم بخش ۽ اڪبر جمالي ٻئي نمبر ”بي ڪلاس“ ۾ وڃي رهيا ۽ اسان جا ”سي ڪلاس“ جا دوست عبدالواحد آريسر صاحب، روشن ٻرڙو، غلام قادر ميمڻ ۽ آغا نور احمد وارن کي ڏار بيرڪ ۾ رکيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح سان ابوبڪر زرداريءَ هڪ ڏڪ سان ٻه شڪار ڪيا. يعني پ پ جا پاڻ ۾ ويڙهايائين ۽ جيئي سنڌ جا ”سي ڪلاس“ جا قيدي به وارڊ مان نڪري ويا.

2_7_81

اڄ منجهند جو اوچتو ليٽر آيو جنهن ۾ آريسر صاحب ۽ پرويز پناڻ ۽ ٻيا ڪجهہ مارشل لاءَ جا غير سياسي قيدي آزاد ٿي ويا. آريسر صاحب جي آزاد ٿيڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي. پاڪستان پيپلز پارٽي نواب شاهہ جي ٽن دوستن رحيم بخش جمالي، علي اڪبر جمالي ۽ ولي محمد شاهہ جي آزاديءَ جو ليٽر آيو پر صرف علي اڪبر جمالي آزاد ٿيو ۽ باقي دوستن جو سول ڪورٽ نوابشاهہ مان ضمانت جو ليٽر ايندو تہ آزاد ٿيندا.

3_7_81

جمع جو ڏينهن هئڻ ڪري سڄو ڏينهن ڪچهريءَ ۾ گذري ويو. ولي محمد شاهہ کي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ پارٽي ڏني سون، جنهن ۾ جيل جو ڊاڪٽر هادي بخش لغاري، نظام پنهور، مشتاق عباسي ۽ امان الله شاهاڻي کي دعوت ڏني سون. ولي محمد شاهہ سڄو ڏينهن پنهنجي چند ڦوڪ ۽ سامان وغيره سهيڙڻ ۾ گذاريو.

4_7_81

ولي محمد شاهہ جي ضمانت جو ليٽر سندس ننڍو ڀاءُ سيد نجف علي شاهہ ڪٺي آيو ۽ آزاد ٿي ويو. رحيم بخش جمالي آزاد ٿي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ سندس ضمانت جو ليٽر ڀُل ۾ سينٽرل جيل سکر هليو ويو ۽ ارشاد شاهہ جي ضمانت جو ليٽر نارا جيل تي اچي ويو. ان ڪري رحيم بخش کي اڄ رات جيل ۾ گذارڻي پئي. شام جو رحيم بخش جمالي اسان جي وارڊ ۾ آيو ۽ سڀني دوستن سان مليو ۽ چيائين تہ غلطي توهان جي هئي يا منهنجي، پر مون کي معاف ڪجو.

5_7_81

رحيم بخش جمالي اسان جي وارڊ ۾ آيو ۽ سڀني دوستن کان موڪلائي آزاد ٿي ويو.

6_7_81

قمر راڄپر ۽ ابوبڪر زرداري ماڙيءَ تي ڊپٽي سپريڊنٽ ۽ صوبيدار کي ملاقات نہ ڪرائڻ تان گاريون ڏئي آيا. ان ڪري وارڊ جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيو اٿن ۽ اسان روشن ۽ نورل جي جيڪا ماني موڪليندا هئاسون، اُها بہ بند ڪري ڇڏي اٿن.

7_7_81

وارڊ جي دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ جيل سپريڊنٽ سان ملي ڪالهہ واري پيدا ٿيل صورتحال کي ٽڏو ڪجي. قمر راڄپر ۽ مان جيل سپريڊنٽ سان ملياسين. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ مس مس مڃيائين تہ سڄو ڏينهن وارڊ جو دروازو کليل رهندو ۽ روشن ٻرڙو، آغا نور احمد ۽ غلام قادر ميمڻ جي

صبح جو ٽوٽل کلڻ کان ونئي ٽوٽل بند ٿيڻ تائين اسان جي وارڊ ۾ اچڻ جي اجازت ڏنائين. وارڊ جي سپاهيءَ کي چيم ته صاحب اجازت ڏني آهي، روشن پرڙو کي وٺي اچ. سپاهي موٽي اچي ٻڌايو ته صاحب جو حڪم آهي ته مان سپاٽي فيصلو ڪري ٻڌائيندس. سپريڊنٽ جي ذهنيت تي ڏاڍو عجب ٿو لڳي ته پنهنجي ڪيل واعدي تان پاڻ ئي ڦري ٿو وڃي.

8_7_81

صبح جو روشن وارن مان ڪير به نه آيو. منهنجي جيل تي ملاقات آئي، جنهن ۾ يونيورسٽيءَ مان نثار سومرو ۽ ٻيا شاگرد ملڻ آيا. دوستن چيو ته روشن سان به ملون. سپريڊنٽ کي چيم ته روشن کي ملاقات جي اجازت ڏيو پر انڪار ڪيائين. پوءِ گهٽي زور پرڻ تي اجازت ڏنائين. روشن آيو ۽ گڏجي ملاقات ڪئي سون. سپريڊنٽ کي ڪالهه وارو وعدو ياد ڏياريم، پر ائين ڦري ويو ڄڻ مان غلط ڳالهه ڪندو هجان. نيٺ گهٽي زور پرڻ تي وارڊ جي سپاهي کي گهرائي احڪامات صادر ڪيائين. صوبيدار ان ڳالهه تي ڏاڍو رنج ٿيو ۽ صاحب کي گهڻو جهليائين. تڏهن وڃي خبر پئي ته صوبيدار کان لڳل آهي.

9_7_81

روشن پرڙو ۽ آغا نور احمد ڪچهريءَ تي آيا. جيل ۾ اڪين اُٿلڻ جي ڏاڍي بيماري ٿي آهي.

10_7_81

اڄ برسات ڏاڍي پئي. موسم ۾ جيڪا گرمي ۽ تپش هئي، اها ڪافي حد تائين گهٽجي وئي آهي. برسات پوڻ ڪري جيل جو ”ٽوٽل“ معمول خلاف ٽين بجي ٿيو.

11_7_81

منهنجون ۽ شيخ مجيب جون اکيون اٿي پيون آهن. ڏاڍو سور آهي. رات جو دير تائين سُور هئڻ ڪري ننڊ نه پئي اچي. ڊاڪٽر کي چٺي لکيم، جنهن دوا ڏياري موڪلي.

12_7_81

اکين ۾ سور هئڻ ڪري سڄو ڏينهن کوليءَ ۾ ستو پيو هوس.

13_7_81

اکين ۾ سور گهٽ آهي. سپرنٽنڊنٽ سان ملي کيس چيم ته ڏندن ۾ سور جي تڪليف وڌندي پئي وڃي، مارشل لاء حڪام کان اجازت نامو مليو يا نه؟ اختر شاھ جيلر کي گهرائي پڇيائين، جنهن چيو ته اجا تائين ليٽر نه پهتو آهي.

14_7_81

اکين ۾ تڪليف وري زور وٺي وئي آهي. ڊاڪٽر کان دوا گهرائي اکين ۾ وڌم، ڪجهہ فائدو ٿيو.

ٺنڊي محمد خان جي غلام مصطفيٰ شاهہ عرف بصر شاهہ سان ڪچهري ٿي. تيرهن ڏي ۾ (بنا لائسنس هٿيار رکڻ جي ڏوهہ ۾) گرفتار ٿي آيو آهي. سندس چوڻ مطابق، مخالفن مارشل لاء وارن کي ٽي لک روپيہ ڏئي ڪيس گرفتار ڪرايو آهي. سندس چوڻ مطابق تہ هن جا بہ مارشل لاء جا وڏا وڏا فوجي آفيسر يار آهن، انهن کي شڪار ڪرائيندو آهي، دعوتون، شراب ڪباب پياريندو آهي. مون کيس چيو تہ ايتري سنگت هوندي بہ توهان آزاد چو نہ ٿيا ٿيو؟ چيائين تہ پئسہ ٿا گهرن، جيڪي مان ڏئي نٿو سگهان. مون کيس انهن جي ڀٽي پاليسي سمجهائي.

15_7_81

آغا نور احمد ۽ بصر شاهہ ڪچهري تي آيا. مون مارشل لاء ۽ ان جي عملدارن متعلق بحث ڪيو ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن ۽ ناانصافين جون ڳالهيون ثابتين ۽ دليلن سان سمجهايون. مطمئن ٿي ويا.

17_7_81

بصر شاهہ ڪچهري تي آيو ۽ فوجي عملدارن کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائي. مون کيس چيو تہ تنهنجا تہ يار آهن، تون چو ٿو ڳالهائين؟ چيائين تہ اهي ڪنهن کي بہ بخش نہ ڪندا. اهي صرف سنڌ کي فتح ڪندا، باقي هندستان وٽ جنگ وڙهڻ وقت نوانوي هزار فوجي قيد ڪرائيندا. بهرحال، سڀورو پنهنجي دوستن تي ڏمريل آهي ۽ چوي ٿو تہ توهان جيئي سنڌ وارا سچا آهيو.

جيل سپريڊنٽ مون کي ڪتاب "نهج البلاغہ" پڙهڻ لاءِ ڏياري موڪليو. منشي اختر عليم ٻڌايو تہ مارشل لاء حڪام سياسي قيدي شاگردن جي لسٽ گهرائي آهي، پر ان ۾ توهان جو نالو ناهي، ڇاڪاڻ تہ توهان تي 307 جو ڪيس آهي.

18_7_81

شنوائيءَ تي ويس. اتي چاچا سائين علي گوهر شاهہ (مورو)، فرمان علي شاهہ، لال بخش عرف لالڻ چانديو، رشيد جوٽيجو (ٻورڙي)، عبدالواحد آريسر صاحب، ابوبڪر ٻُلو ۽ محمد جمن دربدر ملاقات ڪرڻ آيا. ڏاڍي رس واري رهاڻ ٿي. موٽي جيل تي پهتس. منشي اختر عليم ڪوٺڙيءَ جو موڪلائڻ آيو. کيس مارشل لاء وارن آزاد ڪري ڇڏي.

19_7_81

سڄو ڏينهن "نهج البلاغہ" پڙهيم.

22_7_81

ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ مون کي گهرائي چيو تہ. ”ايس.ڊي.ايم ڪوٽڙي روشن ہرڙو شيخ مجيب ۽ تنهنجا نالا ۽ مڪمل ائڊريسون وٺڻ لاءِ پنهنجو سرشتيدار موڪليو هو جيڪو تفصيل ڪٽي واپس ويو.“ ڪيس چيم تہ بورچي جي تڪليف آهي. اسماعيل چانڊيو بورچي ڏياري موڪليائين. مان موتي وارڊ ۾ اچي وينس تہ ابرار آيو جنهن چيو تہ سپرنٽنڊنٽ صاحب توهان کي گهرايو آهي. ساڙس مليس. مون کي چيائين تہ ”مان خيرپور جيل انڪوائري تي وڃان ٿو مون کي چار پنج ڏينهن لڳندا. ان ڪري منهنجي اسٽاف طرفان ڪابہ گهٽتائي يا اوڻائي ٿئي تہ منهنجي اچڻ تائين درگذر ڪجو.“ لعل ڏنو عرف ڪراڙو چانڊيو کي خط لکيم.

23-7-81

چراغ جمعدار کي چيم تہ روشن ہرڙو ۽ نورل چانڊيو جو ڪچو راشن ”بي ڪلاس“ ۾ موڪليندا ڪريو جيئن تہ ماني اسان وٽ ٿا کائين تہ اٽو بہ اسان کي ڏيو. هن هائو ڪئي. مون ڪيس چانهہ جي صلاح ڪئي تہ ويهي رهيو. چانهہ جيستائين تيار ٿئي تہ مون سان ڪچهري پئي ڪيائين. ان دوران روشن ہرڙو بہ پهچي ويو. چراغ سان هٿ ملائي وينو تہ جمعدار جي سيٽي ڪيسي مان لڙڪي پئي. روشن سيٽي کڻي زور زور سان وڄائڻ شروع ڪئي. ان تي چراغ ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽ چانهہ بہ نہ پيتائين. سيٽي وڄڻ ڪري سڄي جيل ۾ سيٽين جا ڪڙڪاٽ هجن. پر ڪنهن کي بہ صحيح خبر نہ هئي تہ سيٽي ڪهڙي طرف کان وڳي. سيٽي وڄائڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو اٽو ڏيڻ تان ڦري ويو.

جيل تي بنا وقت جي سيٽي وڄائڻ خطري جي نشاني سمجهي ويندي آهي. قيدي جي ڀڄي وڃڻ، جيل ۾ قتل ٿيڻ يا جهيڙي ٿيڻ وقت سيٽي وڄائي ويندي آهي.

غلام مصطفيٰ شاهہ عرف بصر شاهہ ”بي ڪلاس“ جو آرڊر اچڻ ڪري ٽپڙ کڻائي اچي بي ڪلاس وارڊ ۾ پهتو. سڄو ڏينهن ڪچهري ٿي. ڳالهائڻ ۾ وارو ڪنهن کي بہ نٿو ڏئي. يورپ ۽ عربستان جو دورو ڪري آيو آهي، وري حڪيم بہ آهي. ان ڪري ڳالهيون ڪٿنس ئي ڪونہ ٿيون.

24-7-81

برسات پوڻ ڪري موسم ۾ تازگي اچي وئي آهي. جيل جون پٽيون، بيرڪون سڀ ڌوپجي ويون آهن.

صبح جو بصر بادشاهہ ڪوليءَ ۾ آيو ڪچهريءَ جي خيالن سان. هن جي هڪڙي خراب عادت آهي تہ جنهن بہ ماڻهو جو نالو کڻي ٿو تہ شاهہ صاحب ان کي هڪدم گار ٿو ڏئي، يا وري ويهي ويهي ٺڏو شوڪارو پري چوندو تہ جيل ۾ شراب، شباب، ڪباب هجي، پوءِ پلي مون کي هتي جيل ۾ ويهاري ڇڏين. مون ڪيس چيو تہ: ”شاهہ شوقين آهي.“ چيائين تہ. ”اها بہ ڪا ڳالهہ آهي، مان شراب سان غسل ڪندو

آهيان.“ مون چيس: ”پوءِ تہ تون بهشت ۾ ڪونہ ويندين؟“ چيائين تہ: ”نانو نبي ويٺو آهي، ان جو اولاد آهيان. مون کي لهر نہ لوڏو.“ مون کيس چيو تہ هڪ انسان مسلمان ناهي. چڱا ڪم ٿو ڪري، پنهنجي وطن وارن جي سهائتا ٿو ڪري، غريبن کي ڪپڙا، دوائون، ڪتاب ڏيڻ، گهر ٺهرائي ڏيڻ ۽ انهن جي خدمت ٿو ڪري تہ اهو بهشت ۾ ويندو يا دوزخ ۾؟ چيائين تہ بلڪل دوزخ جي تري ۾ ويندو. مون کيس چيو تہ: ”تون بهشت جي اعليٰ درجي واري جاءِ جنت الفردوس ۾ رهندين.“

25_7_81

ڊپٽي کي چيم تہ سول اسپتال ۾ موڪلڻ جو ڇا ٿيو؟ ڊي.ايم.ايل.اي آفيس جي ميجر صادق نواز سان فون تي منهنجي روبرو ڳالهائي ڪائنس منهنجي ٻاهر اسپتال ۾ دوا لاءِ پڇيائين. جنهن چيس تہ صبحاڻي توکي ٻڌائيندس. سڄو ڏينهن هلڪي هلڪي بوندا باندي ٿيندي رهي.

26_7_81

غلام قادر ميمڻ ملڻ لاءِ آيو. ٻئي ڄڻا گڏجي ”ماڙي“ تي وياسون. احمد حسين جيلر کي چيم تہ اسان کي ڇُري جي ضرورت آهي، نئين گهرائي ڏيو. صبحاڻي جو واعدو ڪيو اٿس.

ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ علويءَ سان مليس. کيس چيم تہ مارشل لاء وارن جو ليٽر آيو يا نہ؟ چيائين تہ اڃا ڪونہ آيو آهي. جيل سپرنٽنڊنٽ جي نہ هئڻ ڪري، اڄ هن جو روبو ۽ ڳالهائڻ جو انداز بلڪل مختلف آهي.

مون کي تعجب آهي تہ اهڙي بيمار ماڻهوءَ جنهن کي منا پيشاب آهن، خارش اٿس، نظر ڪمزور اٿس، هلي ٿو تہ ٿيڙ ڪائيندو ٿو هلي، عمر اٽڪل ڇاونجاهہ سال کن اٿس. اڄ تہ غريب قيدين کي اهڙيون تہ غليظ ۽ واهيات گاريون پيو ڏئي جو شايد چڪلي جو ڀڙوو ٻڌي تہ شرم کان ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏي، ان کي هن نوڪريءَ تي ڪيئن رکيو ٿا اچن؟

27_7_81

شنوائيءَ تي ويس. رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر يٽي بہ سينٽرل جيل خيرپور کان هتي پهتا. ملاقات لاءِ لال بخش چانڊيو غلام سرور چنو عزيزم فرمان علي شاهہ سردار علي شاهہ پرويز ملڪ مسيح، ننڍڙو قربان علي شاهہ جو پُٽ ظفر علي شاهہ غلام سرور شيخ ۽ ٻيا دوست آيا. ساڻن ڪچهري ٿي.

ياءُ راشد مورائي جي چٺي ملي. پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيم. خبر ناهي هرويرو ڇو سواءِ سبب پڇڻ جي هڪ طرفو فيصلو ڪري ڇڏيو اٿس ۽ اجايو نصيحتن ۽ تنقيد تي زور رکيو اٿس.

آغا نور احمد پناڻ کي هڪ سال سخت پورهئي سان ٽيپ ۽ پنجاهہ هزار روپيہ ڏنڊ جي سزا ملي. مون

سان نارا جيل تي گڏ موٽي آيو. سخت مايوس هو.

30_7_81

روشن ٻرڙو ۽ ايم. آر. ڊي جي ڪارڪن رانا شمشاد ميرپور خاص جو ڪي ڊي.ايم.ايل.اي آفيس گهرايو اٿن. موٽي اچي ٻڌايائون تہ ڪين آزاد ڪيو اٿن ۽ روشن چيو تہ مون کي 8_8 تي وري اچڻ لاءِ چيو اٿن. اسان سيئي ڪيس ماڙيءَ تي چڙهي آياسين. پچاڙيءَ ۾ روشن پنهنجي پياري ۽ مخصوص انداز ۾ ٺهڪ ٻڌايا ۽ ٻاهر جي آزاد فضائن ۾ وڃي ساهه کنيائين.

31_7_81

غلام مصطفيٰ شاهه عرف بصر بادشاهه مخالف ڌر سان ناهه ڪري اچ آزاد ٿي ويو ۽ اسان تان ڏچو لٿو.

1_8_81

سپرنٽنڊنٽ جي آفيس ۾ وينو هوس تہ ٻاهران محترم علڻ خان ٽيبو ۽ حبيب الرحمن شيخ جي چِٽ (Chit) آئي. صاحب موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري سپاهيءَ کي جواب ڏنو پر مون جڏهن نالا پڙهيا تہ خبر پيم ۽ مون ڪيس چيو تہ حبيب الرحمن، شيخ مجيب جو وڏو ڀاءُ آهي ۽ علڻ خان اسان جيئي سنڌ وارن کي پنهنجن مائٽن عزيزن کان بہ وڌيڪ عزيز ۽ محترم آهي، ان کي گهرايو. پوءِ ڪين گهرايائين. ملياسون، الله بخش ۽ جمن سان بہ ڪچهري ٿي. شيخ مجيب بہ آيو.

رمضان جي عيد جو چنڊ ڏٺو. آغا نور احمد پناڻ کي سپرنٽنڊنٽ اسان جي وارڊ ۾ ڏياري موڪليو.

2_8_81

عيد نماز پڙهڻ لاءِ چڪر ۾ وياسون. عيد جي ڏينهن بہ جيل جو عملو قيدين سان اهڙو تہ رويو پيو هلي جو ڏڪائيندڙ هو. مون ڊپٽي کي چيو تہ صوبيدار مير عالم ۽ سپاهين کي سمجهايو عيد جي ڏينهن قيدين کي تنگ نہ ڪن. ڊپٽيءَ صوبيدار ۽ سپاهين کي گهرائي منع ڪئي تہ عيد جي ڏينهن سختي نہ ڪيو.

مير الله بخش ٽالپر وارن اسان کي عيد جي ماني کارائي.

اسان وٽ مقبول سمون، محرم مير بحر عرف مارو ڊول، سڪندر شاهه، تنوير عرف فوجي، حاجي پنهور، مشتاق عباسي، نظام پنهور، امان الله شاهاڻي، نور احمد چانڊيو راجا آفتاب، علي محمد وارڊ ۾ آيا. اسان کين عيد جي ماني کارائي.

اج امان الله شاهاڻي، شيخ مجيب، مشتاق عباسي ۽ قمر راڄپر ينگ پيتي آهي. خمار لڳا پيا اٿن. قمر راڄپر تہ رڳو پيو ٽو ڪِلي.

3_8_81

احمد حسين جيلر عيد مبارڪ ڏيڻ آيو. ڪافي وقت تائين ڪچهري ڪيائين. مان سڪندر شاهه ۽ محرم مير بحر مارو ڏول سان سندن ڪولين ۾، جنهن کي "هوا بندر" سڏيندا آهن، ڪچهري ڪرڻ ويس.

5_8_81

مشتاق عباسي ۽ نظام پنهور ڪچهريءَ تي آيا. کين "قوم ۽ قوميت" تي ليڪچر ڏنم. رات جو بورچيءَ اسماعيل چانڊيي ماني سني نہ پچائي. اسان کيس چيو تہ ماني ڏيان سان پچاءِ ۽ سني پچاءِ. ان تان ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين تہ چنڊ ۽ تارا منهنجي هيلپ (Help) ٿا ڪن. توهان ڪير ٿيندا آهيو مون کي سمجهائڻ وارا. اسان کي ٿورو عجب لڳو ۽ کانئس پڇيو تہ چنڊ ۽ تارا هيلپ ڪيئن ٿا ڪن؟ چيائين تہ مان هلان ٿو تہ چنڊ ۽ تارا مون سان گڏ ڏڪن ٿا. اسان چيس تہ پلا هلي ڏيکار. وٺي زمين تي زور سان داڦوڙا هڻي هلڻ لڳو. چيائين ڏٺوَ تہ منهنجي هيلپ ڪيائون نہ؟ اسان چيس تہ "هيلپ" جي معنيٰ ڇا آهي؟ چيائين چنڊ ۽ تارا اسماعيل چانڊيي جي هلڻ سان ڏڪندا آهن. ڏاڍو هن جي ڳالهين مان مزو ورتوسون.

6_8_81

ابوبڪر ۽ قمر ڪوٽڙي شنوائيءَ تي ويا. شيخ مجيب ۽ مان ڪمري ۾ ويٺا هئاسين تہ اسماعيل بورچي آيو. در تي بيهي چيائين تہ: "مجيب! تون امان جي مهانڊي آهين." اسان چيس تہ اهو وري ڪيئن؟ چيائين تہ: "بلڪل امان هن جي مهانڊي هئي." ڏاڍو کلياسين.

7_8_81

ڪمري ۾ ويٺو هوس تہ مجيب ۽ اسماعيل بورچي آيا. شيخ مجيب چيو تہ بورچي کان احوال وٺ. مون کانئس پڇيو تہ: "ڏي حال احوال." چيائين تہ مجيب، الهداد مريءَ جو پُٽ آهي ۽ مون سان ڪوڙ ٿو هڻي تہ بهادر خان شيخ جو پٽ آهي. مون کانئس پڇيو تہ اهو وري ڪيئن؟ چيائين تہ مان الهداد مريءَ وٽ نوڪر بيٺل هوس تہ مجيب ننڍڙو هوندو هو. مان کيس هنج تي کڻي گهمائيندو هوس، چڪر ڏيارڻ وٺي ويندو هوسانس. پوءِ هڪ ڏينهن مون کان گم ٿي ويو ۽ دڙو جي شيخن مان بهادر خان شيخ جي هٿ چڙهي ويو جنهن نپائي وڏو ڪيو اٿس ۽ هينئر مون کي سڃاڻي ڪونہ ٿو. اسان هن جي عجيب وغريب ڳالهين تان ڏاڍو کلياسين ۽ شيخ مجيب هن کي دڙڪا ڏئي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اسان پاڻ ۾ ڪچهري ويٺي ڪئي تہ ٻاهر روئڻ جو آواز آيو. ٻاهر نڪري ڏٺوسون تہ اسان جو بورچي اسماعيل روئي ويٺو ۽ ڳوڙها پيو ڳاڙي. اسان پڇيس تہ ڇو ٿو روئين؟ چيائين تہ مجيب کي ننڍڙي لاءِ جو رانديون

ڪيڏايم، گهمايم، شيءِ ڪارائيندو هوسانس، اڄ وڏو ٿيو آهي ته مون کي دڙڪا ٿو ڏئي. هن جي معصوميت تي ڏاڍو رحم آيو ۽ ڪيس پرچائي وٺي وڃي بورچي خاني ۾ ڇڏيوسون. نالو رکيوسونس "مجنون". سڪندر شاهه ۽ محرم مير بحر ڪمري تي آيا ۽ منجهند جي ماني گڏجي ڪاڌي سون.

8_8_81

محبوب سپرنٽنڊنٽ سان مليس. ڪيس برداشتي، ڇُري، آغا نور احمد ۽ نور احمد چانڊيو جي ڪچي راشن ڏيڻ لاءِ چيم. ڇُري ان وقت ڏنائين. برداشتي موڪلڻ لاءِ واعدو ڪيائين. باقي ڪچي راشن ڏيڻ کان بلڪل انڪار ڪيائين. چيائين ته مان ڊڄان ٿو ڇو ته مون وٽ اختر شاهه جيلر جهڙا ماڻهو آهن، جيڪي مون تي ڪنهن به وقت درخواست ڪري سگهن ٿا.

9_8_81

شنوائيءَ تي ويس. اتي سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيبو ۽ قمر پتي به مارشل لاء ڪورٽ ۾ آيا. محترم علڻ خان ٿيبو ڊاڪٽر مولا بخش ٿيبو انور لاکو چاچو بوبڪ خان ٿيبو روشن ٻرڙو سعد الله شاهه، فرمان علي شاهه، سردار علي شاهه سان ملاقات ٿي.

فرمان علي شاهه ٻڌايو ته توهان جو والد بزرگوار تي چار ڏينهن ٿيندا ته وفات ڪري ويو آهي." سخت ڏک ۽ ارمان ٿيم. سواءِ ان جي مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ منهنجو ضمير مطمئن آهي، ڇاڪاڻ ته سڄي سنڌي قوم غلام آهي ۽ آزاديءَ جي راهه ۾ وڙهندڙ ڪارڪن لاءِ اهڙيون تڪليفون ۽ صدما ڌرتيءَ ۽ قوم کان مٿاهان ڪونه هوندا آهن. جتي سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي منهنجي والد جهڙا هزارين لکين انسان سڏڪيو سڏڪيو ساهه ٿا ڏين، پنهنجا ارمان ۽ امنگون، سوچون ۽ لوچون، درد ۽ پيڙائون پاڻ سان گڏ کنيو قبر ۾ وڃي دفن ٿا ٿين، اتي منهنجي هڪ پيءُ جون آسون ۽ تمنائون به انهن سان گڏ آهن. شل اسان جون آزاديءَ جي راهه ۾ هي تڪليفون، جدائيون ۽ قيد هن قوم کي تقدير بدلائڻ لاءِ هڪ مشعل جو ڪم ڏين. موٽي جيل تي پهتس.

آغا نور احمد، قمر راڄپر، شيخ مجيب الرحمن ۽ ابوبڪر بابا سائين جي وفات جو ٻڌي مون سان عذر خواهي ڪئي. ان کان پوءِ وڃي سپرنٽنڊنٽ سان مليا ته جيئن مون کي پيرول تي جيل کان ٻاهر ڪيڊرائڻ لاءِ مارشل لاء وارن کان اجازت وٺي. جيل سپرنٽنڊنٽ مارشل لاء وارن سان ڳالهايو پر ڊي ايم.ايل.اي قاضي سعيد الدين انڪار ڪيو. مشتاق، نظامر نور احمد چانڊيو عذر خواهي ڪرڻ آيا.

پيرول تي آزادي نه ملڻ کان وڌيڪ گهاءُ بابا سائين جي تڏي تي پنهنجي عزيزن، دوستن ۽ بابا سائين جي دوستن سان ڏک نه ونڊي سگهڻ جو آهي. هيءَ رات منهنجي جيل جي سڀ کان اداس ۽ اڪيلي رات

آهي. مان محسوس ڪيان ٿو ڄڻ منهنجي هٿن جي آڱرين منجهان ڪو مضبوط سهارو ۽ آٿت بنا موڪلائڻ جي وڇڙي ويو آهي. پٽائي جون اهي سٽون جيل وارڊ جي ڪوليءَ جي ديوارن تي اُڪري اُڪري پار ڪيڻ لڳيون آهن تہ:

اج نہ اوطاقن ۾ تا، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

بابا سائين بہ تہ منهنجي جيءَ کي جياريندڙ ۽ اسان جي غريب ڪٽنب کي معاشي جيئدان بخشيندڙ مون لاءِ هڪ عظيم هستي وانگر هو. توڙي جو هو منهنجي سياسي سرگرمين منجهان شايد صدين جي غريبي ۽ جاگيرداري نظام جي اثرات ڪارڻ غير مطمئن/خوفزده رهندو هو پر هن ڪڏهن بہ پنهنجي بردبار پورهيت اکين ۾ اهڙي ميار سانديي مون سان کُهرو نہ ڳالهايو هو جو آئون پنهنجي قومي مقصد واري راهہ تان ٿڙي سگهان ها. اڄ رات عجيب ڪيفيتن ۾ مبتلا آهيان. بابا سائين سان گهاريل زندگيءَ جو هر لمحو هر هڪ گهڙي وڏ ڦڙي مينهن جيان منهنجي روح تي برسي رهي آهي. بابا جو ڏنل بي پناهہ پيار ۽ ڪنهن غلط ڪم ڪرڻ تي سندس ڏنل معصوم سزائون ذهن جي اسڪرين تي ڪنهن فلم جيان هلي رهيون آهن. بابا سائين بنيادي طور تي پورهيت انسان هو. هن سڄي ڄمار پنهنجو وجود پورهئي جي پوتر عمل کي ڏئي پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پاليو هو. غربت جي لحاظ کان هو جان جوکم ۾ وجهڻ وارو پورهيو ڪندو هو يعني پيشي جي لحاظ کان "کوهاٽو" هو. درياهي علائقن يا وڏن ڳوٺن ۾ نارن وسيلي پاٽي ڪڍيو ويندو آهي ۽ بابا سائين پنهنجي ماتحت ليبر سان گڏ ڌرتيءَ جو سينو چيري ويهہ کان ٽيهہ فوٽ اونها کوهہ کوٽيندو هو. توڙي جو سندس پيشو ڊرائيور وانگر موت جو همسفر هوندو هو پر بابا سائين وڏو توڪل وارو ۽ سخي انسان هو. هڪ ڀيري تہ ائين بہ ٿيو جو بابا سائين کي اسان گهر ڀاتي اچرج مان ڏسندا رهجي وياسين. چاڪاڻ تہ سندس وجود تي صرف اجرڪ جي گوڏ ٻڌل هئي. گهٽي زور پرڻ کان پوءِ معصوم ٻار جهڙي مرڪ چهري تي آڻي ٻڌايائين تہ رستي ۾ فقيرن امام حسين جي نالي تي صدا هنئي ۽ مون کان لباس طلب ڪيو ۽ اهو سودو مون لاءِ مهانگو نہ هو ۽ بابا سائين جي سڄي زندگي ائين گذري. پاڻ غربت سبب تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. پنهنجي زندگيءَ جا ورق ورائيندي بابا ٻڌائيندو هو تہ سندن ٻاروتڻ تمام گهڻو ڏکيو ۽ غربتن ۾ گذريو. هڪ ويلو کائڻ لاءِ ملندو هو تہ ٻہ ويلا بکون ڪاٽيون پونديون هيون ۽ ڪيئي چاندوڪيون راتيون امڙ خالي ديڳڙيءَ ۾ پاٽي وجهي ڏوئي ڪڙڪائيندي اسان کي دلاسا ڏيندي ننڊ سمهاري ڇڏيندي هئي. غربت جي ايڏن شديد

امتحانن مان گذرڻ باوجود مون بابا سائين جي اکين ۾ ڪڏهن گهٽي دولت جي لالچ ۽ حوس نہ ڏٺي هئي. هو اسان کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو خواب ضرور ڏسندو هو. مون کي ياد آهي تہ ننڍپڻ ۾ مون اسڪول کان گسايو هو تہ بابا وَنگ جي رسي سان منهنجي پنيءَ تي ڪيئي چٽ ڪڍيا هئا ۽ زندگيءَ ۾ سندس اها پهرين ۽ آخري مار هئي. هو اسان مان بُريون عادتون ۽ غلط ورتاءَ ايڏي تہ پيار ۽ معصوم انداز سان ڪيندو هو جو اسان کي اندازو نہ ٿيندو هو. ننڍپڻ ۾ آءٌ ڪاٻي هٿ سان ماني کائيندو هوس. هڪ دفعي بابا سائين ڏسي ورتو. سزا ۽ دڙڪا ڏيڻ جي بدران بابا ٻئي ڏينهن تي مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ دوڪان تان ٻن روپين جون ريوڙيون ورتيون ۽ مون کي مٺ پري ڏيڻ بدران هڪ هڪ ريوڙي ڏيندي ساڄي هٿ سان کائڻ جي هدايت ڪيائين. سندس انهيءَ شفقت ڀرئي انداز کان پوءِ مون وري ڪڏهن بہ ڪاٻي هٿ سان نہ کاڌو.

بابا سائين کوهہ کٽڻ کان سواءِ پڪين سرن جو ٺٺو تيار ڪرڻ ۽ ميلن ملاکڙن ۾ ٻئي جوڙ ۾ ملهہ وڙهڻ سان گڏوگڏ اوطاقي ڪچهرين جو ڪوڏيو هوندو هو ۽ ڪيترن سگهڙن کي نڙ بيت ۾ ماٽ ڪرائي ڇڏيندو هو پر جڏهن سندس 18 ورهين جو ڀيرو پٽ (اڳين گهرواريءَ مان) مراد علي شاهہ ڪمهلي موت مري ويو انهيءَ کان پوءِ بابا سائينءَ جا سمورا شوق، ونڊر ۽ وروندهن موڪلائي ويا. نڙ بيت چوندي روئي ڏيندو هو.

بابا سائين سادي سودي محدود پورهيت واري زندگي گذارڻ سان گڏوگڏ روحانيت جو قائل هو ۽ ڪيتريون قرآني آيتون هر وقت سندس چپن جو ورد بڻيل هونديون هيون. خاص طور تي "سلام قول من رب الرحيم" يا حي، يا قيوم جو ورد ڪندو هو. بابا سائين پورهيت هجڻ سان گڏوگڏ سنڌ جو هڪ ٽپيڪل ياڳيو ۽ اوطاقي انسان هو. سياري جون اڪثر راتيون اوطاق تي برپا ڪيل مچ ڪچهرين ۾ گذرنديون هيس. سندس ياري دوستي جو وڏو حلقو هوندو هو. مينهن ڌارڻ جو تمام وڏو شوقين هو ۽ شوقين بہ ايتري حد تائين جو پهرئين نگاهہ سان ڀلي مينهن جون وصفون جانچي ويندو هو. مون کي اڪثر ڀلي مينهن جون وصفون بيان ڪندي ٻڌائيندو هو تہ ڀلي مينهن جي چمڙي پشم جهڙي، ٽڻ ڪارڪ جهڙا، سينو موڪرو، اوهہ پيٽ سان جڙيل هجي، ڪنڌي ايتري جو آڱر بہ ڪراس نہ ڪري سگهي، اڳيون ڄنگهون گوڏن کان هيٺ مٿئين حصي کان ننڍيون هجن. اهڙيون مينهون وٺڻ ۽ پاڳئي جي سونهن هونديون آهن. باقي گوشي ۽ ڀِل مينهون کير ڏيڻ جون ڀليون ٿينديون آهن.

بابا سائين اڪثر ڪري چوندو هو تہ سؤ وڃائجي، ساهُ نہ وڃائجي. دوستي جو وڏو قدردان، وفا شعار انسان هو. اڪثر مون کي پنهنجي عزيز ترين دوست سنهون ابڙو، محمد خان ڪاريو، حاجي نظام الدين

ٻڏدي، حاجي بهاول ٻڏدي سان سڄي ڄمار ادب احترام وارو رشتو قائم رکڻ جي هدايت ڪندو هو.

اڄ زندگيءَ کي زنده دليءَ سان جيئندڙ اهو انسان مون کي ماڻهن جي هن جهنگل ۾ هميشه هميشه لاءِ هيڪل وياڪل ڇڏي، انهيءَ پنڌ جو راهي ٿي چڪو آهي، جتان ڪوبه مسافر واپس نه آيو آهي ۽ انهيءَ ڏک منهنجي روح ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا آهن ته دنيا جو آءٌ ڪيڏو نه بدنصيب مويي پٽ آهيان، جيڪو پنهنجي محبوبن ۽ دوستن جهڙي والد جو آخري ديدار نه ڪري سگهيو سندس ڪلهي ڪانڌي ٿي نه سگهيو. ان سمي منهنجي جيجل امڙ پاڻ کي ڪيڏو نه تنها ۽ اڪيلو محسوس ڪيو هوندو جڏهن ته سندس شريڪ حيات جي پيڙائتي وڇوڙي واري ويل ساڻس ڳرانڙي پائي ڏک ونڊڻ لاءِ سندس فرزند (آءٌ) موجود نه هوندو. مان سوچيان ٿو ته هيءَ ڪهڙي رياست آهي، ڪهڙي نڳيءَ جو ناهه آهي، جتي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جا حق ڳهرندڙ انسانن کي اهو به حق حاصل ناهي ته هو پنهنجي پيارن جي جدائي ۾ وڇوڙن وارن لمحن ۾ پنهنجي خاندان جي باقي ڀاتين سان گڏجي به چار لڙڪ لاڙي سگهن. هتي جيل جي اونداهين راتين ۾ منهنجا سياسي قيدي دوست ستار موريو، شيخ مجيب الرحمن، قمر راڄپر، ابوبڪر زرداري، غير سياسي دوست مشتاق عباسي، نظام الدين، نور احمد چانڊيو مير الهه بخش ٽالپر، غلام رسول لاشاري، امان الله شاهاڻي ۽ ٻين رسمي طور تي مون سان عذر خواهي ڪئي ۽ منهنجي ڏک کي پنهنجو ڏک قرار ڏنو. نظرياتي دوستن مون کي مايوسي جي کُن مان ڪڍڻ ۽ حوصلا بلند ڪرڻ لاءِ اهڙن حادثن ۽ هاڃن کي سياسي ڪارڪن جي زندگيءَ جو حصو قرار ڏنو پر انهن کي ڪهڙي خبر ته ڪائنات ۾ ڪجهه اتوت رشتا، ڪي ازلي ڳانڊاپا اهڙا به هوندا آهن، جن ڪان ظاهري طور وڇڙڻ جي باوجود ماڻهو وڇڙي نه سگهندو آهي ۽ انهن عظيم ترين پيارين شخصيتن جون قبرون دلين ۾ سدائين تازيون هونديون آهن. جن جي لحد جي سفر ۾ شامل نه هوندو آهي ۽ بابا سائين جي وڇوڙي جو گهاءُ شايد منهنجي پنهنجي لحد جي سفر تائين منهنجي سيني ۾ ساهه ڪڻندو رهندو.

بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ،

تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.

(اياز)

10_8_81

مير الهه بخش ٽالپر، غلام رسول لاشاري، اختر شاهه جيلر، سڪندر شاهه، محرم ميربحر، مقبول سمون، جيل جو ڊاڪٽر هادي بخش لغاري، قيوم ۽ ابرار عذر خواهي ڪرڻ آيا.

11_8_81

تنوير عرف فوجي چڪر جمعدار علي نواز چانڊيو عذر خواهي ڪرڻ آيا.

12_8_81

حاجي محمد اسماعيل اوٺو ۽ شفيع ارشد عذر خواهي ڪرڻ آيا.

منشي نظام پنهور ٻڌايو ته شاهه محمد شاهه جيل تي آيو هو ۽ جيل سپرنٽنڊنٽ سان گڏجي آءِ.جي جيلز ڏي ويا آهن. قمر راڄپر ڪان پڇيم ته آيو هو ڇا؟ چيائين ته آيو هو پر اسان سان ملاقات ڪري نه سگهيو. مون کي سمجهه ۾ ڳالهه نٿي اچي ته شاهه کي جهاز اغوا واري لسٽ جي ماڻهن ۾ زوري ٻاهر موڪليو ويو هو ۽ هتي ائين سرڪاري ڪارندن سان ڪيئن وتي ٿو ڦرندو؟

13_8_81

ايوب شورو عرف جانِ من تعزيت ڪرڻ لاءِ آيو. ٻڌايائين ته چڪر جا تمام گهڻا قيدي عذر خواهي لاءِ سنبريل هئا، پر ڪين جيل انتظاميه اجازت نه ڏني، ان ڪري اچي نه سگهيا. ٻڌايائين ته مان به چڪر جمعدار مومن علي کي رشوت ڏئي پوءِ توهان ڏي تعزيت لاءِ آيو آهيان. ڊيوٽي جمعدار ٻڌايو ته سپرنٽنڊنٽ جيل جي سڄي اسٽاف کي گهرائي چيو آهي ته سرڪاري ليٽر آيو آهي ته صبحاڻي چوڏهين آگسٽ تي نياز اسٽيڊيم ۾ سادن ڪپڙن ۾ سڄو عملو وڃي، جيئن هن حڪومت جي مضبوطي جي ثابتي ملي.

4_8_81

اختر شاهه جيلر آيو. ڪچهري ڪيائين. ٻڌايائين ته سپرنٽنڊنٽ چيو آهي ته نياز اسٽيڊيم وڃ، پر مان ڪونه ويس ۽ ڊيوٽي واري عملي کان سواءِ سمورو اسٽاف نياز اسٽيڊيم ۾ موڪليو اٿس. اختر شاهه جيلر چيو ته مون کي پنگ پياريو. اتفاق سان امان الله شاهاڻي وٽ تيار لڳي پئي هئي، جتان برداشتي به گلاس جڳ ۾ پرائي ڪٽي آيو ۽ پيتائين. ڪافي وقت تائين ڪچهري ڪيائين. شام جو اٺي ويو. آغا نور احمد پناڻ جو "بي ڪلاس" ٿي ويو.

15_8_81

مان جيل جي اسپتال ڏي چڪر ۾ ويس. اتي جڏهن قيدين کي منهنجي خبر پئي ته ڪافي تعداد ۾ پهچي ويا ۽ اچي تعزيت ڪيائون. ڊاڪٽر نه هئڻ ڪري مان ماڙيءَ ۾ سپرنٽنڊنٽ سان وڃي مليس ۽ ڪيس ڪچي راشن پوري نه ملڻ جي شڪايت ڪيم. جنهن محمد خان هيڊ ڪلرڪ کي گهرائي چيائين ته شاهه صاحب کي راشن ڇو گهٽ مليو آهي؟ آئنده اهڙي شڪايت نه ٿئي. مان محمد خان هيڊ ڪلرڪ سان گڏجي سندس آفيس ۾ وڃي ويٺس. جنهن ٻڌايو ته عيد واري ڏينهن سپرنٽنڊنٽ پاڻ اٺ

ڪلو ڪنڊ، ڏهہ ڪلو گيهہ جيل جي راشن مان ڪٽي ويو هو. مان ڪٿان پوري ڪيان؟ مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو.

16_8_81

صبح جو اٽي سڪندر شاهہ ۽ محرم مير بحر سان سندن وارڊ ”هوا بندر“ تي ڪچهري ڪرڻ ويس. اتي ڏاڍي مزيدار ڪچهري ٿي. خدا بخش ڀڳيو پڪو قيدي آيو جنهن چيو تہ احمد حسين جيلر کي چئي منهنجي بورچي خاني مان بدلي ڪرايو چو تہ مون سان چراغ جمعدار نہ ٺونهي ۽ مقبول سمي چيو تہ مون کي سانگهڙ جيل تي بدلي ڪرايو ۽ اختر شاهہ جيلر کي چئو تہ پوليس گهرائي مون کي سانگهڙ ڪورٽ موڪلي. ٻنهي سان واعدو ڪيم تہ صبحاڻي آفيس ۾ وڃي ٻنهي جيلرن سان ڳالهائيندس.

اڄ اسان بي ڪلاس وارڊ جي غلام رسول لاشاري، امان الله شاهاڻي، شفيع ارشد، ڊاڪٽر هادي بخش لغاري، مشتاق عباسي، ايوب شورو ۽ مير الهہ بخش ٽالپر ۽ سندس ياٽرن جي پنهنجي وارڊ ۾ دعوت ڪئي سون. چاڪاڻ تہ ميرن اسان کي هن کان اڳ دعوت ڪارائي هئي.

شام جو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ جا ٽي مهاجر ڇوڪرا سيد سجاد ۽ ٻيا بہ قيد ٿي آيا آهن. يونيورسٽي ۾ سڄاٽپ هئڻ ڪري وڃي ساڻن مليس. پڇڻ تي ٻڌايائون تہ فوجين جي آفيسرس ميس مان رنگين ٽي وي چوري ڪئي هئي سون، پر جنهن ماڻهوءَ کي ڏني سون، ان وٽ پڪڙجي پئي ۽ ان نالا ٻڌايا ۽ اسان گرفتار ٿي نارا جيل پهتاسون.

17_8_81

سپرنٽنڊنٽ سان وڃي مليس. کيس چيم تہ مون کي ڏندن جي تڪليف تمام گهٽي ٿي وئي آهي، توهان مون کي اسپتال ڪونہ ٿا موڪليو؟ چيائين تہ ليٽر روانو ڪيو اٿم. جيئن مارشل لاءِ وارا اجازت ڏيندا تہ حاضر. بعد ۾ چيائين تہ مان توهان جي والد جي وفات تي تعزيت ڪونہ ڪري سگهيو آهيان. هينئر توهان وارڊ ڏي هلو مان اچان ٿو. وارڊ ۾ آيو ۽ تعزيت ڪري واپس ويو. مون احمد حسين جيلر ۽ اختر شاهہ کي خدا بخش ۽ مقبول سمون لاءِ چيو.

رات جو بورچي اسماعيل چانڊيو عرف مجنون، اولهہ طرف ڏي پير ڪيو ستو پيو هو. مون کيس چيو تہ اولهہ ڏي ڪعبة الله آهي ۽ ايڏانهن پير ڪرڻ گناهہ آهي، ڪجهہ ادب سک. مون ڏي ڪاوڙ مان نهاري چيائين تہ: ”مٿو نہ کاءِ، تون بہ ٺو مون کي سمجهائين. مان توکان گهٽو پڙهيل آهيان.“ مون کيس پيار مان وري سمجهايو تہ اولهہ طرف پير ڪري نہ سمهہ. مون کي چيائين تہ انسان جڏهن ڪعبة الله ۾ زيارت ۽ عبادت ڪرڻ ويندو آهي تہ پير بہ گڏ هوندا اٿس يا مٿي تي رکي چڙهندو آهي؟ اتي مون چيو تہ پير

بلڪل گڏ هوندا اٿس. جيائين تہ جڏهن اهي پير اتي ڪٽي گهمندو آهي تہ ڏوهہ ڪونهي، باقي مان هينئر هزارن ڪوهن ڪان پري ان طرف پير ٿو ڪريان تہ گناهہ ٿي ويو. دل ۾ چيم تہ ڪڏهن ڪڏهن چريا، سياڻن کان بہ وڌيڪ پختن دليلن سان سچي حقيقت بيان ڪندا آهن. برسات جي بوندا باندي وسي رهي آهي. اندر ڪوليءَ ۾ گرمي ۽ گُهٽ ڏاڍي آهي. سوچيان ويٺو تہ برسات گهٽ ٿئي تہ کٽ ٻاهر ڪيان.

19_8_81

صبح جو اعظم منشي اچي ٻڌايو تہ مون کي ۽ قمر راڄپر کي ڊي.ايم.ايل.اي هيڊ ڪوارٽر ۾ گهرايو آهي، ان ڪري تيار ٿي ويهو. ڏهين بجي ڏاري پوليس اسان کي ڊي.ايم.ايل.اي جي آفيس وٺي وئي. اتي مون کي ۽ قمر راڄپر کي ڊي.ايم.ايل.اي ميجر گهرائي چيو تہ جنرل صاحب نئي ضلعي ۾ ٻوڏ جي صورتحال خراب ٿيڻ ڪري اوڏانهن هليو ويو آهي، ان ڪري توهان واپس وڃو. ايندڙ هفتي ۾ توهان ٻنهي کي وري گهرائينداسون.

20_8_81

تنوير، محرم ميربحر ۽ سڪندر شاهہ ڪچهري تي آيا. بورچي اسماعيل مجنون اڄ آزاد ٿي ويو.

21_8_81

محمد صالح راهپوٽو ۽ مير مولا بخش لغاري جا پيان سعيد آباد کان تعزيتي پيغام پهتا.

22_8_81

سڄو ڏينهن طبيعت ٺيڪ ڪانہ هئي. شام جو سڪندر شاهہ، محرم مير بحر، مقبول سمون سان "هوا بندر وارڊ" وٽ رهاڻ ٿي. سپرنٽنڊنٽ مون کي گهرائي چيو تہ 8_25 تي قمر راڄپر ۽ توکي ڊي.ايم.ايل.اي گهرايو آهي.

23_8_81

شنوائي تي مارشل لاء ڪورٽ ۾ ويس. سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر پيتي آيا. سٺ ميل تان برادرم ارباب علي شاهہ، ماروٽ غلام سرور شاهہ، ٻچيريءَ جو غلام قادر ابڙو، فرمان علي شاهہ، قربان علي شاهہ جا ننڍڙا پٽ ممتاز علي شاهہ ۽ مهتاب علي شاهہ آيا. غلام النبي سومرو، ذڪاءُ الله شيخ، قادر بخش عباسي، غلام قاسم لغاري، لال بخش عرف لالڻ چانڊيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جا ٻيا شاگرد بہ آيا. شنوائي 9_8 تي ملي.

25_8_81

قمر ۽ مان ڊي.ايم.ايل.اي آفيس وياسين. اتي ميجر محبوب قادر اسان جي انچارج جمعدار کي گهٽ

وڏ ڳالهايو ۽ ڪيس چيو تہ هنن ڪي ڇو ونئي آيا آهيو؟ اڄ جڏهن تہ هنن جي هتي ڪاٻہ تاريخ ڪانہ آهي ۽ نہ وري اسان گهرايو اٿن. اسان کي ڏاڍو تعجب لڳو واپس موٽي آياسين تہ قمر راڄپر جي انتظار ۾ سندس وڏو ڀاءُ اڪبر راڄپر، شاهہ محمد شاهہ، اسماعيل وساڻ ۽ عرفان شاهہ ويٺا هئا. سيني کي احوال ٻڌايوسين. سڀ اچرج ۾ پئجي ويا. موٽي اچي جيل تي پهتاسون. ڊپٽي کي احوال ڏنوسون. شام جو ڊپٽي ڏاڍو پريشان لڳو ويٺو هو. مون کي ڏسندي ئي سڏ ڪيائين ۽ چيائين تہ مون کان ميجر محبوب قادر ڳالهايو آهي ۽ چيو اٿس تہ توتي انتظامي ڪارروائي ٿيندي. هاڻي ڇا ڪريان؟ مان تہ ڏاڍو پريشان آهيان. مون ڪيس چيو تہ سپرنٽنڊنٽ اڄ ڪراچي مان اچي ويو هوندو. ان سان ڳالهائي مسئلو حل ڪري ڇڏ.

26_8_81

سپرنٽنڊنٽ سان ملڻ "ماڙي" تي ويس. آفيس ۾ اندر ويس تہ صاحب پٽ تي بسترو وڇايو ڪِهري ننڊ ۾ ستو پيو هو. مون کي تعجب لڳو تہ آفيس ٽائيم ۾ ائين بسترو وڇائي ڪيئن ستو پيو آهي؟ سوچيم تہ ڊپٽي سان ملان. ان جي آفيس ۾ ويس تہ اهو بہ ٽيبل تي ٽنگون رکيو مٿي ننڊ ۾ ستو پيو هو. مان ماٺ ڪري موٽي آيس. شام جو پنجين بجي ڏاري آفيس جو منشي آيو جنهن چيو تہ صاحب لاءِ چار چانهيون ٺهرائي ڏيو ۽ مون کي چيائين تہ توهان کي گهرايو اٿس. مان وڃي ساڻس مليس. 25 تاريخ وارو احوال پڇڻ تي ڪيس ٻڌايم. ان وچ ۾ چانهن بہ اچي وئي. حسب معمول وات ۾ "مين پوڙي" هيس. چانهہ پيئڻ کان اڳ ان کي ڪيڻ لاءِ گُرڙي ڪيائين. جيئن گرڙي جو پاڻي وات مان ٻاهر اڇلايائين تہ سڀ جو سڀ بش شرٽ جي ڪيسي ۾ وڃي پيس ۽ ڪيسي ۾ ٻي جنهن بہ جاءِ تي گرڙيءَ جو پاڻي پهتو اتي ڳاڙهو رنگ ڏيندو ويو. مون کي ڏاڍي کِل آئي. هن لاءِ ڪاٻہ ڳالهہ نہ هجي. برداشتيءَ کي گهرائي ٽوال سان قميص کي صاف ڪرايائين ۽ مزي سان چانهہ مان چسڪيون وٺڻ لڳو. مون ڪيس چيو تہ صاحب! ايترو آفيم ڇو ٿا کائو؟ مون کي جواب نہ ڏنائين ۽ پوءِ وري اسلام جون ڳالهيون وٺي شروع ڪيائين ۽ ماضيءَ جا پنهنجي بهادريءَ جا قصا ٻڌائڻ شروع ڪيائين. نيٺ ٽيليفون آيس. پاڻ جيئن اڪيون ٻوٽي ان سان ڳالهائڻ لڳو تہ مان آفيس مان نڪري اچي وارڊ ۾ پهتس.

27_8_81

سپرنٽنڊنٽ آفيس ۾ گهرايو. چيائين تہ مارشل لاء وارن تنهنجي لاءِ ڊاڪٽر کي لکيو آهي تہ رپورٽ ڏي تہ علي محمد شاهہ کي ڇا آهي؟ ان دوران ڊاڪٽر هادي بخش بہ اچي ويو ۽ ليٽر ان کي ڏنائين. ڊاڪٽر ڪجهہ پريشان ٿي ويو ۽ مون کي چيائين تہ يارا ٻاهر آزاد ٿي وڃي علاج ڪرائجانءِ، هينئر مون

ڪي بہ پريشان ڪري ڇڏيو اٿئي. مون چيومانس تہ مون کي ڏندن جي تڪليف ظاهر آهي، ناجائز ڳالهه ناهي. توهان ليٽر لکي موڪليو ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڳالهه ناهي. ڊاڪٽر ليٽر لکي پُٽي ڪلرڪ کي ڏنو جيڪو صحيح ڪرائڻ لاءِ اچي سپرنٽنڊنٽ کي ڏنو ۽ پاڻ هليو ويو. سپرنٽنڊنٽ ليٽر صحيح ڪري مون کي چيو تہ هن تي آئوٽ ورڊ نمبر (Outword) هٽائي ڪٽي اچ تہ ڊاڪٽر پٺيهون نمبر رجسٽر پري. مون صاحب کي چيو تہ مان تنهنجو پٽيوالو نہ آهيان. گهنٽي وڄائي، ڪلرڪ کي گهرائي ان کي ڏي. مون کي چيائين تہ شاهہ صاحب! غلطي ٿي وئي. مان آفيس مان اٿي اچي نور احمد پنهور ۽ شيخ مجيب سان وينس، جن ملاقات ويني ڪئي.

28_8_81

جيل جي اسپتال ۾ غفار چنو ۽ نور احمد چانڊيو سان ڪچهري ڪيم. جمع جي ڏينهن هئڻ ڪري سڄي جيل ۾ خاموشي ڇانئي پئي آهي. سيئي قيدي اڄوڪي ڏينهن لاءِ چڱو رايو نہ رکندا آهن، چاڪاڻ تہ هنن جو ڇوٽڻ آهي تہ موڪل جو ڏينهن، ڪوبہ آزادي جو ليٽر يا ملاقات نہ ٿيندي آهي. هونئن بہ ٻين ڏينهن تي ڪوبہ آزادي جو ليٽر يا ملاقات هر هڪ قيدي جي روزانہ ڪانہ ٿيندي آهي، پر جيئن سج اڀرندو آهي تہ هر هڪ قيدي اها آس لڳايو ويٺو هوندو آهي تہ اڄهو ٿو آزادي جو پروانو اچي يا اڄها ٿي ملاقات اچي. حقيقت ۾ قيدي صرف ان اميد جي سهاري تي قيد ڪاٽيندا آهن. شام جو سپرنٽنڊنٽ آيو. ان وقت شيخ مجيب، قمر ۽ امان الله بند وارڊ ۾ مهاجر شاگردن سان ڪچهري ڪري رهيا هئا. هنن کي صاحب پاڻ ڏنو ۽ ماڙي تان سپاهي کي حڪم ڏنائين تہ ٻنهي وارڊن جو دروازو بند رکو ۽ شام جو گهمڻ بند آهي.

29_8_81

سپاهيءَ چيو تہ مان شام جو دروازو بند رکندس، ان لاءِ توهان شام جو ڇهين بجي جي اجازت وٺي ڇڏيو. مون کيس چيو تہ اسان کي اجازت مليل آهي، باقي جيستائين سپريڊنٽ اسان کي روبرو نہ جهليندو، تيستائين اسان جيل ۾ دروازو بند ٿيڻ نہ ڏينداسين. مون کيس چيو تہ تون سپاهي آهين، هرو ڀرو ڪنهن سان ڦٿائڻ ۾ توکي ڇا هٿ ايندو؟ سپاهي دروازو بند نہ ڪيو ۽ اسان شام جو چڪر ڏنو.

30_8_81

سچل ڪاليج حيدرآباد جي شاگرد غفار چني کي ٻارنهن مهينا سزا ملي آهي، ان ڪري ساڻس اسپتال ملڻ ويس. سينٽرل جيل حيدرآباد تي بدلي ڪيو اٿنس.

31_8_81

سچل ڪاليج جيل شاگرد غفار چني کي سينٽرل جيل تي بدلي ڪيائون. پر سينٽرل جيل وارن نارا جيل موڪليس.

1_9_81

ابو القاسم برمي برداشتي کي اڄ آزاد ڪرائي گيٽ کان ٻاهر ڪڍي موٽي آيس. شام جو نئون برداشتي ونڻ لاءِ ويس. سپريڊنٽ وٽ رش هئڻ ڪري ساٽس ڪونه مليس. صوبيدار مير عالم کي چيم، جنهن ان وقت هڪ برداشتي ڏياري موڪليو ۽ باقي هڪ سپاٽي ڏيڻ جو واعدو ڪيو اٿس. اڄ غير قانوني طرح وي. سي. آر ڏسڻ جي ڏوهه ۾ ٽيهارو کن نوان قيدي آيا آهن. جن جي سپريڊنٽ صاحب "پريڊ ڪئي" يعني ڀهرين پڇا ڳاڇا ڪئي. ان ۾ جيڪي سٽيپون آساميون ڏسڻ ۾ آيس، انهن کي ڏنڊا ٻيڙيون هٽائي، بند وارڊ ۾ موڪلي ڇڏيائين. ويچارا نوان ماڻهو ڀهريون دفعو جيل ۾ اچڻ ڪري ڏاڍا پريشان ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. صالح راهپوٽي کي خط لکيم.

2_9_81

اختر شاهه جيلر چيو تہ توهان شام جو جيڪو بند وارڊ ڏي چڪر ڏيو ٿا، ان سان اسان جي روزگار تي ڌنجو اچي ويو آهي. مون ڀڇيومانس تہ ڇو؟ چيائين تہ توهان قيدين کي ذهني طرح سان تيار ڪري ڇڏيو پوءِ نتيجو اهو ٿو نڪري جو اسان کي ڪنگهن بہ ڪونہ ٿا.

3_9_81

صبح جو ماڙيءَ ۾ گهرايائون. اتي هڪ فوجي وينل هو جيڪو سياسي قيدي شاگردن جا انگ اکر گڏ ڪري رهيو هو. جنهن ۾ گرفتار ڪهڙي تاريخ تي ٿيو سياسي جماعت ڪهڙي آهي ۽ ڏوهه ڪهڙو آهي؟ غفار چني (سپاف)، غلام مصطفيٰ مرزاٽي (جيئي سنڌ)، نور احمد چانڊيو ڪنهن بہ پارٽيءَ سان ڳانڍاپو نہ ڏيکاريو حالانڪ پارٽيءَ سان تعلق اٿن. ان کان پوءِ وري سزا يافتہ شاگرد گهرايائون. انهن کان بہ ساڳيا ئي سوال پڇيائون. شام معمول جي خلاف ٻُرجين تي گهڻ زور سان وڄڻ لڳا. خبر ونڻ تي معلوم ٿيو تہ باغ پارٽيءَ مان قيدي ڀڄي ويو آهي. ٿوري دير کان پوءِ ڏنوسين تہ ساڳيو ئي قيدي اگهاڙو ڪارو منهن ٽيل، گڏهہ تي چڙهيل ۽ منهن گڏهہ جي پوئين پاسي اٿس. ويچاري کي سخت ماريو اٿن. ڀنن ۽ مٽي مان رت وهي رهيو اٿس. سپريڊنٽ صاحب اهڙا احڪامات ڀڻ جاري ڪيا هئا. هڪ انسان جي اهڙي تذليل ۽ تحقير ٿيندي ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. قانون مطابق ڀڄي ويندڙ قيديءَ تي ڪيس ڪبو آهي، پوءِ جج جيڪا سزا ڏئي، پر هتي تہ قانون ئي اُلٽو آهي. حقيقت ۾ ظلم جي جيڪڏهن ننگي تصوير ڏسڻي هجي تہ جيل جي چار ديواري اندر ڏسجي.

4_9_81

رات جو ٽين بجي کان پوءِ بخار تي پيو ۽ صبح تائين ننڊ ڪانہ آئي. مشتاق کي گهرائي سُئي هڻايم. سڄو ڏينهن بخار هئڻ ڪري ڪمري ۾ ستو رهيس ۽ بي آرامي رهي.

5_9_81

ڊاڪٽر وٽ اسپتال ۾ ويس. دوا وغيره ڏنائين. بخار ڇڏي ويو. اڄ خبر پئي تہ شيخ مجيب جا ڪوڙا بحال تي آيا آهن ۽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ لڳي ويندا.

6_9_81

آفيس ۾ ليٽر آيو آهي تہ شيخ مجيب ۽ رسول بخش ٽيٻو جا ڪوڙا پندرنهن پندرنهن مان گهٽائي پنج پنج ڪيا ويا آهن ۽ ڏنڊ پنجويهہ پنجويهہ هزار روپين مان گهٽائي، پنج پنج هزار روپيہ ڪيو اٿن. مارشل لاء وارن جي بہ خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڏنڊو ڪيئن ٿو هلين؟ رسول بخش کي بہ مهينا اڳ پندرنهن ڪوڙا لڳي چڪا آهن ۽ شيخ مجيب کي بہ ان وقت ئي لڳي وڃن ها. پر رمضان شريف جي مهيني ويجهي هئڻ ڪري هتان جي سپريڊنٽ ڪوڙا هڻڻ نہ ڏنا. باقي سينٽرل جيل خيرپور جي سپريڊنٽ ۽ ڊپٽي حيات ڦل ڪوشش ڪري رسول بخش ٽيٻي کي رمضان مهيني جي اچڻ کان صرف ٽي ڏينهن اڳ ۾ ڪوڙا هڻائي ڇڏيا.

7_9_81

سپريڊنٽ سان مليس تہ جيڪي شاگرد آهن، انهن کي ڪنهن هڪ کوليءَ ۾ رکو انهن کي تڪليف ٿئي ٿي. ان تي مون کي انڪاري جواب ڏنائين، جنهن تان هڪٻئي تي گرم ٿي وياسين. باقي ٻن ماڻهن جون ڏنڊا ٻيڙيون کولڻ ۽ برداشتي ڏيڻ لاءِ چيومانس. اهي ان وقت ئي ڪم ڪري ڏنائين. سپريڊنٽ چيو تہ قمر راڄپر مون کي چيو آهي تہ انهن شاگردن سان ان جو ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي. توهان جي مرضي ۽ هيئنر توهان مون کي نہ چئو. ان ڳالهہ تان مان سپريڊنٽ سان گرم ٿي ويس تہ غلط ڳالهہ آهي. اتفاق سان ان ڳالهہ دوران قمر راڄپر آفيس ۾ اچي ويو ۽ سپريڊنٽ ڪيس منهن تي چيو تہ تو مون کي چيو آهي. پوءِ "ڪُڇي جهڙي پت" ۽ ماٺ ڪري اُٿي ويو. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مان بہ آفيس مان اُٿي هليو ويس.

8_9_81

شنوائي تي ويس. خيرپور سينٽرل جيل کان دوست آيا ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد کان محمد حسن باغي آيو. ڪچهري سٺي ٿي. ديدار مگسي، ابوبڪر ٻُلو شفيع شيخ، لعل بخش چانديو بشير واڻٽي سان ڪچهري ٿي.

9_9_81

لعل بخش چانڊيو مجيب ۽ منهنجي ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو. ڪافي وقت تائين ڪچهري ٿي.

10_9_81

سڄو ڏينهن ڪمري ۾ سُتو پيو هئس. مجيب ٻڌايو تہ ڪيس ٻارهين تاريخ تي ڪوڙا لڳندا.

11_9_81

سڪندر شاهہ جي ڀاءُ جي شاديءَ جو پت سندس والد صاحب ڪٽائي آيو. جيڪو سڄي جيل جي قيدين ۽ اسٽاف جي عملي ۽ انهن جي گهر وارن بہ کاڌو. سڪندر شاهہ ۽ محرم مير بحر مون وٽ آيا ۽ ڪافي وقت تائين ڪچهري ٿي.

12_9_81

شيخ مجيب کي اٽڪل پوڻين ٻارهين بجي ڏاري مارشل لاء جي ڪئپٽن ۽ جيل انتظاميہ جي روبرو پنج ڪوڙا جيل جي صوبيدار مير عالم هنيا. بلڪل خاموشيءَ سان ڪوڙا کائي بنا سهاري جي وارڊ ۾ اچي سنگت کي ”جيئي سنڌ“ چيائين. ڊاڪٽر هادي بخش آيو ۽ جيل جا ڪافي قيدي ويچارا پڇڻ آيا. ڪي ويچارا روئڻ پيا تہ اسان سنڌين سان اهڙو ظلم ڇو ٿو ڪيو وڃي ۽ جيئي سنڌ وارن سان تمام گهڻي همدردي پيا ڏيکارين. سيني کي چانهہ پياري روانو ڪيم.

13_9_81

حبيب الرحمن شيخ، مجيب سان ملاقات ڪئي. بعد ۾ مان بہ وڃي ساٿس ماڙيءَ تي مليس. وري احمد پنهور منهنجي ۽ مجيب جي ملاقات تي آيو.

14_9_81

سڄو ڏينهن ڪمري ۾ آرام ڪيوسين. قيوم سوڍرو ۽ نور احمد ڪچهريءَ تي آيا. ٻڌاياءون تہ سندس ڪيس مارشل لاء مان بدلي ٿي سِوِل ڪورٽ ۾ آيو آهي. مون پڇيومانِ تہ خرچ گهڻو آيو آهي؟ جدا جدا ٻڌاياءون تہ پنج پنج هزار روپيہ خرچ آيو آهي.

15_9_81

مجيب ٻڌايو تہ حبيب الرحمن ڪيس جيڪي ٿي سؤ روپيہ ڏئي ويو هو اُهي آهن ئي ڪونہ. تمام گهڻي پُڇا ڳاڇا ڪئي سون، پر سچي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي. اسان وٽ جيڪو برداشتي يوسف عباسي آهي، اهو انتهائي گندي ذهنيت جو مالڪ آهي ۽ آءٌ چوندس تہ هن جهڙو چالاڪ ۽ بدمعاش ذڪر ايشيا ۾ ڪونہ ليندو. حقيقت ۾ ڏسڻ جهڙو ۽ ڪچهري ڪرڻ جهڙو ماڻهو آهي. هن وٽ پنهنجي ڏنڌي لاءِ

جيڪي فني صلاحيتون آهن، اهي پڌري گهرجن. اسان سيني جو هن ۾ شڪ آهي. دوستن کي مون چيو ته ايف. آءِ. يو ۾ جيڪو مون سان جسماني تشدد ٿيو هو ان مان صرف هڪ يا ٻه نمونا ڪرڻ جي اجازت ڏيو ته پاڻهين ثوسچي ڪرايانس، پر دوستن چيو ته اها سٺي ڳالهه ڪانه آهي. مون به ڪٽي بس ڪئي.

16_9_81

سڄو ڏينهن ڪمري ۾ ڪتاب پڙهيم. رات جو اٺ بجي اوچتو ئي اوچتو ماڙيءَ وارو گهنڊ ۽ برجين وارا گهنڊ زور سان وڄڻ لڳا. اسان سمجهيو ته شايد قيدي ڀڄي ويو آهي يا قيدين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي ۽ هاڻي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪئي اٿس يا ڪنهن قيديءَ ڪيس ڪان تنگ ٿي پاڻ کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهرحال، اسان انهن ئي سوچن ۾ هئاسون ته سپاهي آيو. اسان ڪانئس گهنڊ وڄڻ جو سبب پڇيو. ڪلي ٻڌايائين ته وڏي صاحب وڄرايا آهن. چاڪاڻ ته معمول مطابق شام جو ستين بجي جيل جا سڀ سپاهي حاضري پرائيندا آهن، پر اڄ ڪجهه سپاهي ڪونه آيا. ان ڪري گهنڊ وڄرائي انهن کي گهرايائين.

17_9_81

اختر شاهه جيلر آيو. ڪچهري ٿي. مون ڪيس چيو ته مارشل لاء وارن کي فون تي چئو ته مون کي اسپتال ۾ ڏندن جي دوا ڪرائڻ لاءِ اجازت ڏين. ان تي چيائين ته توهان اعتبار ڪريو ته مون هن کان اڳ ٿي دفعا فون ڪئي آهي، پر جڏهن تنهنجو نالو ٻڌن ٿا ته هنن کي چڙ ٿي لڳي ۽ گار گند ڪن ٿا. ان ڪري توهان ماٺ ڪري ويهي رهو. جڏهن به اجازت ڏنائون ته وڃجؤ.

18_9_81

بند وارڊ ۾ ٽي نوان قيدي ڏنڊا بيڙيون هڻي اچي بند ڪيا اٿن. مون ڪانئن سندن ڪيس متعلق پڇيو. ٻڌايائون ته ڦُر جي ڪيس ۾ آهيون. انهن ۾ هڪ ابڙو ٻچو ۽ ڪُماڻ ذات جا آهن. هنن جي بند وارڊ ٿيڻ لاءِ هنن جا ڪپڙا ذميوار آهن. جيڪڏهن ڪپڙا پراڻا هجن ها ته سپريڊنٽ سمجهي ها ته غريب آهن، پر اتفاق سان هنن کي ڪپڙا چڱا پاتل هئا. حقيقت ۾ ٽئي غريب آهن. هتي جيل ۾ خون ۽ ڌاڙن جي ڏوهن ۾ وڏا وڏا قيدي آهن، پر انهن کي ڏنڊا بيڙيون ڪونه آهن ۽ هنن کي صرف پئسن لاءِ بند وارڊ ڪيو اٿن.

19_9_81

نور احمد چانڊيو ضمانت تي جيل مان آزاد ٿي ويو. ڏاڍو خوش هو. سندس وڏو پاءُ وٺڻ آيو.

20_9_81

ستين نمبر باريڪ ۾ ٻه ڇوڪرا نثار ۽ ستار پاڻ ۾ وڙهي پيا. سپريڊنٽ اڄ آفيم جو ذرڙو ڪجهه سَجيهه ڪائي آيو آهي، تنهن ڪري ستين نمبر بيرڪ جي سيني ڇوڪرن کي ”جوڙي جوڙي“ ويهاري هر هڪ کان پڇيائين ته تنهنجو فاعل ڪهڙو آهي، تنهنجو فاعل ڪهڙو آهي؟ پهريائين ته ڪنهن به نه ٻاسيو پر ٻين ڇوڪرن چغلي هنئي ته فلاڻا فاعل آهن ۽ فلاڻا مفعول آهن. جڏهن صاحب انهن کان سختيءَ سان پڇيو ته انهن تسليم ڪيو.پوءِ ٻڌايائون ته چرس جي چينٽي تي، سڄي ماني يا سگريٽ جي پاڪيٽ تي ڏنڊو ٿيندو آهي. ان کان پوءِ جيڪي سهڻا ۽ مفعول ڇوڪرا هئا، انهن کي جدا بند ڪيو ويو ۽ جيڪي فاعل هئا، انهن کي وري اسان واري ”بي ڪلاس“ جي پوئين پاسي واري بند وارڊ ۾ ڏنڊا ٻيڙيون هڻي بند ڪيائون ۽ ابڙو ۽ چوءِ ڪُماڻ کي ڏنڊا ٻيڙيون ڪڍي چڪر ۾ موڪليائون. سنو ٿيو جو ڇورا وڙهيا پاڻ ۾، پلو ٿيو هنن غريبن جو.

21-9-81

پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو هڪ ڇوڪرو رضوان پلي جيل ۾ آيو. ڪائنس مون ڪيس متعلق پڇيو. ٻڌايائين ته بورڊ آف انٽر ميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد جو پيپر ظاهر ٿيو هو. ان ڪيس جي سلسلي ۾ فيض محمد کوکر ان جو چاچو علي نواز خاصخيلي ۽ ڪلارڪ خدا بخش عباسي به گڏ آهن. وڌيڪ ٻڌايائين ته هڪ برگيڊيئر جي پٽ ڪوشش ڪئي ته اهو پيپر مون کي به ملي، پر ان کي جڏهن نه مليو ته پنهنجي پيءُ برگيڊيئر کي دانهن ڏنائين، جنهن اسان کي گرفتار ڪرائي ايف.آءِ.يو ۾ ڏاڍو تشدد ڪيو آهي. اسان کيس ماني، چانهه وغيره کارائي، ڪپڙا ميرا هئس، اُهي لهرائي ڀيا ڏناسونس. اسان کي ٻڌايائين ته غازي خان سمون ۽ رفيق پنهور منهنجا دوست آهن ۽ مان جساف جو ميمبر آهيان. ڊاڪٽر کان هفتي جي ريسٽ لکرائي ڏني مانس ته جيئن هن کان جيل ۾ ٻهاري يا ليپو وغيره نه ڏيارين.

23-9-81

تاريخ تي ويس. مون سان گڏ پيپر ڪيس جا رضوان پلي، فيض محمد کوکر ۽ خدا بخش عبادي به گڏ هليا. سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر پٽي به آيا. سينٽرل جيل حيدرآباد کان قربان ارباب ۽ حسن باغي آيا. ارباب علي شاهه، فرمان علي شاهه، محمد صالح راهپوٽو، علي مراد لنڊ، قادر بخش عباسي، لال بخش چانڊيو ۽ ٻيا دوست ملاقات ڪرڻ آيا. اڄ ملٽري ڪورٽ ۾ مزي جي ڳالهه تي ته خدا بخش عباسي مهراڻ يونيورسٽيءَ جو ڪلارڪ آهي، ان لاءِ پوليس ليٽر لکيو ته ميجر افتخار جي حڪم سان ان کي گرفتار ڪيو ويو هو پر جيئن ته هي بي ڏوهي ثابت ٿيو آهي، ان ڪري هن کي آزاد

ڪيو وڃي. ان ڳالهه تان ملٽري ڪورٽ جي ميجر غلام محمد کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ پوليس کي چيائين ته جيڪڏهن بي ڏوهي هو ته پوءِ هن جو رمانڊ ڪورٽ ۾ ڇو پيش ڪيو ۽ ڪيس پندرنهن ڏينهن جو جيل ۾ رکيو ويو؟ آخر ۾ چيائين ته مان هن تي ڪيس هلائيندس. ويچاري عباسيءَ جي شڪل روئڻ جهڙي لڳي پئي هئي. اسان سيني کي وري 7-10 جي تاريخ ملي. جيل تي موٽي آياسين. شام جو خدا بخش عباسي پڇندو آيو ته مان آزاد ٿي ويو آهيان ۽ موڪلائڻ آيو آهيان.

24-9-81

صبح جو فيض محمد کوکر ۽ رضوان پلي سان ڪچهري ٿي. جيل ۾ پهريون دفعو آيا آهن. ان ڪري ٿورو گهبرايل آهن. مارشل لاء وارن منهنجي ڏندن جي چڪاس ڪرائڻ جي اجازت ڏني.

25-9-81

رضوان پلي ۽ فيض کوکر کي گهرائي ڪين نيرن جي ماني کارائي ۽ ڪچهري ڪئي. جيل جو ڪلرڪ قادر بخش آيو. ڪچهري ڪيائين. پنهنجي درد جو داستان ڪٽي ڇيڙيائين. سيڪو ڏکن سورن ۾ پريو پيو آهي، ڪوبه سورن کان خالي ناهي.

26-9-81

رضوان پليءَ جي ريسٽ ختم ٿي وئي هئي، ان ڪري ڊاڪٽر کان ٻئي هفتي جي ريسٽ لکرائي ڏنم. سپريڊنٽ سان رضوان لاءِ ڳالهايم ته ڪيس فيض کوکر وارن سان گڏ رکو پر نه مڃيائين، ان ڪري جو جڏهن رضوان کان پهرئين ڏينهن سپريڊنٽ پڇيو هو ته تنهنجا مائٽ ڇاڪندا آهن؟ هن چيو ته زميندار آهن ۽ سپريڊنٽ کي پئسن جي لالچ آهي. اڄ غازي خان سمون ۽ بشير واٽڻي، رضوان، مجيب ۽ منهنجي ملاقات تي آيا ۽ اسان کي رضوان جي پارٽ ڪيائون.

27-9-81

رضوان ۽ ڪيشي ڪچهري ڪرڻ آيا.

28-9-81

سپريڊنٽ احڪامات ڏِڏايا ته ٻنهي بي ڪلاس جي وارڊن جا ٻاهريان دروازا بند ڪيا وڃن. شام جو سپاهيءَ کي چيم ته دروازو کول ته اسان ٻاهر چڪر ڏينداسين. سپاهي دروازو کولي هليو ويو. موٽي اچي مون کي ٻڌايائين ته صوبيدار چيو آهي ته وڃي بند ڪرين، نه ته سپريڊنٽ نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندئي. مون ڪيس چيو ته سپريڊنٽ يا صوبيدار کي وڃي چؤ ته ”بي ڪلاس“ وارا چون ٿا ته توهان پاڻ اچي دروازو بند ڪريو. گهڙي کن کان پوءِ سپاهي جان محمد موٽي آيو ۽ چيائين ته صاحب چوي ٿو ته

پلي چڪر ڏين پر وارڊ ڏي نہ وڃن. رات جو انين بجي ڏاري معمول جي خلاف چڪر ۾ سيٽيون ۽ برجين جا گهنڊ وڄڻ لڳا. دير سان سپاهي اسان جي وارڊ ڏي آيو. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ چڪر جي چوٿين بيرڪ ۾ ”سنڌي مهاجر“ جو جهيڙو ٿي پيو آهي، جنهن ۾ ڪافي قيدي زخمي ٿي پيا آهن.

29_9_81

صبح جو ڊاڪٽر وٽ اسپتال ۾ ويس تہ اتي علي گوهر شاهہ ۽ محرم مير بحر ٻڌايو تہ صبح بہ اسپتال جي چيڙ تي جهڳڙو ٿي پيو هو جنهن ۾ سپريڊنٽ سنڌي ڇهہ قيدي گهرايا آهن ۽ انهن جي حمايت ۾ سنڌي قيدين ”پتو“ وٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن سپريڊنٽ کي ”پتي“ نہ وٺڻ جي خبر پئي تہ انهن ڇهن ئي سنڌي قيدين کي سواءِ ڪنهن سزا ڏيڻ جي چڪر ۾ موٽائي ڏنائين ۽ پوءِ قيدين ”پتو“ ورتو. حقيقت ۾ قيدين وٽ ڪنهن بہ مطالبي کي ميڙائڻ لاءِ بک هڙتال يا ”پتو“ نہ وٺڻ، جيل انتظاميہ خلاف وڏو هٿيار آهي. آغا نور احمد ڪچهريءَ تي آيو. مير الهہ بخش ٽالپر ۽ سندس پائرن جي گلا پيو ڪري. ٻڌايائين تہ اڄ ڪان هندي ڏار ڪري امان الله شاهاڻيءَ سان گڏائي اٿم. مون ڪيس چيو تہ امان الله شاهاڻيءَ جي ڪڏهن گِلا ڪندين؟ تہ خاموش ٿي ويو.

30_9_81

صبح جو ايل.ايم.سي اسپتال ويس. ايم.ايس ٻارهين بجي تائين ويهاري ڇڏيو. پوءِ ليٽر تي صحيح ڪري ڏنائين ۽ اسان ڏندن جي شعبي ۾ وياسين. ڊاڪٽرن چڪاس ڪئي ۽ ڏنگن جي اسڪيلنگ ڪيائون ۽ چيائون تہ چار دفعا ڏندن جي صفائي ٿيندي، ان ڪان پوءِ سور ۽ رت بند ٿي ويندا. ذوالفقار علي شاهہ کي سندس گهر فون ڪيم. پاڻ ڪونہ هو. سندس ننڍو ڀاءُ اعجاز علي شاهہ ملڻ لاءِ آيو. اسپتال ۾ ڊاڪٽر محمد هاشم لانگاهہ، ڊاڪٽر بنده علي ٻرڙو (مورو) ۽ ڊاڪٽر عبيدالله شاهاڻي مليا، جن ماني ڪارائي ۽ ڪچهري ٿي.

1_10_81

پتو ڪلارڪ چيو تہ مارشل لاء وارن تنهنجي لاءِ لکيو آهي تہ علي محمد شاهہ جڏهن بہ اسپتال وڃي تہ اسان ڪان موڪل وٺجو ۽ جنهن تاريخ تي وڃي تہ اسان کي اطلاع ڏجو. مان سپريڊنٽ سان ڳالهايو ۽ ڪيس چيو تہ صرف هڪ دفعي لاءِ ڇئن مهينن ڪان پوءِ اجازت ملي آهي. هاڻي وري جيڪڏهن اجازت لاءِ لکندا تہ خبر ناهي تہ مارشل لاء وارا ڪيتري دير لائيندا. ان ڪري صاحب، اختر شاهہ جيلر ۽ پتو ڪلارڪ کي چيو تہ ٻيهر اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي. صرف جنهن ڏينهن تي علي محمد شاهہ اسپتال وڃي، ان تاريخ تي مارشل لاء وارن کي ليٽر لکي ڇڏيو. سڪندر شاهہ، فيض ڪوکر ۽ رضوان پلي

ڪچهريءَ تي آيا.

2_10_81

آغا نور محمد آيو. سندس ڳالهين مان معلوم ڪيو تہ ”بي ڪلاس“ وارڊ مان سخت بيزار ٿي پيو آهي ۽ هن وارڊ ۾ اچڻ جا سانباها ٿو ڪري.

3_10_81

صبح جو آغا نور احمد آيو. سخت پريشان هو. قمر راڄپر ۽ ابوبڪر زرداريءَ جو خيال آهي تہ آغا ”بي ڪلاس“ وارڊ ۾ اسان جي خلاف ڳالهيون ڪيون آهن. ان ڪري اهميت نہ ڏيڻ ڪپي. مون کين چيو تہ هڪ سنڌي قيدي آهي، اسان جي وارڊ ۾ هلي اچي ٿو ان سان ملڻ جلڻ اسان جو اخلاقي فرض آهي. قمر راڄپر مون کي چيو تہ ماڙيءَ تي ڪم آهي، گڏجي هلون. ماڙيءَ ۾ وياسين. احمد حسين جيلر سان ملي صاحب وٽ وياسين. ڪيس رضوان پليءَ لاءِ چيوسين تہ فيض کوکر سان گڏ رکيس. صاحب بلڪل انڪار ڪيو. مون قمر کي چيو تہ صاحب بي عزتو آهي، هن کي عزت جي ڪابہ خبر ڪانهي، هن کي صرف پئسہ کپن. چاڪاڻ تہ سورهين تاريخ هن جون نياڻيون شادي ٿيون ڪن. منهنجي ان چوڻ تي سپريڊنٽ چيو تہ مان بلڪل پئسہ وٺان ٿو ۽ وٺندس. مون کان هوم سيڪريٽري ۽ جيلن جو آءِ جي ڊوڪڙ ٿو وٺي. مون کيس چيو تہ توکي نہ آءِ جي کي پئسہ ڏيڻا آهن، نہ هوم سيڪريٽريءَ کي. توکي آفيم لاءِ ۽ ڇوڪرين جي شاديءَ لاءِ پئسن جي ضرورت آهي. ان تان هڪٻئي سان تکو ڳالهايوسين. رحيم ماڇي ۽ سڪندر شاهہ چيو تہ ابوبڪر زرداري روز روز اسان جي ڪولين ڏي اچي ٿو ۽ رضوان سان چرچا ڪري ٿو ۽ رضوان اسان کي ڏانهون ٿو ڏئي، ان ڪري اوهان ابوبڪر کي سمجهايو نہ تہ ستو نہ ٿيندس. مون کين منع ڪئي تہ اخلاق جي حدن اندر رهجو.

4_10_81

ماڙيءَ تي ويس. اتي رضوان پليءَ جا مائٽ ڀورو نارو (عمر ڪوٽ) کان آيا هئا. سُست لڳو پيو هو. مون کيس چيو تہ خير آهي؟ هٿ بہ ٿڌا لڳا پيا اٿئي. چيائين، مارشل لاء وارن منهنجن مائٽن کان پنجاهہ هزار روپيہ رشوت جا گهريا آهن ۽ چيو اٿن تہ ڊوڪڙ ڏيو تہ ڇوڪرو جيل مان آزاد ڪيون. ان ڪري مان مائٽن کي چوان ٿو تہ پنجاهہ هزار روپيہ مون کي ڏيو آءٌ بہ سال جيل ۾ ويٺو آهيان.

اڄ خبر پئي تہ شاهہ محمد شاهہ، ابوبڪر ۽ قمر راڄپر جي ملاقات لاءِ آيو. قمر راڄپر کان پڇيم، جنهن چيو تہ مون کي خبر ناهي.

5_10_81

سزا يافته (پڪن) قيدين جو ڪلارڪ قادر بخش وڏي بورچيخاني جي قيدين کي ڪاٺيون ڏيڻ ويو پئي ته مون کي سڏ ڪيائين ۽ چيائين ته. "تون معافي نامو لکي ڏي ۽ آزاد ٿي وڃ." مون کيس چيو ته. "جيڪڏهن ڪو ماڻهو تنهنجا حق غضب ڪري توکي اذيتون به ڏئي ۽ جيل ۾ به وجهي ته تون ان کان معافي وٺندين؟" چيائين: "سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مان ته ان سان وڙهندس." مون کيس چيو ته. پنجابي ۽ مهاجر سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان اهڙو ظلم ڪن ٿا ته پوءِ مان قوم پرست ۽ انقلابي ڪارڪن آهيان. مان شاهه لطيف جي ان شعر جو پيروڪار آهيان ته:

جي لوڙ لڱين لائين، چيري چيري چم،
ته مون ڪر اڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوار سين.

مون کي چيائين ته. "مون تو سان صرف ان ڪري ڳالهه ڪئي جو ڪالهه شاهه محمد شاهه آيو هو ۽ قمر ۽ ابوبڪر کان ڏهه ڏهه هزار روپين جي بانڊ تي صحيح ۽ معافي نامي جي درخواست تي صحيحون وٺي ڪٺي ويو." مون کيس چيو ته. "هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو ضمير آهي." پاسڪو جو آفيسر حسين بخش ڪوسو آيو ڪچهري ڪيائين ۽ ٻڌايائين ته مارشل لاء وارا پئسه ٿا گهرن. جلد ئي آزاد ٿي ويندس.

6_10_81

آغا نور احمد آيو. منجهند تائين ڪچهري ڪيائين. پاسڪو جو آفيسر حسين بخش ڪوسو موڪلائڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته دال واري سيٺ ۽ مون کان مارشل لاء وارن ستر هزار روپيه ورتا آهن. في الحال ضمانت تي آزاد ٿيو آهيان. پوءِ ڪيس ختم ڪرڻ جو وعدو ڪيو اٿن.

7_10_81

ڪورٽ ۾ شنوائيءَ تي ويس. مون سان گڏ "پيپر ڪيس" جا رضوان پلي، علي نواز خاصخيلي، جيو راج. فيض کوکر به گڏ هئا. سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر پٽي به آيا. رسول بخش ٻڌايو ته عيد کان پوءِ سنت ئي نارا جيل بدلي ڪرائي ايندس. لال بخش چانڊيو غلام حسين جويو نور احمد چانڊيو قربان علي شاهه جو منشي موسيٰ پٽي ۽ محترم علڻ خان ٿيٻو ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا. ٻي شنوائي 10_21 تي ملي. موٽي جيل تي پهتاسين. سيني دوستن کي پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آياسين ۽ گڏجي ماني کاڌي سين.

8_10_81

ماڙيءَ ۾ ويس. هيڊ ڪلارڪ محمد خان کي صبحاڻي عيد جي لاءِ ٽن ڪڪڙن لاءِ پئسہ ڏنم. شاهہ محمد شاهہ بہ ماڙيءَ ۾ مليو. قمر ۽ ابوبڪر جي ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو هو. سزا يافتہ قيدين جا پڪا ڪپڙا قاتل هئا, ان ڪري مون کي چيائون تہ احمد حسين جيلر کي چئو تہ اسان کي گودام مان ڪچا ڪپڙا ڏئي تہ اسان صبحاڻي عيد نماز تي پائينداسون ۽ وري ٻئي ڏينهن تي جمع ڪرائي ڇڏينداسون. مون احمد حسين کي چيو جنهن گودام منشي شاهد کي گهرائي چيو تہ ڪچا ڪپڙا پلي قيدين کي ڏيو. اڄ ڪافي قيدي آزاد ٿيا, جن ۾ اڪثريت مارشل لاء جي سزا يافتہ ۽ ڪيس هلندڙ قيدين جي هئي, جن ۾ راحب مير جت ۽ سندس سترهن ٻيا همراهہ, فيض محمد ڪوڪر ۽ جيوراج بہ آزاد ٿيا. حاجي پنهور پانن جو بہ موڪلائڻ آيو ۽ آزاد ٿي ويو. رضوان عيد ڪارڊ موڪليو.

9_10_81

صبح جو معمول مطابق ساڍي ڇئين بجي اٿيس. محمد شير سپاهي بہ ڪڪڙيون پنجين بجي ڏاري ڏئي ويو. ان وقت ئي سير ڏئي ڇلي, ٺاهي تيار ڪيم تہ دروازو بہ کليو. گوشت بورچيءَ جي حوالي ڪري مان ڏاڙهي وغيره ٺاهي چڪر ۾ عيد نماز لاءِ ويس. حقيقت ۾ مون کي نماز جو ايترو خيال نہ هو جيترو قيدي دوستن سان ملڻ جو خيال هو. نماز مون کان اڳ پڙهي ڇڏيائون, ان کان پوءِ علي نواز خاصخيلي ڇهين نمبر بيرڪ ۾ وٺي ويو جتي چانهہ بسڪوٽ کارايائين. بعد ۾ علي محمد, ايوب شورو, غفار چنو, رضوان پلي, علي نواز خاصخيلي, مشتاق عباسي, مقبول سمون, ”ناچيز“ سڪندر شاهہ لڪياري, رحيم ماڇي, ميراڻو ڪوسو, آغا نور احمد, محرم مير بحر, نديم پنهور گڏجي آياسين ۽ ناشتي جي ماني سيني گڏجي کاڌي. شام جو رضوان ۽ سڪندر شاهہ اسان کي چانهہ بسڪوٽ جي دعوت ڏني, جيڪا بند وارڊ ۾ گڏجي کاڌي سين.

10_10_81

گذريل عيد تي هتي نارا جيل ۾ سيني قيدين کي هڪٻئي سان ملڻ جي اجازت هئي, پر هن عيد تي جيل انتظاميہ اها رعايت واپس ورتي آهي. جيل سپرنٽنڊنٽ سان ملي ڪيس چيم تہ عيد جي خوشيءَ ۾ قيدين سان سختي نہ ڪريو. چيائين تہ, قيدين ۾ بہ مخالف پارٽيون آهن. هڪ پارٽي چڪر ۾ آهي ۽ ٻي ٻاهر وارڊ ۾ آهي. تي سگهي ٿو تہ آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ ڪري پاڻ ۾ وڙهي پون. شام جو جيل سپرنٽنڊنٽ اسان جي وارڊ ۾ قربانيءَ جو گوشت ڏياري موڪليو.

11_10_81

وارڊ جي دوستن کي چيم تہ رضوان پلي جساف جو ميمبر آهي, ان ڪري سندس ماني بي ڪلاس

وارڊ ۾ پچرائي ڏجيس. سيني متفق ٿي چيو تہ پلي ڏجيس.

12_10_81

سڪندر شاهہ لڪياري آيو. مون ڪي ٽي سؤ روپيہ امانت لاءِ ڏنائين ۽ چيائين تہ بابا ملاقات ڪرڻ آيو آهي. تون هلي ڪيس سمجهاءِ تہ مون کي ”بي ڪلاس“ ڪرائي ڏي ۽ سپرنٽنڊنٽ کي بابا ۽ تون گڏجي چؤ تہ رضوان پليءَ کي ”هوا بندر“ جي کولين ۾ رکن. مان ساٽس گڏجي ماڙيءَ تي ويس. سندس والد سائين مهدي شاهہ کي بي ڪلاس لاءِ چيم، جنهن چيو تہ جلدي بي ڪلاس ڪرائيندو سانس. رضوان لاءِ سپرنٽنڊنٽ کي ٻنهي گڏجي چيو جنهن رضوان کي هوا بندر تي رکڻ لاءِ جمعدار کي گهرائي چيو.

13_10_81

رضوان پلي مون وٽ آيو. چيائين تہ منهنجي ملاقات اڌ ۾ ختم ڪري ڇڏي اٿن. تون ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ کي هلي چؤ تہ وڌيڪ ملاقات جي اجازت ڏئي، ضروري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي آهي. مان ساٽس گڏجي ويس. ڊپٽيءَ کي چيم، جنهن ملاقات جي اجازت ڏني، ليڪن ملاقاتي دير ٿي وڃڻ ڪري ٻاهران هليا ويا. رضوان چيو تہ منهنجا پان ماڙيءَ جي سپاهين رکي ڇڏيا آهن، اُهي وٺي ڏي. مون کيس وٺي ڏنا.

14_10_81

علي نواز خاصخيلي جيڪو رضوان جي ڪيس ۾ جوابدار آهي، ان کي پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آيس. منجهند جي ماني گڏجي کاڌي سون. رضوان کي بہ گهرايم. ٻنهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪئي. سپرنٽنڊنٽ کي برداشتيءَ لاءِ چيم، جنهن صوبيدار مير عالم کي گهرائي چيو تہ بي ڪلاس وارڊ ۾ برداشتي موڪلي ڏي.

15_10_81

اسان جي وارڊ جي پوئين پاسي کولين ۾ هڪ نوجوان سورهن سالن جو قيدي بند ڪيو اٿن. سندس دماغ درست ناهي، رڳو گاريون پيو ڏئي ۽ جلان ڦلان پيو ڳالهائي. بلڪل اُگهاڙو وينو آهي. مان ڪپڙا ڪڍي آيس، سپاهيءَ کي منٿ ڪيم تہ هن کي ڪپڙا پاراءِ، جنهن مون کان ڪپڙا وٺي زبردستي هن کي پارايا. معلوم ٿيو تہ پوليس جي تشدد ڪري ههڙو حال ٿيو اٿس. ڊاڪٽر سان مليس. ڪيس چرئي جي دوا لاءِ چيم، جنهن چيو تہ جيل جي اسپتال ۾ دوائون ڪونہ آهن، باقي لکي ڏيان ٿو توهان پنهنجي پئسن مان ٻاهران گهرائي ڪارايوس. دوائن لاءِ آغا نور احمد کي چيم، جنهن دوائون گهرائي ڏنيون ۽ چرئي کي وزن ڪارايوسين.

18_10_81

سول اسپتال لاءِ قيدين کي وٺي وڃڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪري هر اربع جي ڏينهن تي پوليس ايندي آهي. جيئن تہ ايندڙ اربع تي منهنجي شنوائي آهي، ان ڪري مان اسپتال وڃي نہ سگهندس. آءٌ ماڙيءَ ۾ ويس. اختر شاهہ جيلر ۽ پٽو ڪلرڪ کي چيم تہ مون کي اسپتال موڪليو جن چيو تہ سروسز اسپتال ۾ قيدي وڃن ٿا. تون بہ انهن سان گڏجي وڃ. ليڪن سپاهي مون کي وٺي وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. ظهير سپاهيءَ کي پاسي تي وٺي ويس. ڪيس چيم تہ ”توکي خرچي ڪرائيندس، مون کي وٺي هل.“ جيڪو راضي ٿيو ۽ اسپتال وٺي ويا. ڪورٽ واري پوليس گاڏيءَ ۾ چڙهي اچي ڪورٽ ۾ لٿاسون. اتي قربان، ارباب ۽ متارو ڏاهري مليا. جيڪي مارشل لاء ڪورٽ ۾ شنوائي تي آيل هئا. قربان ٻڌايو تہ حسن باغي جيل مان آزاد ٿي ويو آهي. اسان وحدت ڪالونيءَ ۾ سروس اسپتال آياسون. ڊاڪٽر ٻنهي قيدين کي ڏسي سول اسپتال ليٽر ناهي ڏنو. آئوٽ وارڊ وارو ڪلرڪ دير سان اچڻ ڪري ٻارهين بجي سول اسپتال آياسون. ڏندن جي اسڪيلنگ ڪرايم. اتي فقير رحمت الله هيسباڻي ۽ عبدالرزاق انصاريءَ سان ڪچهري ٿي. سپاهيءَ کي چيم تہ مون کي شهر ۾ پائي خان جي چاڙهي تي وٺي هل، اتي توکي پئسہ ڏيندس. مون کي قربان علي شاهہ جي آفيس وٺي آيا. اتي فرمان علي شاهہ ۽ قربان علي شاهہ سان ڪچهري ٿي. شام جو جيل تي موٽي آياسين. جيل تي جيئن ماڙيءَ ۾ داخل ٿياسين تہ سڄي عملي کي پريشان ڏٺم. ٻڌايائون تہ پوليس لائين مان فون آئي آهي تہ علي محمد شاهہ فرار ٿي ويو. سپرنٽنڊنٽ مون کي گهرايو. آفيس ۾ ويس تہ اتي غلام رسول لاشاري ۽ ابوبڪر زرداري بہ ويٺا هئا. سپرنٽنڊنٽ دير سان اچڻ لاءِ پڇيو. مون کيس چيو تہ ڊاڪٽر دير ڪرائي ڇڏي آهي. پوءِ پوليس لائين فون ڪري کين ڏاڍو دڙڪايائين. ابوبڪر زرداري سپرنٽنڊنٽ کي چيو تہ اسان کي ڇو گهرايو اٿئي؟ کين چيائين تہ علي محمد شاهہ جي گهر جي ائڊريس پڇڻ لاءِ، پر جيئن تہ هي اچي ويو آهي، هاڻي بس!

19_10_81

رضوان پليءَ سان مليس، جنهن چيو تہ سپرنٽنڊنٽ ستين نمبر ۽ اٺين نمبر بيرڪ جي عملدار علي نواز چانڊيو کي چيو آهي تہ رضوان کي ستين نمبر بيرڪ ۾ بند ڪيو. مان علي نواز سان وڃي مليس، جنهن ٻڌايو تہ هوا بندر جي ڪولين واري سپاهي ارشد صاحب وٽ شڪايت ڪئي آهي تہ بي ڪلاس جا قيدي رضوان سان ڪچهري ڪرڻ ٿا اچن، ان ڪري صاحب اهو حڪم ڏنو آهي. جهول ضلع سانگهڙ جو شاگرد قيدي فقير غلام رسول مهر نارا تي پهتو. ڪيس ستين نمبر بيرڪ ۾ بند ڪيائون. مان صاحب سان ملڻ ويس تہ جيئن رضوان ۽ فقير غلام رسول کي هوا بندر جي ڪولين ۾ رکڻ لاءِ چوان، پر

ڪونہ هوءِ ڊپٽيءَ معذرت ڏيکاري.

20_10_81

آغا نور احمد, تنوير ۽ خدا بخش ٻگهيو ڪچهريءَ تي آيا. رضوان چيو تہ مون کي ستين نمبر بيرڪ مان نہ ڪيڊرائجو. باقي فقير غلام رسول لاءِ صاحب کي چيم, جنهن کيس ”هوا بندر“ جي ڪولين ڏي رکڻ جي اجازت ڏني.

12_11_81

رضوان پلي, علي نواز خاصخيلي ۽ آءٌ ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائيءَ تي گڏجي وياسين. سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيبو ۽ قمر پٽي بہ شنوائي تي آيا. ملاقات تي ابوبڪر ٻُلو لعل بخش چانڊيو, علي گوهر ٻگهيو ملاقات ڪرڻ آيا. سيني کي وري شنوائي 11_26 جي ملي. جيل تي ماڙيءَ ۾ پهتاسين تہ سپرنٽنڊنٽ مون کي گهرايو ۽ رعب مان چوڻ لڳو تہ توهان سائي پاڇي بصر وغيره آڻيو ٿا, جيڪو جيل جي قانون مطابق غير قانوني آهي. مون کيس چيو تہ اسان ”بي ڪلاس“ جا قيدي آهيون, توهان بہ ڪچوراشن ٿا ڏيو. مون جيڪڏهن پاڇي آندي آهي تہ ڏوهہ ڪونہ ڪيو اٿم. ان تي جيل بدلي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏنائين. مون کيس چيو تہ پلي جيل بدلي ڪري ڇڏيو اها اسان لاءِ وڏي ڳالهہ ناهي. مان وارڊ ۾ پهتس تہ سپاهي سائي پاڇي ۽ سامان کڻي آيو ۽ چيائين تہ لنبي صاحب موڪليو آهي.

13_11_81

ايوب شورو, عنايت ڪوسو ۽ رضوان ڪچهري ڪرڻ آيا. ڊپٽي علوي بہ ڪچهريءَ تي آيو. جيڪو وقت ڪچهري ڪيائين, ان ۾ رڳو اڳوڻو جيل سپرنٽنڊنٽ محبوب کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو. ان لاءِ ٿي کيس بروپيلو چيائين, جو اهو هن کي رشوت جي پئسن مان حصو ڪونہ ڏيندو هو.

14_11_81

وارڊ ۾ وينا هئاسين تہ قمر راڄپر کي مقدم وٺي آيو ۽ کيس چيائين تہ ڊي.ايم.ايل.اي (ڊپٽي مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر) گهرايو آهي. ٻارهين بجي منجهند جو موٽي آيو. ٻڌايائين تہ کيس آزاد ڪيو اٿن. ڪهڙن شرطن تي يا نہ؟ وڌيڪ اسان کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايائين ۽ آزاد ٿي جيل جي ماڙيءَ کان ٻاهر نڪتو.

15_11_81

ڊپٽي علوي سان مليس. کيس فنائل جو ڊبو ۽ برداشتي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ کيس چيم تہ فقير غلام رسول مهر جي ماني اسان بي ڪلاس ۾ تيار ڪري ڏيندا سون, ان جي اجازت ڏيو جيڪا اجازت ڏنائين.

ڊاڪٽر هادي بخش لغاريءَ سان مليس. کيس اسپتال موڪلڻ لاءِ چيم, جنهن منهنجي گذريل

اسپتال وڃڻ واري سلپ گهرائي، ان تي ٻٽيهون نمبر رجسٽر پريائين ۽ ايندڙ اربع تائين واعدو ڪيائين ته اسپتال موڪليندا سون.

17_11_81

لنپي سپرنٽنڊنٽ شيخ مجيب ۽ مون کي گهرائي چيو ته توهان کي ڪابه تڪليف هجي ته ڊپٽي يا مون کي چوندا ڪريو. مان توهان کي وي آءِ پي جي حيثيت سان برتاءُ ڪندس. ولي محمد شاهه جي سيوهڻ تاريخ آئي آهي.

18_11_81

اج "ڇهن حدن جي قتل ڪيس" جا جوابدار اي ايس آءِ شاهه محمد ليکي، صوبيدار چوڌري يعقوب ۽ سپاهي اسان جي وارڊ ۾ آيا. مون کي چيائون ته دعا ڪريو ته اج ڪيس مان آزاد ٿيون. حالانڪ پاڻ اڳ ۾ مون سان شيخ مجيب جي روبرو اقرار ڪيو هئائون ته ڪن ماڻهن جي لالچ ۽ وڏن عهدن تي ترقي ڏيارڻ جي ڪري اسان انهن ڇهن ئي حدن کي بي گناهه قتل ڪيو هو. بهرحال، مون کين چيو ته هن ڪورٽ مان ته توهان آزاد ٿيو يا نه. پر بيگناهه سنڌي ماڻهن جو خون توهان کي زندگي ڀر سُک سان سمهڻ نه ڏيندو. بس! پوءَ ته پيرن تي ڪِري پيا، منٿون ۽ آزيون پيا ڪن.

شام جو خبر پئي ته حرن واري قتل ڪيس ۾ پوليس جي سيني ماڻهن کي ڪورٽ سزاءِ موت جو حڪم ڏنو.

22_11_81

اج سپرنٽنڊنٽ ستين ۽ اٺين نمبر بيرڪن ۾ چڪر هڻڻ ايندو ان ڪري اسان جي بي ڪلاس وارڊ جي سپاهي ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻارهين بجي تائين نه کوليائين.

شام جو لقمان سپاهي مون وٽ آيو ۽ چيائين ته نورو ساند ۽ انور بدمعاش پاڻ ۾ وڙهي پيا آهن. توهان گڏجي هلو ۽ انهن کي سمجهائيو ته ٺهي وڃن. مان ساٿس گڏجي ويس ۽ هنن جو ناهه ڪرائي ڇڏيم.

23_11_81

سپرنٽنڊنٽ لُنپي اسان جي وارڊ جو چڪر ڏيڻ آيو. مختصر ڳالهه ٻولهه ڪان پوءِ ڊپٽي علويءَ کي چيائين ته هنن شاگردن جو سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪيو. اج رضوان پليءَ جو بي ڪلاس ٿي ويو.

24_11_81

ولي محمد شاهه لکياري سيوهڻ واري مون کي چيو ته ڊاڪٽر هادي بخش لغاريءَ ڏي گڏجي هل ۽ ڪيس چؤ ته منهنجو ٻاهر اسپتال ۾ وڃڻ لاءِ ٻٽيهون نمبر رجسٽر پري ته جيئن مان شهر کي چڪر ڏئي

اچان. گڏجي وياسين ۽ ڊاڪٽر رجسٽر پري ماڙيءَ تي موڪليو. جڏهن پوليس آئي ته رضوان اسان جي وارڊ ۾ سامان کڻي آيو ۽ مون سان کوليءَ ۾ گڏ اچي رهڻ لڳو.

26-11-81

اج شنوائيءَ لاءِ تيار ٿي ماڙيءَ ۾ پهتاسين. سادي يارهين بجي تائين پوليس ڪانه آئي. جيل انتظاميه سيني شنوائي وارن قيدين کي واپس پنهنجن پنهنجن بيرڪن ۾ موڪليو. جيئن ته رضوان جي اج "بي ڪلاس" ٽيڻ کان پوءِ پهرين شنوائي هئي، ان ڪري خوش هو ته ڪيس اج هٿڪڙي نه لڳندي، پر پوليس نه اچڻ ڪري ڏاڍو مايوس ٿيو. سندس مائٽ ۽ ننڍڙو ڀاءُ ڪاشف پلي ملاقات ڪرڻ آيس ۽ منهنجي ملاقات تي فرمان علي شاهه آيو ۽ ٻڌايائين ته 12-17 جي تاريخ ملي آهي.

27-11-81

علي نواز خاصخيليءَ پئسه ڏياري موڪليا ته سامان گهرائي ڏيو. ماڙيءَ جي دروازي تي سپاهي صابر کي پئسه ڏنم. جنهن سامان وٺي آڻي ڏنو. رات جو ڊپٽي علوي، جيلر اختر شاهه ۽ احمد حسين گڏجي آيا، جن چيو ته سپرنٽنڊنٽ صاحب جو حڪم آهي ته شام جو ڇئين پنجين بجي جيل جي ٻين قيدين جو ٽوٽل بند ٿئي ٿو توهان به انهن سان گڏ بند ٿيندا ڪيو ۽ هينئر به انين بجي ٿيو. اسان ڪيس چيو ته ماني ڪائي پوءِ بند ٿيون ٿا.

28-11-81

سپرنٽنڊنٽ کي ملڻ لاءِ پرچي لکي سون، جنهن مون کي گهرائي چيو ته بند ٿيڻ واري مسئلي تي ڊپٽيءَ سان وڃي ڳالهاءِ. ڊپٽيءَ سان مليس. ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ رات جو انين بجي بند ٿيڻ تي متفق ٿياسون. رات جو انين بجي ڪولين ۾ بند ٿياسون.

30-11-81

سپرنٽنڊنٽ لنيي رائونڊ ڏيڻ لاءِ اسان جي وارڊ ۾ آيو. اڳئين دفعي کان اج چڱي نموني ڳالهه ٻولهه ڪيائين.

3-12-81

سڪندر شاهه ڏي هوا بندر تي رضوان ۽ مان گڏجي وياسون. ڪيس بي ڪلاس وارڊ ۾ وٺي آياسين ۽ منجهند جي ماني گڏجي کاڌي سون.

8-12-81

امتياز شاهه، محمد خان ابڙو ۽ لال بخش چانديي، ولي محمد شاهه، شيخ مجيب الرحمن ۽ منهنجي

ملاقات ڪرڻ آيا.

9_12_81

اسپتال جي پوليس اچڻ ڪري امان الله شاهاڻي ۽ مان سول اسپتال وياسون. اتي مان هڪ سپاهي کي وٺي سائين ميهر علي شاهه جي بنگلي تي ويس. اتي اعجاز علي شاهه مليو. بعد ۾ ذوالفقار علي شاهه ۽ شبير علي شاهه به مليا. مدوي هوٽل تي ماني گڏجي کاڌي سون. ڪانڌن موڪلائي قربان علي شاهه جي گهر ويس. ياجائي ڏاڍو خوش ٿي ته توهان آزاد ٿي آيا آهيون. جڏهن مون ڪيس چيو ته ڏوڪڙن جي ڪرامت آهي، صرف توهان سان ملڻ آيو آهيان، وري جيل تي واپس ويندس ته ڏاڍو ڏک ٿيس.

10_12_81

رضوان، آءُ ۽ شيخ مجيب ڪمري ۾ ويٺا هئاسون ته منشيءَ چيو ته توهان کي هڪ قيدي ٻاهر سڏي ٿو. ٻاهر نڪتس ته امان الله شاهاڻي، نظام ۽ مشتاق بيٺا هئا، جن چيو ته ولي محمد شاهه جي ڳالهائڻ جو رويو درست ناهي، ان ڪري ڪيس سمجهايو. شام جو ولي محمد شاهه کي ٻاهر اڪيلائي ۾ وٺي ڪيس سمجهايم. جنهن پنهنجي غلطي تسليم ڪئي ۽ آئنده لاءِ وعدو ڪيائين ته شڪايت نه ٿيندي.

احمد حسين جيلر کي چيم ته بخت کُهاوڙ کي محرم ملاح ۽ علي نواز خاصخيليءَ سان گڏ ڇهين نمبر بيرڪ ۾ بند ڪيو جنهن شام جو بخت جو ٽوٽل ڇهين نمبر بيرڪ ۾ ڪرايو.

11_12_81

چڪر عملدار علي نواز چانڊيو کي چيم ته بخت ڪهاوڙ کي بي ڪلاس وارڊ ۾ موڪل. بخت آيو ڏاڍي ڪچهري ٿي. منجهند جي ماني گڏجي ڪاڌي سون.

12_12_81

اڄ لاڪيٽي لطيف سرڪار جو پٽ شاهه تي ميلو آهي. سنڌ جي گورنر ايس.ايم عباسي سنڌي قوم مٿان احسان ڪري حيدرآباد ڊويزن ۾ موڪل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي جو لطيف کي حيدرآباد ڊويزن جو شاعر سمجهي صرف هن ڊويزن جي رهاڪن لاءِ موڪل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. افسوس ته ان ڳالهه جو آهي ته پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم يا هاڪي ٽيم رڳو راند کٽي ايندي آهي ته سڄي پاڪستان ۾ موڪل جو اعلان ڪيو ويندو آهي. اقبال جهڙي بدڪردار ۽ شرابي شاعر جي ورسيءَ تي سڄي پاڪستان ۾ موڪل ڪئي وڃي ٿي، پر هن انسانيت جي علمبردار شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏوهه صرف اهو آهي ته سنڌ ۾ پيدا ٿيو پنجاب ۾ پيدا نه ٿيو. اها سزا اسان کي ملي ٿي. مون کي يقين آهي ته جڏهن ڏيهه مان ڏول لهندو ۽ مارو پنهنجي ملير ۾ آزاد گهمندا ڦرندا،

تڏهن لطيف هڪ آزاد ملڪ جو قومي شاعر هوندو ۽ هينئر ته اسان وٽ آهي به. پر اسان جا پنهنجا پٽڪا ۽ ٽوپيون پايو اجرڪ ڪلهن ۾ وجهيو بيٺا ڏارين جي دلالي ڪن. شل هيءَ قوم اڪيون کولي نياڳ جي ننڊ مان سجاڳ ٿئي.

14_12_81

قربان علي ٻگهيو مورو مان ملاقات ڪرڻ آيو. راشد جو خط آندائين. ارباب علي شاهه غلام سرور شاهه غلام شاهه ابراهيم واهوجو ۽ ٻيا دوست پٽ شاهه جي ميلي تان زيارت ڪري ميلي جي مٺائي کڻي آيا ۽ ڪچهري ڪيائون.

ولي محمد شاهه جي ملاقات آئي. ڪيس ٻڌايائون ته ڏينهن ٻن ۾ آزاد ٿي ويندين.

16_12_81

شيخ مجيب ۽ مون صلاح ڪئي ته ولي محمد شاهه آزاد ٿيڻ وارو آهي، هن جي گڏجي الوداعي دعوت ڪجي. اج ٿي ٻاهران سامان گهرائي، آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ آغا نور احمد، مير الهه بخش ٽالپر آف چُڪي، مير بچل خان، مير چٽل خان، غلام رسول لاشاري، امان الله شاهاڻي، نظام پنهور، مشتاق عباسي، ايوب شورو سڪندر شاهه، عنايت ڪوسو دائود ڪنير، غفار چنو فقير غلام رسول مهر، ادريس ناريجو بهاول لغاري، محرم ملاح، علي نواز خاصخيلي، بخت کهاوڙ ڊاڪٽر هادي بخش، سيني کي ماني کارائي سون.

17_12_81

رضوان ۽ آءُ ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائيءَ تي وياسون. اج رضوان کي بي ڪلاس هٽڻ ڪري هٿڪڙي ڪانه لڳي هئي، ان ڪري ڏاڍو خوش هو. سندس ملاقات تي ڪاشف پلي ۽ عارف آيا هئا ۽ ڪيس ٻڌايائون ته تنهنجو ضامن ٿي ويو آهي ۽ اج آزاد ٿيندين. رسول بخش ٿيبو ۽ قمر پٽي سينٽرل جيل خيرپور کان شنوائيءَ تي آيا. ملاقات تي ابوبڪر ٻُلو لال بخش چانڊيو ۽ حسن باغي آيا.

جيل تي پهتاسين. رضوان جي ضمانت جا ڪاغذات سندس سؤٽ ڊاڪٽر علي شير پلي کڻي آيو ۽ شام جو چئين بجي آزاد ٿي ويو.

18_12_81

علي نواز خاصخيلي، محرم ملاح ۽ ادريس ناريجو ڪچهريءَ تي آيا ۽ وري ڊپٽي علوي آيو جنهن چيو ته رضوان آزاد ٿي ويو آهي، مٺائي کاراءِ. ڪافي جا ٻه ڪوپ ٺهرائي ڪيس پياريم ۽ روانو ٿي ويو.

20_12_81

اج هوا بندر جي ڪولين ڏي نظام پنهور سان ڪچهري بيٺي ڪيم ته اوچتو لنپي سپرنٽنڊنٽ اچي ويو

۽ مون کي چيائين تہ بي ڪلاس جا قيدي آهيو ان جو مطلب اهو ناهي تہ توهان سڄي جيل ۾ جنهن تنهن سان وتو ڪچهريون ڪندا. مون ڪيس چيو تہ ضروري ڪم هو ٻاهر پڇي ڪونہ ٿي وياسون. جيل ۾ اندر آهيون. ايترو خوف ڇو ٿو ٿئي؟ بهرحال، ٻُڙ ٻُڙ ڪندو هليو ويو.

23_12_81

صبح جو سڪندر شاهہ ڪچهري ڪرڻ آيو. مجيب ۽ مان گڏجي ڪيس هوا بندر تي چڙهڻ وياسون. اتي بينا هئاسون تہ انور ۽ اڪبر پوو پاڻ ۾ وڙهي پيا. سڪندر شاهہ وڃي ڪين ڇڏايو. انور اچي گاريون ڏيڻ لڳو. ان تي عنايت ڪوسو چيس تہ تون ڪنهن کي ٿو گاريون ڏين؟ چيائين تہ پنهنجي دشمنن کي گاريون ٿو ڏيان.

شام جو عنايت ڪوسو آيو جنهن چيو تہ انور صبح مجيب کي گهٽ وڌ پئي ڳالهايو. اسان ٿئي مجيب، آءٌ ۽ عنايت گڏجي وڃي انور جي هنديوال نوروءَ کي چيو تہ ڪيس سمجهائي، جنهن چيو تہ هر وقت ميڊريڪس جون گوريون کايو ٿو وتي. گهڻوئي سمجهايانس ٿو پر نٿو مڙي، توهان مون کي معاف ڪريو. اسان پاڻ ۾ ڳالهايو پئي تہ انور بہ اچي ويو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ان تي مجيب ۽ مان هن سان وڙهي پياسين. ان دوران سڪندر شاهہ بہ اوچتو اچي ويو جنهن سپاهيءَ کان زوري ڏنڊو کسي انور کي سينڌ وارو نڪاءُ ڪرايو. رت جا گهارا ٿي ويس. بس پوءِ تہ سپاهي محمد شير سيٽي وڄائڻ شروع ڪئي، جنهن تي سڄي جيل جو عملو پڄندو آيو ۽ اچي انور کي ڇڏايو. اسان کي ماڙيءَ تي وٺي ويا. سپرنٽنڊنٽ اسان کان سواءِ پڇڻ جي چيائين تہ توهان جو بي ڪلاس ختم ٿو ڪريان ۽ شيخ مجيب کي جيڪا جيل قانون تحت معافي ملي هئي، اها بہ ختم ڪيائين ۽ سڪندر شاهہ کي ڏنڊا ٻيڙيون هٽي بند وارڊ ۾ رکيائون.

24_12_81

صبح جو مير عالم صوبيدار آيو. جنهن چيو تہ صاحب انور کي خوش ڪرڻ لاءِ سڪندر شاهہ کي ڏنڊا ٻيڙيون هنيون آهن. باقي توهان جي بي ڪلاس ختم ڪونہ ڪندو ۽ سڪندر شاهہ جون ڏنڊا ٻيڙيون بہ کلي ويندون. ٿوري دير کان پوءِ ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ علوي، نئون جيلر رمضان جيڪو اختر شاهہ جي جاءِ تي آيو آهي، گڏجي آيا ۽ اسان کي چيائون تہ توهان لڪيل پڙهيل آهيو جذباتي نہ ٿيندا ڪيو. باقي توهان جو بي ڪلاس ختم نہ ٿيندو ۽ نہ وري مجيب جي معافي ختم ٿيندي. سڪندر شاهہ لاءِ چيائون تہ ان کي جلدي کولرايون ٿا. اڄ ولي محمد شاهہ لڪياري ضمانت تي آزاد ٿي ويو.

25_12_81

صبح جو جيئن جيل جو ٽُوٽل ڪليو تہ جيلر احمد حسين ٿوري دير ويھڻ ڪان پوءِ چيائين تہ انور ۽ نوروءَ ڪي بدلي ڪرڻ جو مون بندوبست ڪري ڇڏيو آھي، توھان مطمئن رھو. ٻڌايائين تہ مير عالم صوبيدار رٽائر ٿي ويو آھي، ان ڪري مون کي باغ پارٽيءَ لاءِ قيدي ڪيڏا آھن. توھان بہ ڪوپ ڪافيءَ جا ٿاھي موڪليو.

26_12_81

جيل جو ٽوٽل ڪلڻ ڪان پوءِ چڪر ڏي اندر سيٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون. خبر پئي تہ بخت کھاوڙ ۽ فقير حسين پاڻ ۾ وڙھي پيا آھن. ڊپٽيءَ کي ملڻ لاءِ پرچي لکيم، جنھن گھرايو. ماڙيءَ ۾ ويس تہ شاھ محمد شاھ، قمر راجپر ۽ سميع مگريو ابوبڪر زرداريءَ جي ملاقات ڪري رھيا ھئا. قمر، شيخ مجيب کي بہ ملاقات لاءِ گھرايو. ڊپٽيءَ کي چيم تہ بخت کي چڪر مان ڪڍي ھوا بندر جي ڪولين ڏي رکو. بخت وڃڻ لاءِ راضي نہ ھو پر مون ڪيس چيو ۽ پوءِ اوڏانھن وڃي بند ٿيو.

مجيب ۽ آءٌ گڏجي احمد حسين جيلر جي آفيس واري ڪمري ۾ وياسون. مجيب جو ڪارڊ ڏنوسون، جنھن ۾ جھڳڙي جي ڪري پارھن ڏينھن معافي ختم ڪري ڇڏي اٿس ۽ جيلر ٻڌايو تہ صاحب چيو آھي تہ بي ڪلاس ختم ڪرڻ لاءِ بہ ليٽر لکي اڄ تہ بالا عملدارن کي موڪليون. اسان ڪيس چيو تہ پلي ختم ڪيو جيل تہ ھونئن ئي آھي، وڌيڪ توھان ڇا ڪندؤ؟

27_12_81

مشتاق عباسي آيو. جنھن ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ھادي بخش لغاري سپرنٽنڊنٽ کي چيو آھي. جيڪا معافي ختم ڪئي اٿس يا بي ڪلاس ٽوڙڻ لاءِ جيڪو ليٽر ٿي لکيائين، ھاڻي نہ ڪندو. مجيب جي ملاقات تي سندس وڏو ڀاءُ شيخ حبيب الرحمن ۽ علڻ خان ٽيبو آيا.

عنايت ڪوسو لٽ ڪٽي انور ساند سان وڙھڻ لاءِ آيو پر سڄي جيل ۾ سيٽيون وڄي ويون. جھيڙو نہ ٿيو. سپرنٽنڊنٽ پنھي ڌرين کي گھرائي ٺاھ ڪرائي ڇڏيو ۽ بخت کھاوڙ ۽ فقير حسين جو بہ ٺاھ ڪرائي ڇڏيائين.

28_12_81

لنپي سپرنٽنڊنٽ اسٽاف سوڌو چڪر ھڻڻ لاءِ آيو. ڊاڪٽر ھادي بخش کي چيائين تہ ھي ڏس علي محمد شاھ ۽ مجيب سياسي قيدي ٿيا آھن ۽ وتن ٿا ماڻھن سان وڙھندا. ان تي ڊاڪٽر چيس تہ توھان کي جيڪڏھن ڪير گھٽ وڌ ڳالھائي تہ پوءِ توھان ڇا ڪندؤ؟ ان تي چيائين تہ مان معاف ڪندوسانس. ڊپٽي علوي ۽ احمد حسين چيس تہ انور ۽ نورو بدمعاش ۽ نشئي آھن. اھا ڪا وڏي ڳالھ

نہ آهي.

شام جو سپاهي ٻڌايو تہ عنايت کوسو وارڊ جي ڇت تي چڙهي ويهي رهيو ۽ مطالبو ڪيائين تہ دائود ڇوڪرو ساڻس کوليءَ ۾ بند ڪيو. جيل وارن وعدو ڪري ڇت تان هيٺ لاٿس، پوءِ تہ ڏاڍي مار ڪيدي، ڏنڊا ٻيڙيون هڻي بند وارڊ ڪري ڇڏيائونس.

29_12_81

مجيب ۽ آءُ گڏجي ڊاڪٽر سان ڪچهري ڪرڻ وياسين. اتي خبر پئي تہ بخت کهاوڙ ۽ عنايت کوسو کان سواءِ باقي سيني کي چڪر ۾ موڪليو اٿن. ڊاڪٽر صاحب چيو تہ مون سپرنٽنڊنٽ کي چئي ڇڏيو آهي، اهو معافي ۾ بي ڪلاس ختم نہ ڪندو.

احمد حسين جيلر جو ماڻهو آيو تہ توهان کي گهرايو اٿس. مان وڃي ساڻس مليس. چيائين تہ توهان اسپتال ويندا ڪيو تہ مون کي يا ڊپٽي کي پرچي لکي، اجازت وٺي، پوءِ ويندا ڪيو چاڪاڻ تہ ٻيا قيدي اعتراض ڪن ٿا.

30_12_81

ابوبڪر زرداريءَ کي ڊي.ايم.ايل.اي گهرايو. دير سان وڃڻ ڪري ميجر محبوب قادر چيس تہ صبحاڻي اچجانءِ جنرل صاحب سان اچي ملجانءِ.

31_12_81

ابوبڪر زرداري ڊي.ايم.ايل.اي آفيس ويو. منجهند جو موٽي آيو ۽ ٻڌايائين تہ ڪيس آزاد ڪيو اٿن ۽ اڄ جيل مان آزاد ٿي ويو.

13_1_82

شنوائيءَ تي ملٽري ڪورٽ ويس، اُتي لال بخش چانڊيو، فقير داد کوسو ابوبڪر بُلو محمد صالح راهپوٽو، غلام نبي سومرو ملاقات ڪرڻ آيا. سينٽرل جيل خيرپور کان رسول بخش ٿيبو ۽ قمر ڀٽي بہ آيا. سينٽرل جيل حيدرآباد کان قربان ارباب آيو. تاريخ 82_7_28 جي ملي.

اڄ بخت کهاوڙ مقبول سمون، گُلو ۽ چنيسر پچو کي جيل بدلي ڪري ڇڏيائون. انهن جو ڏوهہ صرف اهو هو جو آءِ. جي جيل جي چڪر هڻڻ وقت کيس چيائون تہ جيل انتظاميہ چرس ۽ هيروئن تي ڪپائي ۽ غريب قيدين سان ظلم ٿي ڪري.

14_1_82

سپرنٽنڊنٽ لنيي آيو جنهن اسان کي چيو تہ توهان بي ڪلاس وارڊ نمبر بہ ڏي بدلي ٿي وڃو.

چاڪاڻ تہ هن وارڊ کي ”سزا وارڊ“ ناهيو اٿئون. شام جو سامان کڻي بي ڪلاس وارڊ ۾ رکيوسون. شيخ مجيب، امان الله شاهاڻي سان ڪوليءَ ۾ بند ٿيو. آءُ ۽ فقير غلام رسول مهر هڪ ننڍڙي ڪوليءَ ۾ بند ٿياسون، چاڪاڻ تہ ٻين ڪولين کي دروازا لڳل نہ هئا. ڊپٽي ۽ جيلر چيو تہ صبحاڻي توهان کي دروازا هڻائي ڏينداسون.

15-1-82

ڪوليءَ کي دروازو (جاريءَ جو) هڻي ڏنائون. بجلي ۽ پاڻيءَ جا ڪنيڪشن پڻ ناهي ڏنائون. مجيب ۽ مون سائين جي.ايم سيد جي سالگرهہ لاءِ ڪيڪ گهرايو.

17-1-82

اڄ سن جي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ (جي.ايم سيد) جي سالگرهہ ملهائڻ لاءِ چڪر مان محرم ملاح، سڪندر شاهہ، مشتاق، غفار چنو، ادريس ناريجو، امان الله شاهاڻي ۽ ٻيا اٽڪل پنجاهہ کن قيدي اسان جي وارڊ ۾ آيا.

سالگرهہ جو ڪيڪ مون ڪاٽيو. ان کان پوءِ سنڌ جي سيد اعظم جي زندگي، سياسي جدوجهد ۽ سنڌ سان ڪيل آزاديءَ جي واعدي متعلق تقرير ڪيم.

18-1-82

محمد حسن ڪوسو ميهڙ ضلع دادو جو قيد تي آيو آهي. تندي جام ڏي زمين تان سندس ۽ هن جي ياءُ لونگ خان ڪوسو جو جهڳڙو، حاجي راول پهوڙ ۽ محمد حسين پناڻ سان آهي، ان ڪيس ۾ آهي. ڪچهري ڪيائين. ڏاڍو زنده دل ۽ سچو سنڌي ماڻهو آهي.

شام جو موٽيو ڪوسو خدا بخش ۽ حمل ڪوسو آيا. جن چيو تہ ماڙي تان معلوم ڪري ڏي تہ اسان جو مارشل لاء وارن ڇا جو ليٽر موڪليو آهي؟ مان ويس پر آفيس بند ٿي وئي، خبر نہ پئجي سگهي.

17-1-82

ماڙي تي ويس. هيڊ ڪلرڪ محمد خان پتو ڪي چيم تہ مارشل لاء وارن جو ليٽر حمل ڪوسو وارن لاءِ آيو آهي، ان ۾ ڇا لکيل آهي؟ جنهن احمد حسين جيلر کان پڇي ٻڌايو تہ ڪوبہ اهڙو ليٽر نہ آيو آهي. مون کي انديشو آهي تہ هنن ڪوسن کي ڪوڙا هڻڻ لاءِ تاريخ مقرر ڪري ليٽر لکيو اٿن.

20-1-82

برادرم ارباب علي شاهہ ملاقات ڪرڻ آيو. شام جو جيل بند ٿيڻ کان پوءِ سپاهيءَ ٻڌايو تہ گودام جي اڳيان واري ميدان تي ٽڪ ٽڪي اڇي رکي اٿن. خبر ناهي صبحاڻي ڪنهن کي ڦٽڪا لڳندا.

21-1-82

معمول جي خلاف چڪر جو وڏو دروازو ۽ بي ڪلاس جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيائون. بعد ۾ پتو پيو تہ غلام محي الدين ڪوسو موتيو ڪوسو ۽ خدا بخش ٻگهيو کي ڦٽڪا لڳي رهيا آهن ۽ مارشل لاء جا فوجي آفيسر ڪرسين تي ٽيڪ ڏيو ويٺا آهن.

ڦٽڪا هڻڻ واري جاءِ تي مقرر ٽيل سپاهي قمر اسان جي وارڊ ۾ آيو. مون ڪانئس ڦٽڪن بابت پڇا ڪئي. ٻڌايائين تہ خدا بخش ٻگهيو ڇهن ڦٽڪن لڳڻ کان پوءِ بيهوش ٿي ويو ان ڪري کيس ڊاڪٽر وڏيڪ ڦٽڪا هڻڻ کان جهليو پر فوجي ميجر چيو تہ هٽي ڇڏيو. ان تي ڊاڪٽر چيس تہ لکت ۾ آرڊر ڏي تہ پلي هڻن, ٻي صورت ۾ مان هڻڻ نہ ڏيندس. ميجر لکي ڏنو ۽ هن کي لاهي هيٺ ويهاريائون. باقي موتيو ڪوسو ۽ غلام محي الدين ڪوسو ويهہ ويهہ ڪوڙا کائي, هيٺ لهي, ميجر ڏي منهن ڪري, شهپرن کي وٽيندا, چڪر ڏي پيرين پنڌ هليا ويا.

آءِ جي جيل منظور احمد پنهور ساليان‍ي چڪاس ڪرڻ لاءِ آيو. هڪ سال سزا لڳل قيدين کي پندرنهن پندرنهن ڏينهن معافي ڏنائين. نارا جيل جي ويهارو ڪن قيدين کي فائدو مليو. ان معافي ملڻ جي ڪري شيخ مجيب الرحمن آزاد ٿي ويو ۽ اسان جي وارڊ جو برداشتي قادر بخش مهيسر بہ آزاد ٿي ويو.

22-1-82

ستين نمبر بيرڪ جا ڇوڪرا قيدي اسان جي وارڊ جي پرسان واري ڪولين ۾ اچي بند ڪيا اٿن. سڄو ڏينهن ڌمچر ۽ هل هنگامو لڳو پيو هو.

23-1-82

فقير غلام رسول مهر کي محمد خان پٽو ڪلرڪ مارشل لاء وارن طرفان چارج شيٽ ڏئي ويو جنهن ۾ لکيل آهي تہ توهان پنج جنوري 1981 تي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي سالگرهہ تي ڪيڪ ڪاٽيو مناءي ورهائي ۽ نظريہ پاڪستان جي خلاف نعرا هنيا.

ڪيڏي نہ تعجب جي ڳالهہ آهي تہ فقير غلام رسول مهر ان تاريخ تي نارا جيل ۾ قيد آهي ۽ مارشل لاء جا فوجي چارج شيٽ ڏين ٿا تہ توهان ڪيڪ ڪاٽيو ۽ نظريہ پاڪستان جي خلاف نعرا هنيا آهن.

24-1-82

فقير غلام رسول مهر شنوائي تي ويو. ڪيس وري صبحاڻي جي تاريخ ڏنائون. محرم ملاح, سڪندر شاهہ, حسن ڪوسو ڪچهري تي آيا.

25-1-82

فقير غلام رسول کي وري بہ مارشل لاء وارن شنوائي ڏني آهي. حسن ڪوسو آيو جنهن چيو تہ ڪيس مارشل لاء وارن ڏي درخواستون لکي ڏي. مون ڪيس چيو تہ اجايو ٿو ڇيچڙي ۾ پاڻهن ڦاسائين. هنن کي هرو ڀرو ٿو پنهنجي ڪيس جو حال احوال لکين. مارشل لاء جي فوجين جو اهو حشر آهي جو فقير غلام رسول قيد آهي ۽ لکن ٿا تہ تو ڪيڪ ڪاٽيو آهي. پوءِ ٺهيو ڪيائين.

27_1_82

فقير غلام رسول ۽ آءٌ گڏجي شنوائيءَ تي ملٽري ڪورٽ وياسون. اتي رسول بخش ٽيبو ۽ قمر ڀٽي بہ سينٽرل جيل خيرپور کان آيا. سينٽرل جيل حيدرآباد کان قربان ارباب آيو. رسول بخش ٻڌايو تہ ڪيس سينٽرل جيل سکر بدلي ڪيو اٿن. گل محمد دل سينٽرل جيل حيدرآباد مان آزاد ٿي اسان جي ملاقات لاءِ آيو ۽ لطف عباسي بہ آزاد ٿي ڳوٺ روانو ٿي ويو.

ملاقات تي سيد زوار نقوي، بلبل ڪورواهي، وفا رضا بلوچ، قاسم، نواز ڳاهوتي، فرمان علي شاهه، لال بخش چانديو آيا. اڄ خبر پئي تہ سڪندر شاهه جو ضامن ٿي ويو آهي. سيني دوستن کي 2_10 جي تاريخ ملي.

28_1_82

ادريس ناريجو آزاد ٿي ويو. محرم مارو ڏول ۽ سچل پنهور گڏجي آيا. ڏاڍا مزاحيہ ٽوٽڪا ٻڌايائون.

29_1_82

محرم آيو ۽ بعد ۾ خدا بخش ٻگهيو بہ آيو جنهن ٻڌايو تہ سپاٽي باقي رهيل چوڏهن ڦٽڪا لڳڻ جو حڪم نامون فوجين موڪليو آهي. مون کانئس پڇيو تہ هن دفعي وري بيهوش ٿيندين ڇا؟ چيائين تہ اڳئين دفعي مون کي لاڳيتو ٽي ڏينهن بخار آيا هئا ۽ بخار ڇڏئي کي هڪ ڏينهن بہ نہ گذريو تہ ڦٽڪا لڳا هئا، ان ڪري بيهوش ٿي ويو هوس. مون کيس چيو تہ فوجي ڏاريا پنجابي آهن، انهن جي اڳيان مڙس ٿجان، ٻاهر وڃي چوندا تہ سنڌي سُست آهن. چيائين تہ دعا ڪر، سپاٽي رڪارڊ ٽوڙي ڏيکاريندو سانءِ.

30_1_82

خدا بخش ٻگهيو کي ڦٽڪا لڳا. ڦٽڪن لڳڻ کان پوءِ ٽڪ ٽڪيءَ تان لهي، ڦٽڪن هٽڻ مهل جيڪا ڇڏبي پارائيندا آهن، اها ميجر جي سامهون لاهي، اگهاڙو ٿي ڪپڙا پائڻ لڳو. ميجر کي ان ڳالهه تان ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ماڙي ڏي هليو ويو. شام جو خدا بخش مون وٽ آيو ۽ فاتحانہ انداز ۾ مرڪندي چيائين: "سائين! فوجين مون کي ڦٽڪا هنيا ۽ مون کين ... ڏيکاري ڇڏيو."

آغا نور احمد ۽ آءٌ گڏجي ڊاڪٽر هادي بخش لغاري وٽ وياسون. کيس پنهنجي ۽ آغا لاءِ چيم تہ

ٻٽيھون نمبر رجسٽر پيري تہ اسپتال مان چڪر بہ ڏئي اچون ۽ دوا بہ وٺي اچون. رجسٽر ۾ لکي ماڙيءَ تي موڪليائين. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو تہ، ”اڄ خدا بخش ڪمال ڪري ڇڏيو. ميجر جي آمھون سامھون اگھاڙو ٿي بيھي رھيو.“

31_1_82

رضوان پلي، علي نواز خاصخيلي، ڊاڪٽر طيب ۽ چندر ملاقات ڪرڻ آيا. علي نواز چيو تہ ھي دوست ايل.ايم.سي ڄامشورو ۾ ڊاڪٽري پڙھندا آھن ۽ عمرڪوٽ جا آھن. توھان کي ڏسڻ ۽ ملڻ آيا آھن.

1_2_82

آءٌ ۽ آغا نور احمد گڏجي اسپتال وياسون. آغا پنھنجي وڏي ڀاءُ آغا نور نبي سان ملڻ لاءِ سندس آفيس گول بلڊنگ ھليو پر پاڻ ڪونہ مليو. ليڪن سندس پٽ زرار خان مليو. اسان اسپتال وياسين. اتي زرار ۽ پرويز گل پناڻ جيپ ڪاھي آيا. دوا وٺي گڏجي آغا نور نبي خان جي گھر ريشم گلي آياسين. منجھند جي ماني بہ اتي ڪاڌيسون. مون قربان علي شاھہ سان سندس آفيس پيائي خان جي چاڙھي تي ملاقات ڪئي. زرار خان اسان کي جيپ تي ڪٽي نارا جيل تي ڇڏي ويو. فقير غلام رسول کي وري 2_4 جي تاريخ ملي آھي.

2_2_82

اڄ نئين آيل جيلر جمال الدين مري سان مليس. ڪيس شام جو سائي پاڃي ۽ ”جنگ“ اخبار لاءِ چيم تہ ھڪ ڏينھن اخبار توھان پڙھو ٻئي ڏينھن تي اسان کي موڪليندا ڪيو. واعدو ڪيائين. ڪافي وقت کان پوءِ سنڌي جيلر آيو آھي ۽ ھيءُ ڏسڻ، ڳالھائڻ، ٻولھائڻ ۾ ڏاڍو اخلاق وارو ٿو لڳي. اڳتي ڏسون تہ ڇا ٿو ڪري؟

3_2_82

جمال مري جيلر سائي پاڃي ۽ اخبار جنگ ڏياري موڪلي. بھاول لغاري جي ضمانت ھاءِ ڪورٽ رد ڪري ڇڏي، ان ڪري وري جيل تي پھچي ويو.

4_2_82

فقير غلام رسول شنوائي تي ويو. وري ڪيس 2_7 جي تاريخ ملي. خبر ناھي تہ چوھن کي شنوايون پيا ڏين؟ نہ تہ اڪثر ڪري ائين ٿيندو آھي تہ جنھن کي بہ چارج شيٽ ملندي آھي تہ ڏينھن ٻن ۾ ان کي سزا لڳندي آھي. حسن ڪوسو موٽيو ڪوسو دائود عرف شمن ڪنير، تارو شاھہ جو بھاول لغاري ۽ موٽڻ

پالاري ڪچهري تي آيا.

5_2_82

پرايو ٽئونگل، فقير غلام رسول ۽ مون کي دعوت ڏئي چڪر جي ڇهين نمبر بيرڪ ۾ وٺي ويو. شام جو خبر پئي تہ باغ پارٽيءَ جو هڪ قيدي ٻاهران پڃي ويو آهي. سپاهي کي سِسپيند، شاهد مقدم کي ڏنڊا ٻيڙيون هٽي بند وارڊ ڪيو اٿن.

محرم مارو ڊول امير البحر ۽ علي نواز چانڊيو چڪر عملدار گڏجي آيا. محرم چيو تہ آغا نور احمد کي چؤ تہ سندس وڏي ڀاءُ آغا نور نبي خان ڏي چٺي لکي ڏئي، ڇا ڪاڻ تہ اهو ايڪسائيز انسپيڪٽر آهي ۽ ڪالهہ شام علي نواز کان چنگيزي انسپيڪٽر شراب جي بوتل کسي ويو آهي، اها وٺي ڏئي يا پئسہ ڏئي. آغا کي چيم، جنهن چٺي لکي ڏني.

6_2_82

اڄ محرم وارن جي هنديوال ٻڌايو تہ شراب لاءِ پئسہ محرم، علي نواز چانڊيو کي ڏنا هئا ۽ علي نواز نہ شراب ورتو نہ ڪجهہ. صرف پئسہ ڪائڻ لاءِ آغا کان چٺي لکرائي اٿس ۽ محرم توهان سان ان لاءِ ڳالهہ نہ ڪئي تہ سائين شراب پيئڻ تان ڳالهائيندو.

ڀهاول لغاري چيو تہ شنوائي تي وڃان ٿو توهان جمال مري جيلر يا ماڙي جي وڏي دروازي جي سپاهي سعيد کي چٺي ڇڏجو تہ منهنجو سامان نہ روڪين. مان سعيد سپاهي کي چٺي آيس تہ توکي ڀهاول خرچي ڏيندو، تون ان جو سامان نہ روڪجانءِ. ڀهاول سامان کٽي آيو. شام جو پنج روپيہ سپاهي کي خرچي جا ڏنائين.

7_2_82

ڊپٽي علوي روزانہ جسارت اخبار پڙهندو آهي. مون کيس چيو تہ جسارت اخبار پڙهي اسان جي وارڊ ڏي موڪليندا ڪيو. واعدو ڪيائين تہ موڪليندس.

8_2_82

ڊپٽيءَ اخبار جسارت ڏياري موڪلي. برداشتي حسين موروجو مون کي چيو تہ فقير غلام رسول چرس ڏاڍو ٿو پئي، توهان ان کي جهليو. مون فقير کي چيو تہ تنهنجي ٻاڍي اڳيئي سنهڙي، ڦڦڙن جي مرض ۾ مبتلا آهين، وري ٿو چرس پيئين. اهو تنهنجي لاءِ بہ چڱو نہ آهي ۽ نہ وري اسان شاگردن لاءِ، ڇاڪاڻ تہ عام قيدين تي اخلاقي طرح سان برو اثر پوندو ۽ چڱو ڪم بہ ڪونہ آهي. مون سان ڪاوڙجي پيو ۽ ڳالهائي بہ ڪونہ ٿو.

9_2_82

محرم مارو ڏول آيو. فقير غلام رسول ۽ پاڻ شنوائي تي ڪورٽ ڏي گڏجي ويا. فقير غلام رسول موٽي اچي ٻڌايو تہ محرم کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪري ڇڏيو اٿن ۽ ڪورٽ تان سڌو سينٽر تي ويو. ڏاڍو ڏک ٿيو تمام پيارو ڪل مک قيدي دوست هو.

10_2_82

فقير غلام رسول ۽ آءُ گڏجي شنوائي تي وياسون. اتي سينٽرل جيل سکر کان رسول بخش ٿيٻو. سينٽرل جيل خيرپور کان قمر پٽي ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد مان قربان ارباب، نور النبي عباسي، عنايت لغاري، الطاف تنيو شنوائي تي آيا.

ملاقات تي شيخ مجيب، رئيس علڻ خان ٿيٻو ذڪاءُ الله شيخ، فقير داد ڪوسو سيد زوار نقوي، وفا رضا بلوچ، شبير علي شاهه ۽ ٻيا ڪافي يونيورسٽي جا دوست آيا.

16_2_82

آغا نور احمد کي جيل سپرنٽنڊنٽ گهرائي چيو تہ اسپتال لاءِ دوائون گهرائيون آهن. غريب قيدين جي توهان کي دعا ٿيندي، ڏيڊ سؤ روپيہ ڏيو. موٽي آغا مون سان مليو ۽ چيائين تہ هنن کي ٽڪو بہ نہ ڏيان، پر ڇا ڪريان، منهنجو سزا وارو ڪارڊ آءِ جي جيل وٽان پهچي ويو آهي. هاڻي پئسہ نہ ڏيندس تہ سزا ۾ مليل معافي ڪاٽي ڇڏيندا. مون کان ڏيڊ سؤ روپيہ گهريائين. مون وٽ تہ ڪونہ هئا. حسن ڪوسو کان هڪ سؤ چاليهہ روپيہ وٺي ڏنامانس، جيڪي ماڙيءَ تي ڏئي آيو.

17_2_82

آغا نور احمد جي ميرپور خاص ڪورٽ ۾ شاهدي جي شنوائي آهي. ڏاڍو پريشان آهي. مون کي چيائين تہ ڊاڪٽر لغاري صاحب کي هلي چؤ تہ مون کي سرٽيفڪيٽ ڏئي تہ هي بيمار آهي ۽ شنوائيءَ تي نہ اچي سگهندو. مون ڪيس چيو تہ قيدي پيرَ پيا سوريندا آهن تہ ٻاهر ڪا شنوائي اچي تہ وڃي چڪر ڏئي اچون ۽ تون پاڻهي شنوائي آئي آهي تہ بہ نہ ٿو وڃين. چيائين تہ مان ميرپور خاص ۾ رجسترار رهي آيو آهيان، اتي جا وڪيل مون کي جُهڪي سلام ڪندا هئا ۽ آفيسر ۽ شهر جا معزز ماڻهو مون کي عزت ڏيندا هئا. اج وري اتي آئون هٿڪڙيون پائي سپاهين سان گڏجي ڪونہ ويندس.

ڊاڪٽر صاحب وٽ وياسين، جنهن آغا جي بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ ناهي ڏنو. ماڙيءَ ۾ محمد خان پٽوڪلرڪ کي ڏنم ۽ آغا شنوائيءَ تي ڪونہ ويو.

19_2_82

جمال الدين مري جيلر ۽ محمد خان پٽو هيڊ ڪلرڪ ماڙيءَ تي ماني گڏجي ڪاڌي. سڄو ڏينهن ڪوليءَ ۾ وينو رهيس ۽ ڪتاب پڙهيم.

20_2_82

مير الهه بخش ٽالپر، غلام رسول لاشاري وارن آغا نور احمد کي ٻارڻ جي ڪاٺين تان ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مس مس هنن کي ٿڌو ڪيم. سپاهي وچي سپرنٽنڊنٽ کي ٻڌايو جنهن ٻنهي ڌرين کي گهرائي ٻاڪر ٻارائي ڇڏيو.

22_2_82

حسن کوسو آيو. پڪن قيدين (سزا يافته) جي اٺين نمبر بيرڪ ۾ وٺي ويو. اتي قوم پرستيءَ تي ڪين ليڪچر ڏنم ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ظلمن کان کين واقف ڪيم. قيدي ڏاڍو متاثر ٿيا.

24_2_82

جيل سپرنٽنڊنٽ گهرائي چيو ته توهان قيدين کي سياسي ليڪچر ٿا ڏيو ان ڪري اسان جو جيل جو انتظام خراب ٿيندو. توهان مهرباني ڪري پنهنجي وارڊ مان ٻين قيدين جي بيرڪن ۾ نه ويندا ڪيو. مون کيس چيو ته حق جي ڳالهه ڪرڻ ڏوهه ڪونه آهي. مون کاٻه غلطي ڪانه ڪئي آهي. چيائين ته سڀ ٺيڪ چيو اٿئي، پر اسان کي اها ڳالهه وڏي مصيبت ۾ وجهندي. مٿان جمال الدين مري جيلر آفيس ۾ گهڙي آيو جنهن مسئلي کي ختم ڪري ڇڏيو.

امان الله شاهاڻي ماني کائڻ وقت سيني دوستن جي روبرو مون کي چيو ته فقير غلام رسول منهنجي ڪوليءَ مان سڪل پنگ ڪيڏي پاڻ ۽ بهاول لغاري ڪچي کائن پيا. تون کين سمجهاءِ. فقير به روبرو وينو هو. بس پوءِ ته رڳو پيو کلي ۽ چوي پيو ته امان الله غلط ڳالهه ٿو ڪري. بهرحال، مون وري به کيس منٿ ڪئي ته اهي اخلاقي برائيون ڪيڏي ڇڏ ۽ تنهنجي صحت به چڱي نه رهندي.

25_2_82

اڄ فقير داد کوسو جا مائٽ قوٽو کوسو ۽ علي نواز کوسو قيدي ملڻ آيا ۽ فقير داد جا سلام به ڏنائون. کين چڪر ڏي ڇهين نمبر بيرڪ ۾ رکيو اٿن. چڪر عملدار کي هنن لاءِ پارت ڪيم.

26_2_82

قيدي ولي محمد کوسو عرف ولڻ، رمضان جيلر کي گاريون ڏنيون ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو. سعيد سپاهي حسن کوسو ۽ صوبيدار صادق مون وٽ آيا ته تون هلي ولڻ کي سمجهاءِ ته هرو ڀرو جيل وارن کي گاريون چو ٿو ڏئي. مون ولڻ کي وڃي چيو. جنهن چيو ته: ”سائين! جيل جا پنجابي سپاهي ۽ جيلر پڙوا آهن.

انهن کي ٿڪ لعنت لڳندي رهندي ته سڏا هوندا.“ مون ڪيس پاسي تي وٺي وڃي چيو ته: ”ڪانٽي کي چڪي رک، پر جيل قيدين کي به پاڻ سان ملاءِ، ائين نه ٿئي جو اڪيلو پيو پادر ڪائين.“

فقير غلام رسول مهر ۽ بهاول لغاري ڏاڍو چرس پيتو آهي. نشي ۾ ڌُت لڳا پيا آهن.

اڄ اخبار ۾ هڪ انتهائي دل ڏکوئيندڙ خبر ڇپيل آهي. منهنجو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ شعبه بين الاقوامي تعلقات جو استاد آغا احد جان وفات ڪري ويو آهي. ڏاڍو صدمو رسيو آهي. دل ڇڪنا چور ٿي پئي. اهڙا ڪلمک، پيارا، زنده دل، پيار محبت جا مجسما ۽ مسيحا انسان زندگيءَ ۾ ڀاڳ وارن ماڻهن کي اتفاق سان ملندا آهن ۽ سندن منڙيون منڙيون ڳالهيون ۽ ليڪچر دل تي اڻمٽ نقش ڇڏي ويندا آهن.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سامي | سفر | هليا، | ڏُور | ڇتائي | ڏيهُه، |
| ڇڏي | سُک | ساڙيهُه، | مٿي | ڳنگا | ڳجيا. |

(شاهه)

28-2-82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اتي رسول بخش ٽيپو قمر يٽي، قربان، ارباب ۽ الهه بچايو مرٽاس به مارشل لاء ڪورٽ ۾ شنوائي تي پهتا. ملاقات تي رئيس علڻ خان ٽيپو رضوان پلي، علي نواز خاصخيلي، فقير داد ڪوسو سيد زوار نقوي، وفا رضا بلوچ، مومن مليرائي، فقير امير علي قريشي ۽ فرمان علي شاهه آيا. وري تاريخ 3-13 ملي.

1-3-82

محمد حسن ڪوسو علي احمد عمراڻي ۽ فقير علي محمد نوح پوٽو بي ڪلاس وارڊ ۾ ڪچهري ڪرڻ آيا ۽ چيائون ته صبحاڻي چڪر ۾ چوٿين نمبر بيرڪ جي قيدين توهان کي دعوت ڏني آهي ۽ چيو اٿن ته ڪچهري ڪري وڃو. جيل سپرنٽنڊنٽ رائونڊ ڏيڻ لاءِ آيو.

2-3-82

فقير علي محمد نوح پوٽو وٺڻ آيو ته چوٿين نمبر بيرڪ ڏي هلو. ڳڏجي وياسين. قيدين سان ڪچهري ڪيم ۽ کين قوم پرستي ۽ جيئي سنڌ بابت سمجهايم. ڪافي قيدين سوال جواب ڪيا.

آغا نور احمد مون وٽ آيو ۽ چيائين ته: ”توهان جمال الدين مري جيلر سان وڃي ڳالهايو ته جيل سپرنٽنڊنٽ کي مان پئسه ڏيندس، مون کي پندرنهن ڏينهن قيد جي سزا معاف ڪري، ڇاڪاڻ ته جيل سپرنٽنڊنٽ کي مختلف قانون ۽ قائدن تحت جيل مينوئل ۾ اختيار مليل آهي.“ مون آغا کي چيو ته جيڪڏهن توکي پئسه ڏيڻا آهن ته پوءِ پاڻ وڃي ڳالهاءِ، باقي آءٌ جمال صاحب کي منٿ ڪريان ٿو پوءِ

ڪٽي تنهنجي قسمت. جمال الدين مري جيلر سان وڃي مليس ۽ ڪيس آغا جي معافي لاءِ چيم. جنهن چيو ته آغا جي ڪيس ۾ مارشل لاء وارا دلچسپي وٺي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته آغا فوجين ڪي ٻن مهينن جي معافي لاءِ پنجاهه هزار روپيه ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي. جڏهن فوجي مارشل لاء وارا معافي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا ته آغا ڏوڪڙ ڏيڻ تان ڦري ويو. هاڻي جيڪڏهن اسان جيل انتظاميه وارا هن ڪي معافي ڏينداسين ته مارشل لاء وارا چوندا ته پئسه ورتا اٿن. مون آغا ڪي اچي ٻڌايو. ڏاڍو پريشان آهي.

3_3_82

محمد حسن ڪوسو فقير علي محمد نوح پوٽو علي احمد عمراڻي، شفيع محمد نظاماڻي، ربو ٿئونگل ۽ پيرو ٿئونگل ڪڇهري ڪرڻ آيا ۽ تاس راند ڪيڏياسون.

امان الله شاهاڻيءَ ۽ مون ڪي آغا نور احمد اچي ٻڌايو ته توهان گڏجي وڃي ڊاڪٽر صاحب ڪي منٿ ڪيو ته سپرنٽنڊنٽ کان معافي وٺي ڏئي. اسان گڏجي ڊاڪٽر صاحب وٽ وياسون. پر ان چيو ته اسان ڪي مارشل لاء وارن جهلي ڇڏيو آهي ته مارشل لاء جي سزا يافته قيدين جي معافي ڏيڻ لاءِ نه سفارش ڪيوءِ نه وري سرٽيفڪيٽ ڏيو. آغا ڪي اچي ٻڌايوسين. ڏاڍو مايوس ٿيو.

5_3_82

ڦوٽو ڪوسو آيو ۽ چيائين ته چوٿين نمبر بيرڪ جي قيدين چيو آهي ته سائين علي محمد شاهه ڪي وٺي اچ ته اسان سان ڪچهري ڪري. مان ساڻس گڏجي ويس ۽ بيرڪ جي سيني سنڌي قيدين سان ڪچهري ڪيم.

7_3_82

فقير غلام رسول مهر ڪي ٻنهي ڪيسن ۾ ڇهه ڇهه مهينا سزا لڳي. ٻڌايائين ته مون ملٽري ڪورٽ جي انچارج ميجر ڪي چيو ته هڪ ڪيس ۾ ته مان جيل ۾ هوس ۽ ڪيس ڪوڙو آهي. چيائين ته ميجر ڪاوڙجي پيوءِ چيائين ته هي ۽ پوليس وارا ڪوڙا آهن. تون سچو آهين؟

10_3_82

نثار چوڪري اچي ٻڌايو ته ماڙيءَ تي رضوان پلي، علي نواز خاصخيلي ۽ فيض ڪوڪر ملٽري ڪورٽ مان سزا وٺي آيا آهن. توهان ڪي سڏيو اٿن. مان ماڙيءَ ۾ ويس. مون کان اڳ ۾ ئي جمال الدين جيلر ڪين بي ڪلاس وارڊ جي پرسان چوڪرا وارڊ ۾ رکيو آهي. رضوان ڪي سڄو ڏينهن بخار هوءِ سنتو پيو هو.

11_3_82

رضوان پلي، فيض ڪوڪر ۽ علي نواز ڪوڪر ڪچهري ڪرڻ آيا. جيئن ته اڳ ۾ به هن جيل ۾ رهي ويا

آهن، ان ڪري هينئر ڪا به اهڙي تڪليف محسوس ڪانه ٿين.

جيل جي گُلو حجم اچي پڙايو ته يونيورسٽي جا شاگرد قيد ٿي آيا آهن، توهان کي سڏين ٿا. مان ماڙي تي ويس ته اتي شاگرد ته ڪونه هئا، ليڪن اسان جي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن شاگرد اڳواڻ حفيظ سولنگي جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي ۽ بشير خان قريشي جو والد حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ويٺا هئا. مان ساڻن وڃي مليس. ٻڌايائون ته هاڻ پوليس ۽ فوجي جيئي سنڌ جي شاگردن جي والدين کي گرفتار ڪن پيا. مان کين پنهنجي بي ڪلاس وارڊ ۾ وٺي آيس. ماني، چانهه ڪارايم. کين واپس اٺين نمبر بيرڪ ۾ ڇڏي آيس، ڇاڪاڻ ته جيل جي ٽوٽل بند ٿيڻ جي سيٽي وڄي چڪي هئي.

12_3_82

حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي کي اٺين نمبر بيرڪ مان وٺي آيس. سڄو ڏينهن اتي مون وٽ رهيا. شام جو کين بيرڪ ۾ ڇڏي آيس ۽ جمال الدين مري جيلر سان وڃي مليس ۽ کيس چيم ته هي ٻه ماڻهو اسان جي ساٿين جا والد آهن، انهن جي هر طرح پارت هجي. واعدو ڪيائين ۽ چيائين ته مون کي اڳواٽ ان ڳالهه جو احساس آهي.

13_3_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. رسول بخش ٿيٻو قمر پيٽي ۽ قربان ارباب وارا مون کان اڳ ۾ مختلف جيلن تان پهچي چڪا هئا. ملاقات تي سيوهڻ جو ولي محمد شاهه عرف پپو شاهه، رئيس علڻ خان ٿيٻو وفا رضا بلوچ، لعل بخش چانڊيو سيد زوار نقوي، عزيز مگسي، ڊاڪٽر مولا بخش ٿيٻو قمر الزمان راڄپر ۽ ٻيا يونيورسٽي جا ساٿي ملاقات ڪرڻ آيا. الطاف ٿنيو کان سواءِ ٻين سڀني دوستن کي 3_29 تي تاريخ ملي.

14_3_82

جمال مري جيلر سان وڃي مليس ۽ کيس چيم ته اڄ جيل سپرنٽنڊنٽ رائونڊ دوران حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله کي جيل بدلي ڪرڻ جو چيو آهي. واعدو ڪيائين ته هنن جو جيل بدلي ڪونه ٿيندو.

15_3_82

علي احمد عمراڻي آيو ۽ چيائين ته اسان جيڪي سنڌ وارن شاگردن جي والدين حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي جي ٽين نمبر بيرڪ ۾ دعوت ڪئي آهي. ان ۾ علي نواز خاصخيلي ۽ توهان به گڏجي هلو. ٽين نمبر بيرڪ ۾ وياسين. چانهه بسڪوٽ ڪارايائون. سڀني بيرڪ

جي قيدين سان ڪچهري ٿي. شام جو فقير علي محمد نوح پوٽو ۽ حسن ڪوسو ڪچهري تي آيا.

17_3_82

آغا نور احمد پنهنجي سزا جو ٽوٽل ڪرائي آيو ۽ موٽي اچي ٻڌايائين ته صبحاڻي سزا ختم ٿيندي ۽ آزاد ٿيندس. آغا کي چانهه پارٽي ڏنم. جنهن ۾ حسن ڪوسو فقير علي محمد نوح پوٽو علي احمد عُمراڻي، شفيع محمد نظاماڻي، نظام پنهور، امان الله شاهاڻي، فقير غلام رسول، رضوان پلي، فيض ڪوکر، رحيم ماڇي، ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي، حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ بهاول لغاري شريڪ ٿيا. مير الله بخش ٽالپر، غلام رسول لاشاري کي به دعوت ڏنم. پر چيائون ته اسان آغا سان ڳالهايون به ڪونه ٿا. ان ڪري اسان گڏجي نه ويهنداسون.

18_3_82

آغا نور احمد قيد جي سزا ڪاٽي جيل مان آزاد ٿيو. فقير غلام رسول سامان کڻي آغا واري ڪمري ۾ وڃي رکيو ۽ سڄو ڏينهن ڪچهري ڪئي سون.

19_3_82

ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي مون کي چيو ته مير الله بخش ٽالپر کي ڳالهائڻ جي ڪابه فضيلت نه آهي ۽ انتهائي گندا لفظ ڪچهريءَ ۾ استعمال ٿو ڪري. ان تي فقير غلام رسول مهر به شڪايت ڪئي ۽ چيائين ته هڪ ڏينهن مير مون کي چيو ته 1942ع ۾ سانگهڙ جا ماڻهو انگريزن جو ٽيڙ ئي ڇهاڙي ويا هئا. هاڻي ڇا ٿيو اٿن جو فوج سان نٿا وڙهن؟ بهرحال، مون ڊاڪٽر عبيدالله کي چيو ته توهان هرو ڀرو اهڙن ماڻهن سان ڇو ٿا ڪچهري ڪريو؟ چيائين ته مان هن کي ڏاڍو مهذب ۽ فضيلت وارو سمجهندو هوس.

20_3_82

ڊاڪٽر ولي محمد منهنجي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي سان ملاقات ڪرڻ آيو. فيض ڪوکر جو بي ڪلاس ٿي ويو. سامان کڻي اچي مون سان ڪوليءَ ۾ گڏ رهيو. شام جو خبر پئي ته هڪ سياسي قيدي آيو آهي. ملڻ لاءِ ويس، پر جيل جو ٽوٽل بند ٿي ويو هو ان ڪري ملي نه سگهيس.

21_3_82

صبح جو سياسي قيديءَ سان ملڻ ويس. نالو صديق خان اٿس. لاهور جو رهاڪو آهي. سياسي وابستگي پيپلز پارٽي سان اٿس. حيدرآباد جي پي پي ورڪرن کي اسلحو مهيا ڪرڻ جو الزام اٿس.

ڊاڪٽر هادي بخش لغاري ٻڌايو ته سندس ترقي ٿي آهي ۽ ڪيس جيل تان بدلي ڪري ميرپور خاص

سول اسپتال ۾ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ مقرر ڪيو اٿن. صبحاڻي ڪين الوداعي دعوت ڏيڻ جو بندوبست ڪيم.

22_3_82

ڊاڪٽر هادي بخش لغاريءَ کي الوداعي دعوت ڏنم. جنهن ڊپٽي علوي، جمال الدين مري ۽ جيل آفيس جو سمورو اسٽاف، چڪر مان فقير علي محمد نوح پوٽو شفيع نظاماڻي، علي احمد عمراڻي، ڦوٽو ڪوسو علي نواز ڪوسو، ايوب شورو، بهاول لغاري، رضوان پلي، حاجي غلام مصطفيٰ قريشي، مير الله بخش ٽالپر ۽ سندس پاٽر، فيض ڪوڪر، امان الله شاهاڻي، غلام رسول لاشاري، ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي. دعوت کان پوءِ هڪ قيدي ڪريم بخش ڏاڍا انقلابي ڪلام ٻڌايا. اڄ شام جو ڊاڪٽر هادي بخش لغاري، حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگيءَ کي جيل جي اسپتال ۾ بدلي ڪري اسپتال جون ڪٽون ڏنيون.

23_3_82

پيپلز پارٽيءَ جو سياسي قيدي صديق خان ڪچهريءَ تي آيو. موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري جيل ۾ ڪابہ رونق ڪانہ آهي.

25_3_82

مير الله بخش ٽالپر ۽ غلام رسول لاشاري، پيپلز پارٽي جي صديق خان سان ڪچهري ڪرڻ ويا. ان ٽان ڊپٽي علوي سخت ڏمرجي پيو اٿن ۽ سنڌن تيرهون نمبر رجسٽر پريو اٽس ۽ وارڊ جي انچارج سپاهي کي معطل ڪري ڇڏيائين. بعد ۾ جيل جي اسٽاف جي منٿ ميڙ تي سپاهيءَ کي نوڪريءَ تي بحال ڪيائين.

26_3_82

هوا بندر ٽان صديق خان ۽ علي احمد عمراڻي ۽ محمد حسن ڪوسو چڪر مان ڪچهري ڪرڻ آيا. صديق خان لاهور جي پيپلز پارٽي ڪارڪنن جا ڏاڍا مزيدار واقعا ٻڌايا.

27_3_82

رضوان پلي جو والد غلام مصطفيٰ پلي جيل تي پُٽ سان ملاقات ڪرڻ آيو. ملاقات چارين ڪان پئي ڪرايائون. رضوان اڄي مون کي چيو ڊپٽيءَ کي وڃي چيم. جنهن ماڙيءَ ۾ ملاقات ڪرائي.
تنوير عرف فوجيءَ کي اڄ ڪورٽ ۾ ڇهه مهينا سزاءِ قيد ملي، ليڪن ڪورٽ مان هٿڪڙين سميت پوليس کان حيدرآباد جي شهر ۾ ڀڄي ويو.

29_3_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اتي رسول بخش ٿيٻو سينٽرل جيل سکر کان، قمر پٽي خيرپور جيل کان، قربان ارباب، ارشاد نظاماڻي ۽ غلام رسول زرداري سينٽرل جيل حيدرآباد کان آيا.

ملاقات لاءِ شيخ مجيب الرحمن، محمد صالح راهپوٽو وفا رضا بلوچ، سيد زوار نقوي، ممتاز علي شاهہ جيوڻ ٿيٻو آيا. ٻي شنوائي جي تاريخ مون پاڻ 4_8 ورتي، چاڪاڻ تہ حاجي غلام مصطفيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگيءَ چيو هو.

جيل تي پهتس تہ نوشهرو فيروز جي شاگرد اڳواڻ ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي دوست سيد مختيار علي شاهہ جو وڏو ڀاءُ سيد ظفر علي شاهہ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي بدلي ۾ گرفتار ٿي پهتو. سندس بسترو اٺين نمبر بيرڪ ۾ رکرائي، ٻي ڪلاس وارڊ ۾ ڪيس وٺي آيس. ڪيس ماني وغيره ڪارائي بيرڪ ۾ چڙهي آيس ۽ انچارج سپاهيءَ کي پارٽ ڪري آيس. شوڪت بورچي آزاد ٿي ويو.

30_3_82

صوبيدار کي بورچي ڏيڻ لاءِ چيم. جنهن ڏياري موڪليو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالوجي جي شاگرد اڳواڻن سليمان جتوئي جو والد حاجي ڪسارو جتوئي ۽ ممتاز شيخ جو وڏو ڀاءُ غلام رسول شيخ قيد ٿي نارا جيل تي پهتا. ڪين اٺين نمبر بيرڪ ۾ ظفر علي شاهہ سان گڏائي رکرايم. ٻي ڪلاس وارڊ ڏي وٺي آيوسان، ماني ڪارائي وري بيرڪ ۾ چڙهي آيس. صوبيدار کي هنن جي پارٽ ڪيم ۽ ڪيس بورچي تبديل ڪري صديق مڪراني لاءِ چيم. جيڪو چين پيڙي پارٽيءَ مان ڪڍي مون کي ڏنائين.

31_3_82

فيض الله پيرزادو ۽ هڪ گهانگهرو شاگرد جيل تي ملاقات ڪرڻ آيا. ڪچهري دوران ٻڌايائون تہ مهينو کن ٿيندو تہ راشد علي شاهہ (راشد مورائي) جي شادي ٿي وئي آهي. ان کان سواءِ فيض الله، راشد جي تيز طبع ۽ دوستن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي شڪايت ڪئي.

1_4_82

اڄ اخبار ۾ ڏٺم ۽ ريڊئي تي ٻڌم تہ سنڌ جو عظيم محقق، دانشور ۽ سيد اعظم سائين جي. ايم سيد جو پيارو دوست وفات ڪري ويو. سخت صدمو رسيو اٿم. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات خان محمد پنهور سان ڪراچيءَ واري بنگلي تي ٿي هئي. ان کان پوءِ ساڻس سن ۾ ملاقات ٿيندي رهندي هئي. سنڌس ادبي رهاڻين جو واسُ ۽ خوشبوءِ اڄ بہ اها ئي ساڳي آهي، جيڪا مون چار سال اڳ محسوس ڪئي هئي.

اهڙا پيارا، عظيم انسان، محقق، سچائي ۽ صداقت جا مجسما سنڌ صدين ۾ ورلي پيدا ڪيا آهن، جن جي ذات تي سنڌ ۽ سنڌي ماٿهو فخر ڪري سگهن ٿا ۽ سندن پيغام رڳو سنڌين لاءِ نہ، پر دنيا جي مظلوم قومن لاءِ بہ مشعلِ راهہ رهيو آهي.

صديق خان کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪري ڇڏيائون. سياسي اختلافن جي باوجود ذاتي طرح سان چڱو هو پر ڪنهن ڪنهن وقت پنجابي ٿي پوندو هو.

علي نواز خاصخيليءَ جو بي ڪلاس تي ويو ۽ سامان کڻي اچي امان الله شاهاڻي سان ڪوليءَ ۾ گڏ رهيو.

2_4_82

بيرڪ ۾ حاجي ڪسارو جتوئي ۽ غلام رسول شيخ کي وٺي آيس. ماني گڏجي ڪاڌي سون. سڄو ڏينهن مون وٽ بي ڪلاس وارڊ ۾ هئا. شام جو کين بيرڪ ۾ ڇڏي آيس. اتي سپاهيءَ چيو تہ هنن ٻنهي کي صاحب چڪر ۾ بدلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. کين چڪر عملدار علي نواز چانڊيئي ڏي وٺي ويس ۽ فقير علي محمد نوح پوٽو جو هنڌبيوال ڪري کين پارت ڪري موٽي آيس.

3_4_82

علي نواز خاصخيليءَ چيو تہ اڄ منهنجي ملاقات تي وئي آهي ۽ طيب ميمڻ ۽ منهنجو ياءُ شاهنواز خاصخيلي ملاقات ڪرڻ ايندا. توهان ڊپٽي وصال احمد علويءَ کي منٿ ڪيو تہ ملاقات موٽائي نہ ڇڏي.

آءٌ ماڙيءَ ۾ ويس تہ طيب ميمڻ جي درخواست منهنجي ملاقات لاءِ پهتي. مون علي نواز خاصخيليءَ کي بہ گهرايو ۽ ماڙي ۾ طيب سان ملاقات ڪئي سون.

5_4_82

وارڊ جي انچارج سپاهي چيو تہ سپرنٽنڊنٽ لُنبي چڪر هڻڻ ايندو. اسان وارڊ جي ميدان ۾ ويٺا هئاسون تہ سپرنٽنڊنٽ چڪر لاءِ آيو ۽ وارڊ جي ٻاهرئين دروازي تي اسان کي چيائين تہ ڪوئي عرج برج، ڪوئي عرج برج (عرض برض) ڪرنا هي؟ ان تي مون کي سخت ڪاوڙ اچي وئي، چاڪاڻ تہ هيءُ هڪ تہ اچي دروازي تي بيٺو ۽ ٻيو وري ٻاڻ برمي ڏاريو ماٿهو. ان تي مون ڪيس چيو تہ اسان عرض جيڪڏهن تنهنجي پيءُ ضياءُ الحق کي ڪيون تہ اهو بہ اسان کي جيل مان آزاد ڪري ڇڏي، اسان ان کي بہ ٺُڪ ڪونہ هڻون، تون ڪير ٿيندو آهين عرض ٻڌڻ وارو؟ اسان عرض الله تعاليٰ کي ڪنداسين، جيڪو سيني جو عرض ٻڌڻ وارو آهي. تون هيڏي اندر وارڊ ۾ اچ ۽ پوءِ اچي اسان سان ڳالهاءِ. ان

ڳالهائڻ ڪان پوءِ ائين تڪڙو وني پوئتي پڳو جڻ "ڪُتيءَ ڪن وڍايا."

بس پوءِ تہ وارڊ جا مير الله بخش ٽالپر ۽ سندس پائر، غلام رسول لاشاري مون کي پُون پُون ڪري وني ويا تہ تو ظلم ڪري ڇڏيو. اسان سان صاحب گهٽ نہ ڪندو. جيل بدلي ڪندو، رعايتون نہ ڏيندو، ملاقات ۾ تڪليف ڏيندو. مون کين چيو تہ توهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ مون ڪيس ناجائز ڳالهايو آهي؟ چيائون تہ ناجائز تہ تون ڪونہ آهين، پر پوءِ بہ تہ صاحب آهي. مون کين چيو تہ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جو بيڙو بہ توهان ئي ميرن ۽ اهڙي ذهنيت رکندڙ ماڻهن ٻوڙيو آهي. ان تان ڪاوڙجي پيا ۽ ڪولين ۾ وڃي وينا.

6_4_82

شفيع نظاماڻي، شوڪت نظاماڻي گڏجي بي ڪلاس وارڊ ۾ آيا ۽ مون کي چيائون تہ جمال مري جيلر سان وڃي ڳالهاءِ تہ اسان کي سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي نہ ڪن. مان ماڙيءَ تي ويس. جمال مريءَ سان وڃي مليس. مون کي وڏو پاڪر پائي چيائين تہ ويهہ ڪالهہ واري صاحب سان ڳالهائڻ ڪان پوءِ ٻڌايائين تہ لنپي چيو تہ شاهہ کي ڪراچي جيل تي موڪليو پر مون کيس چيو تہ هڪ تہ ڏوهہ تنهنجو وري بدلي ٿو ڪرينس. جيڪڏهن بدلي ڪندينس تہ جيئي سنڌ جا شاگرد هتي جيل تي موچڙا هڻندئي. بس پوءِ تہ جهڙو "ڪڪڙ تي مينهن پئجي ويو" ۽ خاموش ٿي ويو.

مون کيس شوڪت نظاماڻي ۽ شفيع نظاماڻي لاءِ چيو تہ جيل بدلي نہ ڪيو. ان تي واعدو ڪيائين تہ بدليءَ جو آرڊر اچي ويو آهي، پر آءٌ پوليس لاءِ ليٽر نہ لکندس. ان دوران هنن جا مائٽ آءِ.جي جيل کان جيل بدليءَ جو آرڊر تبديل ڪرائي اچن. مون اچي شوڪت وارن کي ٻڌايو.

7_4_82

صالح برداشتي بيمار ٿي پيو آهي. ڪيس جيل جي اسپتال ۾ وني ويس. ڊاڪٽر دوا لکي ڏني، جيڪا ٻاهران گهرائي ڪيس ڏنم. علي احمد عمراڻي چيو تہ آزادي لاءِ سوا لک صلواة جو پڙهايان ٿو تون بہ هلي ويهہ. مان ان وقت تہ ڪونہ ويس، ليڪن شام جو ويس. ڪيس چيم تہ صلواة پڙهڻ سان جيڪڏهن تون جيل مان آزاد ٿي وڃين تہ پوءِ مان اربين کربين صلواة پڙهايان تہ سنڌ ظالمن جي چنبي مان آزاد ٿئي. ڪيس چيم تہ ڪيس جو بندوبست ڪر ۽ شاهدن کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪر ۽ سٺو وڪيل ڪر تہ جان آزاد ٿئي، باقي صلواة پڙهائڻ سان جيل مان آزاد ڪونہ ٿيندين. اجايا "واهڻ نہ ولوڙ."

8_4_82

شنوائي تي ڪورٽ وياسين. مون سان گڏ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي ۽ حاجي غلام مرتضيٰ قريش بہ

گڏ هليا. اتي سکر جيل کان رسول بخش ٽيپو خيرپور جيل کان قمر ڀٽي ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد کان قربان ارباب، غلام نبي پنهور، غلام رسول زرداري، ڊاڪٽر شمس گوپانگ ۽ ناز سنائي بہ آيا، جيڪي سڀئي جيئي سنڌ جا شاگرد قيدي آهن.

ملاقات تي فرمان علي شاهہ اختيار لغاري، مولا بخش ٽيپو، سيد زوار نقوي، وفا رضا بلوچ ۽ مومن مليرائي آيا. ملٽري ڪورٽ وري تاريخ 22 جي ڏني.

9_4_82

حاجي ڪسارو جتوئي ۽ غلام رسول شيخ ڪچهري ڪرڻ آيا ۽ غلام رسول شيخ چيو تہ سگريٽ ختم ٿي ويا آهن، گهرائي ڏيو. سگريٽ گهرائي ڏنامانس.

10_4_82

وارڊ کان ٻاهر نڪتس تہ هڪ خط جا سڙيل پنا ٽڪرن ٽڪرن جي صورت ۾ پکڙيا پيا هئا. پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ منل حيدريءَ جو تازو خط لکيل هو. ڏاڍو ڏک ٿيو. خط جا ٽڪرا ڪٺي ماڙيءَ تي جمال مري جيلر کي وچي ڏنم. جنهن چيو تہ توهان جو خط مون فقير غلام رسول مهر کي ڏنو هو شايد ان ساڙي ڇڏيو آهي. ارمان تہ گهڻو ٿيو پر فقير کي مون ڪجهہ بہ ڪونہ چيو.

11_4_82

منهنجو نڏيو ڀاءُ ارباب علي شاهہ ملاقات ڪرڻ آيو. ملاقات سپرنٽنڊنٽ پنهنجي آفيس ۾ ڪرائي. مون کي چيائين تہ شاهہ صاحب! توهان کي ڪا بہ تڪليف هجي تہ مون کي حڪم ڪريو. مون کيس چيو تہ الله جو فضل آهي، جيل ۾ آهيون، باقي سڀ سک لڳو پيو آهي. صرف هڪ ڳالهہ جي تڪليف آهي تہ تون اصل برما ملڪ جو آهين، چاڻو نپنو اُتي آهين ۽ هينئر هتي نارا جيل جو سپرنٽنڊنٽ آهين. بهتر آهي تہ تون اها ڪرسي ڪنهن سنڌي نوجوان لاءِ خالي ڪري ڇڏ. ان تي مون کي ڳاڙهي ٻلي وانگر دوڏا ڦاڙي ڏسڻ لڳو ۽ چيائين تہ اسان مسلمان ڀائر آهيون، اسان جو پاڪستان ۾ حق آهي، ڏوهہ تہ ناهي. کيس چيم تہ سڀ کان پهريائين تہ توهان برما وڃو ۽ اتي پنهنجي ڌرتيءَ جي خدمت ڪيو. هرو ڀرو تہ پوءِ مينارِ پاڪستان بہ لاهور ۾ اٿئي ۽ اصل پاڪستان بہ پنجاب اٿئي، اتي وڃي نوڪري ڪر. بس! پوءِ تہ ملاقات بہ ختم ٿي وئي ۽ مون کي شام تائين آفيس ۾ ويهاري بحث ڪيائين ۽ آخر تسليم ڪيائين تہ سنڌي ماڻهن سان ناانصافي آهي.

12_4_82

خبر ناهي تہ ڪھڙا بہ دوست ملاقات ڪرڻ آيا, پر جيل انتظاميہ ڪالھہ ملاقات تي وچڻ ڪري اجازت نہ ڏني. صرف سامان ڏياري موڪلياڻون.

13_4_82

صبح جو پنجين بجي کان شام جو ساڍي ڇئين بجي تائين بجلي غائب رهي, ان ڪري گودام جي اڳيان گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان فقير علي محمد نوح پوٽو محمد حسن ڪوسو ۽ علي احمد عمراڻي سان ڪچهري ڪيم.

17_4_82

شاگرد ساٿي مير حسن پلي ۽ گل محمد دل ملاقات ڪرڻ آيا. رضوان ۽ علي نواز خاصخيليءَ جي پارت ڪيائون ۽ ساڻن ملاقات لاءِ بہ چيائون. جمال مريءَ کي چيم, جنھن ملاقات ڪرائي.

فيض کوکر, امان الله شاهاڻيءَ کي وچي چيو تہ رضوان سٺي اخلاق وارو ناهي. امان الله مون کي اچي ٻڌايو ۽ فيض کوکر کي بہ گھرايوسين. جڏهن امان الله روبرو چيس تہ ڪٽي ماٺ ڪيائين. ”ڪُڇي جھڙي پِتا!“ ان تي مون کيس چيو تہ رضوان ۽ تون هڪڙي ڪيس جا سزا يافتہ قيدي آهيو ۽ ٻاهر پبلڪ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا بہ آهيو ۽ هتي توهان کي ائين نہ جڳائي جو هڪٻئي خلاف پيا گلائون ڪيو. ٻنهي کي پاڻ ۾ ناهي ڇڏيم.

20_4_82

برادرم ارباب علي شاهہ ۽ فرمان علي شاهہ ملاقات ڪرڻ آيا. محمد حسن ڪوسو ۽ رضوان پليءَ چيو هو تہ جڏهن بہ تنھنجو ننڍو ڀاءُ ملاقات ڪرڻ اچي تہ اسان کي ملائجانءِ, ان ڪري جمال مري جيلر کي چيم, جنھن ٻئي گھرائي ڏنا ۽ ملاقات ڪيائون.

21_4_82

جمال مري جيلر چيو تہ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال حميد سنڌيءَ وٽ ٻن پٽن جي داخلا لاءِ چار پنڌ ڪيم, پر بلڪل ٺُپ جواب ڏنائين. اها ڳالھہ جيل جي نئين بدلي تي آيل ڊاڪٽر آرائين سان ڪيم, جنھن چيو تہ برگيڊئر ايس.ايس.ايم.ايل.اي (سب مارشل لاء ايڊ منسٽريٽر) منھنجو دوست آهي. ان کي فون تي چيائين, جنھن پبلڪ اسڪول جي پرنسپال کي فون تي چيو جنھن وري مون کي جيل تي فون ڪري چيو تہ ڇوڪرن جا سرٽيفڪيٽ کڻي اچو تہ داخلا ڏيانوَ. اهي اٿئي حال حميد سنڌيءَ جا. مان خاموش ٿي ويس.

شام جو رضوان هرو ڀرو اچي روئڻ لڳو. مان کيس جيئن پرچائڻ لڳس, تيئن اچي زور سان روئڻ لڳو.

علي نواز خاصخيلي بہ آيو پر گهٽي پچڻ تي بہ سبب نہ ٻڌايائين.

22_4_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. رسول بخش ٿيٻو ۽ قمر پتي بہ ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي تي پهتا. ملاقات تي مورو کان سائين خدا بخش سيهڙ، حاجي عبدالحڪيم سيهڙ، محمد بخش سيهڙ آيا. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فقير داد ڪوسو وفا رضا بلوچ، سيد زوار نقوي، جيوڻ ٿيٻو ۽ ٻيا ڪافي شاگرد دوست آيا. ملٽري ڪورٽ جي انچارج ميجر غلام احمد اسان ٽن ڄڻن رسول بخش ٿيٻو قربان ارباب ۽ مون کي ڪورٽ ۾ اندر گهرايو ۽ اسان کي چيائين تہ مان بدلي ٿي پيو وڃان ۽ چاهيان ٿو تہ توهان کي ڊي ايم.ايل.اي ميجر جنرل قاضي سعيد الدين سان ملاقات ڪرايان ۽ توهان ڪيس منٿ ڪريو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ذريعي فائل ڪيوس تہ آزاد ٿي ويندؤ. ان تي رسول بخش ٿيٻو ميجر کي چيو تہ هڪ توهان اسان کي بيگناهہ جيل ۾ قيد ڪيو آهي ۽ وري منٿ بہ اسان ڪيون! سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. قربان ارباب ۽ مون کي 4_24 جي تاريخ ملي. رسول بخش ۽ قمر کي جدا تاريخ ڏنائين.

24_4_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اتي قربان ارباب ۽ ارشاد نظاماڻي سينٽرل جيل حيدرآباد کان آيا. ملاقات تي وفا رضا بلوچ، علي اصغر شاهہ، فرمان علي شاهہ ۽ قربان علي شاهہ جا ننڍڙا پٽ ممتاز علي شاهہ، مهتاب علي شاهہ ۽ ظفر علي شاهہ آيا. مون کي وري تاريخ 4_29 جي ڏنائون.

25_4_82

حسن ڪوسو کي مليريا جو سخت بخار ٿي پيو آهي. آءُ، رضوان، علي نواز خاصخيلي ڪانئس جيل جي اسپتال ۾ پڇڻ وياسون. طبيعت ڏاڍي خراب اٿس.

27_4_82

جيل سپرنٽنڊنٽ لُنبي جهيڙي ڪرڻ جي سزا ۾ پنهنجا اختيارات استعمال ڪندي شمن نظاماڻي ۽ شوڪت نظاماڻي کي پنج ۽ ڏهہ ڦٽڪا هڻايا، حالانڪ شمن نظاماڻي ٽي.بي جو مريض آهي، پر پوءِ بہ پنجابي آرائين ڊاڪٽر فٽ (Fit) جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيس.

28_4_82

ظفر شاهہ چيو تہ پنگ پيئڻ وارو ڪونڊو پڃي پيو آهي، ڪٽان بہ ۽ ڪهڙي حالت ۾ بہ هٿ ڪري ڏي، منهنجو دماغ ڦري رهيو آهي. چڪر جمعدار علي نواز چانڊيو کي پئسہ ڏنم، جنهن چيو تہ شام ٻرجيءَ تي جيڪو سپاهي چڙهندو اهو توهان کي ڏيندو. باقي ماڙيءَ تان مون کي اندر ڪونہ آڻڻ ڏيندا.

شام جو بي ڪلاس وارڊ جي پرسان واري بُرجيءَ تان سپاهي ارشد ڪوندبو لاهي ڏنو ۽ ظفر شاهه کي ڏاڍي خوشي ٿي.

11_5_82

شنوائي تي سمري ملٽري ڪورٽ ويس. رسول بخش ٿيٻو سکر جيل کان آيو. ملاقات تي پورڻ جو سيد غلام اصغر شاهه آيو. سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد ساٿي ۽ قربان علي شاهه لڪياري, ايڊوڪيٽ آيا. اسان ٻنهي کي وري گڏائي 5_22 جي تاريخ ملي.

13_5_82

رضوان پليءَ جي ملاقات تي سندس ننڍو ڀاءُ ڪاشف پلي, سندن نوڪر سليم ۽ دوست حنيف کوسو ملاقات ڪرڻ آيا. مون کي بہ ملاقات تي گهرايائون.

14_5_82

چڪر ۾ ڪٻڊي راند ٿي. اسان بہ ڏسڻ وياسون. جيل جهڙي ماحول ۾ سٺي وندر آهي. خبر ناهي تہ وري ڪڏهن لُنپي جي مٿي کي ڦيري ايندي ۽ راند بند ڪرڻ جو حڪم ڏيندو.

16_5_82

محمد حسن کوسو علي احمد عمراڻي ۽ چڪر جمعدار علي نواز چانڊيو وارڊ ۾ ڪچهريءَ تي آيا. تاس راند کيڏي سون.

17_5_82

فقير غلام رسول مهر ۽ علي نواز خاصخيليءَ جي پاڻ ۾ تلخ ڪلامي ٿي پئي. مون ٻنهي کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي, پر في الحال ٻئي دوست ڏاڍا گرم لڳا پيا آهن. جمال الدين مري جيلر کي اسپتال جي پوليس لاءِ چيم, جنهن واعدو ڪيو تہ ڏينهن ٻن ۾ توهان کي موڪليندس.

18_5_82

علي نواز خاصخيلي ۽ منهنجي ملاقات تي نواز جو چاچو ولي محمد خاصخيلي آيو.

20_5_82

اسپتال جي پوليس آئي. رضوان ۽ آءٌ گڏجي وياسون. ڪورٽ ۾ محرم ملاح مليو جنهن ٻڌايو تہ ڪورٽ مان ضمانت تي آزاد ٿيو آهيان. اسپتال مان ٿي, مورو جي سيد اطهر علي شاهه سان ڪچهري ڪيم. وري لطيف آباد نمبر ٻئي ۾ سيوهڻ واري سيد ولي محمد شاهه عرف پپو شاهه جي جاءِ تي ساٿس ڪچهري ڪيم. رضوان وري صدر ۾ پنهنجي ماسيءَ سان ڪچهري ڪري آيو. شام جو جيل تي موٽي

آياسين.

22_5_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اُتي رسول بخش ٿيبو بہ سکر جيل کان پهتو. ملاقات تي قادر جوڻيجو ولي محمد شاهہ لڪياري عرف پپو شاهہ، جيوڻ ٿيبو نواز کوسو شفقت ڏاهري، مظهر شاهہ ۽ يونيورسٽي جا شاگرد ساٿي آيا.

23_5_82

فيض کوکر مارشل لاء ڪورٽ طرفان مليل سزا پوري ڪري اڄ آزاد ٿي ويو. حسن کوسو ۽ علي احمد عمراڻي ڪچهريءَ تي آيا.

24_5_82

ظفر علي شاهہ جو ”بي ڪلاس“ ٿي ويو. سندس سامان امان الله سان رکيوسون، ڇاڪاڻ تہ سندس چوڻ آهي تہ اسان ٻئي ڇٽا گرين وسڪي جا موالي آهيون، ان ڪري گڏ هجون.

شاهنواز شيخ، لياقت علي شاهہ ۽ حسن باغي جيل تي ملاقات ڪرڻ آيا.

25_5_82

ڍورو نارو جا ساٿي مير حسن پلي، غازي خان سمو ۽ خير محمد مگريو ملاقات ڪرڻ آيا.

اڄ چڪر ۾ قيدين جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. ان ۾ غلام رسول شيخ کي ملوث ڪيو اٿن ۽ ڪيس بند وارڊ ۾ رکيائون. جمال مري سان ڳالهايم تہ شيخ کي بند وارڊ مان ڪڍو، پر جواب ڏنائين. سپرنٽنڊنٽ سان بہ مليس. ان بہ چيو تہ پہ ڏينهن ترس، بعد ۾ بند وارڊ مان ڪڍنداسونس.

28_5_82

حسن کوسو ۽ آءٌ وارڊ جي کوليءَ ۾ ويٺا هئاسون تہ قربان خاصخيلي ۽ علي احمد عمراڻي آيا ۽ چيائون تہ ٽين نمبر بيرڪ جي قيدين توهان کي امين مقرر ڪيو آهي ۽ فيصلو ڪري ڏرين کي ناهي چڏيو. آءٌ ساڻس گڏجي چڪر جي ٽين نمبر بيرڪ ۾ ويس. اتي قيدي نواز علي کوسو حاجي سليمان جتوئي، قربان لاشاري، سليم خاصخيلي، حاجي يعقوب پچو فقير علي محمد نوح پوٽو ويٺا هئا. نظاماڻين ۽ رندن جو فيصلو ڪري کين ناهي ڇڏيم.

29_5_82

وارڊ جي کوليءَ ۾ ويٺا هئاسون تہ برداشتيءَ اچي ٻڌايو تہ جن رندن جو ڪالهہ چڪر ۾ ناهہ ڪري آيا هئا، انهن ٻنهي ڄڻن مور رند ۽ جمع رند کي ملٽري ڪورٽ طرفان سزاءِ موت ٻڌائي وئي آهي. کين

سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪري ڇڏيائون. ڏاڍو ڌڪ ٿيو. خون جو ڪيس 302 ۾ قيد هئا. سندن چوڻ هو تہ مخالف اثر رسوخ وارا هئا. جن سيشن ڪورٽ مان ڪيس ڪيرائي اسپيشل ملٽري ۾ هلايو آهي.

2_6_82

رضوان کي امتحان ڏيڻو آهي، چاڪاڻ تہ فارم پبلڪ اسڪول مان پرايل اٿس. رمضان جيلر کي چيم، جنهن چيو تہ اهڙي درخواست لکي ڏيو تہ مان مارشل لاء انتظاميہ کان اجازت وٺي ڏيندس. رضوان درخواست لکي ڏئي آيس.

4_6_82

رضوان جي پيپرن ڏيڻ لاءِ اجازت آئي. ڪيس سينٽرل جيل حيدرآباد پيپرن ڏيڻ لاءِ موڪليائون.

5_6_82

ظفر شاهہ، آءٌ، بشير خان قريشي جو والد حاجي غلام مرتضيٰ قريشي ۽ ڊاڪٽر عبيدالله سولنگي گڏجي شنوائي تي سمري ملٽري ڪورٽ ۾ وياسو. سکر جيل کان رسول بخش ٿيٻو ۽ خيرپور جيل کان قمر پٽي آيا. ملاقات تي شيخ مجيب الرحمن، عابد لاکير، فقير داد کوسو لال بخش چانڊيو فرمان علي شاهہ، ابوبڪر ٻُلو قادر بخش عباسي، وفا رضا بلوچ ۽ ولي محمد شاهہ لڪياري عرف پپو شاهہ آيا. هڪ ننڍڙو ٽيپ رڪارڊ بہ جيل لاءِ ڏئي ويا. اجازت ناهي، پر لڪ چوري سيڪجهہ هلي پيو.

8_6_82

ڊاڪٽر طيب ميمڻ ۽ چندر، علي نواز خاصخيلي ۽ منهنجي ملاقات تي آيا. اسان ماڙيءَ ۾ ملاقات وٺي ڪئي تہ قادر بخش عباسي سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد ساٿي ملاقات ڪرڻ آيو.

10_6_82

صبح جو چنگل ماڇي، خان محمد جمالي، شمن جمالي، رحيم ماڇي، حسن کوسو علي احمد عمراڻي، فقير علي محمد نوح پوٽو گڏجي آيا ۽ چيائون تہ ٽيپ رڪارڊ ۾ سنڌي ڪيسٽ ٻڌاءِ. عابده پروين جي ڪيسٽ ٻڌائون. رحيم ماڇي ۽ شمن جمالي تہ اچي روئڻ ۾ شروع ٿيا. سبب پڇڻ تہ ٻڌايائون تہ پرين پيارا ياد پيا آهن.

12_6_82

رضوان سينٽرل جيل تان پرچا ڏئي موٽي آيو. ٻڌايائين تہ پيپر سٺا ٿيا آهن. اتي ڊاڪٽر دودو مهيري، قربان ارباب سٺي مدد ڪئي. دودو مهيريءَ ۽ مقبول پنهور جو خط ڏنائين.

17_6_82

بي ڪلاس وارڊ جي سپاهي قمر چانڊيو ٻڌايو تہ رات جمال الدين مري جيلر جي ماءُ وفات ڪري وئي آهي، ان ڪري پاڻ شڪارپور ڳوٺ ويو آهي. علي نواز خاصخيليءَ ۾ مون گڏجي ڪيس جيل جي معرفت ٽيليگرام روانو ڪيو.

19_6_82

شيرو ماڇي ۽ خانو جمالي هڪ خوبصورت ڇوڪري علي محمد پناڻ تان وڙهي پيا. ڇوڪرو سنڌي پناڻ نہ پر دغادا روڙا وارن يعني نسوار وارن مان آهي. هڪ ٻئي سان چڱي نموني وڙهي سچي عاشق ٿيڻ جو ثبوت ڏنائون. بعد ۾ حيدرآباد جو مشهور داداگير خميسو پٽي، حسن ڪوسو جبار ۽ علي احمد عمراڻي گڏجي آيا تہ هلي پرچائي ڇڏجين. سيئي گڏجي وياسين. هي ٻئي همراهہ بہ ڪجهہ ٿڌا هئا، چاڪاڻ تہ ڪجهہ پاڻ ۾ وڙهيا هئا ۽ ڪجهہ جيل جي عملي پيرن جي ترين تي ڏنڊا هنين. بس اسان جي وڃڻ جي دير هئي، ڪٽي ياڪر پاتائون.

20_6_82

شنوائي تي ملٽري ڪورس ۾ ويس. اُتي وفا رضا بلوچ، سيد زوار نقوي، ابوبڪر ٻُلو فقير داد ڪوسو محمد صالح راهپوٽو شيخ مجيب، فرمان علي شاهہ، ولي محمد شاهہ عرف پپو شاهہ ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا.

قمر پٽي ۽ رسول بخش ٽيبو بہ ملٽري ڪورٽ جي تاريخ تي آيا. قمر پٽيءَ کي عارضي طرح سان نارا جيل تي رکيائون. گڏجي نارا جيل تي پهتاسون. رمضان جيلر ۽ ڊپٽيءَ سان ڳالهائي بي ڪلاس وارڊ ۾ گڏ بند ٿيو.

22_6_82

قمر پٽيءَ کي ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي تي موڪليائون. وري ڪيس 28 تاريخ ڏنائون.

24_6_82

اسان جا شاگرد ساٿي سليمان جتوئي، ممتاز شيخ ۽ خدا بخش ساريو گڏجي حاجي ڪسارو جتوئي، غلام رسول شيخ ۽ منهنجي ملاقات ڪرڻ آيا.

جمال الدين مري اڄ پنهنجي ڳوٺان شڪارپور مان والده جي وفات ڪان پوءِ پهتو. ساڻس تعزيت ڪيم.

25_6_82

روزو رکڻ لاءِ جيئن علي نواز خاصخيلي اٿيو تہ مون کي بہ اچي ننڊ مان اٿاريائين ۽ چيائين تہ روزو رک. جمعي جو ڏينهن آهي. مون کيس چيو تہ، "اسان هتي جيل جي دال کائي سڪي تاڙو ٿي ويا آهيون. ٻيو وري روزو! پوءِ تہ اسان جي لاءِ ويل ٿي ويندو. ان کان سواءِ اسان سنڌي ماڻهو مظلوم قيدي آهيون ۽ مظلومن تي خدا سڀ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏيو آهي." گهڻو زور پريائين، ان ڪري هن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏجي ماني کاڌم ۽ روزو ڪونہ رکيم.

26_6_82

فقير داد کوسو اسان جو تمام پيارو ساٿي، نهايت ئي همٿ پريو ۽ بهادر آهي. ان جي والد بزرگوار لکانو کوسو کي قيد ڪري نارا جيل تي موڪليائون. هن جو بہ ڏوهہ صرف اهو آهي جو هڪ جيئي سنڌ جي بهادر ڪارڪن جو پيءُ آهي. مان ساڻس ڇهين نمبر بيرڪ ۾ ملڻ ويس ۽ ساڻس ڪچهري ڪيم.

قمر پٽيءَ کي ٻڌايو ويو تہ توکي صبحاڻي ٽين بجي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن عبدالله ميمڻ گهرايو آهي.

27_6_82

فقير داد کوسو ۽ لال بخش چانڊيو ملاقات ڪرڻ آيا. قمر پٽيءَ کي ڪمشنر عبدالله ميمڻ ڏي وٺي ويا. شام جو موٽي آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ منهنجي وڏي ڀاءُ، جيڪو پي.ايس. آءِ آهي، اُن ۽ حبيب الله ناريجي گڏجي هڪ ڪرنل جي معرفت ڊي.ايم.ايل.اي کي منهنجي آزاديءَ لاءِ چيو جنهن وري ڪمشنر کي چيو تہ قمر پٽيءَ کان مستقبل بابت پڇيس تہ جيل مان آزاد ٿي ڇا ڪندو؟ جيڪو ڪشمنر مون کان پڇيو. مون کيس ٻڌايم تہ سڀ کان پهريان ماءُ جو آپريشن ٿيو اٿم. ان کي پيرين پوندس، پوءِ جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جي اجازت ملي تہ پڙهندس.

28_6_82

قمر پٽي ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي تي ويو. وري بہ ڪيس نارا جيل تي موڪليائون ۽ 7_7 جي تاريخ ڏنائون.

29_6_82

قمر پٽيءَ کي ماڙيءَ ۾ گهرايائون. مان بہ ساڻس گڏجي ويس. رمضان جيلر چيو تہ قمر کي اسان عارضي طرح بي ڪلاس ۾ رهايو آهي، هاڻي ستين نمبر بيرڪ ۾ وڃي رهي. ان تي اسان کيس چيو تہ ستين تاريخ تائين بي ڪلاس ۾ رهڻ ڏيو. ٻئي ڄڻا موٽي وارڊ ۾ پهتاسين. ٿوري دير کان پوءِ منشي قمر پٽيءَ کي وٺڻ آيو تہ توهان لاءِ سينٽرل جيل خيرپور جي پوليس آئي آهي، تيار ٿي هلو. سامان کڻي مان

به ساٿس گڏ ماڙيءَ تائين آيس. اتي معلوم ٿيو ته سينٽرل جيل حيدرآباد بدلي ڪيو اٿن.

فقير داد کوسو جو ننڍو ڀاءُ وليداد کوسو به ڀاءُ جي بدلي ۾ گرفتار ٿي نارا جيل جي بنديخاني ۾ پهتو.

2_7_82

وليداد کوسو ۽ ان جو والد لڪانو کوسو بي ڪلاس وارڊ ۾ آيا. تڙ ڪيائون. منجهند جي ماني کارائي چڪر ۾ چڙهي آيس ۽ چڪر عملدار کي پارت ڪيم.

سينٽرل جيل حيدرآباد کان هڪ ڇوڪرو عبدالحئي سومرو مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو جي قيدي ساٿين زڪريا ميمڻ ۽ مقبول پنهور جو خط کڻي آيو جنهن ۾ لکيل هو ته هن ڇوڪري جي هر طرح پارت هجيوَ ۽ خاص خيال رکجوس.

عبدالحئي سومرو کان حال احوال پڇيم. ٻڌايائين ته شهدادپور ضلع سانگهڙ جو آهيان هڪ خوبصورت نوجوان عورت سان پيار ٿي ويو. پڪڙجي پيس ۽ هينئر قيد آهيان.

4_7_82

مورو جو سيد اعجاز علي شاهه ۽ ان جو هڪ لاشاري دوست جيل تي ملاقات ڪرڻ آيا. رفيق پٽو به ملاقات ڪرڻ آيو. وارڊ ۾ خانو جمالي، حسن کوسو قربان لاشاري ۽ علي احمد عمراڻي ڪچهري ڪرڻ آيا. خانو جماليءَ کان پڇيم ته تون نانگ ڪيئن وٺندو آهين؟ ٻڌايائين ته مان نانگن جي بادشاهه نواب محمد خان لغاريءَ جو شاگرد آهيان ۽ ان جي ٻڌايل ڏس تي نانگ پڪڙيندو آهيان. مون ڪيس چيو ته توهان جو استاد فنڪشن ۾ نانگ کان چڪ هڻائيندو آهي ۽ وري اتي ئي ماڻهو کي چاڪ ڪندو آهي، يا وري ڪينسر جي دوا ڪندو آهي. اهو ڪيئن ڪندو آهي؟ ٻڌايائين ته سڀ ٺڳي، ڪوڙ ۽ مڪر آهي. هڪ واقعو ٻڌايائين ته حيدرآباد ۾ نانگن جو فنڪشن هو. اسان به استاد سان گڏ هئاسون. ان فنڪشن ۾ انگريز به آيل هئا. انگريزن جڏهن به مُنهين بلا ڏٺي ۽ چيائون ته هن ۾ زهر ڪونه آهي. ان تي نواب محمد خان چين ته هن ۾ تمام خطرناڪ زهر آهي. بهرحال، انگريزن چيو ته اسان کي عملي طرح سان ڏيکاريو. استاد مون کي حڪم ڪيو ۽ مان پاسي تي وڃي بليڊ جو ڏاڍ ڏندن ۾ زور ڏئي جهلي موٽي آيس. استاد بلا کان مون کي چڪ هڻايو ۽ مان بلڪل پٽ تي ڪِري پيس. چپن ۽ زبان کي ٿورو بليڊ جي مٿان گهمايم ته وات مان رت وهڻ شروع ٿي ويو ۽ ان سان گڏ مون گج به وات مان ڪيڻ شروع ڪئي. انگريز مطمئن ٿيا. واهه واهه ٿي وئي. بس استاد چپن ۾ مِڻ مِڻ ڪئي، به ٽي ڦوڪون منهنجي منهن ۾ هنيائين ۽ لِڪ ۾ هٿ کي زور ڏنائين. بس، مان ٽِپ ڏئي اٿي ويٺس. پوءِ ته ڏاڍو انعام به مليو ۽ انگريزن استاد نواب محمد خان کي سرٽيفڪيٽ ڏنا. خانو ٻڌايو ته ان بلا جي قسم ۾ واقعي زهر نه هوندو

آهي ۽ انگريز سچا آهن. ڪينسر جي علاج لاءِ بہ چيائين تہ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، رڳو غريبن کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ سيڪجهہ ڪندا آهيون.

8_7_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. ملاقات لاءِ مورو کان سيد ذوالفقار علي شاهہ، ٺٽو مان جيئي سنڌ جو ڪارڪن محمد راهمون، ڄامشورو مان سليمان جتوئي، ممتاز شيخ، لياقت علي شاهہ، لال بخش چانڊيو، رفيق پتو، فرمان علي شاهہ، زوار نقوي ۽ ٻيا دوست آيا.

ذوالفقار علي شاهہ کي چيم تہ آءِ جي جيل منظور پنهور توهان جو دوست آهي. ٻن دوستن جا سزا وارا ڪارڊ جيل جي معرفت موڪليندس، انهن کي معافي وٺي ڏي. ڪيس رضوان پلي ۽ علي نواز خاصخيليءَ جا نالا لکي ڏنم. موٽي اچي جمال الدين مريءَ کي چيم، جنهن رضوان ۽ علي نواز خاصخيليءَ جا سزا وارا ڪارڊ ڪڍي سفارشي ليٽر لکي آءِ جي جيل جي آفيس روانو ڪيو. خيرپور ميرس جو مرحوم لالہ اسد شيخ جو پياءُ حفيظ شيخ عرف پپني ڪچهري ڪرڻ آيو. ڪيس ڪجهہ ڏينهن ٽيندا تہ قيد ڪري موڪليو اٿن.

10_7_82

آءِ جي جيل، رضوان پلي ۽ علي نواز خاصخيليءَ کي ٽيهہ ٽيهہ ڏينهن معافي ڏئي ڪارڊ روانا ڪيا، پر پوءِ بہ ست ڏينهن آزاد ٿيڻ ۾ لڳن پيا.

12_7_82

جمال الدين مريءَ سان باقي رهيل معافيءَ لاءِ ڳالهايم، جنهن چيو تہ رضوان کي تہ باقي بہ ٽي ڏينهن آهن، ان کي ملي ويندي. باقي علي نواز سرڪاري ملازم آهي، ان ڪري اسان لاءِ مسئلو پيدا ٿي پوندو.

15_7_82

وارڊ جي ڪوليءَ ۾ وينا هئاسون تہ منشيءَ اچي ٻڌايو تہ رضوان جي آزادي آهي، ماڙيءَ تي اچي. رضوان، آءٌ ۽ علي نواز ماڙيءَ تي وياسين. جمال الدين مري ٻڌايو تہ ماستر سميع ميمڻ جو ٻي ڪلاس ٿي ويو آهي. ڪٿ نہ هئڻ ڪري جيل سپرنٽنڊنٽ باقي رهيل بہ ڏينهن معافي ڏئي آزاد ڪري ڇڏيس. مون ڪيس چيو تہ علي نواز جا باقي ست ڏينهن رهن ٿا، ان جي بہ صاحب کان معافي وٺي ڏيو تہ ٻئي ڄڻا گڏ آزاد ٿين. چيائين تہ مير الله بخش ٽالپر کي وڃي موڪليو تہ صاحب کي معافي لاءِ چئيس. باقي مان سنئون سڌو چوندو سانس تہ سمجهندو تہ پئسہ ورتا اٿس، ان ڪري اسان وڃي مير الله بخش ٽالپر کي موڪليو جنهن لنبي سپرنٽنڊنٽ کي چيو ۽ مٿان جمال الدين مري ڪارڊ ڪٽي وڃي چيائينس تہ معافي

ڏيوس، غريب آهي ۽ ائين معافي ملي ويس ۽ ٻئي ڇٽا قيد مان آزاد ٿي ويا. فيروز ميمڻ جيل تي ملاقات ڪرڻ آيو.

18_7_82

اڄ جيل سپرنٽنڊنٽ چڪر ڏيڻ لاءِ پنهنجي پوري اٽالي سان سيٽيون وڄرائيندو اسان جي وارڊ ۾ پهتو. اچڻ شرط مون کان پڇيائين تہ تون ڪهڙي نمبر ڪوليءَ ۾ رهندو آهين؟ ائين چئي منهنجي ڪوليءَ ۾ اندر گهڙي پيو ۽ پنجابي صوبيدار صادق کي چيائين تہ جهڙتي وٺ. ان سڄي ڪوليءَ جي جهڙتي ورتي، پر ڪابہ جيل قانون خلاف شيءِ هٿ ڪانہ آين. مون کي چيائين تہ تو وٽ ٽيپ رڪارڊر آهي ۽ تون چڪر جي قيدين سان ڪچهريون ٿو ڪرين. مان تنهنجو بي ڪلاس ختم ڪري ڇڏيندس. مون ڪيس چيو تہ آءُ توکي منع ٿو ڪريان ڇا؟ ڀلي ختم ڪري ڇڏ. حالانڪ مون وٽ ٽيپ رڪارڊر ان ڪوليءَ ۾ پيل هو جيڪو مون معمول مطابق لڪائي رکي ڇڏيو هو ۽ هنن کي هٿ نہ لڳو.

20_7_82

ظفر شاهہ، آءُ ۽ مرحوم لالا اسد شيخ جو ڀاءُ حفيظ شيخ عرف پپني گڏجي ملٽري ڪورٽ جي شنوائيءَ تي وياسون. اتي سينٽرل جيل حيدرآباد ڪان مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو جو شاگرد زڪريا ميمڻ، يوسف ڳاهو قربان ارباب، غلام النبي پنهور ۽ قمر پيتي آيا. ملاقات تي تاج جويو فقير داد ڪوسو محمد راهمون، زوار نقوي، وفا رضا بلوچ ۽ ٻيا دوست آيا. دوستن سان ڪچهري ٿي. زڪريا ميمڻ چيو تہ عبدالحي سومرو منهنجو دوست آهي، ان جو هر طرح خيال رکجانءِ. مون ڪيس چيو تہ تون دڙو ضلع ٺٽو جو ۽ هي شهدادپور ضلع سانگهڙ جو! چيائين تہ منهنجو جيل جو دوست آهي. ان تان ٻين دوستن پوڳ چرچا ڪيس، پر پنهنجي پياري مخصوص ڪلڻ واري انداز ۾ سيني کي چپ ڪرائي ڇڏيائين.

نارا جيل تي موٽي آياسين. صرف پندرنهن منٽن ڪان پوءِ منشي، حفيظ شيخ عرف پپنيءَ کي چيو تہ توهان آزاد ٿي ويا آهيو ٽپڙ ڪٺي هلو. اسان سيئي گڏجي ڪيس ماڙيءَ جي دروازي تي ڇڏي آياسين.

21_7_82

منهنجو ننڍو ڀاءُ ارباب علي شاهہ جيل تي ملاقات ڪرڻ آيو ۽ ٻڌايائين تہ امان سخت بيمار آهي. مون ڪيس چيو تہ سڄي سنڌي قوم جون عورتون پنجاب وٽ غلام آهن. سنڌ ڌرتيءَ جو جسم لانگ بوٽن جي هينان چيپاٽجي رهيو آهي ۽ ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙي يرغمال بنايو ويو آهي. جيڪڏهن امان بيمار آهي تہ مڙوئي خير آهي. ڌرتي ماءُ ڪان ان جو رتبو وڌيڪ نٿو سمجهان.

27_7_82

اڄ رمضان جي عيد جو ڏينهن آهي. جيل سپرنٽنڊنٽ جيل جي هڪ حافظ قيديءَ کي حڪم ڪيو تہ عيد نماز پڙهاءِ ۽ اهو نماز پڙهائڻ جي تيارين ۾ لڳي ويو حالانڪ اهو حافظ سڳورو مسجد ۾ هڪ ڇوڪريءَ سان زوري زنا جي ڪيس ۾ قيد هو. گهڻن قيدين (آءٌ پاڻ بہ انهن ۾ شريڪ هوس) عيد نماز ڪانہ پڙهي. ڪجهہ قيدين چيو تہ اسان مجبور قيدي آهيون، پيو ڪير نہ آهي تہ پوءِ ڪاڏي وڃون. مون ڪين چيو تہ سپرنٽنڊنٽ جيڪڏهن گڏهہ کي پيش امام ڪري بيهاري تہ پوءِ ان جي پٺيان بہ نماز پڙهندؤ؟ چيائون تہ نہ. مون ڪين چيو تہ گڏهہ پوءِ بہ پنهنجي مالڪ کي ڪمائي ڪارائيندو آهي، هي مُلو تہ ان گڏهہ کان بہ پري آهي.

حاجي غلام مرتضيٰ قريشي، غلام رسول شيخ، حسن ڪوسو فقير علي محمد، وليداد ڪوسو لکانو ڪوسو ۽ ٻيا ڪافي جيل جا قيدي بي ڪلاس وارڊ ۾ آيا. حال سارو سنڌن خدمت ڪئي سون. سڄو ڏينهن ڪچهريءَ ۾ ڪل پوڳ ۾ گذريو.

24_7_82

حاجي ڪسارو جتوئي، حاجي غلام مرتضيٰ قريشي، غلام رسول، وليداد ڪوسو لکانو ڪوسو صوف ڪوسو ظفر شاهہ ۽ اسان گڏجي ڪچهري ڪئي.

غلام رسول لاشاريءَ چيو تہ مون سان گڏجي هل ۽ جمال مري جيلر کي هلي چؤ تہ مون کي شهر ۾ فون ڪرڻي آهي، ڇاڪاڻ تہ منهنجو وڏو ڀاءُ بخت کهاوڙ جو ضامن پيو هو ان کي پوليس تنگ ٿي ڪري. ان ڪري جيڪي منهنجا دوست صوبيدار آهن، انهن سان ڳالهائيندس. جمال الدين کي چيم، جنهن ٽيليفون لاشاري جي حوالي ڪري ڇڏي.

26_7_82

سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڪائونٽس برانچ جو ڪلرڪ نثار جوٽيجو گرفتار ٿي جيل تي پهتو. مون کي ماٿهو موڪليائين. ساٿس وڃي مليس ۽ چڪر عملدار علي نواز کي هن جي پارت ڪيم. ڪاشف پليءَ جو ڊورو نارو مان خط آيو. گل محمد سنجراڻي ڪچهري ڪرڻ آيو. زرداري قيدي شهدادپور ضلع سانگهڙ جا قيد ٿي آيا آهن.

28_7_82

خانو جمالي، ميرو مري، شمن جمالي، حسن ڪوسو آيا. جن چيو تہ زرداري قيدين کي ڏنڊا ٻيڙي هٽي بند وارڊ ٿا ڪن. توهان جمال الدين مري جيلر سان ڳالهايو. مان ماڙيءَ ۾ ويس تہ جمال اڳ ۾ ئي سپرنٽنڊنٽ لُنڊي ٻاهر آيو ۽ پاڻ بيهي زرداري قيدين کي ڏنڊا هٽايا ۽ حڪم ڏنائين تہ جيستائين پئسہ

نہ ڏين، اوستائين بند وارڊ ۾ رکون.

30-7-82

محمد حسن کوسو آيو جنهن چيو تہ زردارين جي ٻن نوجوان ڇوڪرن بک هڙتال ڪئي آهي ۽ ٻہ ڏينهن گذري وڃڻ ڪري ڪمزور ٿي ويا آهن.

31-7-82

قيدين ٻڌايو تہ بند وارڊ ۾ زرداري ڇوڪرن جي حالت خراب ٿي وئي آهي. ڇڪر جي قيدين بک هڙتال ڪئي آهي ۽ پتو واپس ڪري ڇڏيائون. ان ڪري زرداري ڇوڪرن جون ڏنڊا ٻيڙيون لاهي جيل جي اسپتال ۾ داخل ڪيائون.

26-9-82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. سکر جيل کان رسول بخش ٿيٻو بہ آيو. ملاقات لاءِ برادرم ارباب علي شاهہ، قربان علي شاهہ، فرمان علي شاهہ، تاج جويو، سڪرنڊ مان استاد مير حسن لاکو مورو کان محمد منل ڪمالاڻي عرف منل ترابي آيا. ان کان سواءِ ڊاڪٽر مولا بخش ٿيٻو رئيس علڻ خان ٿيٻو بہ آيا. جن ٻڌايو تہ شيخ مجيب الرحمن کي ظهور حسن ڀوپالي ڪراچيءَ واري قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪري پوليس ڪراچي تشدد واري سيل ۾ رکيو اٿن. ڏاڍو ڏک ٿيو.

27-9-82

گورنر سنڌ، صوبي جي قيدين کي هڪ مهينو عام معافي ڏني آهي. نارا جيل مان بہ ڪافي قيدي آزاد ٿيا، جن ۾ عبدالحي سومرو، قربان لاشاري، بي ڪلاس وارڊ جو بورچي منظور ٻين قيدين سان گڏ آزاد ٿيا.

جيئي سنڌ محاذ جو هڪ ڪارڪن غلام رسول عرف "مستانو" ۽ ڏاڙيل حسن ماڇيءَ کي ماني ڪارائڻ ۽ پناهہ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ سعيد آباد جو هڪ وڏيرو نواب دَل قيد ٿي نارا جيل پهتا. مستانو کي پنهنجي وارڊ ۾ وٺي آيس. ڪيس تڙ ڪرائي، پنهنجا ڪپڙا پارايم. چاڪاڻ تہ لاڪ اپ ۾ رهڻ ڪري ڪپڙا ميرا ٿي ويا هيس.

شام جو اسان جي وارڊ جو بورچي منظور واپس آيو ۽ چيائين تہ منهنجو اٺ سؤ روپيہ ڏنڊ رهيل آهي، ان ڪري آزاد نہ ڪيائون.

28-9-82

اڄ عيدالاضحيٰ آهي. بي ڪلاس وارڊ جي قيدين ۽ ڇوڪرا وارڊ جي قيدين کي عيد نماز پڙهڻ لاءِ وارڊ جو دروازو نہ کوليائون. وارڊ جي سپاهي جعفر ڪالرو کان پڇيوسون، جنهن چيو تہ سپرنٽنڊنٽ چيو

آهي ته بي ڪلاس جا قيدي نماز ڪونه ٿا پڙهن. ان ڪري کين ٻاهر نه ڪڍجو. دير سان آءٌ چڪر ڏي ويس ۽ ساڻن عيد ملي آيس. نياز چانڊيو ۽ لعل خان سيال تنڊو ڄام جا قتل ڪيس ۾ آهن. اُهي نواب خان دل، حسن کوسو علي احمد عمراڻي، غلام رسول مستانو شفيع کوسو فضل پچوهُ ۽ ٻيا ڪجهه قيدي پاڻ سان گڏ بي ڪلاس وارڊ ڏي وٺي آيا. ماني گڏجي کاڌي سون.

29_9_82

نياز چانڊيو ۽ علي احمد عمراڻي آيا ۽ چيائون ته توهان جي عيد پارٽي ڪئي اٿئون. چڪر ڏي گڏجي هلو ته ماني کائون. اتي نواب خان دل کي وٺي آيا. ڏاڍي مزيدار ڪچهري ٻڌايائون. ڏاڍو زنده دل ۽ کل مک ماڻهو آهي. حالانڪ هيءُ به سنڌ جي عام وڏيرن وانگر نپ اڻ پڙهيل آهي ۽ جيترو پاڻ بدن ۾ صحتمند آهي، اوترو عقل به ٿُلهو اٿس.

30_9_82

گل محمد سنجراڻي آيو. جنهن چيو ته اسان جي بيرڪ وارن قيدين توهان جي عيد پارٽي ڪئي آهي، هلو ته گڏجي ماني کائون. نواب خان دل کي به اُتي وٺي آيا. ماني گڏجي کاڌي سون.

1_10_82

وارڊ جو سپاهي جعفر ڪالرو دروازي جي چاٻي ڇوڪرا وارڊ جي هڪ ڇوڪري رياض پنجابيءَ کي ڏئي پاڻ بورچي خاني مان ماني کاڻ ويو. مون دروازو کڙڪايو ته ڇوڪرو آيو. کيس چيم ته دروازو کول. چيائين ته نه کوليندس. جڏهن سپاهي آيو ته دروازو کوليائين. مون دروازو نه کولڻ جو سبب ڇوڪري کان پڇيو ته مون سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. مون سپاهي کان ڏنڊو ورتي (جيڪو هر هڪ سپاهي کي ساڻ هوندو آهي)، ڇوڪري کي مٿي ۾ هنيو. ڇوڪري جو مٿو ڦاٽي پيو. سپاهيءَ چيو ته سائين! ظلم ڪري ڇڏيئي. هاڻي جيڪڏهن سپاهي ٿو دانهن ڏئي ته ڦچندس ته تون بورچيخاني ۾ ڇو وئين؟ ان ڪري ڪٽي ماٺ ڪيائين. صوبيدار صادق سان سپاهي جي اڻ ٻڌت ڪري، صوبيدار رياض ڇوڪري کي گهرايو ۽ رمضان جيلر وٽ پيش ڪيائون. جنهن تيرهون نمبر رجسٽر ۾ داخلا ڪئي.

2_10_82

صبح جو جعفر سپاهي کي بدلي ڪري ان جي جاءِ تي جانو پنجابي سپاهي مقرر ڪيائون. غلام نبي شاهه ۽ فقير غلام رسول مهر چيو ته سپاهي عبدالرزاق ۽ شاهنواز کي تون چئُو ته رات اسان کي هڪ ڪوليءَ ۾ بند ڪن. چاڪاڻ ته وڏي اسر مهل تاري تاس پيئنداسون. مون کائڻن پڇيو ته تاري تاس جا آهي؟ چيائون رات جا تارا بيٺل هجن ته ينگ گهوٽي اُج لاهينداسون. مون انڪار ڪيو. پاڻ سپاهين

ڪي گهٽو چيائون. پر جدا جدا بند ڪيائون. سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد ساٿي محمد حسين پنهل گرفتار ٿي جيل پهتو.

3_10_82

شيخ مجيب الرحمن ۽ نور احمد ملاقات ڪرڻ آيا. پوليس جي تشدد جا نشان صاف ڏسڻ ۾ پئي آيا ۽ ڪمزور بہ ڏاڍو هو. ٻڌايائين تہ پڇا ڳاڇا ڪري ڪالهہ آزاد ڪيائون. سوچيم تہ تنهنجي ملاقات ڪري پوءِ ڳوٺ دادوءَ وڃان.

4_10_82

جمال الدين مري جيلر هڪ اردو جو پراڻو ڪتاب ڏنو جنهن تي نہ مصنف جو نالو آهي ۽ نہ ڪتاب جو نالو آهي. ان ۾ اندرين صفحن تي برصغير جي مشهور عالم سيد عطاء الله شاهہ بخاريءَ جو شعر جيڪو هن پنجاب لاءِ لکيو آهي، پڙهيم. شعر هي آهي:

1_ نويد مر ڪشوري مردود مرتاب، بشومي هائي ڪفر آباد پنجاب

ڪويہ ملڪ مردود. تڙيل ۽ بدبختن وارو نہ ڏنم جهڙو پنجاب آهي.

2_ چہ ملڪ؟ ننگ وعار هفت ڪشور، ز شرق وغرب بادش خاڪ برسر

ڪهڙو تہ ملڪ آهي؟ ستن ولايتن ڪي لڄائيندڙ اولهہ اوڀر جي ڌوڙمٽي تي هجيس.

3_ خمير طينتش مردم ڪشيها، ز قتل مسلمش باشد خوشيها

ان جي مٽيءَ ۾ انسان ڪُهڻ آهي ۽ مسلمانن ڪي قتل ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا.

4_ چہ پيرانش؟ مريدانِ فرنگي، لقب ڪافور وذات پاڪ زنگي

ان جي مرشدن جو ڇا ٿو پڇين؟ انگريزن جا مريد آهن. لقب تہ اُڇا پر ذات جا ڀنگي آهن.

5_ ز نواب ورئيانش چہ پرسي؟ سگ وسگزادگان ڪرسي بہ ڪرسي

ان جي نوابن ۽ رئيسن جو ڇا ٿو پڇين؟ ڪتا ڪتي جا پٽ پيڙهي بہ پيڙهي آهن.

6_ چنان فرزند نا هموار زايد، ڪہ از خر قيمتش برتر نيايد

اهڙو تہ ڦِڏو ڦر ڄڻين ٿا جو گڏهہ ڪان بہ قيمت گهٽ اٿس.

7_ چڪد از لالہ اش خونِ مسلمان، ازو نالان حجاز ومصر وايران

انهن جي ڳلن تان مسلمانن جو رت ٽمي ٿو انهن ڪان حجاز مصر ۽ ايران بيزار آهن.

8_ جوانانش غلامانِ فرنگي، پناهِ شاهہ بد امانِ فرنگي

انهن جا جوان انگريزن جا غلام آهن، جن جي پناهہ گاهہ انگريزن جي جهولي آهي.

9_ چه پنجاب؟ آن فرنگي را معسکر، معسکر را غلام احمد پيمبر

ڪهڙو پنجاب؟ اهي ته انگريز جو لشڪر آهن ۽ ان لشڪر جو پيغمبر غلام احمد قادياني آهي.

10_ فضايش ڪفر ريزد ڪفر بيزاست، به آئينِ الاهي درستيزاست

پنجاب جون هوائون ڪفر پوکيندڙ آهن ۽ ڪفر ڦٽائيندڙ آهن ۽ الله تعاليٰ جي آئين سان جنگ ڪندڙ آهن.

11_ به ملڪ شد ارض الجواسيس، نه جان محفوظ نه مسئون نواميس

هندستان جي ملڪ ۾ اها جا سوسن جي زمين آهي، جتي نه جان محفوظ آهي ۽ نه وري عزتون محفوظ آهن.

12_ زميني فتنه زائي فتنه خيزي، که شيطان پيش پايش سجده ريزي

اها اهڙي ته زمين آهي، جيڪا فتنو جڻي ٿي ۽ فتنو پيدا ڪري ٿي. شيطان به انهن جي پيرن تي سجدا ڪري ٿو.

7_10_82

جمال الدين مري جيلر جو سالو ظفر شيخ ۽ ان جو دوست آيا ۽ جمال ڪي چيائون ته علي محمد شاهه ڪان فقير داد ڪوسو ۽ وفا رضا بلوچ ڏي خط وٺي ڏي ته اسان ڪي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ ڪمرو وٺي ڏين. خط لکي ڏنم.

9_10_82

جمال الدين مري ٻڌايو ته چوڪرن ڪي ڪمرو ملي ويو آهي، فون ڪري ٻڌاياڻون. رات جي ماني کائڻ ڪان پوءِ اٺين بجي ڏاري گڙدي ۾ سخت سور اچي پيو. پيشاب بند ٿي ويو. هر هر اُلٽي پئي اچي. ڏاڍي درد تڪليف پهچائي. جيل جا قيدي ڪمپائونڊر مشتاق عباسي کي وٺي آيا، جيڪو مون کي اسپتال ۾ وٺي ويو ۽ دوائون کارايائين. رات جو خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل سور مان جان ڇٽندي.

10_10_82

ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي ٿي ويس. رسول بخش سکر جيل ڪان پهتو. ملاقات لاءِ غلام اصغر شاهه، علي نواز خاصخيلي، دولتپور صفن ڪان غلام مصطفيٰ عرف ڪرڙ خان هٽيپوٽو ان جو والد، جيوڻ ٿيٻو لال بخش چانڊيو وفا رضا بلوچ، قربان علي شاهه، ان جا ننڍڙا پٽ ممتاز علي شاهه، مهتاب علي شاهه ۽ فرمان علي شاهه آيا.

17_10_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. سکر جيل کان رسول بخش ٽيپو سينٽرل جيل حيدرآباد کان ڊاڪٽر دودو مهيري، غلام النبي پنهور، قربان ارباب پهتا. مُلاقات تي لال بخش چانڊيو فقير داد کوسو وفا رضا بلوچ، ولي محمد شاهہ لڪياري عرف پپو شاهہ، شيخ مجيب الرحمن، سليمان جتوئي، يوسف ڳاهو ۽ ٻيا ڪافي دوست آيا.

18_10_82

نظام الدين پنهور جي ملاقات آئي. ڪيس ٻڌايائون تہ سندس والد وفات ڪري ويو آهي. غلام النبي شاهہ، فقير غلام رسول مهر ۽ آءٌ گڏجي وياسين ۽ سندس والد جي وفات تي هٿ سنوان ڪياسون.

فقير غلام رسول مهر چيو تہ ڏهہ رپيا اڌارا ڏي، مون کيس ڏنا. پوءِ خبر پئي تہ چرس گهرايو اٿس. ڏاڍو ارمان ٿيم اهڙي سنڌي نوجوان تي. گهڻوئي سمجهايانس ٿو "پر چري ڪيئن، جي ويران ويران وڻ" وارو لقاءُ آهي.

27_10_82

سڄي جيل ۾ جيڪي بہ شيعا مسلمان هئا، ڏهين محرم جي نسبت سان چڪر ۾ ماتم ڪيائون. جمال مريءَ کي چيم تہ سيني شيعن جو چڪر جي ڇهين نمبر بيرڪ ۾ ٽوٽل ڪيو ۽ کين رات هڪ ٽيپ رڪارڊر بہ گهرائي ڏيو تہ جيئن نوحہ، مرثيہ يا شامِ غريبان ٻڌن. ٽيپ گهرائي ڏنائين ۽ ٽوٽل بہ سيني شيعن جو ڇهين نمبر بيرڪ ۾ ٿيو.

30_10_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. اتي ملاقات ڪرڻ لاءِ رئيس علڻ خان ٽيپو فقير داد کوسو وفا رضا بلوچ، يوسف ڳاهو فرمان علي شاهہ ۽ ڪجهہ ايل.ايم.سي ڄامشورو جا شاگرد ساٿي آيا، جن ٻڌايو تہ سينٽرل جيل حيدرآباد تي ڊاڪٽر دودو مهيري، غلام النبي پنهور، قربان ارباب ۽ قمر پٽي وارن بک هڙتال ڪئي آهي تہ سمري ملٽري ڪورٽ جو مقصد آهي تڪڙو فيصلو ڏيڻ تہ پوءِ سنڌي شاگردن کي ٻہ ٻہ سال ٽي ٽي سال جيل ۾ گذري ويا آهن، سندن ڪيس ڇو نہ ٿا هلايا وڃن؟ اهي هلايا وڃن.

1_11_82

چڪر ۾ عبدالستار ميمڻ ۽ عبدالمجيد ميمڻ جيڪي ٽنڊو محمد خان جا هئا، مون کي، غلام النبي شاهہ ۽ امان الله شاهاڻي کي وٺڻ آيا تہ امامن جو نياز ڪيو اٿئون، هلي کائو. اسان گڏجي وياسون.

6_11_82

غلام النبي شاهہ چيو تہ ڪئميرا گهرائي اٿم، جلديءَ ۾ تڪڙا فوٽو ڪڍي ٻاهر موڪليون، جيئن

پڪڙجي نه پوي. فوٽو ڪڍياسون. جنهن ۾ چڪر جي به ڪافي قيدي دوستن جا فوٽو ڪڍياسون.

10_11_82

فقير غلام رسول مهر چيو ته مارڻيءَ تي گڏجي هل ته سزا جو ٽوٽل ڪرايون ته باقي گهٽا ڏينهن ٿا بچن؟ مارڻيءَ تي ٽوٽل ڪرايوسون ته باقي سزا چوڏهن ڏينهن رهيل هئي. فقير مون کي چيو ته مير الله بخش ۽ جمال مريءَ کي چئو ته سپرنٽنڊنٽ لنبيءَ کان چوڏهن ڏينهن معافي وٺي ڏين.

11_11_82

مير ۽ جمال مريءَ کي فقير جي سزا ۾ قيد چوڏهن ڏينهن معاف ڪرڻ لاءِ چيم ته سپرنٽنڊنٽ کان وٺي ڏيو. پنهي واعدو ڪيو ته هاڻي گڏجي منٿ ڪيونس ٿا. ان دوران فقير غلام رسول جو والد ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو جنهن لنبي سپرنٽنڊنٽ کي چيو ۽ باقي رهيل ڏينهن سزا ۾ قيد جا معاف ٿي ويس. اڄ فقير غلام رسول آزاد ٿي ويو.

13_11_82

ملٽري ڪورٽ ۾ شنوائي ٿي ويس. سکر جيل کان رسول بخش ٿيٻو ۽ سينٽرل جيل حيدرآباد کان ڊاڪٽر دودو مهيري، قربان ارباب، غلام النبي پنهور، قمر پٽي آيا. سيني کي وري 25 تاريخ ملي.

ملاقات تي وفا رضا بلوچ، غلام النبي سومرو، قادر بخش عباسي، علي مراد لُنڊ، فيض الله پيرزادو، ادريس چانڊيو، حفيظ شيخ، شاهنواز شيخ ۽ ٻيا ڪافي ساٿي آيا.

19_11_82

جيل جي اسپتال جو ڪمپائونڊر نادر خوجا ڪچهري ڪرڻ آيو. مون کيس ڪئميرا جي رول لاءِ چيو ۽ پئسه ڏنا. شام جو رول کڻي آيو. چڪر ۾ هڪ فوٽو گرافر قيدي آهي، ان کي گهرايم. جنهن فوٽو ڪڍيا.

23_11_82

اکين جي اسپتال جي پوليس آئي. مون سان گڏ فقير علي محمد نوح پوٽو به اسپتال هليو. اکين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر سيد ڏنل شاهه مليو. اهڙيءَ طرح هٿ ڏنائين جيئن مان سندس پريءَ جو واقفڪار هجان ۽ اهڙو نمونو اختيار ڪيائين. جيئن آءٌ ساٿس وڌيڪ ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪيان. حالانڪ سندس ننڍو ڀاءُ اطهر علي شاهه ۽ ڀائٽيو سيد ذوالفقار علي شاهه منهنجا تمام عزيز ۽ پيارا آهن ۽ ان کان سواءِ سندس ڀاءُ مهراڻ ڪاليج مورو جو پرنسپال سيد علي بخش شاهه منهنجو انتهائي شفيق ۽ مهربان استاد آهي. جيڪو به ڊاڪٽر جو وڏو ڀاءُ آهي. بهرحال، مون ساٿس وڌيڪ ڪجهه به نه ڳالهايو ته متان جيئي

سنڌ وارن سان ملڻ جي ڪري نوڪريءَ تان لهي نه وڃي.

24_11_82

چڪر عملدار علي نواز چانڊيو بي ڪلاس وارڊ ۾ آيو. مون کي چيائين ته شام پنهنجي برداشتيءَ ارباب جيسر کي چڪي ڏي وٺي اچجانءِ ته انور پنهور سان چرچا ڪري. شام جو غلام نبي شاهه، آءٌ، ارباب جيسر گڏجي وياسون. چڪر جي ميدان تي اڳيئي انور ڪانپ بڏيو ويٺو هو. اسان جو پهچڻ ۽ چرچا شروع ٿي ويا. گهڻي پوڻ کان پوءِ انور چيو ته مون ارباب جي آنڪي پري، وري چڪر عملدار چرچا ڪيس، پر ان کي به مات ڪرائي ڇڏيائين.

8_12_82

شنوائي تي ڪورٽ ۾ ويس. رسول بخش ٿيبو دودو مهيري، قمر پٽي، قربان ارباب وارا به شنوائي تي آيا. ملاقات تي مامو فيضل شاهه ۽ ان جو ننڍڙو پٽ انور علي شاهه، برادرم، ارباب علي شاهه، قربان علي شاهه، فرمان علي شاهه، سردار علي شاهه، قادر جوٽيجو علي نواز خاصخيلي، رضوان پلي، شيخ مجيب جو ننڍو وياءُ خان شيخ آيا.

قمر پٽيءَ جي ضمانت جو ليٽر، ڊي.ايم.ايل.اي آفيس مان ملٽري ڪورٽ ۾ پهتو. سندس وڏي ياءُ محمد خان ضمانت ڏئي قمر کي آزاد ڪرايو.

10_12_82

جمال الدين مري ۽ مون ڪچهري ويٺي ڪئي ته رمضان جيلر، پتو ڪلرڪ ۽ شجاع ڪلرڪ آيا ۽ ٻڌايائون ته ڪالهه شام ميجر مسعود جو ٽيليفون آيو هو. علي محمد شاهه کي گهرايو اٿن. پر اڄ پوليس نه اچڻ ڪري ڪيس موڪلي نه سگهياسين. ان تي جمال الدين مري کيس چيو ته آئنده جيڪڏهن فون اچي ته مون کي ٻڌائجانءِ.

اڄ قائم مقام آءِ.جي جيلن جو ۽ ڊپٽي هوم سيڪريٽري جيل جو اچانڪ دورو ڪيو ۽ پڪن قيدين (سزا يافته) کي سزا جي حساب سان ٻه مهينا معافي ڏئي ويو. بي ڪلاس وارڊ ۾ اسان وٽ ڪونه آيو.

11_12_82

وارڊ ۾ ويٺو هوس ته منشيءَ اچي چيو ته توهان کي مارشل لاء وارن ڏي وٺي وڃڻ لاءِ پوليس ماڙيءَ ۾ بيٺي آهي. آءٌ تيار ٿي آيس ۽ پوليس مون کي ڊي.ايم.ايل.اي ميجر جنرل شريف جي اڳيان پيش ڪيو. ميجر جنرل جي آفيس ۾ اندر داخل ٿيس ته ڦرٽي ڪرسيءَ جي پٺ دروازي ڏي هئي ۽ صاحب موصوف پٺ ۾ منهن وجهيو ليٽر پئي پڙهيو. مان السلام عليڪم چيو. ڪاٻه ورندي ڪانه ڏنائين. پنجن منٽن

ڪان پوءِ ڪرسي ڦري ۽ مون کي ڏسي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ هٿ جو اشارو ڪيائين. مان ويهي رهيس. مون کان مڪمل بايو ڊيٽا پڇيائين. ان ڪان پوءِ چيائين تہ توکي جيل ۾ تي سال ڪن ٿي ويا آهن, ان ڪري اسان توکي ضمانت تي آزاد ٿا ڪيون ۽ پوليس وارن کي گهرائي چيائين تہ ميجر مسعود سان وڃي ملو. ميجر مسعود سان ملياسين, جنهن مون کي چيو تہ ويهہ هزار روپين جي ضمانت ڪير بہ ڪٽي اچي تہ توکي آزاد ڪيو ويندو. ٻاهر نڪري آيس تہ سليمان ڏاهريءَ جا مائٽ, اقبال ناريجو جا مائٽ, قربان ارباب جو والد ۽ غلام النبي پنهور جا پائر ضمانت لاءِ ڪاغذ ڪنيو ويٺا هئا. مان موٽي نارا جيل تي پهتس ۽ نادر خواجہ ڪمپائونڊر کي چٺي لکي قربان علي شاهہ ڏي ڏنم تہ ضمانت لاءِ بندوبست ڪري.

15_12_82

اڄ ضمانت جو ليٽر پهتو ۽ جيل مان سيني قيدي ساٿين ڪان موڪلائي ٻاهر آزاد فضا ۾ قدم رکيم تہ قربان علي شاهہ, سيد غلام رسول شاهہ رفاعي ۽ فرمان علي شاهہ بيٺا هئا. گڏجي گهر پهتاسين. مان ڪائنڻ موڪلائي اچي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ساٿين سان ڪچهري ڪئي ۽ رات بہ اتي رهيس.

# سِپ پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. ستارن جا رستا | (شاعري) | رضا ڏاهري |
| 2. سپنا ساڳيءَ مُند جا (نواب شاهه جي شاعرن جو تعارف ۽ ڪلام) | | |
| 3. سپنو سنڌو ديس جو | (شاعري) | بخشل باغي |
| 4. مٽيءَ جي خوشبو | (شاعري) | بخشل باغي |
| 5. رنگ پنهنجي پيار جا | (شاعري) | ستار سُندر |
| 6. ڪليسا جي دريءَ مان | (شاعري) | رحمت پيرزادو |
| 7. درد جون آيتون | (شاعري) | سعيد ميمڻ |
| 8. ڪينڊل لائٽ | (شاعري) | رحمت پيرزادو |
| 9. نيٺ ته بادل برسندا | (شاعري) | بادل لرا |
| 10. ڪايا منجهه ڪڙن | (جيل ڊائري) | علي محمد شاهه لکياري |